آهي. اهڙيءَ طرح ڏنوانن جا مشڪلات ۾ مددگار هڪڙا هوندا آهن ته سندن ملڪيت تي موج ڪرڻ وارا بيا هوندا آهن.

”منتر ۾، تيرٿ ۾، براهمڻ ۾، ديوتا ۾، جوتشيءَ ۾، وئديه ۾ ۽ گوروءَ (ماتا، پتا ۽ آچاريه) ۾ جنهنجي جهڙي شرڌا هوندي آهي انهيءَ کي ڦل به انهيءَ قسم جو ملندو آهي.“

اِئين چئي انهيءَ براهمڻ کي پيڏانهن وڃڻو هو تيڏانهن هليو ويو. تنهن ڪري مان ڀان ٿو ته ”مسافريءَ ۾ ڪو ب چڱو ماڻهو به ساڻ هجي ته اِن مان ڪلياڻ ٿيندو آهي. هڪ براهمڻ سان مسافريءَ ۾ هڪ ڪيڪڙو ساڻ هو ته اُن سندس جان بچائي.“

اِهو ٻڌي سورڻ سدي چڪر ڪان موڪلائي پنهنجي گهر ڏانهن روانو ٿيو.

سماپت

ٻئي ڪنهن کي به پاڻ سان گڏ وٺي وڃ." برهمدت ماءُ کي چيو ته "امڙ! رستي تي ڪوئي خوف نه آهي. وري وڃڻو به جلد آهي تنهن ڪري اڪيلو ئي ويندس." ماڻس پرسان واري تلاءَ مان هڪ ڪيڪڙو ڦاسائي آڻي کيس ڏنو ۽ چيائينس ته "جيڪڏهن ائين آهي ته پڪ سان هلڻ وارو نه آهين. ته پوءِ هيءَ ڪيڪڙو ئي پاڻ سان گڏ وٺي وڃ." برهمدت اهو ڪيڪڙو هٿ ۾ وٺي هڪ برتن ۾ وڌو ۽ اهو برتن وري هڪ ڪافور جي ڳوٿريءَ ۾ وجهي ساڻ کڻي هليو. رستي تي کيس ڏاڍي گرمي لڳي تنهن ڪري تڏ پيچرڻ ۽ ساهه پٽڻ لاءِ هو هڪ وڻ جي هيٺان ڳوٿري رکي ليٽي پيو. تڏهن هير ۽ ٿڪ جي ڪري کيس اک لڳي ويئي. وڻ جي ٻاڙ مان هڪ نانگ ٻاهر نڪري آيو. نانگ کي ڪافور جي سرهاڻ ڏاڍي وڻندي آهي تنهن ڪري هو ڪافور جي ڳوٿريءَ کي تنگ ڪري منجهس گهڙي ويو. اندر جو ڪيڪڙو وينو هو تنهن نانگ جو ساهه پاڻ ڏانهن ڇڪي کيس ماري وڌو. براهمڻ جڏهن ننڊ مان جاڳيو تڏهن ڏنائين ته ڪافور جي ڳوٿريءَ جي مٿان نانگ مئو پيو آهي. اهو ڏسي هو سمجهي ويو ته "هن نانگ کي ڪيڪڙي ئي ماريو آهي. جي ڪيڪڙو نه هجي ها ته اهو نانگ مونکي ڏنگي ماري وجهي ها. ڏٺو آهي منهنجي ماتا، جنهن چيو هو ته مسافريءَ تي ٻئي ڪنهن کي به ضرور گڏ وٺي وڃجي، اڪيلو وڃڻ نه کپي. مان ڏاڍيءَ نمرتا ۽ شردا سان ماتا جي آگيا مڃي تنهن ڪري هن ڪيڪڙي منهنجي نانگ کان حياتي بچائي. اها ڳالهه بلڪل نيڪ چيل آهي ته:-

"چندرما جڏهن گهٽيل هوندو آهي تڏهن به امرت جي ورکا ڪندو آهي ۽ سڀ ڪان روشني وٺندو رهندو آهي پر جڏهن پور ڻماسيءَ ڏينهن سورهن ئي ڪلائن سان سمپورڻ هوندو آهي تڏهن سمنڊ ۾ ويڙ چڙهندي

پنهنجو اَنت تو آڻيان." تنهن تي ڀورين منهن کيس چيو ته "مورک! متان اِئين ڪيو اَٿيئي! اِئين ڪرڻ سان ته اسان ٻنهي جو ناس ٿيندو." تنهن تي ٻئي منهن ڀورين کي چيو ته "اِن ڳالهه جو توکي اُن وقت خيال ڪرڻ کپندو هو." اِئين چئي اهو زهريلو ڦل هن کائي ڇڏيو ۽ ٻئي گڏجي مري ويا. تنهن ڪري مان چوان ٿو ته:-

"هڪ پيٽ ۽ ٻن مٿن وارا، هڪ ٻئي کي وات مان ڳرهه ڪيڏي ڪارائڻ وارا ڀارنڊ پکي جڏهن ڀاڻ ۾ نه ٿيا ته سندن موت اچي ويو. اهڙيءَ طرح ايڪتا کان سواءِ ماڻهوءَ جو اَنت اچيندو آهي."

چڪرڌر چيو ته "اِئين برابر آهي. چڱو تون هاڻي ڀلي گهر وڃ. پر توکي اَڪيلو نه وڃڻ گهرجي. ڇو جو چيل آهي ته:-

"سوادي شيءِ اَڪيلو نه کائجي. جيڪڏهن ٻيا سمهيا ٻيا هجن ته اَڪيلو نه جاڳي ويهجي. مسافريءَ تي به اَڪيلو نه وڃڻ گهرجي. ڌن ڪمائڻ لاءِ به ٻيو ساٿي ضرور رکجي."

ٻيو ته:-

"مسافريءَ ۾ ڪو به ڇڙو ماڻهو به ساڻ هجي ته اُن مان ڪلياڻ ٿيندو آهي. هڪ براهمڻ سان مسافريءَ ۾ هڪ ڪيڪڙو ساڻ هو ته اُن سندس جان بچائي."

سورڻ سڌيءَ چيو ته "اِهو ڪئن؟"

چڪرڌر چيو ته "ٻڌ ته ٻڌايانءِ."

١٤. براهمڻ ۽ ڪيڪڙي جي آکاڻي

ڪنهن شهر ۾ برهمدت نالي براهمڻ رهندو هو. هڪ دفعي ڪنهن ڪم سان ٻئي ڪنهن ڳوٺ ڏانهن وڃڻ لاءِ تيار ٿيو ته سندس ماءُ کيس چيو ته "پٽ! اَڪيلو ڇو ٿو وڃين؟

چڪرڌر چيو ته "اِهو ڪيئن؟"
سورڻ سڌيءَ چيو ته "ٻڌ ته ٻڌايانءِ."

١٣. ٻارنڊ پکين جي آکاڻي

ڪنهن تلاءَ ۾ هڪ ٻارنڊ پکي رهندو هو جنهن کي پيٽ هڪ پر ٻنهي پاسن کان ٻه منهن هئا. جيڪي به ڪاڌي لاءِ کين ملندو هو سو ٻئي منهن پاڻ ۾ وراهي کائيندا هئا. هڪ ڏينهن اَمرت جهڙو ڏاڍو مٺو ڦل اُن ٻارنڊ پکيءَ کي مليو. اُن هڪ وات ۾ وجهي چيو ته "واهه! هن جهڙو ڦل ته اڳ ڪڏهن نه کاڌو اٿئون. شڪ نه آهي ته هي ڪوڪلپ برڇ جو ڦل هجي. يا ته اَصل اَمرت ڦل اُچي هتي ڪريو آهي." هڪ وات اهو ڦل کائيندو به پيو وڃي ته اُن جي ساراهه جو ٻڪ به پيو پرندو وڃي. اِنهيءَ تي ٻئي وات کيس چيو ته "جيڪڏهن اِئين آهي ته ٿورو ذرو مونکي به ته کائڻ لاءِ ڏي. مان به ته جيڀ جو آنند وٺان." ٻئي وات تنهن تي کيس چيو ته "اسان ٻنهي جو پيٽ ته ساڳيو آهي. پوءِ تو کاڌو ته ڇا مون کاڌو ته ڇا؟ پڻ ٻنهي کي ساڳيو ٿيندو. تنهن ڪري جدا جدا کائڻ جو ڪو سود آهيئي نه. بچيل ڦل پنهنجيءَ پتنيءَ ٻارنڊيءَ کي هلي ٿا ڏيون. جنهن ڪري هوءَ ڏاڍو خوش ٿيندي." هن ڦل جو بچيل حصو ٻارنڊيءَ کي آڇي ڏنو. هن به جڏهن اهو ڦل کاڌو تڏهن اُنهيءَ منهن جي ڏاڍي ساراهه ڪرڻ لڳي. کيس پريم ڪرڻ ۽ مٺيون ڏيڻ لڳي. اِن تي ٻئي منهن کي ڪاوڙ وٺي ويئي. اُنهيءَ ڏينهن کان وٺي ٻيو منهن ڏاڍي ڏک ۾ گذارڻ لڳو. هڪ ڏينهن ٻئي منهن کي هڪ زهريلو ڦل هٿ لڳو. اهو ڏسي هن ٻئين منهن کي چيو ته "آڙي گهمنڊي، سوارٿي نيچ! تنهن ڏينهن تو منهنجو سخت اَپمان ڪيو آهي جو مان اَڄا تائين سهي نٿو سگهان. هاڻي مونکي هيءُ زهريلو ڦل هٿ لڳو آهي. اهو کائي مان

آپريڪشت ڪارڪ

ڀڄهو تيندو ويو. آخر هو چٽيءَ طرح ڏسي سگهيو.
نظر موٽي اَچڻ تي هن ڏٺو ته "هيءَ مڇي ته نه آهي. هي
نانگ ٽڪر ٽڪر تيل آهي. هُن شايد مونکي مارڻ جو
منصوبو سٽيو آهي. تنهن ڪري مان چڱيءَ طرح جاچ ڪريان
ته هن ۾ ڪُبي جو ڏوهه آهي يا راڄڪماريءَ جو." اِئين خيال
ڪري بهانو ڪري اڳي وانگيان اَندو ٿي وڃي پلنگ تي
سمهيو. ٻاهران ڪبو موٽيو ته راڄڪماريءَ سان هٿ چراند
ڪيائين ۽ راڄڪماري ته ساڻس اڳي ئي ٺهيل هئي، ٻئي پاڻ
۾ عيش عشرت ڪرڻ لڳا. اَندي جڏهن ٻنهي کي اهڙيءَ
حالت ۾ ڏٺو تڏهن جوش مان اُٿي ڪبي کي ٽنگن کان جهلي
وٺي ڦيرايائين ۽ راڄڪماريءَ جي ڇاتيءَ جي مٿان وٺي ڪيس
اُڇليائين. اِئين ڪرڻ سان ڪبي جو ڪُٻ سڌو ٿي پيو ۽
راڄڪماريءَ جو ٽيون ٿڻ به گم ٿي ويو.
اِنڪريءَ ڪري مان چوان ٿو ته "اَندو، ڪبو ۽ ٽن ٿڻن
واري راڄڪماري ٽيئي ڄڻا ڪم ڪوٽا ڪندا رهيا پر نتيجو
سندن سٺو نڪتو. اِهو سڀ ڀاڳ جي آڌين آهي."
سورڻ سڌيءَ چيو ته "هي ڀاءُ، تون جيڪي چئين ٿو س
برابر آهي. قسمت جيڪڏهن سٺي آهي ته سڀيئي ڪم راس
تيندا آهن. تنهن هوندي به ماڻهوءَ کي کپي ته سريشٽ پرش
جيڪا ڳالهه چون اُن جو اُلنگهن نه ڪري. جيڪي اَهڙ
هلت نه هلندا آهن اُهي تو وانگيان اڪنڊ ڪشٽ ڀوڳيندا آه

ساڳيءَ طرح:-
"هڪ پيٽ ۽ ٻن مٿن وارا، هڪ ٻئي کي واسط مان
ڪيڏي ڪارائڻ وارا ڀارنڊ پکي جڏهن پاڻ ۾ نه ٺهيا ته س
موت اَچي ويو. اَهڙيءَ طرح ايڪتا کان سواءِ م
جو اَنت اِيندو آهي."

ڏرم تي پوري رهي سگهندي.“

هڪ ڏينهن راجڪماريءَ ڪُبي کي چيو ته ”هي پريتم! ڪنهن نموني سان هن انڌي کي جيڪڏهن ختم ڪري ڇڏجي ته اسان ٻئي جيڪر بي اونا تي پنهنجو وقت موج بهار ۾ گذاريون. تنهن ڪري تون ڪٿان ڪو زهر هٿ ڪري اچ ته هن مان جند آجي ڪري ڇڏيون.“ ڪُبي کي گهمندي گهمندي هڪ مئل نانگ ڏسڻ ۾ آيو. اهو کڻي خوشيءَ سان گهر اچي راجڪماريءَ کي چيائين ته ”هي پياري! هيءُ ڪاريهر نانگ هٿ لڳو آهي. هن جا ٽڪر ٽڪر ڪري سُنڍ، لونگ ۽ ٻيا گرم مصالح وجهي تئيءَ ۾ پچي هن انڌي کي کارائجي. کيس چئجي ته هيءَ ڏاڍي عمدي مڇي آڻيئي. هن کي مڇي وڻندي به ڏاڍي آهي. ڪائڻ سان ئي نانگ جو زهر متس اثر ڪري ويندو ۽ اسان جو مطلب پورو ٿيندو.“ ائين چئي ڪُبو ٻاهر ڪنهن ڪم سانگي هليو ويو. راجڪماريءَ به نانگ جا ٽڪر ٽڪر ڪري، منجهن ڏڌ گڏي، تئيءَ ۾ وجهي باهه تي رکيو. پاڻ کي گهر جا ٻيا ڪم به ڪرڻا هئس تنهن ڪري انڌي کي چيائين ته ”هي آريہ پترا! توکي مڇي ڏاڍي وڻندي آهي. تنهن ڪري مون اڄ ڏاڍي عمدي مڇي گهرائي آهي. مڇي تئي ۾ ترجي تي پئي. تون چلهه جي ڀرسان ويهي ڪڙڇيءَ سان مڇيءَ کي اٿلائيندو رهه ته مان گهر جو ٻيو ڪو ڪم ڪار لاهي وٺان.“ انڌو به مڇيءَ جي لالچ تي چپ چٽيندو چلهه جي ڀرسان ويهي تئي ۾ ڪڙڇو گهمائڻ لڳو.

انڌو جئن چلهه جي ڀرسان ويٺو هو ۽ تئيءَ ۾ ڪڙڇو ٿي گهمايائين تئن نانگ جي زهر مان نڪتل ٻاڦ هن جي اکين کي اچي سپرش ڪيو. ان ڪري هن جي اکين مان ڪنو پاڻي وهڻ لڳو ۽ سندس اوندهه جا پردا ڳرڻ لڳا، جئن هنجي اکين کي فرحت اچڻ لڳي تئن زور ڪري به ٻاڦ جي

جو سنگھہ، پنھنجن جو پيار، ڏکہ مان ڇوٽڪارو،
عيش عشرت، تندرستي، ورھسپتيءَ جھڙي ٻُڌي،
پوترتا، آچار ۽ ويچار اِهي سڀ ڳالھيون تڏھن ٿي
سگھنديون آھن جڏھن پيٽ ڀريل ھوندو آھي.”

اِها صلاح ٻيهاري آنڌي ٻانڌي وري ڏيندڙ کي چيو ته ”جيڪڏهن راجا کي ڪو اَعتراض نه هجي ته مان راجڪماريءَ سان شادي ڪرڻ لاءِ تيار آهيان.” راجا جي ڪرمچارين راجا کي اِها حقيقت وڃي ٻڌائي ۽ چيو ته ”هي مهاراج! هڪ آنڌو ٻانڌيورو ٻڌي راجڪماريءَ کي سويڪار ڪرڻ لاءِ تيار ٿيو آهي. اڳتي جئن توهان آگيا ڪريو تئن ڪيو وڃي.” راجا چيو ته:- ”آنڌو، ٻوڙو، ڪوڙهيو توڙي چنڊال هجي ۽ جيڪو شهر ڇڏي وڃڻ لاءِ تيار هجي اُهو هڪ لکہ مهرن سان گڏ هن ڇوڪريءَ کي پاڻ سان وٺي وڃي.”

راجا جي آگيا اَنوسار راجڪماريءَ کي راجا جا ماڻهو نديءَ جي ڪناري تي وٺي آيا. ساڻس گڏ آنڌي ۽ ڪٻي کي بہ بيڙيءَ ۾ ويهاري هڪ لکہ مهرون ڏئي ملاحن کي چيائون ته ”هنن کي هن ملڪ جي حدن کان ٻاهر ٻئي ڪنهن شهر ڇڏي اَچو.” بيڙيءَ وارن راجا جي ملڪ جي حد ٽپائي تنه ... هڪ جڳهہ خر ... کي هڪ شهر ۾ لاهي ڇڏيو. اُنهيءَ شهر ۾ ... ڪري اُن ۾ گهر ناهي ٽيئي ڄڻا سک سان رهڻ لڳا. آن ... گهر جو ڪاروبار منٿ ... رڳو پلنگ تي ليٽيو پيو هوندو هو، ... ڪٻو هلائيندو هو. ڪجهه وقت گذرڻ تي راجڪماريءَ ... ڪٻي سان پريم ٿي ويو. اِنهيءَ باري ۾ اِهو نيڪ چيل آهي ...

”جڏهن باهہ ٿڌي ٿي پوي، چندرما منجهان باهہ ...
ڇڻنگون نڪرڻ لڳن، سمنڊ جو پاڻي مٺو ٿي ...
تڏهن مس اُميد رکي سگهجي ته ساڌارڻ ناري ...

نشٽ ڪري ڇڏيندي آهي.

”اِنهن مان ٻه ٽن ٽڻن واري جيڪڏهن پنهنجي پتا جي نظر چڙهي وڃي ته اُها هڪدم پنهنجي پتا کي نشٽ ڪري ڇڏيندي آهي. اِنهيءَ ۾ ڪو به مين ميک نه آهي. تنهن ڪري توهان اِنهيءَ ڇوڪريءَ کي ڳُلي ڳِلائي ٻه نه ڏسجو. جيڪڏهن هن ڇوڪريءَ سان ڪو وهانءُ ڪرڻ چاهي ته ڪيس هيءَ ڪنيا ڏيئي ٻنهي کي پنهنجي ملڪ جي حد کان ٻاهر ڪڍي ڇڏجو. اِئين ڪرڻ سان ئي توهان جو بچاءُ ٿي سگهندو.“

براهمڻن جي اِها راءِ ٻڌي راجا ڍنڍورو گهمايو ته ”هن ٽن ٽڻن واريءَ ڪنيا سان جيڪو شادي ڪندو اُن کي هڪ لک سونيون مهرون هڪدم ملنديون ۽ ڪيس هيءُ ملڪ ڇڏڻو پوندو.“ گهڻيئي ڏينهن ڍنڍورو گهمندو رهيو پر ڇوڪريءَ سان هٿيالو ٻڌڻ لاءِ ڪو به تيار نه ٿيو. جوانيءَ ۾ اچڻ تائين ڇوڪريءَ کي راجا جي درشٽيءَ کان بچائي ڏاڍيءَ خبرداريءَ سان ڍڪيو ويو.

اُنهيءَ شهر ۾ هڪ انڌو رهندو هو. منٿرڪ نالي هڪ ڪبو به ساڻس گڏ رهندو هو جو ڪيس لٺ کان وٺي پيو گهمائيندو هو. اُنهن ٻنهي جڏهن ڍنڍورو ٻڌو تڏهن انڌو ڪُبي کي چوڻ لڳو ته ”نصيبن سان هيءَ ڪنيا ملي ٿي ته اسان کي دهل جي ڏونڪي کي ٻيهارڻ گهرجي. هڪ لک سون جون مهرون وٺي ڪنيا سان لائون لنوڻ کپن. راجڪماريءَ جي دوش ڪري جي جان هلي به ويئي ته هن دکي جيون مان ڇوٽڪارو ملي پوندو ۽ جي جيئرا رهياسون ته هڪ لک سونين مهرن سان جيوت جو آنند ماڻينداسون.“

”مان مريادا، پريم، زبان جو ميناج، چترتا، جواني، نارين

ن ۾ گهمندي هن کي هڪ براهمڻ مليو. راڪاس براهمڻ جي
ڪلهن تي چڙهي ويٺو. براهمڻ ڏپ وچان کيس کي ڪين
چيو ۽ ڪلهن تي چڙهي ويٺل راڪاس سوڊو اڳتي وڌندو
هليو. راڪاس جا گلن جهڙا نرم پير ڏسي براهمڻ ڪانئس پڇيو
ته ”تنهنجا پير اهڙا نرم ڪيئن ٿيا؟“ راڪاس تنهن تي کيس
چيو ته ”منهنجي اها پرتگيا ٿيل آهي ته آلن پيرن سان ڌرتيءَ
تي نه گهمندس.“ اهو ٻڌي پنهنجي ڇوٽڪاري جو اپاءُ
سوچيندي براهمڻ هڪ تلاءَ وٽ اچي پهتو. اتي راڪاس
براهمڻ کي چيو ته ”جيستائين مان سنان پاڻي ۽ پاٺ پوڄا
ڪري موٽي نه اچان تيستائين تون هتي ترسي ويهجانءِ.“
راڪاس پاڻيءَ ۾ گهڙيو ته براهمڻ خيال ڪيو ته ”هي راڪاس
سنان پاڻي ۽ پاٺ پوڄا ڪري موٽي اچي کائيندو. تنهن
ڪري ڇو نه ڀڄي هليو وڃان ڇو جو آلن پيرن سان ته هو
منهنجي پٺيان ڊوڙي ڪونه سگهندو.“ براهمڻ ائين ڪيو ۽
راڪاس به پرتگيا ڪوڙي ٿيڻ جي ڏپ کان سندس پٺيان
نه پيو.

اِنهيءَ ڪري سياڻن ماڻهن چيو آهي ته:-

”جاڻ هوندي به ٻين کان ڪجهه نه ڪجهه پڇندو رهڻ
کپي. وڏي راڪاس جي ڦندي ۾ ڦاسي به ڪجهه
پڇڻ ڪري هڪ براهمڻ جي جان بچي پيئي.“

ڪنهنڪيءَ جي صلاح مڃي راجا براهمڻن کي گهرائي پڇيو
ته ”هي براهمڻ ديوتائو! منهنجي گهر ۾ ٽن ٿڻن واريءَ ڪنيا
جو جنم ٿيو آهي. انهيءَ جي شانتيءَ جو ڪو اپاءُ آهي يا نه؟“
براهمڻن چيو ته ”مهاراج! ٻڌو:-

”جنهن ماڻهوءَ جي گهر ۾ گهٽ يا وڌيڪ عضون واري
ڪنيا پيدا ٿيندي آهي اها پنهنجي پتيءَ ۽ چر...

سورڻ سڌيءَ چيو ته ”اهو ڪيئن؟“
چڪرڌر چيو ته ”ٻڌ ته ٻڌايانءِ.“

١١. انڌيءَ ڪُٻيءَ جي آکاڻي

اُتر جي ڏساءِ ۾ مڌپور نالي هڪ شهر آهي. اُتي مڌسين نالي راجا راڄ ڪندو هو. هو ڏاڍو ڪامي پُرش هو. وشيه ولاس بيحد ڀوڳڻ ڪري کيس هڪ اُهڙي ڌيءَ ڄائي جنهن کي ٽي ٿڻ هئا. اُهڙيءَ ڌيءَ کي ڏسي راجا ڪنچڪيءَ (راڻين جي زنواس جي سنڀال ڪندڙ) کي گهرائي چيو ته ”هن نياڳيءَ ڇوڪريءَ کي جهنگل ۾ ڪنهن اُهڙي هنڌ وڃي ڦٽو ڪري اَچ جتي ڪنهن کي خبر نه پوي.“ اهو ٻڌي ڪنچڪيءَ چيو ته ”هي مهاراج! جيتوڻيڪ ٽن ٿڻن واري ڪنيا نياڳي ٿيندي آهي تنهن هوندي به هن لوڪ ۽ پرلوڪ جي نندا کان بچڻ لاءِ ڪنهن براهمڻ کي گهرائي ڪا ڳالهه پڇڻ گهرجي. جيئن ته:-

”جيڪو ماڻهو هميشه سياڻن کان پڇندو رهندو آهي، جيڪي اُهي چون سو ٻڌندو رهندو آهي ۽ ٻڌي ڪري پنهنجي هيئين سان هنڊائيندو آهي، اُن جي بُڌي اِئين وڌندي آهي جيئن سورج جي ڪرڻن سان ڪمل گل جي ڏانڊي.“

ٻيو ته:-

”ڄاڻ هوندي به ٻين کان ڪجهه نه ڪجهه پڇندو رهڻ کپي. وڏي راڪاس جي قبضي ۾ ڦاسي به ڪجهه پڇڻ ڪري هڪ براهمڻ جي جان بچي پيئي.“

راجا پڇيو ته ”اهو ڪيئن؟“
ڪنچڪيءَ چيو ته ”ٻڌو ته ٻڌايانو.“

١٢. راڪاس ۽ براهمڻ جي آکاڻي

ڪنهن جهنگل ۾ چنڊڪرما نالي راڪاس رهندو هو.

جي چيز آهي. تنهن ڪري تون ڪيس ڪائي مؤج ڪر.”
راڪاس گهوڙي جي شڪل ڦيرائي پنهنجي اصلوڪي روپ
۾ ظاهر ٿيو. چور باندر جي بولي سمجهي ويو. باندر جو
مٿي ٿاريءَ تي وينو هو اُن جو پڇ هيٺ پئي لڙڪيو. چور
ڪاوڙ وچان اُنهيءَ پڇ کي وات ۾ وجهي چباڙڻ لڳو. باندر
کي اِيذاءُ نه ڏاڍو پي آيو پر ڪڇي ڪونه پيو. اکيون بند ڪري
سور پي اندر ۾ پيتائين. اهڙيءَ حالت ۾ ڏسي راڪاس کيس
چيو ته:-

”هي باندر! تنهنجي ڇهري کي ڏسي اِئين پيو سمجهه
۾ اچي ته ڪنهن وڪال (اُنهي وقت تي) پوت اچي
توکي ورايو آهي. تنهن ڪري جيڪو پڳو سو ڇٽو.”

اِئين چئي راڪاس وڃي پڳو.
سورڻ سديءَ چڪرڌر کي چيو ته ”مونکي هاڻي موڪل
ڏي ته مان وڃان ۽ تون وينو هتي پنهنجيءَ لالچ جو ڦل ڀوڳ.”
چڪرڌر چيو ته ”اِهو ڪو سبب نه آهي. ماڻهوءَ جي
چڱائي ۽ بُرائي سندس ڀاڳ تي مدار ٿي رکي. چيو جو چ...
آهي ته:-

”ترڪوٽ جبل تي جنهنجو قلعو هو، سمنڊ جنهن...
ڪاهي هو، جنگ ۾ وڙهندڙ راڪشس جنهنجا جودا...
ڪبير وٽان جنهن کي خزانو ملندو هو، جنهنجو...
شاستر شڪراچاريه ٿاهيو هو، اهو راوڻ به قسمت
چڪر ۾ اچي مارجي ويو.”

۽ ٻڌ:-

”انڌو، ڪبو ۽ ٽن ٿڻن واري راجڪماري، ليڪن...
ڪوٽا ڪم ڪندا رهيا پر نتيجو سندن سڀنو نڪ...
سڀ ڀاڳ جي آڌين آهي.”

۾ پاڻ کي ڦيرائي ٻين گهوڙن سان گڏجي وڃي تہ ڏسان تہ
ڄاڃيان تہ اُن راڪاس جي شڪل ڪهڙي آهي ۽ طاقت
ڪيتري اٿس.“ اِهو خيال ڪري هو گهوڙن جي طبيلي ۾
ٻين گهوڙن سان گڏ وڃي بيٺو. اُن وقت هڪ چور گهوڙن
جي چوري ڪرڻ لاءِ راڄ محل ۾ گهڙيو. سڀني گهوڙن ۾ سٺو
گهوڙو ڪيس اُهو نظر آيو جنهن جي شڪل اُن راڪاس اختيار
ڪئي هئي. چور گهوڙي جي وات ۾ لغام وجهي ٽپ ڏيئي
مٿانس چڙهي ويٺو. راڪاس سمجهيو تہ ”سچ پچ هيءُ وڪال
راڪاس آهي جنهن مونکي سڃاتي ورتو آهي ۽ مونکي سزا
ڏيڻ لاءِ منهنجي مٿان اچي سوار ٿيو آهي.“ اِئين خيال
ڪري هو تمام تيزيءَ سان ڀڄڻ لڳو. چور گهڻوئي لغام کي
ڇڪي پر ٿهائين هو وڌيڪ تکو ٿيو ڊوڙندو وڃي. چور
خيال ڪيو تہ ”ڪنهن بہ گهوڙي جو لغام ڇڪبو آهي تہ هو
يڪدم بيهي رهندو آهي پر هيءُ تمام تکو هوا سان ڳالهيون
ڪندو ٿو هلي. تنهن ڪري پڪ اٿي پڪ هيءُ ڪو گهوڙي
جي شڪل ۾ راڪاس آهي. تنهن ڪري ڪٿي ڪو سڌو
مٽيءَ وارو ميدان اچي تہ مان پاڻ کي هيٺ ڪيرائي ڇڏيندس
نہ تہ خبر نہ آهي تہ هيءُ راڪاس مونکي ڪيڏانهن اوڙاهہ ۾
گهلي هلندو ۽ ڪائي ڇڏيندو.“ اهڙيءَ طرح پور پڄائي پنهنجي
اِشٽ ديوتا جو سمرڻ ۽ ڌيان ڪيائين. ايتري ۾ رستي تي
هڪ شاهي ٻڙ جو وڻ آيو جنهن جي هيٺان گهوڙو هلڻ لڳو.
چور وڻ جي ٽارين کي پڪڙي لٽڪندو رهيو ۽ گهوڙو
سندس هيٺان نڪري ويو. ٻئي هڪ ٻئي کان جدا ٿي پرسن
ٿيا ۽ ٻنهي کي جيئڻ جي خاطري ٿي.

اُنهيءَ ٻڙ جي وڻ ۾ راڪاس جو مٽر هڪ باندر رهندو
هو. راڪاس کي ڊپ ۾ ڏسي باندر ڪيس چيو تہ ”اڙي مٽر!
تون ڪنهن کان ٿو ڊڄين؟ هيءُ تہ هڪ اِنسان تنهنجي کاڌي

آڀرڪشٽ ڪارڪ

وس هلي سگهندو ڇٽي، هن هنڌ تي ڪو ماڻهو ٻڌي
سگهي، توکي ٻار ڇڏائي نه سگهيان، ڇڪر ڦورڻ جي
ٿ جن ٻار تنهنجي ڇوري ٿي تو ڏسان ٿي منهنجي
ي ڇوري ته هتان جيترو ٻڻ هليو وڃان اوترو چڱو ٿيان
جي ٿيان ته ڪا مصيبت اچي ڪڙڪي، ٿو جو چيل
ته ـ ڦاسي کي، انين ٻڌو سڄڻ
وحي بائڻ وا! تنهنجي ڇوري کي (الٽي وقت تي) يوٽ آئي
ر آئي ته ڪٿين وڪال جيڪو ڀڳو سو ڇٽو.“
توکي وڙايو آهي، تنهن ڪري
ڇڪرڙو چيو ته ”اِهو ڪٿي؟“
سورڻ سڌي؛ چيو ته ”ٻي ته ٻڌايو.“

۱۰. ٻرهتڙي ڄڻ جي آڪاڻي

ڪنهن شهر ۾ پدرسيڻ نالي راڄا رهندو هو. هنکي
رنئوتي؛ نالي هڪ ڌي؛ هئي جا سيئي گڻن سان ڀرپور
هئي. هڪ ڀيرت (ڀوت) تيل راڪاس هنکي رات جو آئي
ڏاڍو تنگ ڪندو هو. جنتر ڦوڪ ۽ منترن سان رنئوتي؛ جي
هميشه رکيا ڪيندي هئي تنهن ڪري راڪاس هن کي اُن
ٻچائي نه ٿي سگهيو. ڇو ته هن سنڌس سرير ۾ ڍڪي ڪيندي
هئي انوقت سمجهندي هئي ته ٻريت سنڌس سرير ۾ ٻرو ٻش
ڪيو آهي. هڪ ڏهين اڌ رات جو اُهو راڪاس گهر جي هڪ
ڪنڊ ۾ ويٺو هو ته راڄڪماري؛ پنهنجي ساهيڙي؛ کي چيو ته ”هي
سڪي! وڪال (الٽي وقت تي) راڪاس موکي آئي تنگ
ڪندو آهي. اُن کي روڪڻ جو ڪو اُپاءُ آهي؟“ راڪاس
اِهو ٻڌي سمجهيو ته ”وڪال نالي وارو ٻيو ڪو زبردست
راڪاس ٻڻ هن راڄڪماري؛ کي تنگ ڪندو آهي پر اُهو
ڪيس هتان ٻچائي نه سگهي. تنهن ڪري ڪجهوڙي جي شڪ

جو بدلو مون وٺي ڇڏيو. هاٿي تون هليو وڃ. ڪنهن
تون منهنجو مالڪ هئين تنهن ڪري توکي تلاءَ ۾ گهڙ
ڏنم. چيل آهي تہ:-

”جيڪو جهڙي هلت ڪري اُن سان موٽ ۾ ساڳئي
جي هلت ڪجي. چڱي سان چڱائي، بُري سان بُرائي
ڏک جو ڏک ۽ مُڪ جي مُڪ هڻجي تہ اُن ۾ ڏوش
نہ آهي.“

تو منهنجو خاندان ناس ڪيو تہ مون تنهنجو ڪيو.“ اِهو
ٻڌي راجا ڏند ڪرٽيندو ڪاوڙ ۽ جوش کي دٻائي پير پنڌ
پنهنجي نگر ڏانهن واپس وريو. راجا جي وڃڻ کانپوءِ راڪاس
پاڻيءَ مان منهن ٻاهر ڪڍي -باندر کي چيو تہ:-

”واهہ ڙي باندر، واهہ! دشمن کي ختم ڪيُءِ. مونکي
متر بڻايُءِ. رتنن جي مالها بہ بچائي ورتءِ. ڪمل جي
ڏانديءَ سان پاڻي پيئندي تو پنهنجا سڀ ڪم راس
ڪيا.“

تنهن ڪري مان توکي چوان ٿو تہ:-

”جيڪو لالچ ۾ ڦاسي، نتيجي جي پرواهہ نہ ڪندو آهي،
اُهو چندر راجا وانگيان پاڻ تي ننولي ڪرائيندو آهي.“

اِئين چئي سورڻسديءَ چڪرڌر کي چيو تہ ”هاڻي ٻلا
مونکي موڪل ڏي تہ مان گهر وڃان.“ چڪرڌر چيو تہ ”هي
پر يتر! مشڪل وقت لاءِ ڏن ڪنو ڪبو آهي. پوءِ تون مونکي
هن حالت ۾ ڇڏي ڪئين تو هليو وڃين؟ ڇوجو چيل آهي تہ:-

”سنڪٽ ۾ ڦاتل متر کي نٿر تي جيڪو ڇڏي ويندو
آهي اُن کي ڪرتگهن چئبو ۽ اِنهيءَ پاپ ڪرڻ ڪري
هو اوس نرڪ ۾ ويندو. اِن ۾ ڪوبہ شڪ نہ آهي.“

سورڻسديءَ چيو تہ ”اِئين برابر آهي پر جي اُن ڳالهہ

ٽس گڏ جي هليا. راجا پاڻ سان گڏ باندر کي به پريم سان
ود ۾ ويهاري ڏوليءَ ۾ چڙهي هليو. هيءَ ڳالهه به نيڪ
ييل آهي ته:-

”هي ترشڻا ديوي! توکي نمسڪار آهي. ڏنوان ماڻهن کان
به تون اهڙا ڪم ٿي ڪرائين جيڪي نه ڪرڻ کپن ۽
ڪين اهڙن هنڌن تي ٿي گهمائين جتي پهچڻ ڏاڍو
ڏکيو آهي.

”جنهن وٽ هڪ سؤ آهي سو هزار چاهيندو آهي، هزار
وارو لک جي سڌ ڪندو آهي، لکن وارو راڄ جي اَڀلاکا
رکندو آهي ۽ راڄ جو مالڪ سرڳ جي سنگهاسن جي
ڪامنا رکندو آهي.

”ٻڍاپي ۾ وار اَڇا ٿي ويندا آهن، ڪمزور ڏند ڇڄي
پوندا آهن، اکيون پوريءَ طرح ڏسي نه سگهنديون آهن،
ڪن ٻوڙا ٿي پوندا آهن پر رڳي لالچ ئي جوان هوندي آهي.“

پرڀات جو اُنهيءَ تلاءَ وٽ پهچي باندر راجا کي چيو ته
”هي ديوا! جڏهن اَڌ سورج جو درشن ٿئي تڏهن جيڪي
تلاءَ ۾ گهڙندا آهن انهن کي سڌي پراپت ٿيندي آهي. تنهن
ڪري سڀئي گڏجي تلاءَ ۾ گهڙن. توهان مونسان گڏجي سنان
ڪجو چاڪاڻ ته مان توهان کي اڳ ۾ ڏٺل اهڙو هنڌ ڏيکاريندس
جتان گهڻيئي مالهائون ملي سگهنديون.

سڀئي تلاءَ ۾ گهڙي ويا. ڪيترو وقت گذري ويو ته
هو ٻاهر نڪتائي ڪونه. راجا باندر کان پڇيو ته ”هي سردا
هنن ايترو وقت تلاءَ ۾ ڇو لڳايو آهي؟ اِهو ٻڌي باند
جهٽ پٽ وڻ تي چڙهي ويو ۽ راجا کي چيائين ته ”ه
نردئي، دشٽ راجا! پاڻيءَ ۾ رهندڙ راڪاس تنهنجي سي
ماڻهن کي کائي ڇڏيو آهي. منهنجي ماڻهن کي تو ماريو،

به پڇي نه سگهان.“ باندر لنهن تي کيس چيو ته ”منهنجي
ڪنهن راجا سان دشمني آهي. جيڪڏهن تون هيءَ پنهنجي
رتنن جي مالها مونکي ڏين ته کيس لالچ ڏيکاري ۽ پنيلائي
سموري ڪٽنب سوڌو هن تلاءَ ۾ پرويش ڪرايان.“ باندر
جون ويساهه جوڳيون ڳالهيون ٻڌي راڪاس کيس پنهنجي
هيرن جواهرن واري مالها لاهي ڏني ۽ چيائينس ته ”هي مترا جئن
تون اُچت سمجهين تئن ڪر.“ باندر به اُها مالها ڳچيءَ ۾
پائي راجا چندر جي نگر ۾ اچي هيڏانهن هوڏانهن گهمڻ ڦرڻ
لڳو. هن جي ڳچيءَ ۾ هيرن جواهرن جي مالها ڏسي ماڻهو
کيس ورائي ويا ۽ پڇڻ لڳس ته ”اڙي باندرن جا سردار!
تون هيترا ڏينهن ڪٿي هئين؟ سورج جي تيج کي مات ڪندڙ
هيءَ هيرن جواهرن جي مالها تو ڪٿان آندي آهي؟“ باندر
کين چيو ته ”ديوتائن جي خزاني ڪبير هڪڙي جهنگل ۾
هڪ ڳجهو تلاءُ نهرايو آهي. اُن ۾ سهائي آرتوار ڏينهن سج
اُڀرڻ وقت جيڪو سنان ڪندو آهي اُهو جئن تلاءَ مان ٻاهر
نڪرندو آهي تئن ڪبير جي ڪرپا سان سندس ڳچيءَ ۾
پنهنجو پاڻ هن قسم جي مالها اچي پوندي آهي.“ راجا جي
ڪن تي به اِها ڳالهه وڃي پهتي. راجا باندر کي گهرائي ڪانئس
پڇيو ته ”هي سردار! اِها ڳالهه سچي آهي ته رتنن سان ڀريل
ڪو تلاءُ آهي؟“ باندر کيس چيو ته ”هي سوامي! منهنجيءَ
ڳچيءَ ۾ پيل مالها اِن ڳالهه جي ثابتي آهي. جيڪڏهن رتنن
جي مالها توهان کي کپي ته ڪو ماڻهو مونکي ساڻ ڏيو ته
مان کيس اُهو تلاءُ ڏيکاريان.“ اِهو ٻڌي راجا چيو ته ”جيڪڏهن
اِئين آهي ته مان پنهنجن سائين سان گڏجي پاڻ روبرو هلي
اُهو تلاءُ ڏسندس، جئن گهڻئي ماڻهن کي اهڙيون مالهائون
ملي سگهن. باندر چيو ته ”بيشڪ اِئين ڪريو.“

رتنن جي لالچ تي راجا جون رائيون ۽ نوڪر چاڪر به

تيو. هو ڪاٺ پيئڻ ڇڏي هڪ بن مان ٻئي بن ۾ ٽپڪڻ لڳو. هو ويچار ڪندو رهيو ته ”هن راجا کان سندس ڪيل برائيءَ جو مان ڪيئن بدلو وٺان؟ چيو جو چيل آهي ته:-

”جيڪو ماڻهو ڏيپ وچان يا سوارٿ جي ڪري پنهنجي ڳالهه جو اپمان سهي ويندو آهي اُن کي نيچ پرش سمجهڻ گهرجي.“

اُج ۾ وياڪل ٿي اُهو باندر رلندو پندو ڪنهن ڪمل جي ڳان سان ڀريل تلاءَ تي اچي پهتو. اُتي هن باريڪيءَ سان چتائي ڏٺو ته جانورن جي پيرن جا نشان ڪناري تي پاڻيءَ ۾ اندر گهڙڻ جا پيا آهن پر سندن ٻاهر نڪرڻ جا نشان آهن ئي ڪونه. اِنهيءَ مان هن کي خاطري ٿي ته اندر پاڻيءَ ۾ ڪو اهڙو خوفناڪ پاڻيءَ جو جانور آهي جو ٻاهرين جانورن کي ڳهلي ٿو وڃي. باندر جا اُج ۾ پراڻ خشڪ پيا ٿين پر ساڳئي وقت خطري جو انديشو به هو. اِنهيءَ ڪري هو هڪ پوري ڪمل جي ڏگهي ڏانڊي پٽي وٺ تي ويهي اُن جي ذريعي پاڻي پيئڻ لڳو. هن جي ائين ڪرڻ تي تلاءَ مان هڪ راڪاس منهن ٻاهر ڪڍيو جنهن کي ڳچيءَ ۾ رتنن جي مالها پيل هئي. اُهو راڪاس باندر کي چوڻ لڳو ته ”اڙي جيڪو به پراڻي هن تلاءَ ۾ پير پائيندو آهي سو منهنجو لقمو ٿي ويندو آهي. تو جهڙو چالاڪ ته مون نه ڏٺو نه ٻڌو جو تون هن نموني پاڻي پي رهيو آهين. مان تنهنجيءَ چترائيءَ تي ڏاڍو پرسن ٿيو آهيان. توکي جيڪي مون کان گهرڻو هجي سو گهري وٺ.“ باندر تنهن تي ڪانئس پڇيو ته ”تو ۾ کائڻ جي ڪيتري شڪتي آهي؟“ راڪاس کيس چيو ته ”سؤ، هزار لک جيترا به جيوَ هن تلاءَ ۾ هڪ دفعي سان گهڙي اچن ته اُنهن سڀني کي مان هڪدم هضم ڪري سگهندو آهيان. پر جي مان پاڻيءَ کان ٻاهر نڪران ته هڪ گدڙ سان

”جيڪي ماڻهو مٿر جو ڏک، گهر ۾ آيل مصيبت، پنهنجي ملڪ جو اُجڙي وڃڻ ۽ خاندان جو خاتمو نه ڏسندا آهن اُهي وڏ ڀاڳي آهن.“

اِئين چئي سڀ ڪجهه تياڳ ڪري اُهو باندرن جو سردار جهنگل ڏانهن هليو ويو. هڪ اَڌ ڏينهن ڪانپوءِ اُهو گهيٽو رڌڻي ۾ گهڙي ويو. هڪ رسوئي کي پيو ڪجهه هٿ نه لڳو تنهن چاهه مان برندڙ ڪاٺي کڻي کيس وٺي هنئي. گهيٽي جو سرير جلڻ لڳو ۽ هو 'ميں ميں' ڪندو گهوڙن جي طبيلي ۾ لنگهي ويو. اُتي زمين تي گهڻوئي ڳاهه پيو هو جنهن تي ليٽي هو پنهنجي باهه وسائڻ لڳو. باهه چوڌاري ڦهلجي وئي. ڪيترا گهوڙا باهه ۾ جلي ويا، ڪن جون اکيون نڪري آيون، ڪي پنهنجيون نوڙيون ڇنائي باهه جا سيڪاڻيل ماڻهن جي ميڙ ۾ گهڙي ويا. چوڌاري هل هنگامو مچي ويو. انهيءَ گهٽنا جي ڪري راجا کي ڏاڍو ڏک ٿيو. هن گهوڙن جي وئدن (ويڄن) کي گهرائي ڪاٺن پڇيو ته ”هنن گهوڙن جا هي باهه جا زخم ڇٽائڻ لاءِ وئدڪ شاستر ۾ ڪو اُپاءُ ڏسيل آهي؟“ شاستر ڏسي هنن جواب ڏنو ته ”هن باري ۾ ڀڳوان شالي هوتر چيو آهي ته:-

”جئن سورج جي اُڀرڻ سان اونده ناس ٿي ويندي آهي تئن باندرن جي چربيءَ سان باهه جي ڪري پيدا ٿيل گهوڙن جا زخم ناس ٿي ويندا آهن.“

اِهو ٻڌي راجا سيني باندرن کي مارائڻ جو حڪم جاري ڪري ڇڏيو. پوءِ ته جنهن کي جتي ڪو باندر ٿي مليو اُن کي ماڻهن لٺ، پٿر يا ٻئي ڪنهن هٿيار سان ماري ٿي ڇڏيو.

باندرن جي سردار جڏهن ٻڌو ته سندس پٽ، پوٽا، ڀائر، ڀائٽيا، ڀاڻيجا هن نموني ماريا ويا آهن تڏهن کيس ڏاڍو ڏک

۾ ڪو شڪ نہ آهي.

”جنهن کي پنهنجي حياتي پياري هجي اُن کي اُهو گهر هڪدم ڇڏي ڏيڻ گهرجي جتي بنا ڪنهن سبب جي جهيڙو ٿيندو هجي.

”جهيڙي جي ڪري محلات ڇت ٿي ويندا آهن، ڳارگند جي ڪري مترتا نہ رهندي آهي، خراب راڄا جي ڪري ملڪ برباد ٿي ويندو آهي ۽ ڪوڙن ڪرمن جي ڪري راجائن جو جس گهٽجي ويندو آهي.“

سيٺيءَ باندر ختم ٿي وڃن تنهن کان اڳ ئي هي محلات ڇڏي اسان کي جهنگل ۾ هلي رهڻ گهرجي.“ هنجي ڳالهہ تي ڪنهن کي ويساهہ ئي ڪونہ آيو. سيٺيءَ ڇٽرون ڪري کيس چوڻ لڳا تہ ”ٻڍاپي ۾ تنهنجي مت ماري وئي آهي. اِنهيءَ ڪري تون اهڙيون واهيات ڳالهيون پيو ڪرين. چيو جو چيل آهي تہ:-

”ٻڍن ۽ ٻارن کي وات ۾ ڏند ڪونہ ٿيندا آهن تنهن ڪري سندن وات مان لاڙ (گگ) پئي وهندي آهي ۽ اُن سان گڏ سندن عقل بہ وهي ويندو آهي.“

هتي اسان کي راڄڪمار پنهنجن هٿن سان طرح طرح جا ميوا، مٺايون ۽ ٻيا مال پيا ٿا کارائين. هتي ڇڻ تہ سرڳ ۾ رهيا پيا آهيون. جهنگ ۾ تہ ڪسارا، ڪوڙا، تکا ۽ سڪل ميوا بہ مشڪلات سان ملندا، تنهن ڪري اسين هيءُ هنڌ مور نہ ڇڏينداسون.“ اِهو ٻڌي باندرن جي ڏاڏي اکين ۾ آب آڻي کين چيو تہ ”هي بيوقوفو! توهان کي هن سموري سک جي نتيجي جي ڄاڻ ڪونہ آهي. هيءُ زبان جو چسڪو آخر زهر ۾ بدلجي ويندو. مان پنهنجي ڪٽنب وارن جو ناس پنهنجين اکين سان ڏسي نٿو سگهان. تنهن ڪري مان هاڻي جو هاڻي جهنگل ۾ هليو ٿو وڃان. چيو جو چيل آهي تہ:-

باندرن جون ٽوليون ته هي اُنهن کي پيا کڏائيندا هئا. راجڪمارن باندرن کي قسمين قسمين کاڌا ڏئي بودلو ڪري ڇڏيو هو. باندرن جو وڏڙو شڪر برهسپتيءَ ۽ چاڻڪيہ جھڙو ٻڌيمان هو. اُنهن باندرن کي هو نيتي شاستر جون ڳالهيون پيو ٻڌائيندو هو. راجڪمارن جي وندر لاءِ راج محل ۾ گهيٽا به رکيل هئا جي پيا چڱيءَ طرح پلبا هئا. اُنهن گهيٽن مان هڪ کي زبان جو ڏاڍو چسڪو هو. هو نه ڏينهن ڏسندو هو نه رات. جنهن مهل وڻندو هيس اُن مهل رڌڻي ۾ گهڙي ويندو هو ۽ جيڪي ڏسندو هو اُن ۾ جهٽ منهن وجهي کائي ڇڏيندو هو. رسوين کي به کائي، برتن، ٺڪر، پٿر جيڪي هٿ ايندو هو سو کيس وهائي ڪڍندا هئا ۽ کيس ٻاهر هڪالي ڇڏيندا هئا. باندرن جي سرڪردي جڏهن هيءَ روئداد ڏٺي تڏهن هن دل ۾ ويچار ڪيو ته ”رسوين ۽ گهيٽي جي وچ ۾ ڇڪتاڻ جو برو نتيجو باندرن کي ڀوڳڻو پوندو. هن گهيٽي کي رڌل پڪل کاڌي مان سواد اچي ويو آهي ۽ بورچي ڪاوڙ ۾ اچي ڪنهن وقت هن کي ٻرندڙ ٻنڊي وهائي ڪڍندا ته هن جي بدن جي اُن سڙڻ لڳندي ۽ هو ڊوڙندو ڀڄندو جتي گهوڙن جي طبيلي مان لنگهندو ته اُتي پيل سڪي گاهه کي اچي باهه لڳندي جنهن ڪري ڪڙهه ته سڀ سڙي ويندي پر گهوڙن کي به باهه جي ڪري زخم رسندا. شالي هوتر (جانورن جي بيمارين جو علاج ڪندڙ) ائين چيو آهي ته باندرن جي چربيءَ سان گهوڙن جا زخم ڇٽي سگهندا آهن. آخر ڳالهه اِنهيءَ ڪڙيءَ تي وڃي پهچندي. ائين منهنجي اندر وارو بولي رهيو آهي.“ ائين ويچار ڪري هن سڀني باندرن کي خلاصو سڏي کين چيو ته:-

”جتي رڌڻ پچائڻ وارن جي گهيٽن سان اڻبڻت هوندي اُتي باندرن جي مٿان اچي مصيبت ڪڙڪندي. ان

... مان ڄهڄهو ئي
...هڻيءَ گهوڙا پيدا ٿي پوندا. اُنهن جي وڪري مان
...سون ملي پوندو. اُنهيءَ سون مان چؤماڙ جاءِ ٺهرائيندس.
...ڪوئي براهمڻ منهنجي گهر اچي پنهنجي سندر ۽ جوان ڪنيا
...ڏيندو. اُن مان مونکي هڪ پٽ ٿيندو. اُن جو نالو
...مونکي سومشرما رکندس. جڏهن هو رڙهيون پائڻ سکندو تڏهن
...مان گهوڙن جي ڪڙهه جي پنيان ويهي پستڪ پيو پڙهندس.
...مان لهي گهوڙن جي ...سومشرما به مونکي ڏسي ماءُ جي هنج مان لهي گهوڙن جي
...کرن جي پرسان رڙهيون پائيندو مون ڏانهن پيو ايندو ته مان
...براهمڻيءَ کي چوندس ته 'آڙي! بار کي ته
...ڪاوڙ ۾ پرچي ... ڪم ڪار ۾ اٽڪي ته رذل هوندي جو
...ڪڻ؛ هوءَ به گهر جي ڪم ڪار ۾ اهڙي ته رذل هوندي جو
...منهنجي ڳالهه ٻڌندي ئي نه. مان به جوش مان اٿي ڪيس وٺي
...لت لڳاءِ ڪندس." اِئين اِهو پڇائيندي جٿن هن ٽنگ مٿي
...ڪنٿين ٿٿن اُها نڪ وٺي دلي کي لڳي. دلو پڇي پيو ۽ ستوءُ
...براهمڻ جي مٿان هارجي پيا جنهن ڪري هو پيلو ٿي پيو.
اِنهيءَ ڪري مان چوان ٿو ته "اِيندڙ وقت لاءِ جيڪو
...ته تيڻ جهڙين ڳالهين جا پور پيو پچائيندو آهي اهو سومشرما
...جي ٻيءَ وانگيان زردو ٿي پوندو آهي."
سورڻ سڌيءَ چيو ته "اِئين برابر آهي. پر تنهنجو ته ...
...ڪو ڏوهه آهيئي نه. سيڻئي لوڀ ۾ ڦاسي پيڙا پوڳيندا آهن
...چو جو چيل آهي ته:-
"جيڪو لالچ ۾ ڦاسي نتيجي جي پرواهه نه ڪندو آهي
اهو چندر راجا وانگيان پاڻ تي ٺٺولي ڪرائيندو آهي"
چڪرڌر چيو ته "اِهو ڪئن؟"
سورڻ سڌيءَ چيو ته "ٻڌ ته ٻڌايانءِ."

۹. راجا چندر جي آکاڻي

ڪنهن شهر ۾ چندر نالي راجا رهندو هو. هن ...

هوندو آهي ۽ نه وري متر جي صلاح تي ئي هلندو آهي
اهو منتر ڪوريءَ وانگيان چٽ تي ويندو آهي."

چڪرڌر چيو ته "اهو سڀ نيڪ آهي. آشا روپي ڏائڻ جنهن تي ڪنهن جو ويساهه ئي نه جمي اُن جي ڦندي ۾ ڦاسي ماڻهو پنهنجي ڪِل ڪرائيندو آهي. ڪن جو هيئيون چوڻ بلڪل درست آهي ته:-

"ايندڙ وقت لاءِ جيڪو نه ٿيڻ جهڙين ڳالهين جا پور پيو پچائيندو آهي اهو سومشرما جي پيءُ وانگيان زرد و ٿي پوندو آهي."

سورڻ سڌيءَ چيو ته "اهو ڪئن؟"

چڪرڌر چيو ته "ٻڌ ته ٻڌايانءِ."

٨. سومشرما جي پيءُ جي آکاڻي

ڪنهن شهر ۾ سوڀاوڪرپڻ (ڪنجوس سڀاءَ وارو) نالي وارو براهمڻ رهندو هو. ڀڪيا پني هو پنهنجو گذران ڪندو هو. ڀڪيا ۾ ڪيس ستوُن (پڳل ڪڻڪ جا داڻا) ملندا هئا. ڪاڏي ڪانئوءَ جيڪي ستوُن بچي پوندا هئس اُهي هڪ دلي ۾ وجهندو ويندو هو ۽ اُنهيءَ دلي جي ڳچيءَ ۾ نوڙي ٻڌي هڪ ڪليءَ ۾ ٽنگي ڇڏيو هئائين. اُن جي هيٺان هڪ کٽ وڇائي هميشه اُن تي سمهندو هو ۽ اُن دلي ڏانهن چتائي پيو نهاريندو هو. هڪ رات جو اُن دلي ڏانهن نهاريندي دل ۾ پور پچائڻ لڳو ته "هيءُ دلو آخر ستن سان پرجي پوندو. جڏهن ڏڪر پوندو تڏهن اُن مان هڪ سؤ روپيا پيدا ٿي سگهندا. ڪجهه روپيا خرچي ٻه ٻڪريون خريد ڪندس. ڇهن ڇهن مهينن ويم ڪرڻ سان اُنهن مان وڏو ڌڻ ٿي پوندو. اُنهن ٻڪرين جي بدلي ۾ ڳائيون خريد ڪندس. ڳائين مان مينهون ۽ مينهن مان گهوڙيون وٺندو رهندس. گهوڙيون ويم ڪنديون ته

راوڻ جي مت ماري ويئي. اِنهن ڳالهين جو ويچار ڪري راڄ جي تمنا نہ ڪرڻ کپي.

”جنهن راڄ جي واسطي پائر، پٽ ۽ ويجها مٽ مائٽ بہ ختياتي وڃڻ چاهيندا آهن اهڙي راڄ جو پري کان ئي تياڳ ڪرڻ کپي.“

ڪوڙيءَ پنهنجيءَ پتنيءَ کي چيو تہ ”تنهنجو چوڻ بلڪل درست آهي. پر مون کي ٻڌاءِ تہ مان ڪانئس گهران ڇا؟“ تنهن تي سندس اِستريءَ کيس چيو تہ ”تون هر روز جيترو ڪپڙو اُڻندو آهين اُن مان گهر جي خرچ جو پورائو ٿيندو رهيو آهي. هاڻي تون ديوتا کان ٻہ هٿ وڌيڪ ۽ هڪ ٻيو مٿو گهر جئن اڳيان ۽ پٺيان ساڳئي وقت ٻيڻو ڪم ڪري سگهين. اُن آمدنيءَ مان اڌ اَڳي وانگيان گهر جي خرچ ۾ ڪم ايندو ۽ باقي اڌ خاص ڪمن لاءِ پاسيرو ڪبو ويندو. اِئين ڪرڻ سان سيني ڪورن ۾ تنهنجي واهہ واهہ ٿيندي ويندي ۽ پنهنجو وقت بہ ڏاڍي آنند سان گذرندو. هن لوڪ ۾ سک ملندو ۽ پرلوڪ بہ سهڻو ٿيندو.“ اِهو ٻڌي ڪوري ڏاڍو خوش ٿيو ۽ پنهنجيءَ اِستريءَ کي چيائين تہ ”شاباس ههڙي، پتورتا ناري! تو بلڪل سٺي ڳالهہ ٻڌائي آهي. مان ائين ئي ڪندس. اِهو منهنجو پڪو فيصلو آهي.“

ڪوريءَ ديوتا کي وڃي پرارٿنا ڪئي تہ ”هي ديو! جيڪڏهن مونکي من گهريو وَر ڏيڻ ٿو چاهين تہ ٻہ هٿ ۽ هڪ مٿو مونکي وڌيڪ ڏي.“ هن جي اِئين چوڻ تي هڪدم سندس ٻہ مٿا ۽ چار ٻانهون ٿي پيون. هو خوش ٿيندو گهر ڏانهن ٿي ويو تہ ماڻهن سمجهيو تہ هي ڪو راڪاس آهي. تنهنڪري کيس ٻهڙن ۽ لٺين سان ماري پورو ڪري ڇڏيائون. اِنهيءَ ڪري مان چوان ٿو تہ ”جنهن کي پنهنجو عقل نہ

ڪوريءَ چيو ته ”تنهن هوندي به مان پنهنجيءَ پتنيءَ
کان پڇندس، ڇو جو هوءَ پتورتا آهي ۽ هن کان پڇڻ کانسواءِ
مان ڪوبه ڪم نه ڪندو آهيان.“ ائين چئي هو هڪدم
پنهنجيءَ استريءَ وٽ آيو ۽ کيس چيائين ته ”هي پياري!
اڄ مون تي هڪ ديوتا پرسن ٿيو آهي. هن مونکي ور گهرڻ
لاءِ چيو آهي. مان توکان پڇڻ آيو آهيان ته کانئس ڪهڙا گهران.
منهنجي مترَ حجام چيو آهي ته کانئس راڄ گهر.“ سندس
استريءَ کيس چيو ته ”حجم کي به ڪو عقل ٿيندو آهي؟
مٿان هن جي چوڻ تي لڳو آهين. ڇو جو چيل آهي ته:-

”پڌيمان پرش کي کپي ته چارڻ، ڦيديءَ، حجم، ٻار ۽
ٻکيا پنندڙ سان ڪڏهن به صلاح نه ڪري.“

ٻيو ته راڄ جو ڪاروبار سنڀالڻ کھڙو نه ڏکيو ڪم آهي؟
سنڌي (صلح)، وگرهه (جنگ)، يان (حملو ڪرڻ)، آسن (پرسان
ڇانوڻي لڳائي ويهڻ)، سنشيه (شڪي حالت پيدا ڪرڻ)،
دويڌي ڀاوَ (ٻن دشمنن کي پاڻ ۾ ٽڪرائڻ) انهن ڇهن قسمن
جي اُپاون مان هڪ نه هڪ جو ٻڪيڙو لڳوئي پيو هوندو آهي.
راجا جي ننڊ ئي حرام ٿي پوندي آهي. ڇو جو:-

”جڏهن ڪاجپوشي ٿيندي آهي تڏهن راجا کي چنتائون گهيري
وينديون آهن. سنگهاسن تي ويهڻ وقت راجائن جي
مٿان دلن جي پاڻيءَ سان گڏ مصيبتون به مٿن اچي
پونديون آهن.“

ٻيو ته:-

”راڄ جي واسطي ئي رام کي ٻن ۾ وڃڻو پيو، پانڊون
کي ديس نيڪالي ملي، يادو مارجي ويا، راجا نل کي
جهنگ مان به ڀڄي وڃڻو پيو، سؤداس راجا جي بري
گت ٿي، سهسر ارجن موت جي منهن ۾ اچي ويو ۽

ٿيندو پنهنجي ڳوٺ ۾ جنهن گهڙيءَ تي تنهن سندس متر هڪ حجام گڏيس؛ اُن سان ڏيوتا جي وردان جي سموري ڳالهه ڪيائين ۽ ڪانئس پڇيائين ته ”هي مترا مونکي ٻڌاءِ ته ديوتا کان مان ڇا گهران؟ هو مون تي ڏاڍو پرسن ٿيو آهي. مان توکان اِها ڳالهه پڇڻ لاءِ موٽي آيو آهيان.“ حجام کيس چيو ته ”جي اِئين آهي ته تون ڪانئس راڄ گهر جنهن تون راجا ٿي پوين ۽ مان تنهنجو منتري. اسان اِنهي گڏجي هن دنيا جا ته مزا ماڻينداسين پر پرلوڪ جو توشو به ٺاهينداسين. چو جو چيل آهي ته:-

”جيڪو راجا هميشه پيو دان ڪندو آهي اُن جو اِيترو ته جس ڦهلجي ويندو آهي جو ديوتائون به ساڻس ريس پيا ڪندا آهن.“

ڪوريءَ کيس چيو ته ”اِها ڳالهه برابر آهي پر گهرواريءَ کان به ته پڇان.“ حجام کيس چيو ته ”هي پيارا، زالن سان صلاح ڪرڻ شاسترن جي برخلاف آهي. چو جو هنن جو عقل هميشه ڏائيءَ ڪڙيءَ ۾ رهندو آهي. شاسترن ۾ چيل آهي ته:-

”ٻڌيمان ماڻهن کي کپي ته اِسترين کي کاڌو، لٽو، ڪپڙو زيور ڏين ۽ سنتان پيدا ڪن. اُنهن سان ڪا به صلاح مصلحت نه ڪرڻ کپي.

”شڪراچاريه چيو آهي ته جنهن گهر ۾ اِستريءَ، شرابيءَ ۽ بار تي ظابطو نه آهي اُهو گهر اُجڙي ويندو آهي.

”جيستائين ماڻهو اِسترين جون ڳالهيون ايڪانت ۾ نٿو ٻڌي تيستائين هو ڪلي مک رهي وڏن جي آڳيا پالينديو رهندو آهي.

”زالون رڳو سوارٿ واسطي ٿي پريم ڪنديون رهنديون آهن. جيڪڏهن ڪين ڪا سک جي اميد نه هجي ته پنهنجي سڳي پٽ جو به تياڳ ڪري ڇڏينديون آهن.

اِهو ٻڌي چڪرڌر چيو تہ "هي مترا! اِئين برابر آهي. هيءَ
وارتا بہ ٺيڪ چئي آهي تہ:-

"جنهن کي پنهنجو عقل نہ هوندو آهي ۽ نہ وري متر
جي صلاح تي ئي هلندو آهي اُهو منٿر ڪوريءَ وانگيان
چٽ ٿي ويندو آهي."

سورڻ سڌيءَ پڇيو تہ "اِهو ڪيئن؟"
چڪرڌر چيو تہ "ٻڌ تہ ٻڌايانءِ."

٧. منٿر ڪوريءَ جي آکاڻي

ڪنهن شهر ۾ **منٿر** (ڍلو) نالي هڪ ڪوري رهندو هو. ڪپڙن اُڻندي ڪنهن وقت سنديس آڏاڻو ڀڄي پيو. ڪهاڙي کڻي نئين آڏاڻي ناهڻ لاءِ جهنگ ۾ ڪاٺ وڍڻ لاءِ ويو. گهمندي گهمندي هن هڪ وڏو سرنهن جو وڻ ڏٺو. دل ۾ خيال ڪيائين تہ "هي شاهي وڻ آهي. هن جي ڪاٺ مان آڏاڻي جو سٺو سامان ٺهي پوندو." اِهو ويچار ڪري هن وڻ تي ڪهاڙيءَ سان ڌڪ هنيو. اُنهيءَ وڻ ۾ ديوتا جو واسو هو. اُنهيءَ ڪوريءَ کي چيو تہ "اڙي ڪوري! هن وڻ ۾ منهنجو واسو آهي. سمنڊ جي لهرن کي ڇهي ڪري هوا هن وڻ سان اچي لڳندي آهي. اُن مان مونکي ڏاڍو آنند پراپت ٿيندو آهي." ڪوريءَ کيس چيو تہ مان ڇا ڪريان؟ ڪاٺ جي سامان ڪانسواءِ تہ منهنجا ٻچا بک مري ويندا. مونکي هي وڻ ضرور وڍڻو آهي. تنهن ڪري تون ٻئي ڪنهن هنڌ وڃي رهہ." ديوتا کيس چيو تہ "ٻچا، مان توتي پرسن ٿيو آهيان. توکي جيڪ ور گهرڻو هجي سو گهري وٺ پر هن وڻ کي نہ وڍ." ڪوريءَ ديوتا کي چيو تہ "جيڪڏهن اِئين آهي تہ مان پنهنجي مترن ۽ اِستريءَ سان صلاح ڪري موٽي تو اچان." دي کيس چيو تہ "ڀل اُنهن سان صلاح ڪري اچ." ڪوري خو

”تنهن ڪانسواءِ ٻيهڪ جا ٽي هنڌ، ڇهه منهن“ تو رس، ڇنيهه راڳ، ۽ چاليهه پاوَ تيندا آهن.

”اهڙي نموني ڳائڻ جا سؤ پنجاسي ڪان به وڌيڪ پاڳا تيل آهن ۽ پرت مٿي (پنهنجي ناٽيه شاستر ۾) انهن جو ورڻن ڪيو آهي.

”ديوتائن ڪي به هن دنيا ۾ ڳائڻ کان وڌيڪ ٻي ڪا ڳالهه نه وڻندي آهي. راوڻ سڪل تندن جي سرسان ترلوچن ڀڳوان شنڪر کي پنهنجي وس ڪري ڇڏيو.“

هي پاٽيڄا! ايتري جاڻ هوندي به تون ڇنين تو نه مان واڳ، نه جاڻان.“ گدڙ چيس ته ”هي ماما! جيڪڏهن ائين آهي ته مان لوڙهي جي ٻاهران ٻيهي چوڪيدارن جي اچڻ جو خيال تو رکان، تون پل نه موج سان ويهي ڳاءِ.“ گڏهه جڏهن ٽي هينگ وارو ڳائڻ شروع ڪيو تڏهن ٻنيءَ جي سنڀال ڪندڙ چوڪيدار لٺيون کڻي ڏند پيڪوڙيندا اٽي اچي نڪتا. گڏهه کي ڏسي ڪيس لٺين سان ايتري ته مار ڏنائون جو هو ڦان تي زمين تي ڪري پيو. گڏهه جي ڳچيءَ ۾ ٽري ڪانسواءِ پڳل اکري ٻڌي چوڪيدار وڃي سمهي پيا. پنهنجي ذاتي سڀاءَ موجب سور پرو تيڻ تي گڏهه ٿوريءَ دير ڀڄاڻان اٿي کڙو تي بيٺو. چو جو چيل آهي ته:-

”ڪتي، گهوڙي ۽ خاص ڪري گڏهه تي مار جو اثر گهڻو وقت نه تيندو آهي.“

گڏهه به اکريءَ سوڌو ٻنيءَ جو لوڙهو ٽپي ٻاهر تيو ته کلي ڪري گدڙ کيس چيو ته:-

”ماما واهه جو تو راڳ ڳاتو! منهنجي منع ڪرڻ تي به تو بس نه ڪئي. انهيءَ ڳائڻ جو انعام توکي اِهو مليو آهي جو ڳچيءَ ۾ هي عجيب (اکريءَ جو) هار پيو اٽيئي.“

راڳ، ڳايان. ڀلا کهڙو راڳ ڳايان؟" گدڙ چيس ته "اڙي ماما! هن ٻڪيڙي ڪرڻ مان ڪهڙو فائدو؟ اسين ٻئي ته هتي چوري پيا ڪريون. چورن کي هميشه لڪڻ ٿي کپي. چئو جو چيل آهي ته:-

"جنهن کي کنگهه هجي اُن کي چوري نه ڪرڻ کپي. جنهن کي جهوٽن کائڻ جي عادت هجي اُن کي به چوريءَ جو ڌندو نه ڪرڻ کپي. روڳي ماڻهو جي جيئڻ چاهي ته کيس جڀ جو سواد ڇڏي ڏيڻ کپي."

وري تنهنجو ڳائڻ ڪو سريلو به ته نه آهي. سنک جي آواز وانگيان ٻري تائين پيو ٻڌبو آهي. هن ٻنيءَ جي سنڀال ڪندڙ سيئي سمهيا پيا آهن. اُهي جاڳي پوندا ته اسان کي ٻڌي ڇڏيندا يا ماري وجهندا. تنهن ڪري هي امبرت جهڙيون ڪاڪڙيون کاءُ ۽ هيءَ نه ڪرڻ جهڙو ڪم نه ڪر." اِهو ٻڌي گڏهه کيس چيو ته "تون جهنگلي جانور آهين تنهن ڪري تون راڳ مان ڇا ڄاڻين؟ اِنهيءَ ڪري اِئين پيو چوين. چيل آهي ته:-

"سرءُ جي چانڊوڪيءَ رات ۾ پنهنجن پيارن جي اڳيان ويهي جيڪي راڳ جا مڌر آلاپ ٿا ٻڌن اُهي وڏ ڀاڳي آهن."

گدڙ چيس ته "ماما، اِئين برابر آهي. پر توکي ڳائڻ ته اِيندو ئي نه آهي. تون ته رڳو هينگون ڏئي ڄاڻين. پوءِ اهڙي ڳائڻ مان فائدوئي ڪهڙو جو پاڻ کي نقصان پهچائي. گڏهه چيس ته "اڙي مورک! لعنت هجيئي! ڇئين تو ته مونکي راڳ، ڳائڻ نه اِيندو آهي؟ راڳ جا قسم ٻڌ.

"ست سر، ٽي گرام، ايڪويهه مورڇنائون، اُڻونجاهه تال، ٽي ماترائون ۽ ٽي لئه جا قسم ٿيندا آهن.

...ي ڪناري ايڪ ٻڍي ڏيڏر ويٺو هو. اُنهيءَ شنٻڏيءَ ...
سهسر ٻڍيءَ جي هيءَ دردشا ڏسي پنهنجيءَ پٽنيءَ کي چيو ته:-
”شت ٻڍيءَ کي مهاٺومٽي تي ڪٽي پيو وڃي ۽ سهسر ٻڍيءَ
کي هٿ ۾ لڙڪائيندو ٿو وڃي. هي پياري! مان غريب
ايڪ ٻڍي آنند سان نرمل پاڻيءَ ۾ ويٺو آهيان.“
سورڻ سڌيءَ چيو ته ”اِنهيءَ هوندي به توکي مٿر جي
ڳالهه مڃڻ کپندي هئي. مون توکي ڪيترو روڪيو پر لالچ
جي وس تي وديا جي گهمنڊ ۾ تو منهنجي هڪ به نه ٻڌي.
اِهو نيڪ چيل آهي ته:-
”ماما، واه جو تو راڳ، ڳاتو! منهنجي منع ڪرڻ تي به
تو بس نه ڪئي. اُنهيءَ ڳائڻ جو انعام توکي اِهو مليو
جو ڳچيءَ ۾ هيءَ عجيب هار پيو آئيئي.“
چڪرڌر چيو ته ”اِهو ڪئن؟“
سورڻ سڌيءَ چيو ته ”ٻڌ ته ٻڌايانءِ.“

٦. ڳائيندڙ گڏهه جي آڪاڻي

ڪنهن شهر ۾ اُڌت (مغرور) نالي هڪ گڏهه رهندو هو.
ڏينهن جو ڌوٻيءَ جو بار ڍوئي رات جو پنهنجيءَ مرضيءَ
موجب مؤج سان پيو گهمندو هو. ٻڌ جڻ جي ڊپ کان صبوح
جو پاڻيهي ڌوٻيءَ جي گهر هليو ايندو هو. اُن وقت کيس
ڌوٻي نوڙيءَ سان ٻڌي ڇڏيندو هو. رات جو ٻنين ۾
گهمندي هن جي هڪ گدڙ سان مترتا ٿي ويئي. پنهنجي ٿولهه جي
زور تي لوڙهو ڀڃي هو گدڙ سان گڏجي وڻگين، ڪاڪڙين
۽ ڇيڙن جي ٻنين ۾ گهڙي ويندو هو. ٻئي ڄڻا ڍؤ تي وڻگيون ۽ ...
کائي صبوح جو پنهنجي ماڳ موٽندا هئا. هڪ ڏينهن هن مستانيءَ
گڏهه گدڙ کي چيو ته ”آڙي پاڻيچا! چانڊوڪي رات کهڙي
سهڻي ٿي لڳي! تنهن ڪري منهنجي دل ٿي چوي ته ...

"دنيا ۾ ڪا اهڙي ڳالهه نه آهي جا ٻڌيمانن جي ٻڌيءَ
لاءِ حاصل ڪرڻ ڏکي هجي. چاڻڪيہ (اڪيلي سر
ڪنهن به هٿيار کانسواءِ) اُنهن نند گهراڻي وارن کي
ماريو جن جي هٿن ۾ تلوارون چمڪي رهيون هيون."

۽ پڻ

"جتي هوا ۽ سورج جون ڪرڻائون نه ٿيون پهچي سگهن
اُتي ٻڌيمان پرش جي ٻڌي هڪدم پرويش ڪري
ويندي آهي."

اِنهيءَ ڪري رڳو سندن گفتگو ٻڌي ٻيءَ ڏاڏي جو وسايل گهر ڇڏڻ نه جڳائي. ڇو جو چيل آهي ته:-

"پنهنجو جنم ڪهڙي به ساديءَ هنڌ ٿيل هجي ته به
جيڪو آنند اُتي ايندو اُهو سرڳ جي سندر پدارٿن
ماڻڻ مان به نه ايندو."

اِهو ٻڌي ڏيڏر چيو ته "مترو، توهان برابر ٻڌيمان آهيو پر مونکي ته پنهنجي وڃڻ کانسواءِ ٻيو ڪو چارو ئي نٿو سجهي. منهنجي اِيڪ ٻڌي ته رڳو اِن ڏس ۾ ئي ٿي ڪم ڪري. تنهن ڪري مان پنهنجيءَ پتنيءَ کي ساڻ وٺي ٻئي ڪنهن تلاءَ ڏانهن ٿو وڃان." اِئين چئي ڏيڏر راتو واهه ٻئي تلاءَ ۾ هليو ويو. صبوح جو مهاڻا آيا ۽ تلاءَ ۾ رهندڙ سڀ قسم جون مڇيون، ڪڇئون، ڏيڏر ۽ ڪيڪڙا سڀ پنهنجي جارن ۾ ڦاسائي ڇڏيائون. سهسر ٻڌيءَ ۽ شت ٻڌيءَ به پنهنجن اِسترين سان گڏ پاڻ کي بچائڻ جي گهڻين ئي چالاڪين سان ڪوشش ڪئي پر اُهي به جار ۾ ڦاسي پيا ۽ اُتيئي ڦٿڪي ڦٿڪي ساهه ڏنائون. پوءِ جو مهاڻا خوش ٿي گهر موٽڻ لڳا. ڳوري هئڻ ڪري هڪ مهاڻي شت ٻڌيءَ کي پنهنجي مٿي تي کنيو ۽ ٻيو ماڻهو سهسر ٻڌيءَ کي هٿ ۾ لڙڪائيندو هليو. کو هه

سورڻ سڌيءَ چيو ته ”اِهو ڪٿي؟“
چڪرڌر چيو ته ”ٻڌ ته ٻڌايانءِ.“

۵. ٻن مڇين جي آکاڻي

ڪنهن تلاءُ ۾ شت ٻڌيءَ ۽ سهسر ٻڌيءَ نالي ٻه وڏا مڇ رهندا هئا. اُنهن جي مترتا ايڪ ٻڌيءَ نالي هڪ ڏيڏر سان هئي. ٽيئي ڄڻا ڪڏهن تلاءُ جي ڪناري تي ته ڪڏهن ڪناري جي ڀرسان واريءَ تي ويهي پاڻ ۾ ڳالهيون ٻولهيون ڪري وري پاڻيءَ ۾ اندر وڃي ٽانئيڪا ٿيندا هئا. هڪ دفعي هي ٽيئي پاڻ ۾ ڳالهيون ڪري رهيا هئا ته شام جي وقت مهاڻا مٿي تي مڇين سان ڀريل ٽوڪريون ۽ هٿن ۾ ڄار کڻي اُتان لنگهيا. اُهو تلاءُ ڏسي هنن پاڻ ۾ صلاح ڪئي ته ”هن تلاءُ ۾ مڇيون تمام گهڻيون آهن ۽ پاڻي ٻه ٿانگهو آهي. تنهن ڪري سڀاڻي صبوح جو هتي اچي ڄار وجهنداسين.“ اِئين چوندا هو پنهنجن گهرن ڏانهن هليا ويا. مڇين ۽ ڏيڏر جو سندن اِها ڳالهه ٻڌي ته هو البت چنتا ۾ پئجي ويا. ڏيڏر ڳالهه شروع ڪندي چيو ته ”اڙي شت ٻڌي! مهاڻن جي ڳالهه ٻڌءِ؟ هاڻي ڇا ڪرڻ کپي؟ ڀڄي هلون يا هتي ئي رهيا پيا هجون؟“ اِهو ٻڌي سهسر ٻڌيءَ کلي چيو ته ”هي مترا ڊڄين ڇو ٿو؟ رڳو ڳالهه ٻڌي ڊپ ڪرڻ نه کپي. چيو اٿن:-

”ٽانگن، ٺڳن ۽ دشمن جا جيڪڏهن مطلب پورا ٿيندا
هجن ته هيءَ دنيا ئي نه هلي سگهي.“

ڀريائين ته هو هتي اِيندا ئي نه. جي آيا به ته مان پنهنجي عقل جي ڪيڏ سان سڀني کي بچائيندس. ڇو جو مان ترڻ جا اَنيڪ نمونا ڄاڻندو آهيان.“ اِهو ٻڌي شت ٻڌيءَ چيو ته ”تنهنجي ڳالهه بلڪل پوري آهي. تون برابر سهسر ٻڌي (هزار عقلن وارو) آهين. ڇو جو چيل آهي ته:-

خ ڏسي ڪيس هيئيون وچن اچي ياد پيو ته:-

”ٽنگن (عيبن) ۾ گهڻيئي مصيبتون اچي جاڳنديون آهن.“

اِئين چٽي هو ته ڪاڏو ڇڏي هليو ويو. آهڙيءَ طرح ٽيئي
۾ پاهه ٽيڻ لڳا ۽ ماڻهو سندن ٺٺولي ڪرڻ لڳا.
سورڻ سِڌيءَ چيو ته ”مون توکي ڪيڏي نه منع ڪئي.
ر تون مورکتا جي ڪري ضد ٻڌي بيٺين. اُن جو تون هاڻي
نتيجو ڀوڳي رهيو آهين. اِنهيءَ ڪري مان چوان ٿو ته:-

”سڀني شاسترن ۾ هوشيار هوندي به عام رواجي هلت چلت
نه ڄاڻندڙ، مورک پنڊتن وانگيان پنهنجي کِل ڪرائيندا
آهن.“

اِهو ٻڌي چڪرڌر چيو ته ”اِهو ڪو سبب نه آهي. ڏاڍا
سياڻا ماڻهو به کوٽي قسمت هٿان ڪري ڏکي گذاريندا آهن
۽ تمام ٿوري عقل وارا به پنهنجو وقت ڏاڍي آنند ۾ گذاريندا
آهن. ڇو جو چيل آهي ته:-

”ڀل ته ڪير به سنڀال ڪندڙ نه هجي پر جي ڀاڳ ڀايرو
آهي ته پڪ ٿي پڪ بچاءُ ٿيندو. ٻئي پاسي ڪنهن جي
چڱيءَ طرح پرگهور لهجي پر جي سندس ڀاڳ اُلٽو آهي
ته اُهو ڪڏهن نه بچندو. جهنگ ۾ ڦٽو ڪيل لاوارث
به بچي سگهندو آهي پر گهر ۾ چڱيءَ طرح سنڀال ورتل
به بچي نه سگهندو آهي.“

پيو ته:-

”شت ٻڌيءَ (هڪ سؤ عقل واري) کي مهاڻو مٿي تي
کڻي پيو وڃي ۽ سهسر ٻڌيءَ (هڪ هزار عقل واري)
کي هٿ ۾ لٽڪائيندو ٿو وڃي. هي پياري! مان غريب
ايڪ ٻڌي (هڪ عقل وارو) آنند سان نرمل پاڻيءَ ۾
ونڊو آهيان.“

جڏهن گڏهه جي مالڪ ڌوٻيءَ ڏٺو ته هو ڏاڍو ڪٺي سندن پنيان ڪاهي پيو. ڌوٻيءَ کي ڏنڊي سان ايندو ڏسي سيئي ونئي پيا. رستي تان هلندي کين هڪ وڏي ندي نظر آئي. اُن ۾ هڪ ڪيسو ڦل جي وڻ جو پن ترندو پي آيو. اُن کي ڏسي هڪڙي پنڊت چيو ته:-

”هي ايندڙ پن اسان کي ضرور پار پهچائيندو.“

اِئين چئي مٿس چڙهي ويئو ته نديءَ ۾ ٻڏڻ لڳو. تنهن تي ٻئي پنڊت وچن ڪيو ته:-

”جڏهن سمورو وستو ناس ٿيڻ تي هجي ته اَڌ کي جدا ڪري باقي اَڌ بچائي وٺجي. سمورو نقصان سهڻ ڏاڍو ڏکيو آهي.“

اِئين چئي هن جو سر ڌڙ کان ڌار ڪري ڇڏيائين.

گهمندي گهمندي باقي ٽي ڄڻا هڪ ڳوٺ ۾ اچي پهتا. ڳوٺاڻن کين پنهنجي گهرن ۾ ڀوڄن ڪرڻ لاءِ نوتو ڏنو. هڪڙي پنڊت کي ڪاڏي ۾ سيون مليون. اُنهن کي ڏسي هن کي هينيون وچن ياد اچي ويو ته:-

”ديرگهه سوتري (ڪم ۾ ديگهه ڪرڻ وارو يا ڊگهين تندن وارو) ناس ٿي ويندو آهي.“

اِئين چئي ڪاڏو ڇڏي هليو ويو.

ٻئي کي ڪاڏي ۾ ڪيوڙي ملي. اُن کي وري هينيون وچن ياد پيو ته:-

”جيڪو گهڻو ڦلي هوندو آهي، اُهو گهڻو وقت جٽاءُ نه ڪندو آهي.“

اِئين چئي هو به ڪاڏو ڇڏي هليو ويو.

ٽئين کي وري ڪاڏي ۾ دهي وڙا مليا. اُن ۾ ننڍا ننڍا

رهيا ۽ پاڻ ۾ ويچار ڪرڻ لڳا ته ڪهڙو رستو وٺي هلجي. ايتري ۾ هڪ سيٺ جي ڪائي اتان لنگهي جنهن سان گهڻيئي ماڻهو مساڻن ڏانهن وڃي رهيا هئا. اِنهيءَ تي اُنهن مان هڪڙي پسنڪ ڪوليو ۽ وچن ڪڍيائين ته:-

”مهاجن (وڏا يا گهڻا ماڻهو) جنهن رستي تان هلن اُهوئي نيڪ مارگ آهي.“

اِهو واڪيه ست ڪري سيئي اُنهن ڪائيءَ وارن ماڻهن جي پوئتان هلڻ لڳا. جڏهن مساڻن ۾ پهتا تڏهن اُتي هڪ گڏهه ڏٺائون. اِنهيءَ تي ٻئي پنهنجي پوٿي کولي ته اُن مان وچن نڪتو ته:-

”شاديءَ مراديءَ، ڏک سک، بيماريءَ سيماريءَ، دشمن جي مقابلي وقت، راج دربار ۽ مساڻن ۾ جيڪو ساڻ هجي اُهو سچو مِتر آهي.“

تنهن ڪري هيءُ گڏهه اسان جو سچو ٻچو مِتر آهي. اِهو شاستر جو واڪيه پرماڻ ڪري ڪو سندس ڳچيءَ کي چنبڙي ياڪر ٻانهن لڳس ته ڪو سندس ڪر ڌوئڻ لڳو. ايتري ۾ اُتي ڪين هڪ اُٺ نظر آيو. اُن کي ڏسي ٽئين پنڊت پسنڪ کوليو ته اُن مان وچن نڪتو ته:-

”ڌرم تکڙو اڳتي وڌندو آهي.“

اِنهيءَ تي سيني فيصلو ڪيو ته ڇاڪاڻ ته اُٺ تمام تکڙو ٿو هلي تنهن ڪري اِهو ڌرم جو سروپ آهي. چوٿين پنڊت پسنڪ کوليو ته اُن مان ورتي هيءُ وچن نڪتو ته:-

”مِتر جو ڌرم سان ميلاپ ڪرائجي.“

اِنهيءَ وچن موجب سيني گڏجي فيصلو ڪيو ته هن گڏهه مِتر کي اُٺ ڌرم سان ميلاپ ڪرائڻ کپي. سيني گڏهه کي نيهي آڻي اُٺ جي ڳچيءَ سان ٻڌو. اِها ڳالهه

وڃهڻ لاءِ تيار ٿيو تڏهن چوٿين سياڻي ڪيس منع ڪندي چيو
ته ”ٿورو ترس. تون چئين ٿو ته هن شينهن ڪي مان جيئرو
ڪندس. شينهن جي جيئرو ٿيڻ سان ئي اسان سڀني ڪي کائي
ڇڏيندو.“ انهيءَ تي هن چيو ته ”توکي ڏکار هجي! مونکي
ته پنهنجي ودیا جو جوهر ڏيکارڻو پئي آهي. ودیا اجائي ٿورو
وڃائيندس؟“ تنهن تي چوٿين کيس چيو ته ”چڱو ڀلا، جيستائين
مان وڻ تي چڙهي وڃان تيستائين ته ترس.“ ائين چئي هو
وڻ تي چڙهي ويو ۽ هوڏانهن جڏهن شينهن جيئرو ٿيو ته
ٽنهي کي کائي ويو. سڀڏي وڻ تان لهي پنهنجي گهر هليو ويو.

انهيءَ ڪري مان چوان ٿو ته ”ودیا کان وڌيڪ بُڌي
ليکي ويندي آهي. شينهن کي جيئارڻ ڪري بي سمجهه
ودوان بي موت مري ويا.“

ٻي ڳالهه به چيل آهي ته:-

”سڀني شاسترن ۾ هوشيار هوندي به عام رواجي هلت
چلت نه ڄاڻندڙ، مورک پنڊتن وانگيان پنهنجي کِل
ڪرائيندا آهن.“

چڪرڌر پڇيو ته ”اهو ڪئن؟“

سورڻسڌيءَ چيو ته ”ٻڌ ته ٻڌايانءِ.“

٤. مورک پنڊتن جي آکاڻي

ڪنهن شهر ۾ چار براهمڻ رهندا هئا جنجو پاڻ ۾ ڏاڍو
پريم هو. هنني صلاح ڪئي ته ٻئي ڪنهن پرانت ۾ هلي ودیا
پڙهي ڌن ڪمائجي. چارئي گڏجي ودیا پڙهڻ لاءِ قنوج ۾
ويا. اُتي پاٺشالا ۾ وڃي پڙهڻ لڳا. ٻارهن سال ودیا پڙهي
جڏهن پنڊت ٿيا تڏهن گوروءَ کان آگيا وٺي پنهنجا پستڪ
۽ پوٿيون کڻي روانا ٿيا. هلندي هلندي هڪ اُهڙي هنڌ
پهتا جتي به رستا اچي پاڻ ۾ مليا ٿي. اُتي هو ويهي

هو. هڪ ڏينهن سينٽي مترن صلاح ڪئي تہ ”اُنهيءَ وديا مان ڪهڙو فائدو جنهن جي وسيلي پرديس ۾ وڃي راجائن مهاراجائن کي پرسن ڪري پئسو گڏ ڪري نہ سگهجي؟ اِنهيءَ ڪري اسان کي پورب جي ديش ڏانهن هلڻ کپي.“ اِهو فيصلو ڪري چارئي سنيري روانا ٿيا. رستي تي اُنهن مان جيڪو سينٽي کان وڏو هو تنهن چيو تہ ”اسان چئني ۾ هڪ کي شاسترن جو گيان نہ آهي رڳي سياڻپ اٿس. راجائن وٽان تہ رڳو ودوانن کي ئي دان ملندو آهي. سياڻپ ڏسي تہ ڪو دان نہ ڏيندو آهي. تنهن ڪري اسين پنهنجي مليل دان مان هن کي حصو نہ ڏينداسون. پل تہ هي گهر موٽي وڃي!“ اِنهيءَ تي ٻئي اُنهيءَ سياڻي کي چيو تہ ”توکي ڪا بہ وديا نہ ايندي آهي تنهن ڪري گهر موٽي وڃ.“ اِن تي ٽئين چيو تہ ”اسان کي ائين ڪرڻ نہ جڳائي. ننڍپڻ کان وٺي چارئي گڏجي رانديون رونديون ڪندا رهيا آهيون. تنهن ڪري پل تہ گڏجي هلي ۽ ڪيس اسانجي ڪمايل ڌن مان برابر حصو ماڻ گهرجي چو جو چيل آهي تہ:-

”هيءُ منهنجو آهي يا پرائو اِهو ويچار تنگدل اِنسان ڪندا آهن. اُدارتا سان پريل دل وارا سموريءَ دنيا کي پنهنجو ڪٽنب ڪري سمجهندا آهن.“

تنهن ڪري هيءُ اسان سان ضرور هلندو.“

اڳتي پنڌ ڪندي براهمڻن کي ڪٿي شينهن جا هڏا نظر آيا. تنهن تي براهمڻن مان هڪڙي چيو تہ ”اَج مان پنهنجيءَ وديا جي آزمائش ڪندس. هتي ڪو پراڻي مئو پيو آهي. پنهنجي وديا جي بل سان هن کي جيئاريندس.“ اهڙيءَ طرح هڪڙي پنهنجي وديا جي زور تي اهي سمورا هڏا گڏ ڪري اُنهن مان پڃرو تيار ڪيو. ٻئي منجهس ماس ۽ رت ... چمڙي مڙهي ڇڏي. ٽيون جڏهن هن ۾ ساهہ

ي اهڙي ڏکي ڏني هئي، تنهن ڪري ڪو بہ سڌ هاٿي هتي
ڇي نٿو سگهي. جيڪڏهن ڪو اچي نڪرندو آهي تہ اُهو
ڪ، اُڃ، ننڊ، بيماري ۽ موت کان آجو ٿي رڳو هن قسم جو
ڪ پوڄيندو رهندو آهي. هاٿي مان توکان موڪلايان ٿو.
مان هاٿي آزاد ٿي پنهنجي وطن ودان ٿو." اِئين چئي هو
هليو ويو.

براهمڻ جي ديو لڳائڻ ڪري سون جي سڌي ۽ وارو سندس
ساٿي سندس پيرو (پيرن جا نشان) کڻي اچي اُنهي ۽ هند پهتو
۽ کيس رتوڇاڻ تيل، مٿي تي چڪر ڦرندڙ ۽ ڏانهون ڪوڪون
ڪندو ڏسي اکين ۾ لڙڪ آڻي کيس چيائين تہ "هي پيارا،
هي ۽ توسان ڪهڙي ويڌن ٿي ويئي؟" هن چيو تہ "بس،
منهنجي قسمت کوٽي هئي." تنهن تي هن کيس چيو تہ "هن
جو سبب تہ ٻڌاءِ." تنهن تي هن چڪرڌاري ۽ کيس سموري
حقيقت ڪري ٻڌائي. اِهو ٻڌي سورڻ سڌي ساٿس همدردي
ڏيکاري کيس چيو تہ "ياءُ، مون توکي ڪيترو سمجهايو.
منهنجي ڳالهہ نہ مڃي تو پنهنجو ضد پورو ڪيو. هاٿي چا
ڪجي؟ پڙهيل ڳڙهيل ودوان بہ مورک ٿي پوندا آهن. اِها
ڳالهہ برابر چيل آهي تہ :-

"ودّيا کان وڌيڪ ٻڌي ليکي ويندي آهي. شينهن
کي جيئارڻ ڪري بي سمجهہ ودوان بي موت مري ويا."

چڪرڌر چيو تہ "اِهو ڪئن؟"

سورڻ سڌي ۽ چيو تہ "ٻڌ تہ ٻڌايانءِ."

٣. شينهن کي جيئاريندڙن جي آکاڻي

ڪنهن شهر ۾ چار براهمڻ پاڻ ۾ متر ٿي رهندا هئا. اُنهن
مان ٽي شاسترن جا ڄاڻو تہ هئا پر منجهن سمجهہ اَصل ڪا
هئي. چوٿين کي شاسترن جي ڄاڻ ڪانہ هئي پر سمجهہ ڏاي

پيڻ لڳو. رلندي پنندي کيس اهڙو ماڻهو نظر چڙهيو جو سڄو رتوڇاڻ ٿيل هو ۽ سندس مٿي تي چوڌاري هڪ چڪر (ڦيٿو) ٿي ڦريو. هن ڏانهس وڌي کانئس پڇيو ته ”تون ڪير آهين؟ هيءُ چڪر تنهنجي مٿي جي چوڌاري ڇو ٿو ڦري؟ ڪٿي پاڻي ملي سگهي ته ٻڌاءِ.“ هن جي ائين چوڻ تي اُهو چڪر اُنهيءَ ماڻهوءَ کي ڇڏي براهمڻ جي مٿي کي چنبڙي پيو ۽ سندس چوڌاري ڦرڻ لڳو. براهمڻ تنهن تي هن کي چيو ته ”هي ڇا ٿي ويو؟“ هن جواب ڏنو ته ”منهنجي مٿي کي به اِهو چڪر اِنهيءَ نموني ئي چنبڙيو هو.“ براهمڻ کيس چيو ته ”منهنجي مٿي تان هي چڪر وري ڪڏهن لهندو؟ مونکي ته ڏاڍو سور ٿو پوي.“ هن جواب ڏنس ته ”تو وانگيان جڏهن ڪو سديءَ واري وَٽ ڪٽي هتي ايندو ۽ اچي توسان ڳالهائيندو تڏهن کيس هيءُ چڪر چنبڙي پوندو.“ براهمڻ هن کان پڇيو ته ”تون هتي گهڻي وقت تائين هئين؟“ تنهن تي هن جواب ۾ پڇيو ته ”هن وقت دنيا ۾ ڪهڙو راجا آهي؟“ براهمڻ جواب ڏنو ته ”ويڻاوتس راجا.“ هن چيو ته وقت جو اَنداز ته مان لڳائي نٿو سگهان پر جنهن وقت راجا رام جو راڄ هو اُن وقت غريبيءَ جي ڪري پريشان ٿي سديءَ جي وٽ هٿ ڪري هن رستي تان اچي لنگهيو هيس. ٻي ماڻهو جي مٿي تي چڪر ڦرندو ڏسي مون کانئس پڇيو ۽ اُهو مونکي اَچي چنبڙيو.“ براهمڻ پڇيس ته ”هي پيارا، هن حالت ۾ توکي کاڌو پيتو ڪٿان ٿي مليو؟“ هن وراڻي ڏني ته ”هي پريتم، پنهنجو خزانو غائب ٿيندو ڏسي ڪبير ديوتا سڌن*

*ماڻهن ۽ ديوتائن جي وچ ۾ يڪش، گنڌرو ۽ سڌ ٿي جوڻيون آهن. يوگ جي سادنائن ڪرڻ سان اٺ سڌيون پراپت ٿينديون آهن. اُنهن مان پوريل خزانو ڏسي سگهڻ به هڪ سڌي آهي. سڌپرش سڌين جي دواران اڻ ڏٺيون ڳالهيون به ڪري سگهندا آهن اُ... ڪري هماليه ۽ ڪيلاش پربت جي وچ ۾ رهندا آهن.

ٽامو گڏ ڪرڻ لڳو. تنهن تي ٻئي چيس ته ”مورک، ٽامو ڪري ڪيترو به ڪٺين ته به اُن مان شاهوڪار نه ٿي سگهندين. تنهن ڪري اَڳتي هاڻي ڏس ته ڇا ٿو ٿئي.“ اِنهيءَ تي هن چيو ته ”توهين ڀلي اڳتي وڃو. مان ٽامو کڻي گهر موٽندس.“ باقي ٽي ڄڻا اَڳتي وڌيا. ڪجهه ڏينهن پنڌ ڪرڻ کانپوءِ هڪ جي هٿ مان وٽ ڪري پئي. هن اُتي زمين کوٽڻ شروع ڪئي. ڏٺائين ته چانديءَ جو خزانو پريو پيو آهي. هو خزانو کوٽڻ لڳي ويو. تنهن تي ٻئي چيس ته ”مورک، هيءَ چاندي تون ڪيتري کڻي سگهندين؟ اُن مان ڪهڙو شاهوڪار ٿيندين؟ اَڳتي هلندين ته ضرور سون ملندو. سون ٿورو به مليو ته مالامال ٿي پونداسين. تنهن ڪري اسانکي اَڳتي هلڻ کپي.“ اِئين چئي به ڄڻا اَڳتي هليا ۽ سندن ٽيون ساٿي چاندي گڏ ڪري واپس موٽيو. ٻه ڄڻا جيڪي اَڳتي وڌي رهيا هئا تن مان هڪ جي هٿ مان وٽ ڪري پئي. هن ڏاڍو خوش ٿي زمين کوٽي ته کيس سون اُتي سون نظر آيو ۽ پنهنجي مترکي چيائين ته ”اَڳتي هلڻ بيڪار آهي. تون به جيترو کڻي سگهين اوترو سون کڻي هل.“ تنهن تي سندس ساٿيءَ جواب ڏنو ته ”هي مورک! تون هيءَ سولي ڳالهه به نٿو سمجهي سگهين! پهريائين ٽامو، پوءِ چاندي، تنهن کانپوءِ سون مليو آهي. هن کانپوءِ ضرور هيرا جواهر هوندا. اُنهن مان هڪ اَهڙو قيمتي جواهر کڻي هلياسين ته غريبيءَ جا سڀئي ڏک دور ٿي ويندا. تنهن ڪري اسانکي اَڃا اَڳتي وڌڻ گهرجي. ايتري بار کڻڻ جو ڪهڙو ضرور آهي؟“ هن چيس ته ”تون ڀلي اَڳتي وڃ.“ مان هتي ويهي تنهنجو اِنتظار ڪندس.“

اِنهيءَ نموني چوٿون ڄڻو اَڪيلو اَڳتي وڌيو. گرميءَ ۽ سورج جي تپت کيس ستائڻ لڳي. اُڃ کيس ڏاڍو هلاڪ ڪرڻ لڳي. سڌيءَ وارو رستو ئي ڪانئس ڀلجي ويو. هيڏانهن هوڏانهن

”چيستائين ماڻهو برشارت نہ ٿو ڪري تيستائين سندس
ڀاڳ بہ نہ ٿو کلي. سورج بہ جڏهن تل راس ۾ ايندو
آهي تڏهن بادلن تي سوڀ پائيندو آهي.“*
تنهن ڪري توهان بہ اسانکي ڪا اهڙي ڀوڳ جي سادنا
ڏايو جنهن اسانکي ڌن جي پراپتي ٿئي. اُها سادنا ڀلي تہ غفا
۾ گهڙڻ، مساڻن ۾ ويهي جپ ڪرڻ، شاڪني ديويءَ جي
آرادنا، ماڻهوءَ جي ماس جي ٻل چاڙهڻ يا سادڪ جي وت جي
سروپ ۾ هجي. ٻڌبو آهي تہ توهان اَدڀت شڪتيءَ جا ڀنڊار
آهيو. چيل آهي تہ:-
”وڏا ماڻهو اُي وڏا ڪم ڪندا آهن. ساموندي اَگنيءَ
کي سمنڊ اُي پاڻ ۾ سمائي سگهندو آهي.“
ڀئروانند کي بہ اُنهن تي ديا اَچي ويئي ۽ ڏاڍيءَ محنت
سان ڀوڳ جي سڌيءَ سان منتر پڙهيل چار (ڪپهہ جون) وٽيون
ڏنيون ۽ چيائين تہ ”همالہ جبل ڏانهن منهن
ڪري وڃو. جنهن جي وت جتي ڪري پوي اُتي کيس
کوٽائي ڪري اُهو ڌن کڻي واپس
موٽندا وڃو.“ اِهو اُپديش وٺي چارئي ڄڻا ڀوڳيءَ جي چوڻ
موجب اُتر طرف روانا ٿيا. ڪيترن ڏينهن جي پنڌ ڪرڻ
کان پوءِ هڪ جي هٿ مان اُها وَت ڪري پئي. هن اُتي
زمين ويهي کوٽي. ڏٺائين تہ هيٺ ٽامي جي کاڻ آهي. هو

*جوتش شاستر موجب سورج کي هرهڪ مهيني هرهڪ
راس مان لنگهڻو پوندو آهي. اهڙيون ٻارهن راسيون آهن جن
مان تل (تلا) بہ هڪ آهي. تل سنڪرات آڪٽوبر مهيني ۾
ايندي آهي ۽ اُن وقت چؤماسو ختم ٿيندو آهي. تلا جي
اکري معنيٰ تارازي آهي. اِن موجب هن ساوڪ جو تاٿپرج
تيندو تہ جڏهن سورج بہ پاڻ کي تارازيءَ ۾ تورڻ جهڙي
تڪليف ٿو وٺي تڏهن هو پنهنجي وروڌ ڪندڙ بادلن تي
غالب ٿو پئجي وڃي.

„سر جو سانگو نہ ڪري جيڪي همٿ وارا ماڻهو موقعو
هٿان نہ وڃائيندا آهن اُنهن کي ئي اِڇا اَنوسار ڌرٻي
ڌن پراپت ٿيندو آهي.

„پاڻي ڪڏهن آسمان مان ڪرندو آهي تہ ڪڏهن کوٽڻ
سان پاتال مان نڪري ايندو آهي. تنهن ڪري ڀاڳہ
تي ڀروسو نہ رکي هميشہ پرشارٿ ڪرڻ کپي.

„ماڻهوءَ کي پرشارٿ سان ئي پوري سڦلتا ملندي آهي.
'نصيب يا ڀاڳہ' بہ ماڻهوءَ جو اَڻ ڏٺل ڳڻ آهي يعني
اُهو بہ سندس اڳئين جنم جو پرشارٿ آهي.

„همٿ وارا ماڻهو پراڻن جي پرواهہ نہ ڪري جوکائتا
ڪم ڪندا رهندا آهن. اُنهن جي اِها هاٽ بيشڪ
عجب ۾ وجهندڙ آهي.

„جيستائين پنهنجي سرير کي ڪشٽ نہ ڏبو تيستائين
دنيا جا قسمين قسمين سک پراپت نہ ٿيندا. وشنو ڀڳوان
بہ جڏهن مدو دئيت کي ماريو ۽ سمنڊ کي ولوڙڻ
ڪري سندس ٻانهون ٿڪجي پيون تڏهن ئي لڪشميءَ
کي گلي سان لڳائي سگهيو.

„پاڻيءَ ۾ رهي بہ جو هميشہ چار مهينا سال ۾ آرام ڪندو
ٿو رهي اُهو ڀلي تہ نرسنگهہ روپ ڌارڻ ڪري تہ ب
سندس اِستري (لڪشمي) چنچل ڪيئن نہ ٿيندي؟*

*آکاڙ مهيني ۾ جيڪا ايڪادشي (گيارس) ايندي آهي
اُن کي ديوشئني نالي سان سڏبو آهي ۽ پراڻن ۾ ڪٿائون آه
تہ اُن ڏينهن کان وشنو کير ساگر ۾ چئن مهينن لاءِ وڃي آ
ڪندو آهي ۽ وري ڪتيءَ مهيني جي پربوڌني ايڪادشي
ڏينهن ننڊ مان اُٿندو آهي. چوماسو بہ اِنهن مهينن ۾ ٿين
آهي. هن سلوڪ جو مطلب اِهو آهي تہ چاڪاڻ تہ وشنو
مهينا آلسي ٿي ننڊون ٿو ڪري تنهن ڪري سندس اِست
اَهڙي چنچل آهي.

ڳالهائڻ ۾ چتر، ڏاهوڪو، خوبصورت، بهادر ۽ پاڇو ماڻهو
”ماڻهو پاپي ۽ بهادر خوبصورت، ڏاهوڪو ڳالهائڻ ۾ چتر
هشيارن هلائڻ ۾ پڙ ۽ شاستر جو ڄاڻو هجي پر پئسي
ڪانسواءِ هن دنيا ۾ ڪيس ڪير پڇندو ئي ڪونه.
”اِندريون اُهي ساڳيون آهن، نالو به اُهوئي آهي، دماغ
به برابر سالم آهي، ڳالهائڻ ۾ به فرق نه آهي ته به ڌن
جي گرمي غائب ٿيڻ تي هڪ ئي کن ۾ ماڻهو ڇا مان
ڇا ٿو ٿي پوي. هيءَ ڏاڍي عجيب ڳالهه آهي.“
آسان کي ڌن ڪنو ڪرڻ لاءِ ڪيڏانهن
اِنهيءَ ڪري آسان کي ڌن ڪنو ڪرڻ لاءِ ڪيڏانهن
ٻاهر هلڻ گهرجي. اهڙيءَ طرح پاڻ ۾ صلاح ڪري پنهنجي
ديس، نگر ۽ مٽن مائٽن جو تياڳ ڪري ٻي ڪنهن ديس
ڏانهن راهي ٿيا. ڇو جو چيل آهي ته:-
”جنهن ماڻهوءَ جي هن دنيا ۾ چنتائن جي ڪري مت
مارجي ويئي آهي اُهو سچ جو مارگ ڇڏي ڏيندو
آهي، مترن کان الڳ ٿي ويندو آهي ۽ پنهنجيءَ ماتا
۽ جنم ڀوميءَ کي به ڇڏي جيڏانهن وڻندو آتس اوڏانهن
هليو ويندو آهي.“

(هو) هلندي هلندي اُجين ۾ اچي پهتا. اُتي سپرا نديءَ ۾
سنان ڪري مهاڪال (شو ڀڳوان) جي مندر ۾ درشن ڪري
گهمندا ڦرندا هو اُجين ۾ اچي پهتا. اُتي سپرا نديءَ ۾
جڏهن موٽيا تي تڏهن کين ڀيرواننڊ نالي هڪ يوگي ڏٺو
چئني براهمڻن هن کي پرڻام ڪيو ۽ سڀيئي گڏجي سا
سندس مٺ (آشرم) ۾ ويا. اُتي يوگيءَ کانئن پڇيو ته ”تو
سڀيئي ڪٿان آيا آهيو؟ ڪيڏانهن وڃڻ جو اِرادو
ڪهڙي مطلب سان هتي آيا آهيو؟“ اُنهن سڀني
”اسان ڪنهن ڪارج کي سڌ ڪرڻ لاءِ مسافري ڪري
آهيون ۽ اُتي وڃڻ ٿا چاهيون جتي جهجهو ڌن ملي يا مو
ڇو جو چيل آهي ته:-

”سر جو سانگو نہ ڪري جيڪي همت وارا ماڻهو موقعو هٿان نہ وڃائيندا آهن اُنهن کي اُئي اِڇا اُنوسار درلڀ ڌن پراپت ٿيندو آهي.“

”پاڻي ڪڏهن آسمان مان ڪرندو آهي تہ ڪڏهن کوٽڻ سان پاتال مان نڪري ايندو آهي. تنهن ڪري ڀاڳہ تي ڀروسو نہ رکي هميشہ پرشارٿ ڪرڻ کپي.“

”ماڻهوءَ کي پرشارٿ سان اُئي پوري سڦاتا ملندي آهي. ’نصيب يا ڀاڳہ‘ بہ ماڻهوءَ جو اَڻ ڏٺل ڳڻ آهي يعني اُهو بہ سندس اڳئين جنم جو پرشارٿ آهي.“

”همت وارا ماڻهو پراڻن جي پرواهہ نہ ڪري جوکائتا ڪم ڪندا رهندا آهن. اُنهن جي اِها هامت بيشڪ عجب ۾ وجهندڙ آهي.“

”جيستائين پنهنجي سرير کي ڪشٽ نہ ڏبو تيستائين دنيا جا قسمين قسمين سک پراپت نہ ٿيندا. وشنو ڀڳوان بہ جڏهن مڌو دئيت کي ماريو ۽ سمنڊ کي ولوڙڻ ڪري سندس ٻانهون ٿڪجي پيون تڏهن اُئي لڪشميءَ کي گلي سان لڳائي سگهيو.“

”پاڻيءَ ۾ رهي بہ جو هميشہ چار مهينا سال ۾ آرام ڪندو تو رهي اُهو پلي تہ نرسنگهہ روپ ڌارڻ ڪري تہ بہ سندس اِستري (لڪشمي) چنچل ڪئن نہ ٿيندي؟*“

---

*آکاڙ مهيني ۾ جيڪا ايڪادشي (گيارس) ايندي آهي اُن کي ديوشئني ڏالي سان سڏبو آهي ۽ پراڻن ۾ ڪٿائون آهن تہ اُن ڏينهن کان وشنو کير ساگر ۾ چئن مهينن لاءِ وڃي آرام ڪندو آهي ۽ وري ڪتيءَ مهيني جي پربوڌني ايڪادشيءَ ڏينهن ننڊ مان اُٿندو آهي. چؤماسو بہ اِنهن مهينن ۾ ٿيندو آهي. هن سلوڪ جو مطلب اِهو آهي تہ چاڪاڻ تہ وشنو چار مهينا آلسي ٿي ننڊ ۾ تو ڪري تنهن ڪري سندس اِستري آهڙي چنچل آهي.

...نهن مٿو پٽڻ لڳي. جڏهن سندس پٽ پڪيا ڪري موٽيو
...ڏهن پٽ جي شوڪ ۾ دکي ٿيل اِستريءَ کيس چيو ته ”اڄ
...لالچي! ٿوري جي ڪري تو منهنجي ڳالهه نه مڃي. اسانجي
...مت جي رکيا ڪندڙ پنهنجي ٻئي پٽ نور جي حياتيءَ ڪان
اسانکي همت ڏوڻا پيا. اُن جو هاڻي نتيجو ويهي ڏس. چو
...جو چيل آهي ته:-

”لالچ بلڪل ڇڏي نه ڏجي، پر تمام گهڻي لالچ به
ڪرڻ نه گهرجي. ڏاڍي لالچي ماڻهوءَ جي مٿي ۾ چڪر
پيو گهمندو آهي.“

براهمڻ چيو ته ”اِهو ڪئن؟“
براهمڻيءَ چيس ته ”ٻڌ ته ٻڌايانءِ.“

٢. چڪرڌر جي آکاڻي

ڪنهن شهر ۾ براهمڻن جا چار پٽ رهندا هئا جن جي
پاڻ ۾ ڏاڍي مترتا هئي، غريبيءَ جي ڪري چئني ملي پاڻ
۾ صلاح ڪئي ته ”هن غريبيءَ کي ڌڪار هجي! چو جو:-
”مٽن مائٽن جي وچ ۾ ڪنگال ٿي رهڻ کان بهتر آهي
ته چيتن ۽ هاٿين واري ۽ ڪنڊن سان ڀريل ٻن ۾ وڃي
رهجي جتي ڪو ماڻهو به نه هجي ۽ گاهه جي سيجا
تي سمهي ڇوڏن جا ڪپڙا پائي گذر ڪجي.
”جنهن وٽ پئسو نه هوندو آهي اُهو جيتوڻيڪ پنهنجي
مالڪ جي پريم سان شيوا ڪندو آهي ته به مٿس مو ڇڙا
پيا پوندا آهن، سندس ويجها عزيز ڪانئس پري پيا ڀڄندا،
سندس گڻن جو ڪير قدر ڪو نه ڪندو، پٽ کيس
ڇڏي ويندا، سٺي ڪٽنب مان شادي ڪيل اِستري
به سندس پوري شيوا نه ڪندي، سندس مصيبتون
وڌنديون وينديون، نيتي پسند ڪندڙ ۽ همت وارا مت...
به سندس اوڏو ڪين ايندا آهن.

ڪنهن وقت پنهنجي سياڻپ جي وس تي منهنجي پٽ کي ڪو نقصان نه پهچائي. چئو جو چيل آهي ته:-

"پنهنجو پٽ پلي ته نالائق، مغرور، بدشڪل، مورک، خراب عادتن وارو ۽ دشٽ هجي ته به هردي ۾ آنند پيدا ڪندڙ ٿيندو آهي.

"ماڻهو چوندا آهن چندن سيتل ٿيندو آهي پر پٽ جي لڱن کي ڇهڻ سان چندن کان به وڌيڪ سيتلتا ملندي آهي.

"ماڻهو پنهنجي مترن پتان، گهٽگهري ۽ مالڪ جو بندن ايترو پسند نه ڪندو آهي جيترو ڪ پنهنجي پٽ جو."

هڪ ڏينهن بستري تي پنهنجي پٽ کي سمهاري خالي دلو کڻي براهمڻيءَ پنهنجي پتيءَ کي چيو ته "مان پاڻي ڀرڻ لاءِ تلاءَ تي ٿي وڃان. تون هن نور کان ٻار جي سنڀال ڪج." براهمڻي وئي ته براهمڻ به گهر اڪيلو ڇڏي ڀکيا پنڻ لاءِ ٻاهر ويو. انهيءَ وچ ۾ هڪ ڪارو نانگ ٻر مان ٻاهر نڪري آيو. [illegible] ڏسي سمان براهمڻ جي پٽ کي بچائڻ لاءِ نور پنهنجي [illegible] نانگ سان زبردست مقابلو ڪيو ۽ آخر ڪيس ٽڪر ٽڪر ڪري ماري ڇڏيائين. سندس وات ۽ چنبا رت سان ڀرجي ويا. براهمڻيءَ کي پنهنجي بهادري ڏيکارڻ لاءِ هو گهر مان نڪري ٻاهر ٿي ويٺو. براهمڻي جڏهن پاڻيءَ جو دلو ڀري موٽي ۽ نور کي رت سان رنگيل ڏٺائين ته سمجهيائين ته ضرور نور منهنجي سڪيلڌي پٽ کي ماري وڌو آهي. انهن سمجهي اهو پاڻيءَ جو دلو وڃي نور جي مٿان ڦٽو ڪيائين جنهن ڪري نور اتي مري ويو. نور کي ماري هوءَ ڊوڙندي ڪندي جڏهن اندر گهڙي ته ڏٺائين ته سندس پٽ جي اڳيان نانگ ٽڪر ٽڪر ٿيو پيو آهي. اهو ڏسي براهمڻي

جي گهر ۾ مون اهڙي گهٽنا ڏٺي هئي.“ حجام جيڪي مٽي پدر سيٺ جي گهر ۾ ڏٺو هو سو ڪين ورٽن ڪري ٻڌايو. اِنهيءَ تي نياياڌيش مٽي پدر سيٺ کي گهرائي ڪانئس پڇيو ته ”اڙي سيٺ، تو جيئن ساڌوءَ کي پنهنجي گهر گهرائي ڪيس چوماري ڇڏيو آهي؟“ اِنهيءَ تي مٽي پدر سيٺ پنهنجي سپني واري سموري حقيقت بيان ڪري ٻڌائي.“ اِنهيءَ تي هنن چيو ته ”بي سمجهيءَ سان نقل ڪندڙ هن حجام کي ڦاسيءَ تي چاڙهيو وڃي.“ حجام کي ڦاسيءَ تي چاڙهي هنن چيو ته:-

”جيڪي ڪجهه چڱيءَ طرح نه ڏٺل آهي، پوريءَ طرح
جاچل نه آهي، هڪ جو ٻيو ٻڌل آهي ۽ اُلٽي نموني
چيل آهي اُهو جيئن هڪ حجام ڪيو تيئن ڪنهن سياڻي
ماڻهوءَ کي نه ڪرڻ کپي.“

هي ٻه نيڪ چيل آهي ته:-

”سوچ ويچار کانسواءِ ڪو، ڪم نه ڪرڻ کپي. نه ته
ڪري پوءِ ڪم ڪجي نه ته اِئين پڇتائڻو پوندو
جيئن هڪ براهمڻيءَ کي ڪنهن نور جي لاءِ.“

مٽي پدر چيو ته ”اِهو ڪيئن؟“
نياياڌيش چيو ته ”ٻڌ ته ٻڌايانءِ.“

١. براهمڻيءَ ۽ نور جي آکاڻي

ڪنهن شهر ۾ ديوشرما نالي هڪ براهمڻ رهندو هو. سندس اِستريءَ کي هڪ پٽ ڄائو. اُنهيءَ ڏينهن هڪ نور جي ماديءَ به ٻار ڄڻيو پر هوءَ ويم ۾ ئي مري وئي. براهمڻي اُنهيءَ نور جي ٻچي کي به هر روز کير پيئاريندي هئي ۽ اِنهيءَ طرح به سندس پنهنجي پٽ وانگيان چڱيءَ طرح سنڀال ڪندي هئي. پر ڪيس اُنهيءَ تي وشواس ڪونه هو. هميشه سندس اندر ۾ ڪتڪو رهندو هو ته متان

جو جين ساڌن جي آشرم جي ٻاهرين دروازي وٽ اچي بيٺو مهاتمائون جئن مذوڪري ڪرڻ لاءِ ٻاهر نڪتا تئن هيءَ سندن چرڻن تي ڪري پيو ۽ کين چيائين ته ”ڪرپا ڪري اڄ مون وٽ ڀوڄن پايو.“ مهاتمائون به روماڻ ۽ ڪپڙن جي لالچ تي پنهنجن ٻين شردالو ڀڳتن کي ڇڏي حجام جي پوئتان تي هليا. ڇو جو چيل آهي ته:-

”هيءُ کهڙو نه عجيب تماشو آهي جو گهر ٻار ڇڏي اڪيلو گذاريندڙ، ڪوبه برتن پاڻ وٽ نه رکي هٿن ۾ ماني جهلي کائڻ وارا ۽ پاڻي پيئڻ وارا ۽ بدن تي ڪوبه ڪپڙو نه پائيندڙ به ترشنا ۾ ڦاسي پوندا آهن.

”پوڙهي ماڻهوءَ جا وار اڇا ٿي ويندا آهن، سندس ڏند ڪمزور ٿي ويندا آهن، سندس اکيون ۽ ڪن ڪيس ڪم ڪرڻ کان جواب ڏئي ڇڏيندا آهن پر سندس ترشنا تڏهن به جوان هوندي آهي.“

جڏهن مهاتمائون سندس گهر پهتا تڏهن کين اندر وهاري دروازو وٺي بند ڪيائين ۽ وٺو سندن کوپريون ڏنڊي سان ڪٽيندو. ڪي ته مري ويا. ڪيترن جي مغز مان رت ريلا ڪري وهڻ لڳو ته ٻين وٺي هاءِ گهوڙا مچائي. رڙ هيٺ رڙ مٿي پئي سڄي شهر ۾ گوڙ مچي ويو. ڪوتوال پنهنجي سپاهين کي هنگامي جي جاچ ڪرڻ لاءِ موڪليو ته هنن ڏٺو ته ڪي ننگ ڌڙنگ جيني ٻاوا سڄا رت ۾ ٻڏا پيا آهن ۽ پيا هيڏانهن هوڏانهن ڀڄن. سپاهين اچي ڪاڻ پيا ڪئي. هنن حجام واري، ساري روئداد کين ٻڌائي. سپاهي حجام کي ٻوڙيءَ سان ٻڌي ساڌن سان ڏڏ ڪيس ڪچهريءَ ۾ وٺي آيا.

نياياڌيش حجام کان پڇيو ته ”تو هي اترت جو ڪم ڇو ڪيو آهي؟“ حجام چيو ته ”مان ڇا ڪريان؟ مٺي پدر سيٺ جي

جون سنايل آهيون. هڪ دفعو ئي اڪيون ڪولي اسان
کي پنهنجيءَ نظر سان نهال ته ڪر. اسان جي رکيا
ڪرڻ ۾ تون سمرٿ آهين. تنهن هوندي به تون اسان
جو بچاءُ نٿو ڪرين. تو جهڙو پيو نردئي پلا ڪير هوندو؟
اهڙو پرڪاشمان جيئن جو ڀڳوان مهاوير توهان جي رکيا
ڪري."

اهڙيءَ طرح اُستتيءَ جا سلوڪ اُچارڻ ڪري پرڏان مهنت
جي پرسان وجي ڪيس ڏاڍيءَ نمرتا سان وندنا ڪيائين.
مهنت به آشيرواد ڏئي ڪيس ڌرم جو اُپديش ڪيو.
حجام ڏاڍيءَ شرڌا سان مهنت کي پرارٿنا ڪئي ته "هي
سوامي، اڄ سموري ساڌو منڊليءَ سان هن داس جي گهر
کي پنهنجي چرڻ ڪملن سان پوتر ڪريو ۽ اُتي پوڄن پائي
مونکي ڪرتارٿ ڪريو." جنهن منيءَ ڪيس چيو ته "اڙي
شرڌالو! ڇا اسان کي بانيڻ سمجهيو آهي جو نوتو ڏيڻ آيو
آهين؟ اسين ته مقرر وقت تي مڌوڪريءَ (ڀڪيا) لاءِ نڪرندا
آهيون. جيڪو شرڌالو منهن سامهون اچي ويندو آهي اُن وٽ
بلڪل سادو ۽ سوڪيم ڪاڌو رڳو پراڻن جي هلڻ لاءِ کائيندا
آهيون. تنهن ڪري هنان هليو وڃ. وري اهڙي ڳالهه نه ڪج."
تنهن تي حجام ڪيس چيو ته "هي سوامي! مون کي توهان جي
ڌرم جي ڪافي ڄاڻ آهي. توهان جا ته گهڻيئي شرڌالو ڀڳت
آهن. توهين اُنهن وٽ پيا لنگهي وڃو. پر مون به ڪيتري
عرصي، کان توهان جي ڌرمي گرنٿن تي پيتا چاڙهڻ لاءِ قيمتي
رومال تيار ڪري رکيا آهن. گرنٿن جو اُتو ڪرائڻ لاءِ ليکڪ
کي اُجورو ڏيڻ لاءِ رقم به پاسيري ڪري رکي آتم. باقي
توهان جي ڪرپا درشتيءَ جي ضرورت آهي." اِئين چئي
حجام پنهنجي گهر اچي هڪ ڪمرو جي وڻ جو مضبوط ڏن
تيار ڪيو ۽ گهر جا دروازا بند ڪري پوري ڏيڍ ٻجي منجهه

شڪل سون جي ٻير ۾ بدلجي ويئي. سيٺ اهو ڏن گهر جي اندر پنهنجي ڪمري ۾ لڪائي ڇڏيو ۽ حجام کي ڪجهه خرچي ۽ ڪپڙا ڏيئي ڪيس چيائين ته ”هيءَ ڳالهه ڪنهن سان نه ڪج.“

حجام پنهنجي گهر اچي ويچار ڪرڻ لڳو ته ”هنن ننڱن سادن کي جيڪڏهن مٿي تي لٺ هڻبي ته هو سون جي شڪل ۾ بدلجي ويندا. تنهن ڪري سياڻپ گهڻن اُن مٿي ڪوڙيان سادن کي گهرائي ڪين ڏنڊن سان ماريندس ته جهجهو اُن سون تي پوندو.“ انهيءَ اڻ تڻ ۾ سندس رات ڏاڍيءَ مشڪلات سان گذري. صبوح ٿيندي اُن هو جين سادن جي هڪ وڏي آشرم ۾ وڃي پردان مهنت کي ٽي دفعا پرڪرما ڪري، ڌرتيءَ تي گوڏا کوڙي، وات جي اڳيان ڪپڙي جو پلاند جهلي وڏي واڪي سان هيٺيون سلوڪ پڙهڻ لڳو:-

”جين ڌرم جي گياني پرشن جي جئه هجي! سندن من ۾ ڪام جي واسنا اُئين پيدا نه ٿي ٿئي جئن غير آباد کلراٺي زمين ۾ سلو.“

۽ پڻ

”جيب اُهائي آهي جا مهاوير جين ڀڳوان جي اُستتي تي ڪري، من اُهو چڱو جو هميشه سندس ڏيان ۾ رتو رهي ۽ هٿ اُهيئي، واڪاڻ جوڳا آهن جي سندس پوڄا ڪندا ٿا رهن.

”مار (ڪامديو) جون اپسرائون سماڌيءَ ۾ ويٺل مهاوير جين ڀڳوان جي اڳيان تيسي مان اچي چوڻ لڳيون ته ’اڪيون بوتي ڏيان جو يونگه ڪري کهڙيءَ ڪامنيءَ جو من ۾ ويچار ڪري رهيو آهين؟ اسين ڪام ديو

جي روپ ساڌوءَ جين پدمنديءَ *پدم سپني ۾ ويئي. اچي بد
ڪر. نه چنتا تون سيٺ! هي” ته چيو ڏيئي درشن ڪيس
پرشارٿ پنهنجي ۾ روپ جي پدمنديءَ پڙاڏن ڏاڏن نهنجن
مان ۾ پيش جي ساڌوءَ هن هو. ڪيو گڏ ڪمائي مونکي سان
منهنجي سان ڏنڊي ڪنهن اينداس. گهر تنهنجي جو صبوح
۾ شڪل جي سون مان ته ڪيجانءِ وهائي ڏڪ تي مٿي
ڪڏهن جو هوندو گهٽو ته اينرو سون اهو ويندس. بدلجي
ڪتندو ئي نه.“

يادگيريءَ جي سپني ڪيس ته جاڳيو مان ننڊ جڏهن جو صبوح
هميشه پلا مان تيندو؟ سچو پلا سپنو هيءُ اڙي! ”ورايو. اچي
قسم اُن به سپنا ڪري تنهن رهان تو ڪندو چنتا جي ڏن
ته:- آهي چيل جو چو نڪرندا؟ ڪين سچا پلا اهي ڏسان. تو جا
ماڻهو، گهيرل سان چنتائن تيل، ڏکي ۾ شوڪ بيمار،“
ڪي اُن آهي ڏسندو سپنو جيڪو منتانو ءِ برش ڪامي
آهي.“ هوندي نه معنيٰ به ڪا

تيل زخمي جي پيرن پنهنجي اِستريءَ جي سيٺ ۾ اينري
ئي اُنهيءَ گهرايو. کي حجام لاءِ لڳائڻ (ملم) مرهم کي تنهن
وارو شڪل ساڳيءَ تنهن هو ڏنو ۾ سپني جنهن سيٺ وقت
پد مٿي ٿيو. برگهٽ اچي اڳيان سندس اوچتو ساڌو جين
لٺ پيل پرسان ڪيس ڪري ياد ڳالهه واري سپني به سيٺ
سندس پيوءِ ڪري تي ترتيءَ هڪدم ساڌو ڪيئي. وهائي

*هڪ جي اڳيان پندرهن ٻڙيون ڏيڻ سان جيڪا ر...
نهي تنهن کي پدمندي (خزانو) چئبو آهي: جئن ته ايڪ
ڏهاڪا، سؤ، هزار، ڏهه هزار، لک، ڏهه لک، ڪرو...
ڏهه ڪروڙ، ارب، ڏهه ارب، کرو، ڏهه کرو، نکر...
ڏهه نکروءِ پدم.

ننڊ اَچي ويئي. سپني ۾ *پدمنڌيءَ جين ساڌوءَ جي روپ ۾ کيس درشن ڏيئي چيو تہ ”هي سيٺ! تون چنتا نہ ڪر. تنهنجن ڏاڏن پڙڏاڏن پدمنڌيءَ جي روپ ۾ پنهنجي پرشارٿ سان مونکي ڪمائي گڏ ڪيو هو. هن ساڌوءَ جي ويش ۾ مان صبوح جو تنهنجي گهر ايندس. کنهن ڏنڊي سان منهنجي مٿي تي ڌڪ وهائي ڪڍجانءِ تہ مان سون جي شڪل ۾ بدلجي ويندس. اهو سون ايترو تہ گهڻو هوندو جو ڪڏهن کٽندو ئي نہ.“

صبوح جو جڏهن ننڊ مان جاڳيو تہ کيس سپني جي يادگيريءَ اچي ورايو. ”اڙي! هيءُ سپنو ڀلا سچو ٿيندو؟ مان ڀلا هميشہ ڌن جي چنتا ڪندو ٿو رهان تنهن ڪري سپنا بہ اُن قسم جا ٿو ڏسان. اهي ڀلا سچا ڪٿان ٿيندا؟ چئو جو چيل آهي تہ:-

”بيمار، شوڪ ۾ دکي ٿيل، چنتائن سان گهيريل ماڻهو،
ڪامي پرش ۽ مستانو جيڪو سپنو ڏسندو آهي اُن کي
ڪا بہ معنيٰ نہ هوندي آهي.“

ايتري ۾ سيٺ جي استريءَ پنهنجي پيرن جي زخمي ٿيل ننهن کي مرهم (ملم) لڳائڻ لاءِ حجام کي گهرايو. اُنهيءَ ئي وقت سيٺ جنهن سپني ۾ ڏٺو هو تنهن ساڳيءَ شڪل وارو جين ساڌو اوچتو سندس اکيان اچي پرگهٽ ٿيو. مٿي پدر سيٺ بہ سپني واري ڳالهہ ياد ڪري کيس پرسان پيل لٺ وهائي ڪڍي. ساڌو هڪدم ڌرتيءَ تي ڪري پيو ۽ سندس

*هڪ جي اڳيان پندرهن ٻڙيون ڏيڻ سان جيڪا رقم ٿئي تنهن کي پدمنڌي (خزانو) چيو آهي، جنهن تہ ايڪا، ڏهاڪا، سؤ، هزار، لک، ڏهہ لک، ڪروڙ، ڏهہ ڪروڙ، ارب، ڏهہ ارب، کرو، ڏهہ کرو، نکرو، ڏهہ نکرو ۽ پدم.

آپريڪشت ڪارڪ

آپريڪشت ڪارڪ (ٻنا وياپاري ڪم ڪرڻ) نالي
جون تنتر شروع ٿو ڪجي جنهنجو پهريون سلوڪ هيءُ آهي:-

”جيڪي ڪجهه چڱيءَ طرح ڏٺل نه آهي، پوريءَ طرح
ڇاڻل نه آهي، هڪ جو ٻيو بدل آهي ۽ اُلٽي نموني ڇيل
آهي اُهو جئن هڪ حجام ڪيو تئن ڪنهن سياڻي ماڻهوءَ
کي نه ڪرڻ کپي.“

اِنهيءَ باري ۾ ٻڌو ويو آهي ته ڏاکڻي ملڪ ۾ پاٽلي پٽر
نالي هڪ شهر هوندو هو جتي مڻي ڀدر نالي ڪو سيٺ
رهندو هو. ڌرم، آرٿ، ڪام ۽ موکيه اِنهن چئني پدارٿن
جي پراپتيءَ لاءِ ڪرم ڪندي ڪم نصيبيءَ سان سندس خزانو
کٽي ويو. پئسي نه هئڻ ڪري سندس مان مرتبو به گهٽجي
ويو. هڪ دفعي رات جو کٽ تي ليٽي وچار ڪرڻ لڳو ته
هي ڪهڙي نه کنگالپڻي (ڪنگالپڻي) ڪي! ڇو جو چيل
”ڌن ڪار هجي هن نرڌنتا
آهي ته:-
”نرڌن ماڻهوءَ جي سٺي هلت، پوترتا، ڪميا، سخاوت،
زبان جو مٺاج ۽ خاندان ڪيس ڪنهن به طرح ناموري نه
ٻڌائيندا آهن.
”جڏهن ماڻهو ڪنگال ٿو ٿئي، تڏهن سندس آڪڙ
سومان، ڏاهپ، هوشياري، شؤق ۽ ذوق سڀ ڪافور
ٿي ويندا آهن.
”بسنت رت جون جڏهن هوائون لڳنديون آهن تڏ
سياري جي ٿڌ پاڻيهي گهٽجي ويندي آهي. آهڙ

اَپريکشت ڪارڪ

اَپريکشت ڪارڪ (بنا ويچاري ڪم ڪرڻ) نالي پنڇون تنتر شروع ٿو ڪجي جنهنجو پهريون سلوڪ هيءُ آهي:-

"جيڪي ڪجهه چڱيءَ طرح ڏٺل نه آهي، پوريءَ طرح جاچيل نه آهي، هڪ جو ٻيو ٻڌل آهي ۽ اُلٽي نموني چيل آهي اهو جيئن هڪ حجام ڪيو تئن ڪنهن سياڻي ماڻهوءَ کي نه ڪرڻ کپي."

اِنهيءَ باري ۾ ٻڌو ويو آهي ته ڏاکڻي ملڪ ۾ پاٽلي پتر نالي هڪ شهر هوندو هو جتي مڻي ڀدر نالي ڪو سيٺ رهندو هو. ڌرم، اَرٿ، ڪام ۽ موڪش اِنهن چئني پدارٿن جي پراپتيءَ لاءِ ڪرم ڪندي ڪرم نصيبيءَ سان سندس خزانو کٽي ويو. پئسي نه هئڻ ڪري سندس مان مرتبو به گهٽجي ويو. هڪ دفعي رات جو کٽ تي ليٽي ويچار ڪرڻ لڳو ته "ڌڪار هجي هن نرڌنتا (ڪنگالپڻي) کي! چيو جو چيل آهي ته:-

"نرڌن ماڻهوءَ جي سڀني هلت، پوترتا، ڪميا، سخاوت، زبان جو ميٺاج ۽ خاندان ڪيس ڪنهن به طرح نامور نه بڻائيندا آهن.

"جڏهن ماڻهو ڪنگال ٿو ٿئي تڏهن سندس آڪڙ، سومان، ڏاهپ، هوشياري، شوق ۽ ذوق سڀ ڪافور ٿي ويندا آهن.

"بسنت رت جون جڏهن هوائون لڳنديون آهن تڏهن سياري جي ٿڌ پاڻيهي گهٽجي ويندي آهي. اهڙيءَ

آپريڪشٽ ڪارڪ

آپريڪشٽ ڪارڪ (بنا ويچاري ڪم ڪرڻ) نالي پنجون تنتر شروع ٿو ڪجي جنهنجو پهريون ساوڪ هيءُ آهي:-

”جيڪي ڪجهه چڱيءَ طرح ڏٺل نه آهي، پوريءَ طرح ڇاڻل نه آهي، هڪ جو پيو پڌل آهي ۽ اُلٽي نموني ڇيل آهي اهو جيئن هڪ حجام ڪيو تئن ڪنهن سياڻي ماڻهوءَ کي نه ڪرڻ کپي.“

اِنهيءَ باري ۾ پڌو ويو آهي ته ڏاکڻي ملڪ ۾ پاٽاليپٽر نالي هڪ شهر هوندو هو جتي مڻيڀدر نالي ڪو سيٺ رهندو هو. ڌرم، ارٿ، ڪام ۽ موڪيه اِنهن چئني پدارٿن جي پراپتيءَ لاءِ ڪرم ڪندي ڪم نصيبيءَ سان سندس خزانو کٽي ويو. پئسي نه هئڻ ڪري سندس مان مرتبو به گهٽجي ويو. هڪ دفعي رات جو کٽ تي ليٽي ويچار ڪرڻ لڳو ته ”ڌڪار هجي هن نردنتا (ڪنگالپڻي) کي! چو جو چيل آهي ته:-

”نردن ماڻهوءَ جي سڀئي هالت، پوترتا، کميا، سخاوت، زبان جو ميٺاج ۽ خاندان کيس ڪنهن به طرح نامور نه بڻائيندا آهن.

”جڏهن ماڻهو ڪنگال ٿو ٿئي، تڏهن سندس آکڙ، سومان، ڏاهپ، هوشياري، شوق ۽ ذوق سڀ ڪافور ٿي ويندا آهن.

بسنت رت جون جڏهن هوائون لڳنديون آهن تڏهن سنياري جي ٿڌ پاڻيهي گهٽجي ويندي آهي. اهڙيءَ

تەتر پەجون

آپریکشت کارک

ڪري ڇڏي جنهن ڪري ڪتا عام جام مرڻ لڳا. چترانگ
ن ڀي ڪنهن شهر ڏانهن هليو ويو. اُتي ڪنهن شاهوڪار
ي اِستري ڏاڍي بي پرواه هوندي هئي تنهن ڪري هو
ندن گهر ۾ گهڙي انيڪ قسمن جا طعام پيو کائيندو هو. پر
ڏهن اُن گهر مان ٻاهر نڪرندو هو تڏهن ٻيا ڪتا ڪيس
راڻي ويندا هئا ۽ ڏندن سان چڪ پائي زخمي ڪري ڇڏيندا
هئس. اِنهيءَ تي هن ويچار ڪيو ته "پنهنجو ديس ئي ڀلو
آهي جتي ڏڪار پوڻ تي به وقت سکه سان پيو گذرندو آهي.
اُتي ڪو هن نموني وراڻي ڪونه ويندو آهي، تنهن ڪري
مان پنهنجي شهر ڏانهن موٽي هلندس." اِهو ويچار ڪري
پنهنجي شهر ۾ موٽي آيو. سندس مٽن مائٽن کانئس پڇيو ته
"هي چترانگ! ٻاهران جو موٽيو آهين، اُتان جو حال احوال
ته ڏي. اُهو ملڪ ڪئن آهي؟ کاڌو ڪهڙي قسم جو کائيندو
هئين؟ ماڻهو توسان ڪئن هلندا هئا؟" چترانگ ڪين چيو ته
"پرديس جون توهان سان ڪهڙيون ڳالهيون ڪريان؟

"پرديس ۾ نگر جون ناريون ڍليون هونديون آهن ۽ کائڻ
لاءِ سٺا طعام ملندا آهن پر هڪ ئي اوڻائي آهي جو
پنهنجيءَ ذات وارا برخلافي ڪندا رهندا آهن."

واگهوءَ به اِهو ٻڌي مرڻ مارڻ لاءِ تيار ٿي ٻاندر کان
موڪلائي پنهنجي گهر ڏانهن روانو ٿيو. اُتي پنهنجي گهر تي
قبضو ڪيل واگهوءَ سان جنگ جوٽي ڪيس ماري ڇڏيائين
پوءِ پاڻ سکه سان رهڻ لڳو.

هيءَ ڳالهه ٺيڪ چيل آهي ته:-

"پوڙهي ڍڳي کي هڏ هلائڻ کانسواءِ جيڪو به گاهه ملن
آهي اُهو پيو کائيندو آهي؛ اهڙيءَ طرح پرشارت کانس
پراپت ٿيل لڪشميءَ کي به ڪا اهميت نه آهي."

ڀڄڻو هجيئي ته ڀڄ، جيئن اچڻي ٿو پيو." اهو ٻڌي چيتو پنهنجي جان بچائي اتان ڀڳو. ڇمرڙل چمڙيءَ مان گدڙ ماس کائڻ شروع ڪيو ته هڪ ٻيو گدڙ اچي اتي نڪتو. ان کي طاقت ۾ پاڻ جيترو ڄاڻي ڀورڙي گدڙ هي شلوڪ پڙهيو:-

"سرواڻ پرش اُپاءَ لهي، ڀلادرن کي پاڻ ۾ وڙهائي،
نيچ ماڻهوءَ کي ڪجهه ڏيئي، هڪ جيتري طاقت واري
سان دوبدو مقابلو ڪجي."

انهيءَ ڪري ڏندن سان ئي آيل گدڙ جو مقابلو ڪري کيس جهٽ پٽي پري ڀڄائي ڪڍيائين ۽ پوءِ سُک سان ڏينهن تائين هاٿيءَ جو ماس کائيندو رهيو.

باندر واڳونءَ کي چيو ته "انهيءَ ڪري تون پنهنجي ساڳيءَ ذات واري دشمن سان جنگ ڪري کيس ڀڄائي ڪڍ. نه ته هن حالت ۾ جي سندس پاڙ پٽجي ٿي ويئي ته هو تنهنجي ٻچاڻي ڪري ڇڏيندو. جو جو چيل آهي ته:-

"ڳائين مان مال متاع جي اميد رکڻ کپي، براهمڻن مان تپسيا
جي ۽ نارين مان چنچلتا جي ۽ پنهنجي ذات وارن مان
ڊپ جي اميد رکڻ کپي."

ٻيو به ٻڌ.

"پرديس ۾ گهڻن نارين ڏٺيون هونديون آهن ۽ کائڻ لاءِ
سٺا طعام ملندا آهن پر هڪ ئي اوڻائي آهي جو پنهنجيءَ
ذات وارا ڪرڙائي ڪندا رهندا آهن."

واڳونءَ چيو ته "اهو ڪيئن؟"

باندر چيو ته "ٻڌ ته ٻڌايانءِ."

١١. هڪ ڪتي جي آکاڻي

ڪنهن شهر ۾ چترانگم (ٽڪ ٽڪ ٽائين واري) نالي هڪ ڪتو رهندو هو. اتي ڏاڍو ڏڪر آيو. پوءِ ماڻهن ڪتن کي جوڙت ڏيڻ

سيني واگهن جو نالو نشان مٽائي ڇڏيان. هن کان اڳ هڪڙي واگهه منهنجي شڪار تيل هاٿيءَ کي ڪائي جونو ڪري ڇڏيو هو." اُنهيءَ ڏينهن کان وٺي مان واگهن تي ڏاڍو ناراض آهيان." اِهو ٻڌي واگهه ڏاڍو ڏهاڄي ويو ۽ کيس چيائين ته "هي ياٽيڄا! مونکي جيءَ دان ڏي. شينهن هتي اچي ته گهٽي وقت ڪانپوءَ ٻه ساڻس منهنجي اچڻ جي ڳالهه نه ڪج." اِئين چئي هو پڇي هليو ويو.

واگهه جي وڃڻ ڪانپوءَ هڪ چيتو اُنهيءَ هنڌ آيو. هن کي ڏسي گدڙ من ۾ خيال ڪيو ته "چيتي جا ڏند مضبوط ٿيندا آهن. هن کان هاٿيءَ جي چمڙي چيرائي وٺان!" اِهو ويچار ڪري هن چيتي کي چيو ته "ياٽيڄا! تون گهڻن ڏينهن ڪانپوءَ مليو آهين. ڪيو ٻيو نظر اچين. تون ته منهنجو مهمان آهين. هن هاتيءَ کي شينهن ماريو آهي؛ اُن مونکي هن جي سنڀال لاءِ هتي ويهاريو آهي. جيستائين شينهن اچي تيستائين هاٿيءَ کي ٻه چار چڪ هڻي ٻؤ تي سندس ماس کائي وٺ." چيتي کيس چيو ته "ماما! جيڪڏهن اِها ڳالهه آهي ته مان هاٿيءَ جي ماس کائڻ جي ضرورت نه ٿو سمجهان. حياتي آهي ته ماڻهوءَ کي سوين سک پيا ملندا. چيو ڇو چيل آهي ته:-

"ماڻهوءَ کي اهوئي ڀوڄن ڪرڻ کپي جيڪو کائي سگهي،
کائڻ ڪانپوءَ پچائي سگهي ۽ جو پچڻ ڪانپوءَ سندس
تندرستي وڌائي."

اِنهيءَ لاءِ ڪاڏو اُهو کائڻ جڳائي جيڪو کائڻ جي لائق هجي. تنهن ڪري مان هتان پڇي ٿو وڃان." گدڙ کيس چيو ته "اَڙي ڀ جٽا! تون بي فڪر ٿي کاءُ. پري کان ئي ڏسي گهڻو اڳ مان توکي شينهن جي اچڻ جي خبر ڏيندس." چيتو گدڙ جي ڳالهين ۾ اچي ويو ۽ هاٿيءَ جي چمڙيءَ ۾ چڪ وجهي اُن کي چيرائين مس ته گدڙ کيس چيو ته "اَڙي ياٽيڄا!

ته به گاهه ڪڏهن به ڪانه کائيندو آهي.”

ائين ڪري هن مٺل هاٿي مان ٽوڪي بخشش ڪري ڇڏيائين.” اهو ڏسي ڳڙدڙ ڪيس چيو ته ”مالڪن کي نوڪرن سان اهڙي ئي هلت هلائڻ گهرجي. چيو ويو آهي ته:-

”اُتم سمي اچڻ تي به نرمل ڪُلن وارا مالڪ پنهنجون خاصيتون ڇڏي نه ڏيندا آهن. سنگهه کي باهه ۾ ساڙي باهر ڪڍبو ته به اُهي جو اُهوئي رهندو.”

شينهن جي وڃڻ کانپوءِ هڪ واگهه انهيءَ هنڌ آيو. اُن کي ڏسي ڳڙدڙ دل ۾ چيو ته ”شينهن جهڙي ظالم کي ته مون آڙي ٽياڙي ڪري ٽاري ڇڏيو پر واگهه ته زبردست جانور آهي. ڪپت ڪانسواءِ هن سان پڄي نه سگهبو. چيو ويو آهي ته:-

”جتي سام ۽ دام نيتيءَ جو پرڀوگ نه ٿي سگهي اتي ڪپت کان ڪم وٺجي. ڪپت سان ئي سڀ ڪجهه سڌو ڪري سگهبو آهي.”

ماڻهوءَ ۾ سڀيئي سٺا گڻ هجن ته به ڪيس ڪپت سان ڦاسائي سگهبو آهي. چيو ويو آهي ته:-

”صاف، سُٺي، چمڪندڙ، اوجل ۽ گول موتيءَ سان به جڏهن ڀيد نيتي اختيار ڪبي آهي (ڪيس ٽنگ ڪبو آهي) تڏهن ڪيس ڌاڳي ۾ پوئي سگهبو آهي.”

اهو ويچار ڪري ڪياڙي مٿي ڪري هٿڪيءَ سان ڳڙدڙ واگهه کي چيو ته ”اڙي ماما، توکي ڪهڙيءَ ڪتيءَ کنيو آهي جو هتي ڪاليءَ موت جي منهن ۾ آيو آهين؟ هن هاٿيءَ کي شينهن ماريو آهي. مونکي هن جي سنڀال لاءِ هتي ويهاري پاڻ نديءَ تي سنان ڪرڻ ويو آهي. ويندي وقت مونکي ٻڌائي ويو آهي ته ”جيڪڏهن ڪو واگهه هتي اچي نڪري ته مونکي چپ چاپ ۾ اطلاع ڏج ته هن ٻيلي ۾

پرش مهاتما سڏيندا آهن.“

اِهو ٻڌي باندر چيو ته ”هي پيارا، جيڪڏهن اِئين آهي ته تون ساڻس وڃي مقابلو ڪر. ڇو جو:-

”جنگ ڪرڻ ڪري توکي ٽئو فائدو رسندو. جي مري وئين ته سڌو سرڳ ۾ ويندين، پر جنگ کٽي جيئرو هوندين ته گهر ۾ واپس ملندءِ جس ۾ تيندءِ.

”سريشٽ پرشن اڳيان نمي، ڀهادرن کي ڀاڄڙ وجڙائي، نيچ ماڻهوءَ کي ڪجهه ڏيئي هڪ جهڙي طاقت واري سان دوبدو مقابلو ڪجي.“

واگهوءَ چيو ته ”اِهو ڪئن؟“

باندر چيو ته ”ٻڌ ته ٻڌايانءِ.“

١٠. گدڙ ۽ شينهن جي آکاڻي

ڪنهن بن ۾ مهاچترڪ (ڏاڍو چالاڪ) نالي هڪ گدڙ رهندو هو. هڪ لڳا هن پياي ۾ هڪ مئل هاٿي ڏٺو. سندس چوڌاري هو ٻيو ڦيرا پائي. ڇڪ وجهي سندس چمڙي چيري نه ٿي سگهيو. ايتري ۾ هڪ شينهن گهمندو ڦرندو اچي اُتان لانگهائو ٿيو. شينهن کي ڏسي گدڙ ڌرتيءَ تي مٿو نوائي، هٿ ٻڌي نيزاريءَ سان کيس چيو ته ”هي سوامي! مان توهان جو چوڪيدار آهيان. توهان جي لاءِ مان هن هاٿيءَ جي مٿان پهروڏئيرهيو آهيان. هي منهنجا مالڪ! توهان هن کي انگيڪار ڪريو.“ گدڙ کي نئڙت سان پريل ڏسي شينهن کيس چيو ته ”مان ٻي جو ماريل شڪار نه کائيندو آهيان. ڇو جو چيل آهي ته:-

”خانداني ماڻهوءَ کي ڪيترا به ڪشٽ ڏسڻا پون ته به هو نيتيءَ ۽ مريادا جي رستي کان ٻاهر نه ويندو آهي، جئن جانورن جو ماس کائيندڙ شينهن ڪيترو به بکيو هجي

وڃي ٿي گھنڊلي وڄائيندو ٿيو اچي. جيڪڏهن ڪنهن شڪاري جانور جي نظر پئي ويو ته ٻنهي جي ڇيائيءَ تان هٿ ڌوئي ويندس.“ اِها ڳالهه سمجهي ٻوڙي سنڌس ڏيان تي آندي ۽ تنهن ٻڌي اُلٽي ڪري ڇڏي.

اُنهيءَ ئي ڪري شينهن گھنڊليءَ جو آواز ٻڌي ڏٺو ته ٻوڙي جو ڏڍو ڪٿي نظر آيو. اُنهن مان هڪڙو گوڏو نچندو ٽپندو ۽ وليون ڇڙندو ٻنهي رڇي وڃي ويو هو. سنڌس پيا ساٿي ٽلاءَ تان ڳالهه ٻڌي رمندا رهيا. آڪياو رهيل ٻوڙو رستو پڇي پيو. ڪيس سڌو ڏڍو ملي نه پيو. دانهون ڪوڪون ڪندو جنهن اڳتي وڌيو ته اُهو شينهن گهنڊليءَ جي آواز تي سنڌس ڪڍ لڳو آيو. ويجهو اچي شينهن ٻوڙي کي اڇيءَ لي ڇنبو وهائي ڪڍيو ۽ هڪ ئي ڏڪ سان سنڌس کيل ختم ڪري ڇڏيائين.

اِنهيءَ ڪري مان چوان ٿو ته ”هٺ ۽ آڪڙ وچان جيڪي ڏنگن ماڻهن جي نيڪ صلاح جي پيروي نه ڪندا آهن اُنهن جو اِنهن حالمو ٿيندو آهي جنهن هڪ اُٺ جو شينهن جي هٿان.“

اِهو ٻڌي واگهوڙءَ چيو ته ”هي مترا!

”نيتي شاستر ۽ ودوانن جو چوڻ آهي ته جنهن سان ست پير گڏجي هلجي اُهو متر ٿي پڪو. اِنهيءَ ڪري مترتا جي ناتي مان جيڪي چوان ٿو سو ٻڌ.

”اُپديش ڏيندڙ ۽ ٻين جي ڀلائي چاهيندڙ ماڻهن کي هن لوڪ توڙي پرلوڪ ۾ ڏک جي پراپتي نه ٿيندي آهي.“

تنهن ڪري جيتوڻيڪ مان گڏيلين ۽ پاپي آهيان تڏهن به اُپديش ڏيڻ جي ڀون تي ڪري ڪر. جو جو چيل آهي ته:-

”ڀلائي ڪندڙن سان جيڪو چڱيءَ طرح هلندو آهي اُن جي ڀل ماڻهوءَ کي اُتر وڙن نه آهي. جيڪو ڀلائي ڪندڙن سان چڱا پير ڀرڻندو آهي اُنکي لي سرشت

ٻرش مهاتما سڏيندا آهن."

اِهو ٻڌي ٻاندر چيو ته "هي پيارا، جيڪڏهن اِئين آهي ته توهان ساڻس وڙهي مقابلو ڪريو، ڇو جو:-

"جنگ ڪرڻ ڪري توکي ٻٽو فائدو رسندو. جي مري وڃين ته سڌو سرڳ ۾ ويندين، پر جنگ کٽي جيترو هوندين ته گهر به واپس ملندءِ جس به ٿيندءِ.

"سريشٽ پرشن اڳيان نمي، بهادرن کي پاڻ ۾ وڙائي، نيچ ماڻهوءَ کي ڪجهه ڏيئي هڪ جهڙي طاقت واري سان ڏو بدو مقابلو ڪجي."

واگهوءَ چيو ته "اِهو ڪيئن؟"

ٻاندر چيو ته "ٻڌ ته ٻڌايانءِ."

١٠. گدڙ ۽ شينهن جي آکاڻي

ڪنهن بن ۾ مهاچترڪ (ڏاڍو چالاڪ) نالي هڪ گدڙ رهندو هو. هڪ لڳا هن پيلي ۾ هڪ مئل هاٿي ڏٺو. سندس چوڌاري هو پيو ڦيرا پائي. ڇڪ وجهي سندس چمڙي چيري نه ٿي سگهيو. ايتري ۾ هڪ شينهن گهمندو ڦرندو اچي اتان لانگهائو ٿيو. شينهن کي ڏسي گدڙ ڌرتيءَ تي متو نوائي، هٿ ٻڌي نيزاريءَ سان کيس چيو ته "هي سوامي! مان توهان جو چوڪيدار آهيان. توهان جي لاءِ ئي مان هن هاٿيءَ جي مڙان پهروڏئي رهيو آهيان. هي منهنجا مالڪ! توهان هن کي اَنگيڪار ڪريو." گدڙ کي نمرت سان پيرپل ڏسي شينهن کيس چيو ته "مان ٻين جو ماريل شڪار نه کائيندو آهيان، ڇو جو چيل آهي ته:-

"خانداني ماڻهوءَ کي ڪيترا به ڪشٽ ڏسڻا پون ته به هو نيتيءَ ۽ مزيادا جي رستي کان ٻاهر نه ويندو آهي، جئن جانورن جو ماس کائيندڙ شينهن ڪيترو به بکيو هجي

ويٺي ڏٺائين ته ويچارو ليو آهي. جيڪڏهن ڪنهن شڪاري
جانور جي نظر پئي ويو ته بيچاريءَ جياپيءَ تان هٿ ڌوئڻا
پوندس.“ اِها ڳالهه سوچي توڙن سندس ڏيان تي آڻيدي ٻُر
ٽڙ تي اُڏي اُڀڙي ڪري چڙهي.

اُتيءَ ئي ڪنهن شينهن ڪِهنڊليءَ جو آواز ٻڌي ڏٺو ته
اوڏي جو ڏٺو ڪيس نظر آيو. اُنهيءَ ماڻ هڪڙو ٽوڏو ٽهندو ٽهندو
۽ ولهون ڇوندو اُنيان رهجي ويو هو. سندس ٻيا ساٿي تلاءَ تان
ڊاڪي ڏي رمندا رهيا. اڪيلو رهيل ٽوڏو رستو ڀلجي پيو. ڪيس
ڪڏو ڏنهن ملي نه پيو. دانهون ڪوڪون ڪندو جنهن اڳتي
وڌيو ته اُهو شينهن ڪهنڊليءَ جي آواز تي سندس ڪڍ لڳو
آيو. ويجهو اچي شينهن ٽوڏي کي ڳچيءَ ۾ چنبو وجهائي
ڪڍيو ۽ هڪ ئي ڌڪ سان سندس ڪيل ختم ڪري ڇڏيائين.

اِنهيءَ ڪري ماڻ چوان ٿو ته ”هٺ ۽ آڪڙ وچان جيڪي
چڱن ماڻهن جي نيڪ صلاح جي پيروي نه ڪندا آهن اُنهن
جو اِهين حالُ ٿيندو آهي جهڙو هن اُٺ جو شينهن جي هٿان.“
اِهو ٻُڌي واڳوءَ چيو ته ”هي مترا!

”نيتي شاستر ۽ وِدوانن جو چوڻ آهي ته جنهن سان ست
پير گڏجي هلجي اُهو متر ٿي چڪو. اِنهيءَ ڪري
مترتا جي ناتي ماڻ جيڪي چوان ٿو سو ٻُڌ.

”اُپديش ڏيندڙ ۽ ٻين جي ڀلائي چاهيندڙ ماڻهن کي هِن
لوڪ توڙي پرلوڪ ۾ ڏک جي پراپتي نه ٿيندي آهي.“

تنهن ڪري جيتوڻيڪ ماڻ ڪرتگهڻ ۽ پاپي آهيان تڏهن
۾ اُپديش ڏيڻ جي ٻول تي ڪرپا ڪر. ڇو جو چيل آهي ته:-

”ڀلائي ڪندڙن سان جيڪو چڱيءَ طرح هلندو آهي اُن
جي ڀل ماڻسيءَ کي ايترو وزن نه آهي. جيترو ڀلائي
ڪندڙن سان چڱا پير پرائيندو آهي اُنکي ئي سرايشٽ

جنم ڏنائين. رات ڏينهن اُهي پن ۽ ڏيلهون سندس اڳيان رکيا هوندا هئا. ڏاچيءَ جو بدن ورڻ لڳو ۽ سندس توڏو بہ چڱو قد ڪيڻ لڳو. واڍو روز ڏاچيءَ جو کير ڏهي وڪڻي پنهنجي گهر جي پاتين جو قوت گذران ڪيندو هو. واڍي پريم وچان توڏي جي ڳچيءَ ۾ هڪ گهنبڻي ٻڌي ڇڏي.

واڍي اِن ڪان پوءِ ويچار ڪيو تہ "بين ننڍن ننڍن ڪمن ڪرڻ مان ڪهڙو فائدو؟ هڪ ڏاچيءَ جي پالنا سان منهنجي سڄي گهر جي آجيوڪا چڱيءَ طرح نڪري ٿي سگهي تہ ٻئي ڪنهن ڪم ۾ پنهنجي ٽنگ ڇو اڙايان؟" اِهو ويچار ڪري هن پنهنجيءَ گهرواريءَ کي چيو تہ "هي روزگار ڏاڍو فائدي وارو آهي. منهنجي مرضي آهي تہ ڪنهن سيٺ کان روپيا اُڌارا وٺي ڏاچي خريد ڪرڻ لاءِ گجرات وڃان. جيستائين مان موٽان تيستائين هن ڏاچيءَ ۽ توڏي جي توڪي سنڀال ڪرڻي پوندي." هو گجرات مان ٻي ڏاچي خريد ڪري آيو. سندس ڀاڳ اڇي ڀليرو ٿيو. اُنهن ٻن ڏاچين مان اُنن ۽ توڏن جو هڪ چڱو خاصو ڌڻ ٿي پيو. اُنن جي سنڀال لاءِ هن هڪ نوڪر رکيو جنهن کي پگهار ۾ سال ۾ هڪ توڏو ۽ هرروز کيس پيئڻ لاءِ صبوح ۽ شام جو ڏاچيءَ جو کير ڏيندو هو. اهڙيءَ طرح اُهو واڍو اُنن جي واپار سان پنهنجو وقت سک سان گذارڻ لڳو.

اُنن جا توڏا پرسان واري جهنگ ۾ صبوح جو چرڻ ويندا هئا. ولين، ڏيلهون، وڻن جا پن ۽ گاهہ ڍَوَ تي کائي، وڏي تلاءَ مان پاڻي پي، پاڻ ۾ رانديون رونديون ڪندا، شام جو گهر موٽندا هئا. پهرينءَ ڏاچيءَ مان پيدا ٿيل پهريون توڏو جنهن جي ڳچيءَ ۾ واڍي گهنبڻي ٻڌي هئي اُهو آڪڙ وچان اڪيلو سڀني جي پٺيان پيو ايندو هو. اِنهيءَ تي بين توڏن چيو تہ "هي بيوقوف توڏو اسان جي جهنڊ کان ڌار ٿي تو رهجي

ڪم هو. جيئن ڪ نيڪ اِستري سڀ کي پياري هوندي آهي تيئن هوندي به اِستريءَ جي چوڻ تي مترن ۽ مٽن مائٽن کي سمنڌ ۾ ڦٽو نه ڪبو آهي. اڙي مورک! تنهنجيءَ مورکتا جي ڪري ئي تنهنجو ناش ٿيندو ۽ اِئين مون اڳيئي توکي ٻڌائي ڇڏيو آهي. جيئن ته:-

"هنن ۽ آڪڙ وچان جيڪي چڱن ماڻهن جي نيڪ صلاح جي پيروي نه ڪندا آهن اُنهن جو اِئين خاتمو ٿيندو آهي جيئن هڪ اُٺ جو شينهن جي هٿان."

واڳونءَ چيو ته "اِهو ڪيئن؟"

بانڊر چيو ته "ٻڌ ته ٻڌايانءِ."

۹. گهنڊڙي ٻڌل اُٺ جي آکاڻي

ڪنهن شهر ۾ اُجُوَلَڪ (اُڇو اُجرو) نالي گاڏين جوڙيندڙ رهندو هو. غريبيءَ کان تنگ اچي هن ويچار ڪيو ته "ڌڪار هجي هن ڪنگالپڻي کي! شهر جا سيئي ماڻهو پنهنجي ڪم ڪار ۾ لڳل آهن پر منهنجي لاءِ هن شهر ۾ ڪو ڪم ئي نه آهي. سيني کي چئوماڙ گهر آهن پر مونکي رهڻ لاءِ پورو مڪان به نه آهي. هن واڍڪي ڪم مان ڪهڙو فائدو ٿيڻو آهي؟" اِهو خيال ڪري هو اُهو شهر ڇڏي ٻئي ڪنهن هنڌ وڃي رهيو. هڪ لڳا جهنگ ۾ گهمندي هن هڪ اُٺ جي مادي ڏٺي جا پنهنجي قافلي کان ڇنڻي رهجي ويئي هئي ۽ کيس ويم جا سور ستائي رهيا هئا. اُنهيءَ گريوٺيءَ اُٺ جي ماديءَ کي پڪڙي کيس پنهنجي ڏيري تي وٺي آيو. کيس نوڙيءَ سان ٻڌي اُتي ٻيهاري ڇڏيائين. کهاڙي کڻي هو پهاڙي جهنگل مان نرم ڏيلهن وارا پن وڍي مٿي تي کڻي آيو ۽ ڏاچيءَ جي اڳيان اچي رکيائين. ڏاچي جيئن ڏاڍي مزي سان ڏيري ڏيري اُهي پن کائڻ لڳي تيئن هڪ توڏي کي

وٺي، ۽ منهنجي گهر تي دشمن قبضو ڪري ويٺو آهي.
اڳتي الاجي اڃا ڇا ٿيڻو آهي؟"

هيءَ ڳالهه به ٺيڪ ڇيل آهي ته:-

"هڪ ڏڪ جي پرنتان ٻيا ڏڪ به لڳندا ويندا آهن.
ڪاڏي جي ختم ٿي وڃڻ تي بک وڌيڪ چٽي ٿيندي
آهي. مشڪلات جي وقت دشمن وڌي ويندا آهن.
اُلٽي نصيب هڻڻ تي ماڻهن سان اهڙيون ئي عقوبتون
ٿينديون آهن."

هاڻي مان ڇا ڪريان؟ هن سان ڪٺن وڃي وڙهان؟ سام
نيتي (شانتيءَ جون ڳالهيون ڪرڻ) سان ڪانئس پنهنجو گهر
واپس وٺان، يا ڀيد نيتيءَ يا ڊنڊ نيتيءَ جو آسرو وٺان؟ يا
پنهنجي متر ٻاندر کان پڇان. ڇو جو ڇيل آهي ته:-

"ڀلائي چاهيندڙ، صلاح ڏيڻ جي لائق وڏن کان پڇي
جيڪو ڪم ڪبو آهي اُن ۾ وگهن نه پوندو آهي."

اِهو ويچار ڪري ڄمونءَ جي وڻ تي ويٺل ٻاندر کان
هن وري پڇيو ته "هي مترا منهنجي بدنصيبي ڏس. هڪ
ٻيو ٻلوان واگهوُ منهنجي گهر تي قبضو ڪري اچي ويٺو آهي.
تنهن ڪري مان توکان پڇڻ آيو آهيان ته مان ڇا ڪريان. هن
حالت ۾ سام، دام، وغيره اُپائن مان ڪنهنجو پرايوگ ڪرڻ
ٺيڪ ٿيندو؟" تنهن تي ٻاندر کيس چيو ته "هي ڪرتگهن!
منهنجي منع ڪرڻ تي به تون منهنجي پرنتان ڇو ٿو پوين؟ تو
جهڙي مورک تي منهنجيءَ سکيا جو ڪو اُثر نه ٿيندو." اِهو
ٻڌي واگهوءَ کيس چيو ته "مون اُپراڌيءَ جي ڀورين ڀرلم ڪي
ياد ڪري تون مونکي اُپديش ڏي." ٻاندر چيس ته "مان
توکي ڪجهه نه ٻڌائيندس. پنهنجيءَ اِستريءَ جي چوڻ تي
مونکي سمنڊ ۾ ٻوڙڻ لاءِ وٺي ٿي هلئين. اِهو هڪ نيچتا جو

Shrimati & Shri Khatumal. N. Chhatwani

request the pleasure of your company

on the auspicious occassion of

the marriage of their son

ANAND

with

HARSHA

(D/o Shri Kishinchand

M. Makhija)

&

the sacred thread ceremony

of their son

RAJAN

On Tuesday, the 2nd. March
1976 from 7 to 9 P.M. at
Shri Mahaveer Digambar
Jain H.S School Hall Jaipur

With best compliments from :

Relatives

PROGRAMME

9, Anand Bhawan
…Nagar Jaipur-302004

…ay, the 1st March 1976
…TAN 3 P.M.

…nesday, 3rd March 76
…AD CEREMONY…

”هي بياري، نديءَ ۾ نه ڪپڙا آلا ٿي ويندا. تنهن ڪري جيڪي بدن تي ڪپڙا پيا آهن سي به لاهي ڏي جئن نديءَ ۾ تون سولائيءَ سان هلي سگهين.“ عورت ائين ڪيو ۽ اهو ننگي سڀ مال متاع ۽ ڪپڙا کڻي رمندو رهيو.

ڪرميءَ جي زال ڪناري تي پنهنجي پريميءَ جي انتظار ۾ ويٺي هئي ته هڪ گدڙي وات ۾ هڪ ماس جي لوٿ وجهي اُن طرف آئي. ايتري ۾ نديءَ مان مڇي ٻاهر نڪري ڪناري تي اچي پيئي. گدڙي لوٿ کي ڇڏي مڇيءَ ڏانهن وڌي. ٻئي جو هڪ ڳجهه سا لوٿ کڻي اڏامي ويئي. هوڏانهن گدڙي مڇيءَ وٽ پهتي مس ته مڇي پاڻيءَ ۾ ڪسڪي هلي ويئي. سندس محنت وئرٿ ڏسي اُنهيءَ ننگيءَ استريءَ گدڙيءَ کي چيو ته:-

”ڳجهه ماس جي لوٿ کڻي هلي ويئي. مڇي پاڻيءَ ۾ گهڙي ويئي. مڇي ۽ لوٿ ٻنهي کي هٿان وڃائي هي گدڙي! تون هينئر ڇا ويٺي ڏسين؟“

اِهو ٻڌي اُن عورت کي پنهنجي پتيءَ، ملڪيت ۽ پريميءَ کان الڳ ٿيل ڏسي گدڙيءَ سندس چٿر ڪندي چيو ته:-

”جيتري مون ۾ چالاڪي آهي، اُن کان ٻيڻي تو ۾ آهي. پر تنهنجو پريمي ۽ پتي ٻنهي مان هڪ به ڪونهي. هي ننگي عورت! هينئر تون ڏسين ڇا ويٺي؟“

واڳهو جئن اِها آکاڻي ٻڌائي رهيو هو تئن ٻئي هڪ ساموندي جانور اچي کيس چيو ته ”ٻي هڪ وڏي واڳهوءَ تنهن جي گهر تي قبضو ڪري ڇڏيو آهي.“ اِهو ٻڌي، من ۾ دکي ٿي پنهنجي دشمن کي گهر کان ٻاهر ڪيڻ جو اُپاءُ سوچيندي هن چيو ته ”هاءِ منهنجي بد بختي!“

”منهنجو متر شترو ٿي پيو، اِستري موت جي

۾ هڪ وچار ڦريو ته هن چيتي جي کل لاهي گڏه جي مٿان وجهي کيس رات جو جوئن جي ٻنيءَ ۾ ڇڏي ڏيندس ته ڪڙمي سندس ڏپ کان ٻاهر نه نڪرندا.“ هن پنهنجي ويچار کي عمل ۾ آندو. رات جو گڏه جي مٿان چيتي جي کل وجهي کيس جوئن جي ٻنين ۾ ڇڏي ڏيندو هو ۽ صبوح جو کيس پنهنجي گهر وٺي ويندو هو. اهڙيءَ طرح ڪجهه ڏينهن گذريا ته گڏه هڪدم تازو توانو ۽ ٿلهو متارو ٿي پيو ۽ کيس گهڙ ۾ وٺي وڃڻ لاءِ ڌوبيءَ کي زور کان ڪم وٺڻو پوندو هو. هڪ ڏينهن پري کان هن هڪ ماديءَ (گڏه) جي هينگ ٻڌي. هو ٻه جواب ۾ زور سان پنهنجي سريلي هينگ ڏيڻ کانسواءِ رهي نه سگهيو. ڪڙمين جو هينگ جو آواز ٻڌو ته لٺيون، ڇڙيون ۽ ڀالا کڻي آيا ۽ چيتي جي کل سان ڍڪيل گڏه کي ڏسي کيس اتي ئي پورو ڪري ڇڏيائون.

تنهن ڪري مان چوان ٿو ته:-

”چيتي جي کل سان ڍڪيل، خوفناڪ شڪل واري، لڪي بيٺل گڏه زبان تان ظاهر وجائي ويٺو ۽ موت جي منهن ۾ اچي ويو.“

واگهوءَ جڏهن باندر سان ڳالهيون ڪري رهيو هو تڏهن هڪ سامونڊي جانور اچي کيس خبر ڏني ته ”اڙي واگهوءَ! تنهنجي استريءَ جڏهن اَن جل وڃائڻ ڇڏي ڏنو هو اُها پريم جو پورو اُجورو نه ملڻ ڪري ۽ تنهنجي دير لڳائڻ ڪري مري ويئي.“

اِهو ٻڌي واگهوءَ جي مٿان ڄڻ ته وڄ ڪري پيئي. هو وياڪل ٿي زار زار روئڻ لڳو ۽ چيائين ته ”اڙي هيءَ منهنجي قسمت ڪٿي ڪري بيٺي؟ هيءَ ڪهڙي مصيبت اچي ڪڙڪي؟ چيو جو:-

”جنهن جي گهر ۾ ماتا ۽ مٺو ٻوليندڙ پتني نه آهي اُن

کي جهنگ ۾ هليو وڃڻ کپي ڇو جو اُن جي لاءِ جهنگ ۾ گهر هڪ جهڙا آهن."

تنهن ڪري هي منهنجا مترا! تون مونکي ڪميا ڪر. مون تنهنجو وڏو اَپراڌ ڪيو آهي. هاڻي مان سندس وڇوڙي ۾ جيڙي پاڻ کي آگ ۾ جلائي ڇڏيندس."

اِهو ٻڌي باندر کيس کلي چيو ته "اَڙي مورک، اِهو ته مان اڳيئي سمجهي ٿي سگهيس ته تنهنجيءَ اِستريءَ توکي ڇڏي ڪنيو پنهنجي جار ۾ ڦاسائي پنهنجي آڌين ڪري ڇڏيو آهي. اِنهيءَ ڳالهه جي هاڻي توکي پوريءَ طرح خاطري ٿي. اَڙي ڪم عقل! خوشيءَ جي موقعہ تي تون غم ڇو ٿو ڪرين؟ اهڙيءَ زال مان ڇوٽڪاري ملڻ ڪري ته توکي پرسن ٿيڻ گهرجي. ڇو جو:-

"جيڪا اِستري دشٽن وانگيان هلت چلت ڪندي هجي ۽ جنهنکي رڳو وڙندو ٿي جهيڙو هجي اها ماڻهوءَ کي جلد ئي دکدائي ٻڍاپي ۾ آڻي ڇڏيندي آهي.

"تنهن ڪري هن دنيا ۾ جيڪو پنهنجو ڀلو چاهي اُن کي کپي ته اَهڙين دشٽ اِسترين جي نالي کان به پري ڀڄي

"دشٽ اِستريءَ جي جيڪي من ۾ هوندو آهي اُهو جيڀ تائين نه آڻيندي آهي. جيڪي جيڀ تي هوند اُتس اُهو ٻاهر نه ٻاڦيندي آهي. جيڪي هوءَ چوندي آهي سو ڪندي ڪونه آهي. اِسترين جو سڀاءُ عجيب ٿيندو آهي.

"اِسترين جو ليائيندڙ چمڪو ڏسي جيڪي سنڌن او ويندا آهن اُهي اُئين ناس ٿي ويندا آهن جئن ڏ جي لاٽ تي پتنگ.

"جوان اِستريون لعلڙين وانگيان ٻاهران ڏسڻ ۾ سهڻ

۾ هڪ ويچار ڦريو ته هن چيتي جي کل لاهي گڏه جي مٿان وجهي کيس رات جو جوَن جي ٻنيءَ ۾ چڏي ڏيندس ته ڪڙمي سندس ڊپ کان ٻاهر نه نڪرندا.“ هن پنهنجي ويچار کي عمل ۾ آندو. رات جو گڏه جي مٿان چيتي جي کل وجهي کيس جوَن جي ٻنين ۾ ڇڏي ڏيندو هو ۽ صبوح جو کيس پنهنجي گهر وٺي ويندو هو. اهڙيءَ طرح ڪجهه ڏينهن گذريا ته گڏه هڪدم تازو توانو ۽ ٿلهو متارو ٿي پيو ۽ کيس ڪُڙهه ۾ وٺي وڃڻ لاءِ ڌوٻيءَ کي زور کان ڪم وٺڻو پوندو هو. هڪ ڏينهن پري کان هن هڪ ماديءَ (گڏهه) جي هينگ ٻڌي. هو به جواب ۾ زور سان پنهنجي سريلي هينگ ڏيڻ کانسواءِ رهي نه سگهيو. ڪُڙمين جو هينگ جو آواز ٻڌو ته لٺيون، ڇڙيون ۽ ڀالا کڻي آيا ۽ چيتي جي کل سان ڍڪيل گڏهه کي ڏسي کيس اتي ئي پورو ڪري ڇڏيائون.

تنهن ڪري مان چوان ٿو ته:-

”چيتي جي کل سان ڍڪيل، خوفناڪ شڪل واري،
لڪي ويٺل گڏهه زبان تان ضابطو وڃائي ويٺو ۽ موت
جي منهن ۾ اچي ويو.“

[illegible] جڏهن باندر سان ڳالهيون ڪري رهيو هو تڏهن هڪ
[illegible] جانور اچي کيس خبر ڏني ته ”اڙي واگهوُ! تنهنجي
[illegible] اَن جل ورتائڻ ڇڏي ڏنو هو اُها پريم جو پورو
[illegible] ڪري ۽ تنهنجي دير لڳائڻ ڪري مري ويئي.“

[illegible] جي مٿان ڄڻ ته وڄ ڪري پيئي. هو
[illegible] لڳو ۽ چيائين ته ”اڙي هيءَ منهنجي
[illegible]؟ [illegible] کهڙي مصيبت اچي ڪڙڪي؟

[illegible] ٻوليندڙ ٻتني نه آهي اُن

صبوح جو دربار ۾ راجا وٽ جڏهن ورڇي آيو تڏهن راجا کانئس پڇيو ته "اڙي ورڇي! ٻي موقعه هيءَ مٿو ڇو ڪوڙايو آئيڻي؟ اُن ٻي هن جواب ڏنو ته:-

"استرين جي چوڻ تي ماٿهو ڇا نه ٿو ڪري ۽ ڪين ڇا نه ٿو ڏي؟ ڙال جي چوڻ تي ماٿهو گهوڙي وانگيان هٽڪار ۾ ڪندو آهي ته موقعي نه هوندي ۾ مٿو ڪوڙائيندو آهي."

اڙي دشت واگهوُا تون ۾ ننڊ ۽ ورڇيءَ وانگيان پنهنجيءَ استريءَ جي قبضي ۾ اچي ويو آهين. هي پيارا، تو مونکي مارڻ جي سازش سٽي هئي پر تنهنجيءَ ٻڪواد جي ڪري سمورو راز کلي پيو. ڇو جو ليڪ چيل آهي ته:-

"زبان تي ظابطو نه هئڻ ڪري طوطو ۽ مئنا پڃرن ۾ ڦاسي پوندا آهن پر ٻگهه پکين کي ڪوبه نه ڦاسائيندو آهي. تنهن ڪري چپ ڪرڻ ڪري سڀ ڪارج راس ٿيندا آهن."

ٻيو جو چيل آهي ته:-

"چيتي جي کل سان ٻڪيل، خوفناڪ شڪل واري، لڪي ٻيٺل گڏهه زبان تان ظابطو وڃائي ويٺو ۽ موت جي منهن ۾ اچي ويو."

واگهوءَ چيو ته "اهو ڪئن؟"

باندر چيو ته "ٻڌ ته ٻڌايانءِ."

٧. گڏهه ۽ ڌوٻيءَ جي آکاڻي

ڪنهن شهر ۾ شُڌ پٽ (صاف ڪپڙن وارو). نالي هڪ ڌوٻي رهندڙ هو. هن وٽ فقط هڪ ئي گڏهه هو. گاهه پٺي نه ملڻ ڪري هو ڏاڍو ڪمزور ٿي پيو هو. اُنهيءَ ڌوٻيءَ جهنگ ۾ گهمندي هڪ مئل چيتو ڏٺو. اِن ڪري سندس من

واگهہ چيو تہ ”اِهو ڪئن؟“
بانڊر چيس تہ ”ٻڌ تہ ٻڌايان ٿو.“

٦. نند ۽ وررچيءَ جي آکاڻي

مهاٻلوان ۽ شڪتي شالي نند نالي هڪ راجا هوندو هو جنهن جي راڄ جي حد سمنڊ تائين پکڙيل هئي. سرءُ جي چنڊ وانگيا اُن جو نرمل جس چوڌاري ڦهليل هو. گهڻيئي راجائون جڏهن سندس چرڻن تي اچي مٿو نوائيندا هوا تڏهن اُنهن جي مٿي جي مڪٽن جي هيرن جواهرن مان نڪرندڙ روشنيءَ جي ڪرڻن ڪري سندس پيرن هيٺان رکيل صندلي رنگين نظر ايندي هئي. سندس منتري وررچي هو جو پڙهيل سڀني شاسترن ۾ ماهر ۽ راڄ نيتيءَ ۾ پارنگت هو. هڪ دفعي هن پنهنجيءَ استريءَ کي پيار ۾ ڪيو تہ هوءَ ساڻس رسي ويئي. هن کيس پرچائڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪئي پر هوءَ سرچي ئي نہ. آخر سندس پتيءَ کيس چيو تہ ”هي پياري، تون جنهن ڳالهہ ۾ خوش ٿين اُها مان ڪرڻ لاءِ تيار آهيان.“ تنهن تي سندس اِستريءَ کيس ڏيرج سان چيو تہ ”جيڪڏهن تون مٿو ڪوڙائي منهنجي پيرن تي اچي رکندين تہ مان خوش ٿينديس.“ منتريءَ ائين ڪيو ۽ هوءَ بہ ٺهڪ ڏئي کاڻ لڳي.

اُهڙيءَ طرح راجا نند جي راڻي بہ ساڻس رسي ويئي. راجا کيس گهڻوئي ليلايو پر هوءَ پرچي ئي نہ. راجا کيس تنهن تي چيو تہ ”هي پراڻ پياري! مان توکان سواءِ هڪ ڪن بہ جي نہ سگهندس. تنهنجيءَ پرسنتا لاءِ مان سڀ ڪجهہ ڪرڻ لاءِ تيار آهيان. جيڪي چئين سو مان ڪريان.“ راڻيءَ تنهن تي کيس چيو تہ ”جيڪڏهن وات ۾ لغام وجهي مونکي پنهنجيءَ پٺيءَ تي ويهڻ ڏين، مان توکي گهوڙي وانگيان هڪليان ۽ تون بہ گهوڙي وانگيان هڻڪار ڪرين تہ مان خوش ٿينديس.“ راجا ائين ڪيو ۽ راڻي بہ خوش ٿي.

صبوح جو ننڍڙو بر راجا وٽ جڏهن وزير آيو تڏهن راجا کانئس پڇيو ته ”اڙي وزير! تو موقعي سان مٺو ڇو ڪوڙايو آهي؟ اُن تي هن جواب ڏنو ته:-

”استرين جي چوڻ تي ماڻهو ڇا نه ٿو ڪري ۽ ڪين ڇا نه ٿو ڏئي؟ زال جي چوڻ تي ماڻهو گهوڙي وانگيان هڻڪار به ڪندو آهي ته موقعي نه هوندي به مٺو ڪوڙائيندو آهي.“

اڙي ننڍڙت وانگيا! توهان به ننڍ ۽ وزيرءَ وانگيان پنهنجيءَ استريءَ جي قبضي ۾ اچي ويو آهين. هي ٻڌي، تو موهڪي مارڻ جي سازش سٽي هئي پر پنهنجيءَ بڪواس جي ڪري سڄو راز نڪري پيو. ٻيو جو نيڪ چيل آهي ته:-

”زبان تي ضابطو نه هئڻ ڪري طوطو ۽ مينا پڃرن ۾ ڦاسي پوندا آهن پر بگهه ڪين ڪي ڪوبه نه ڦاسائيندو آهي. تنهن ڪري چپ ڪرڻ ڪري سڀ ڪارج راس ٿيندا آهن.“

ٻيو جو چيل آهي ته:-

”چيتي جي کل ساڻ ڍڪيل، خوفناڪ شڪل واري ۽ لڪي بيٺل گڏهه زبان تان ضابطو وڃائي وينو ۽ موت جي منهن ۾ اچي ويو.“

سواگتوءَ چيو ته ”اهو ڪيئن؟“

باندر چيو ته ”ٻڌ ته ٻڌايانءِ.“

٧. گڏهه ۽ ڌوٻيءَ جي آکاڻي

ڪنهن شهر ۾ شُڌپٽ (صاف ڪرڻ وارو) نالي هڪ ڌوٻي رهندو هو. هن وٽ فقط هڪ ئي گڏهه هو. گاهه پٽي نه ملڻ ڪري هو ڏاڍو ڪمزور ٿي پيو هو. اُنهيءَ ڌوٻيءَ جهنگ ۾ گهمندي هڪ مئل چيتو ڏٺو. ان ڪري سندس من

واڳهه چيو ته "اهو ڪيئن؟"
باندر چيس ته "ٻڌ ته ٻڌايانءِ."

٦. نند ۽ وررچيءَ جي آکاڻي

مهابلوان ۽ شڪتي شالي نند ناليءَ هڪ راجا هو نند و... جنهن جي راڄ جي حد سمنڊ تائين پکڙيل هئي. سرءُ جي ... وانگيا اُن جو نرمل جس چوڌاري ڦهليل هو. گهٽيئي راجائ... جڏهن سندس چرڻن تي اُچي مٿو نوائيندا هوا تڏهن اُنهن ج... مٿي جي مڪٽن جي هيرن جواهرن مان نڪرندڙ روشنيءَ ج... ڪرڻان ڪري سندس پيرن هيٺان رکيل صندلي رنگين نظ... ايندي هئي. سندس منتري وررچي هو جو ٻڌ سيني شاسترن ۾ ماهر ۽ راڄ نيتيءَ ۾ پارنگت هو. هڪ دفعي هن پنهنجيءَ استريءَ کي پيار ٻي ڪيو ته هوءَ ساڻس رسي وئي. هن کيس پرچائڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪئي پر هوءَ سرچي ئي نه. آخر سندس پتيءَ کيس چيو ته "هي پياري، تون جنهن ڳالهه ۾ خوش ٿين اُها مان ڪرڻ لاءِ تيار آهيان." تنهن تي سندس استريءَ کيس ڌيرج سان چيو ته "جيڪڏهن تون مٿو ڪوڙائي منهنجي پيرن تي اُچي رکندين ته مان خوش ٿينديس." منتريءَ ائين ڪيو ۽ هوءَ به ٺهڪ ڏئي کاڻ لڳي.

اهڙيءَ طرح راجا نند جي راڻي به ساڻس رسي وئي. راجا کيس گهڻوئي ليلايو پر هوءَ پرچي ئي نه. راجا کيس تنهن تي چيو ته "هي پراڻ پياري! مان توکان سواءِ هڪ گهڙي به جي نه سگهندس. تنهنجيءَ پرسنتا لاءِ مان سڀ ڪجهه ڪرڻ لاءِ تيار آهيان. جيڪي چئين سو مان ڪريان." راڻيءَ تنهن تي ...س چيو ته "جيڪڏهن وات ۾ لغام وجهي مونکي پنهنجيءَ ...يءَ تي ويهڻ ڏين، مان توکي گهوڙي وانگيان هڪاليان ۽ ...ن به گهوڙي وانگيان هڪار ڪرين ته مان خوش ٿينديس." ...ا ائين ڪيو ۽ راڻي به خوش ٿي.

صبوح جو دربار ۾ راجا وٽ جڏهن ورُڇي آيو تڏهن راجا کانئس پڇيو ته ”اَڙي ورڇي! بي موقعه هيءُ ڇو ڇو ڪوڙايو اَٿيئي؟ اُن تي هن جواب ڏنو ته:-

”اِسترين جي چوڻ تي ماڻهو ڇا نه ٿو ڪري ۽ ڪين ڇا نه ٿو ڏي؟ زال جي چوڻ تي ماڻهو گهوڙي وانگيان هڻڪار به ڪندو آهي ته موقعي نه هوندي به مٿو ڪوڙائيندو آهي.“

اَڙي دشت واڳهوا! تون به نند ۽ ورُڇيءَ وانگيان پنهنجيءَ اِستريءَ جي قبضي ۾ اَچي ويو آهين. هي پيارا، تو مونکي مارڻ جي سازش سٽي هئي پر تنهنجيءَ ٻڪواد جي ڪري سمورو راز کلي پيو. ڇو جو نيڪ چيل آهي ته:-

”زبان تي ضابطو نه هئڻ ڪري طوطو ۽ مئنا بندن ۾ ڦاسي پوندا آهن پر بگهه پکين کي ڪوبه نه ڦاسائيندو آهي. تنهن ڪري چپ ڪرڻ ڪري سڀ ڪارج راس ٿيندا آهن.“

ڇو جو چيل آهي ته:-

”چيتي جي کل سان ڍڪيل، خوفناڪ شڪل واري ۽ لڪي بيٺل گڏهه زبان تان ضابطو وڃائي ويٺو ۽ موت جي منهن ۾ اَچي ويو.“

واڳهوءَ چيو ته ”اِهو ڪئن؟“

باندر چيو ته ”ٻڌ ته ٻڌايانءِ.“

٧. گڏهه ۽ ڌوٻيءَ جي آڪاڻي

ڪنهن شهر ۾ شُڌ پٽ (صاف ڪپڙن وارو). نالي هڪ ڌوٻي رهندو هو. هن وٽ فقط هڪ ئي گڏهه هو. گاهه نه ملڻ ڪري هو ڏاڍو ڪمزور ٿي پيو هو. اُنهيءَ ڌوٻيءَ جهنگ ۾ گهمندي هڪ مئل چيتو ڏٺو. اِن ڪري سندس

واگهوءَ چيو تہ "اِهو ڪيئن؟"
باندر چيس تہ "ٻڌ تہ ٻڌايانءِ."

٦. نند ۽ وررُچيءَ جي آکاڻي

مهابلوان ۽ شڪتيشالي نند نالي هڪ راجا هوندو هو جنهن جي راڄ جي حد سمنڊ تائين پکڙيل هئي. سرءُ جي چنڊ وانگيا اُن جو نرمل جس چوڌاري ڦهليل هو. گهڻيئي راجائون جڏهن سندس چرڻن تي اَچي مٿو نوائيندا هوا تڏهن اُنهن جي مٿي جي مڪٽن جي هيرن جواهرن مان نڪرندڙ روشنيءَ جي ڪرڻائن ڪري سندس پيرن هيٺان رکيل صندلي رنگين نظر ايندي هئي. سندس منتري وررُچي هو جو ٻڌ سيني شاسترن ۾ ماهر ۽ راڄ نيتيءَ ۾ پارنگت هو. هڪ دفعي هن پنهنجيءَ استريءَ کي پيار ۾ ڪيو تہ هوءَ ساڻس رسي ويئي. هن کيس پرچائڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪئي پر هوءَ سرچي ئي نہ. آخر سندس پتيءَ کيس چيو تہ "هي پياري، تون جنهن ڳالهہ مِ خوش ٿيئن اُها مان ڪرڻ لاءِ تيار آهيان." تنهن تي سندس اِستريءَ کيس ڏيرج سان چيو تہ "جيڪڏهن تون مٿو ڪوڙائي منهنجي پيرن تي اَچي رکندين تہ مان خوش ٿينديس." منتريءَ ائين ڪيو ۽ هوءَ بہ ٺهڪ ڏئي کاڻ لڳي.

اهڙيءَ طرح راجا نند جي راڻي بہ ساڻس رسي ويئي. راجا کيس گهڻوئي ليلايو پر هوءَ پرچي ئي نہ. راجا کيس تنهن تي چيو تہ "هي پراڻ پياري! مان توکان سواءِ هڪ کن بہ جي نہ سگهندس. تنهنجيءَ پرسنتا لاءِ مان سڀ ڪجهہ ڪرڻ لاءِ تيار آهيان. جيڪي چئين سو مان ڪريان." راڻيءَ تنهن تي کيس چيو تہ "جيڪڏهن وات ۾ لغام وجهي مونکي پنهنجيءَ پٺيءَ تي ويهڻ ڏين، مان توکي گهوڙي وانگيان هڪليان ۽ تون بہ گهوڙي وانگيان هڻڪار ڪرين تہ مان خوش ٿينديس." راجا ائين ڪيو ۽ راڻي بہ خوش ٿي.

شهر ۾ اچي نڪتو. پنهنجي پتيءَ کي ڏسي اُنهيءَ ويچارڙي اِستريءَ راجا کي وڃي دانهن ڏني ته "هي راڄن، منهنجي پتيءَ جو ڪو دشمن آهي جو هتي اچي پهتو آهي." راجا پنهنجي ماڻهن کي حڪم ڏنو ته اُنهيءَ ماڻهوءَ کي هڪدم قتل ڪيو وڃي. براهمڻ کي جڏهن راجا جي اڳيان آندو ويو تڏهن براهمڻ کيس چيو ته "هي راجا، هن اِستريءَ وٽ منهنجي ڪا اَمانت آهي اُها مونکي موٽائي وٺي ڏيو. توهان ڌرماتما آهيو ۽ توهان وٽان نياءُ ماڻڻ جي پوري آشا آهي." راجا تنهن تي اُن اِستريءَ کي چيو ته "تو وٽ جيڪي هن براهمڻ جو هجي سو کيس موٽائي ڏينس." براهمڻيءَ تنهن تي کيس چيو ته "هي ديو، مون وٽ ته هن جو ڪجهه ب نه آهي." براهمڻ چيو ته "مان ٽي دفعا سنڪلپ ڪري پنهنجي عمر جو اَڌ هن کي ڏنو آهي. اُهو مونکي موٽائي ماڻ گهرجي." راجا جي ڊپ کان براهمڻي ب ٽي دفعا چيو ته "پنهنجي عمر موٽائي وٺ." هن جي اِئين چوڻ سان ئي براهمڻيءَ جو اُتي جو اُتي ساهه نڪري ويو. راجا وسميه ۾ پئجي براهمڻ کان پڇيو ته "هي ڇا ٿيو؟" اِنهيءَ تي براهمڻ کيس پنهنجو سمورو ورتانت ٻڌايو.

اِنهيءَ ڪري مان چوان ٿو ته "جنهن جي لاءِ مون پنهنجو سمورو ڪٽنب ڇڏيو ۽ پنهنجي عمر جو اَڌ کيس ڏئي ڇڏيو اُها مونکي ڇڏي هلي ٿي وڃي. ڪير اِسترين تي وشواس ڪندو؟"

باندر واڳوءَ کي چيو ته "ٻي ب هڪ عجيب ڪهاڻي ٻڌل آهي.

"اِسترين جي چوڻ تي ماڻهو ڇا نه ٿو ڪري ۽ ڪين ڇا نٿو ڏئي! ڌال جي چوڻ تي ماڻهو گهوڙي وانگيان هڻڪار ب ڪندو آهي ته موقعي نه هوندي ب مٿو ڪوڙائيندو آهي."

طرح هو جيترو وقت اُتي هئا اوترو وقت اُنهيءَ منڊي جي خاطرداري ڪندا رهيا. جڏهن هو اُتان رواني ٿيڻ تي هئا ته براهمڻيءَ پنهنجي پتيءَ کي چيو ته ”جڏهن توهين ڪيڏانهن هليا ٿا وڃو ته مونکي ڪو ڳالهائڻ ٻولهائڻ وارو ڪبي. تنهن ڪري هن منڊي کي ساڻ وٺي هلون.“ براهمڻ انهن تي ڪيس چيو ته ”مان پاڻ کي ۽ توکي ئي مشڪل سان سنڀالي ٿو سگهان ته هن منڊي کي ڪيئن سنڀالي سگهبو؟“ براهمڻيءَ چيو ته ”مان هن کي پيتيءَ ۾ وجهي کڻي هلنديس.“ موت جي منهن مان بچي نڪتل استريءَ جي ڳالهه براهمڻ کي رکڻي پئي.

هڪ دفعي ڪنهن کوهه جي پر ۾ جڏهن ٽيئي ڄڻا وينا هئا تڏهن منڊي کي پيار ڪندڙ اُنهيءَ براهمڻيءَ پنهنجي پتيءَ کي کوهه ۾ وٺي اوچتو ڌڪو ڏنو. براهمڻي اُنهيءَ منڊي کي پيتيءَ ۾ وجهي اُتان هڪدم رواني ٿي ۽ ڪنهن شهر ۾ اچي پهتي. چورن کي پڪڙڻ لاءِ رات جو پهري تي نڪتل پوليس آفيسرن جو هن کي مٿي تي پيتيءَ سان ڏٺو ته اُهي زبردستيءَ سان سندس پيتي کسي راجا وٽ کڻي آيا. پيتي جڏهن راجا جي سامهون کولي وئي ته اندران منڊو نڪري آيو. هوڏانهن براهمڻي به روئندي پٽيندي راجا وٽ اچي نڪتي. راجا جي پڇڻ تي ڪيس ٻڌائين ته ”هيءُ منهنجو بيمار پتي آهي. هن جا مٽ مائٽ سدائين هن کي تنگ ڪندا ٿا رهن. تنهن ڪري ڪيس پنهنجي مٿي تي کڻي توهان وٽ ٻي آيس.“ اِهو ٻڌي هن جي پتورت ڌرم تي پرسن ٿي راجا ڪيس چيو ته ”هي براهمڻي! تون منهنجي ڀيڻ آهين. توکي مان ٻه ڳوٺ دان ۾ ٿو ڏيان. تون پنهنجي پتيءَ سان گڏجي آنند ۾ پنهنجو وقت گذار.“

هوڏانهن براهمڻ جو ڀاڳ ڀليرو هو جو ڪنهن ڀلي آدميءَ کيس کوهه مان ٻاهر ڪڍيو هو ۽ هو به گهمندو ڦرندو اُنهيءَ

”هي براهمڻ! جيڪڏهن تون پنهنجيءَ عمر جو اَڌ سنڪلپ ڪري هن کي ڏين ته تنهنجي اِستري جيئري ٿي پوندي.“ اِهو ٻڌي هٿ منهن ڌوئي پوتر ٿي براهمڻ هٿ ۾ جل کڻي پنهنجيءَ عمر جو اَڌ ٽي دفعا سنڪلپ ڪري پنهنجيءَ براهمڻيءَ کي ڏنو ته ايتري ۾ هوءَ جيئري ٿي پئي. ٻئي ڄڻا پاڻي پي ۽ جهنگ جا ميوا کائي اَڳتي وڌيا. اهڙيءَ طرح گهمندي ڦرندي هڪ ڏينهن اُهي ٻئي ڪنهن شهر جي ٻاهران هڪ باغ ۾ اَچي پهتا. براهمڻ پنهنجيءَ اِستريءَ کي چيو ته ”هي پياري! مان شهر مان کاڌي پيتي جو سامان وٺي ٿو اَچان ۽ تون تيستائين هتي ئي ويٺي رهج.“ ائين چئي هو شهر ڏانهن هليو ويو.

اُنهيءَ باغ ۾ کوهه جي اَئٽ تي ويهي هڪ منڊو ٻئي کي هڪاي ٻه پيو ۽ مٺي آواز ۾ ڳائي به پيو. هن جي سُريلي آواز تي موهت ٿي اُها براهمڻي وٽس ويئي ۽ کيس چيائين ته ”هي پريتم! مونکي تنهنجي راڳ هڻي گهائي وڌو آهي. هاڻي جيڪڏهن تون منهنجي ڪام ترشنا پوري نه ڪندين ته توکي اِستري هتيا جو پاپ لڳندو.“ منڊي تنهن تي کيس چيو ته ”اَڙي! مان پنگلو ماڻهو توکي ڪئن خوش ڪري سگهندس؟“ تنهن تي هن چيو ته ”توکي اِهو ڪم ضرور ڪرڻو ئي پوندو.“ لاچار ٿي منڊي سندس ڳالهه قبول ڪئي. اُن کان پوءِ براهمڻيءَ کيس چيو ته ”اَڄ کان وٺي جيستائين مان جيئري آهيان تيستائين هيءُ سرير تنهنجي اَرپڻ آهي. تنهنڪري تون اسان سان گڏجي هل.“ منڊي چيو ته ”ٺيڪ آهي.“

براهمڻ کاڌي پيتي جو سامان وٺي موٽيو ۽ پنهنجيءَ اِستريءَ سان گڏجي کائڻ ويٺو ته براهمڻيءَ کيس چيو ته ”هي ويچارو منڊو به بکيو آهي. هن کي به کاڌي مان ڪجهه ڏيو.“ اهڙيءَ

تنهن ڪري جيستائين هنن راجپوتن کي اِها خبر نہ پوي تہ تون ڪنير آهين تيستائين تون پنهنجي هليو وڃ نہ تہ ڏاڍيءَ تڪليف ۾ اچي ويندين. اِهو ٻڌي ڪنير بہ هڪدم اُتان پنهنجي هليو ويو. اِنهيءَ ڪري مان چوان ٿو تہ:-

”جيڪو توري عقل وارو پاکنڊي پنهنجي مطلب جي ڳالهہ وساري سچ ڳالهائيندو آهي اُهو ٻئي يدشتر وانگيان پنهنجو مطلب پورو ڪري نہ سگهندو آهي.“

بيوقوف! توکي ڌڪار هجي جو تو پنهنجيءَ اِستريءَ جي ڪري اِهو ڪم ڪيو. اِسترين تي ڪڏهن بہ وشواس نہ ڪرڻ کپي. چئو جو چيل آهي تہ:-

”جنهن جي لاءِ مون پنهنجو سمورو ڪٽنب ڇڏي ڏنو ۽ پنهنجيءَ عمر جو اَڌ ڪيس ڏئي ڇڏيو اُها مونکي ڇڏي هلي ٿي وڃي. ڪير اِسترين تي وشواس ڪندو؟“

واگهوءَ چيو تہ ”اِهو ڪئن؟“

بانڊر چيو تہ ”ٻڌ تہ ٻڌايانءِ.“

٥. براهمڻيءَ ۽ منڊي جي آکاڻي

ڪنهن شهر ۾ هڪ براهمڻ رهندو هو. هن کي پنهنجي اِستري پراڻن کان بہ وڌيڪ پياري هئي. هوءَ وري پنهنجي گهر جي ڀاتين سان سدائين جهيڙو ڪندي رهندي هئي. هر روز جي جهيڙي ۽ ڪلڪل کان بيزار ٿي براهمڻ براهمڻيءَ کي وٺي ٻئي ڪنهن ملڪ ڏانهن روانو ٿيو. رستي ۾ گهاٽي جهنگل ۾ براهمڻيءَ کيس چيو تہ ”هي آريہ پتر، مونکي ڏاڍي اُڃ لڳي آهي. ڪٿان پاڻي هٿ ڪري اچ.“ هن جي چوڻ تي براهمڻ پاڻي کڻي آيو تہ ڏٺائين تہ سندس اِستري مئي پئي آهي. ٻريو ٻريو وياڪل ٿي براهمڻ منهن مٿو پٽڻ ۽ وِلاپ ڪرڻ لڳو. اُن وقت آڪاس مان کيس آواز ٿيو تہ

۾ سموري سڱنا اُنساھ ڏيکاريندي آهي. پر جي اُهو
پڇي وڃي تہ سموري لشڪر ۾ بہ ياج اَچي پوندي آهي.

”راجا هميشہ همت وارن، ڌيرجوان ۽ اُتساهي سورَوِيرن
کي چاهيندو آهي. ڪانئرن کي تہ هو ليکيندو ئي
ڪين آهي.“

اُنهن ٻنهي ٻہ گهر ڀڄي پنهنجي وڏي ڀاءُ جي حرڪت
پنهنجي پيءُ کي کِلي ٻڌائي. ”هاٿيءَ کي ڏسي هو ڀريان ئي
ڀڄي ويو.“ اِهو ٻڌي گدڙ جو ٻچو ڏاڍي جوش ۾ اَچي ويو.
سندس چپ ڏڏڻ لڳا، اَکيون ڳاڙهيون ٿي ويس. ڀرون
تاڻي ٽنهي کي شوخيءَ سان گهٽ وڌ ڳالهائڻ لڳو. اِن تي
شينهڻ کيس خلاصو سڏي ايڪانت ۾ وڃي سمجهايو تہ ”هي
پٽ، تو کي اِئين چوڻ نہ کپي. هي تنهنجا ننڍا ڀائر آهن.“
اِنهيءَ تي ٻاڻ وڌيڪ ڪاوڙجي چوڻ لڳو تہ ”ڇا مان بهادريءَ،
شڪل ۽ وديا ۾ هنن کان گهٽ آهيان جو هو مون تي ٺٺوليون
ٿا ڪن؟ مان ڪين هنن ٺٺوليءَ جو ضرور سبق سيکاريندس.“
اِهو ٻڌي ھن جي جان بچائڻ جي اِرادي سان اَندر ۾ کِلندي
شينهڻ کيس چيو تہ:-

”هي پٽ! تون برابر بهادر آهين، ودوان آهين ۽ ڏسڻ
۾ بہ سهڻو آهين پر جنهن خاندان ۾ تون پيدا ٿيو آهين
اُتي هاٿيءَ کي ماريو نہ ويندو آهي.“

هي ٻچا! تون ٻڌ. تون اَصل گدڙ جو ٻار آهين. مون توتي
ديا آڻي پنهنجو کير پياري توکي پالي وڏو ڪيو آهي. تنهن
ڪري جيستائين هنن ٻنهي کي اِن جي خبر پوي تنهن کان
اَڳ ئي وڃي پنهنجي ذات وارن سان شامل ٿيءُ. ٻيءَ
حالت ۾ هي توکي ماري پرلوڪ جو دروازو ڏيکاريندا.“ اِهو
ٻڌي هو ڊپ وچان پڇ پائي وٺي ڀڳو.

ڪجهه به نه مليو ۽ ٻن ٻچن سان گهمندي سڀ لهي ويس. گهر ڏانهن موٽندي کيس هڪ گدڙ جو ٻچو مليو. هن کي ننڍو ٻار سمجهي، کيس پنهنجين ڏاڙهن ۾ سنڀالي کڻي جيئرو ئي هن شينهڻ اڳيان اچي رکيو. شينهڻ ڪانئس پڇيو ته "ڇا اڄ ڪو شڪار هٿ نه لڳو؟" شينهن جواب ڏنس ته "هن گدڙ ڪانسواءِ اڄ مونکي ڪجهه به هٿ نه آيو. مون کيس ٻالڪ سمجهي نه ماريو آهي. وري هو پنهنجي ذات جو به آهي. ڇو جو چيل آهي ته:-

"ٻراڻ هليا وڃن پر اِستريءَ، سنياسيءَ، براهمڻ، ٻالڪ ۽
خاص ڪري ويساهه رکندڙ تي ڪڏهن به حملو نه ڪجي."

تنهن ڪري تون هن کي کائي اڄ جو ويلو ته نباهه. سڀاڻي ٻيو ڪو شڪار ڳولهبو." تنهن تي شينهڻ کيس چيو ته "هي پيارا، تو هن کي ٻالڪ سمجهي نه ماريو پوءِ مان کيس پنهنجي پيٽ لاءِ ڇو حلال ڪريان؟ ڇو جو:-

"حياتيءَ جي خطري پيدا ٿيڻ تي به پنهنجو ڪرتويہ
وساري برو ڪم نه ڪرڻ کپي. اِهو ئي سناتن ڌرم آهي."

تنهن ڪري هي منهنجو ٽيون پٽ ٿي رهندو." اِئين چئي شينهڻ پنهنجي ٻن ٻارن سان گڏ کيس پنهنجي ٿڻن مان کير پياري تازو توانو ۽ سگهارو ڪري ڇڏيو. اِهي ٽيئي ٻنا ڪنهن پيد ياءَ جي ڀاڻ ۾ گڏ رانديون ڪندا ۽ گهمندا ڦرندا پنهنجي ٻالڪپڻ جو وقت گذارڻ لڳا. هڪ دفعي ڪو جهنگلي هاٿي اُتي اچي نڪتو. اُن کي ڏسي شينهن جا ٻچا ڪاوڙ ۾ ڀرجي ڏانهس وڌڻ لڳا ته گدڙ جي ٻچي کين روڪي چيو ته "اَڙي، هيءُ هاٿي توهان جي خاندان جو دشمن آهي. متان هن جي ويجهو ويا آهيو!" اِئين چئي هو وٺي گهر ڏانهن ڀڳو. پنهنجي وڏي ڀاءُ جي پٺي وڃڻ تي شينهن جي ٻچن جي همت به ڀري ٿي ويئي. ڇو جو چيل آهي ته:-

"ڌيرج ۽ اُتساهه واري هڪ ئي ماڻهوءَ جي ڪري يد

هڪ دفعي جنگ جي موقعه تي راجا سوروِيرن جي سنمان ڪرڻ ۽ سيني کي پاڻ وٽ گهرايو. هاٿي تيار ٿيڻ لڳا، گهوڙن تي سنج ورڻ شروع ٿي ويا ۽ جنگي جوڌا پنهنجن هٿيارن کي تيز ڪرڻ لڳا. اِنهيءَ موقعه تي راجا ڪنير کي اِيڪانت ۾ وٺي ويو ۽ کانئس پڇيائين ته ”هي راجپوت! ڪهڙيءَ جنگ ۾ توکي هي سامهون زخم رسيا آهن؟“ تنهن تي هن چيو ته ”هي سوامي، هي ڪنهن هٿيار جا زخم نه آهن. مان ذات جو ڪنير آهيان. منهنجي گهر ۾ گهٽيڙي ٺڪر نوبر پيا هوندا آهن. هڪ ڏينهن شراب پي نشي ۾ بي حال ٿي اُنهن جي مٿان ڪري پيس. اُنهن زخمن جا نشان منهنجي منهن تي نظر اچي رهيا آهن.“ اِهو ٻڌي راجا پنهنجي نوڪرن کي حڪم ڪيو ته ”راجپوتن جو نقل ڪندڙ هن ڪنير آسان سان دوکو ڪيو آهي. ڪيس گهٽا ڏئي ٻاهر ڪڍي ڇڏيو.“ تنهن تي ڪنير راجا کي چيو ته ”هي سوامي، ائين نه چئو. جنگ ۾ توهان منهنجي هٿن جي صفائي ڏسي اِنصاف ڪجو.“ راجا تنهن تي کيس چيو ته ”برابر تو ۾ سڀ گڻ موجود آهن تنهن هوندي به هتان هليو وڃ. چيو اٿو:-

”هي پٽ! تون برابر بهادر آهين ۽ ڏسڻ ۾ به سهڻو آهين پر جنهن خاندان ۾ تون پيدا ٿيو آهين اُتي هاٿيءَ کي ماريو نه ويندو آهي.“

ڪنير چيو ته ”اِهو ڪئن؟“

راجا چيو ته ”ٻڌ ته ٻڌايانءِ.“

۴. شينهڻ ۽ گدڙ جي ٻچي جي آکاڻي

ڪنهن ٻن ۾ شينهن ۽ شينهڻ جو جوڙو رهندو هو. شينهڻ کي هڪ دفعي ٻه ٻچڙا ڄاوا. شينهن هر روز جانورن کي ماري شينهڻ جي اڳيان آڻي رکندو هو. هڪ ڏينهن کيس

هڪ دفعي جنگ جي موقعي تي راجا سوروير جي سنمان ڪرڻ لاءِ سيني کي پاڻ وٽ گهرايو. هاٿي تيار ٿيڻ لڳا، گهوڙن تي سنج پوڻ شروع ٿي ويا ۽ جنگي جوڌا پنهنجن هٿيارن کي تيز ڪرڻ لڳا. اِنهيءَ موقعي تي راجا ڪنير کي اِڪانت ۾ وٺي ويو ۽ کانئس پڇيائين ته ”هي راجپوت! ڪهڙيءَ جنگ ۾ توکي هي سامهون زخم رسيا آهن؟“ تنهن تي هن چيو ته ”هي سوامي، هي ڪنهن هٿيار جا زخم نه آهن. مان ذات جو ڪنير آهيان. منهنجي گهر ۾ گهڙيڪي ٺڪر ٺوبر پيا هوندا آهن. هڪ ڏينهن شراب پي نشي ۾ بي حال ٿي اُنهن جي مٿان ڪري پيس. اُنهن زخمن جا نشان منهنجي منهن تي نظر اچي رهيا آهن.“ اِهو ٻڌي راجا پنهنجي نوڪرن کي حڪم ڪيو ته ”راجپوتن جو نقل ڪندڙ هن ڪنير اسان سان دوکو ڪيو آهي. کيس گهٽا ڏئي ٻاهر ڪڍي ڇڏيو.“ تنهن تي ڪنير راجا کي چيو ته ”هي سوامي، ائين نه ڇڏيو. جنگ ۾ توهان منهنجي هٿن جي صفائي ڏسي اِنصاف ڪجو.“ راجا تنهن تي کيس چيو ته ”برابر تو ۾ سڀ گڻ مؤجود آهن تنهن هوندي به هتان هليو وڃ. چيو ويو آهي:-

”هي پٽ! تون برابر بهادر آهين ۽ ڏسڻ ۾ به سهڻو آهين
پر جنهن خاندان ۾ تون پيدا ٿيو آهين اُتي هاٿيءَ کي
ماريو نه ويندو آهي.“

ڪنير چيو ته ”اِهو ڪئن؟“

راجا چيو ته ”ٻڌ ته ٻڌايانءِ.“

۴. شينهڻ ۽ گدڙ جي ٻچي جي آکاڻي

ڪنهن بن ۾ شينهن ۽ شينهڻ جو جوڙو رهندو هو. شينهڻ کي هڪ دفعي ٻه ٻچا ڄاوا. شينهن هر روز جانورن کي ماري شينهڻ جي اڳيان آڻي رکندو هو. هڪ ڏينهن کيس

*پدمشر وانگيان سچ ڳالهائي ڦات ڦاڙي ڇڏيئہ. ڇو جو ڇيل آهي تہ:-

”جيڪو ٿوري عقل وارو پاڪندي پنهنجي مطلب جي ڳالهہ وساري سچ ڳالهائيندو آهي اهو يدمشر وانگيان پنهنجو مطلب پورو ڪري نہ سگهندو آهي.“

واڳوءَ ڇيو تہ ”اهو ڪيئن؟“

بانديءَ چيس تہ ”ٻڌ تہ ٻڌايانءِ.“

۳. يدمشر نالي ڪنڀر جي آکاڻي

ڪنهن شهر ۾ يدمشر نالي هڪ ڪنڀر رهندو هو. هڪ دفعي نشي جي جوش ۾ ڌاٻڙجي پڳل دلن جي نوڪدار ٺڪرن جي مٿان ڪري پيو جنهن ڪري سندس مٿو ڦاٽي پيو ۽ رت ريلا ڪري وهڻ لڳس. ڏاڍيءَ مشڪلات سان اُتان اُٿي پنهنجي گهر آيو. پوري پرهيز نہ ڪرڻ ڪري سندس زخم ڏاڍو خراب ٿي پيو ۽ ڏاڍيءَ تڪليف ڪانپوءِ سندس ڦٽ ڇٽي ويو.

هڪ دفعي ملڪ ۾ ڏاڍو ڏڪر اچي پيو. ڪنڀر جو بہ ڏندو نہ پي هليو تنهن ڪري پريشان ٿي راجا جي نوڪرن سان گڏجي پرديس هليو ويو ۽ ڪنهن راجا وٽ ڪيس نوڪري ملي ويئي. راجا سندس منهن تي زخم جا نشان ڏسي سمجهيو تہ هي ڪو بهادر ماڻهو ٿو ڏسجي. ڇو جو دشمن سان سامهون ٿي مقابلو ڪرڻ ڪري ڪيس هي زخم ٿيل ٿا ڏسجن. انهيءَ ڪري راجا ڪيس ڏاڍيءَ عزت سان ڏسندو هو ۽ ٻين راجپوتن کان بہ وڌيڪ ڪيس پاڻيندو هو. انهيءَ ڪري ٻيا راجپوت وري ساڙس ڌوبش ياءُ ڪرڻ لڳا پر راجا جي ڊپ ڪري ڪيس ڪجهہ چئي نٿي سگهيا.

*هيءَ يدمشر پاڻدوڻ وارو نہ آهي پر ٻيو ڪو آهي.

گڏھ ھن جون ڳالھيون ٻڌي سندس قندي ۾ قاسي ويو ۽ وري ساڻس گڏ جي ھليو. اِھو نيڪ ڇيل آھي ت:-

”بدقسمتيءَ جي ڪري ئي ماڻھو ڄاڻي واڻي ۾ ڪوتو ڪم ڪندو آھي. ھن دنيا ۾ ڪوتو ڪم ڪنھن کي وڻندو ۾ آھي ڇا؟“

ھن پيري ت شينھن حملي ڪرڻ لاءِ تيار ٿيو وٺو ھو. گڏھ جڏن ويجھو آيس تڏن ڪيس ڇنبو ھڻي سندس ڪيل ختم ڪري ڇڏيائين. گدڙ کي اُن جي سنڀال لاءِ ڇڏي شينھن نديءَ تي سنان ڪرڻ لاءِ ويو. ھوڏانھن لقمي کائڻ لاءِ گدڙ جو وات پي-پاڻي پاڻي ٿيو تنھن ڪري ھو پاڻ روڪي ن سگھيو ۽ گڏھ جي دل ۽ ڪن ڪائي ڇڏيائين. ھوڏانھن شينھن سنان ڪري، ديوتا جي پوڄا ڪري ۽ پترن کي پاڻي ڏيئي پاڻي ڪري، موٽيو ت ڏنائين ت گڏھ جي دل ۽ ڪن غائب ھئا. اِھو ڏسي شينھن ٿيي باھ ٿسي ويو. گدڙ کي ڪاوڙ مان چيائين ت ”اڙي دشت! ھيءُ تو ڪھڙو ڪم ڪيو آھي؟ ھن جي دل ۽ ڪن ڪائي منھنجو پوڄن تو جوٺو ڪري ڇڏيو آھي.“ گدڙ تنھن تي ڏاڍيءَ نمرتا سان ڪيس چيو ت ”ھي سوامي! ھن کي دل ۽ ڪن اَصل ھئا ئي ڪون. ٻيءَ حالت ۾ ھو ھتي اَچي توھان جو ڇنبو ڪائي ۾ وري جيڪر ڪٿن ٻيو دفعو اَچي ھا؟“ اَھڙيءَ طرح ھن جي ڳالھ تي وشواس ڪري ڪجھ حصو گدڙ کي ڏئي گڏھ کي شينھن کائي ويو. اِنھيءَ ڪري مان چوان ٿو ت:-

”ھو آيو ۽ شينھن جي دھشت جھلي ن سگھيو. اِن ڪري پٺي ھليو ويو. پر ھن مورک کي ڪن ۽ دل ھئا ئي ڪون تنھن ڪري پٺي ويو ت ۾ وري موٽي آيو. تنھن ڪري ھي مورک! تو مونسان ڪپٽ ت ڪيو

لاءِ تيار ٿي ويٺي رهه.“ شينهن چيس ته ”پيارا، مونکي
ظاهران ظهور ڏسي هو ڀائي ويو آهي. وري هو موٽي ڪين ايندو؟
تنهن ڪري تون ٻي ڪنهن جانور جي ڳولا ڪر.“ گدڙ کيس
چيو ته ”اِن ۾ تنهنجو ڇا؟ تون رڳو حماي ڪرڻ لاءِ تيار ٿي
ويهه.“ اُن کانپوءِ گدڙ اُنهيءَ ساڳئي گڏهه کي ڪنهن هنڌ
چرندو ڏٺو. گدڙ کي ڏسي گڏهه چيو ته ”واهه ڙي ڀاٽيجا،
واهه! مون کي ڏاڍي سٺي هنڌ وٺي هلئين. مان ته موت جي
منهن ۾ اچي ويو هيس. چڱو ڀلا مونکي ٻڌاءِ ته سهين ته اِهو
ڪهڙو جانور هو جنهن جي چنبي جي چوٽ کان مان بچي
نڪتو آهيان. اِهو ٻڌي گدڙ کِلي کيس چيو ته ”اَڙي ماما،
توکي ايندو ڏسي منهنجي مامي (گڏهِ) توسان ڀاڪر پائڻ
لاءِ جئن تيار ٿي تئن تون ڪيڏين وانگيان وٺي ڀڳو آهين. هوءَ
تو کان سواءِ نه ٿي رهي سگهي. توکي ڀڄندو ڏسي اُتي
تو سائڻ لاءِ هن توکي پنهنجو ڪُرُ هنيو. سندس ٻيو ڪو
مطلب نه هو. تنهن ڪري موٽي هل. تو کانسواءِ هن اَن جل
رتائڻ ڇڏي ڏنو آهي ۽ چوي ٿي ته ’جيڪڏهن لمبڪرڻ
پنهنجو پتي نه ٿيو ته مان پاڻ کي باهه ۾ ساڙي ڇڏينديس يا
ٻڏي ۾ ٻوڙي ڇڏينديس. مان هن جو وڇوڙو سهي نٿي
سگهان.‘ اِنهيءَ ڪري ڪرپا ڪري موٽي هل. نه ته توتي
ڙي هتيا جو پاپ پوندو ۽ ڀڳوان ڪامديو توڙي ناراض
ٿيندو. ڇو جو چيل آهي ته:-

”سرڳ ۽ پرلوڪ جي خيالي سک جي ڦل جي ڪوجنا
ڪندڙ، توري ٻڌيءَ وارا جيڪي مورکه، سپني سکن
جي کاڻ ۽ ڪامديو کي جيتيندڙ اِستريءَ جو تياڳ ڪري
سنياسي يا ورڪت ٿي ويندا آهن اُهي ڪامديو جي
ڪوپ ڪري متي اُگهاڙا، نوڙها، ڳيڙوءَ جا ڪپڙا
پائيندڙ، جٽائون رکائيندڙ يا ڪوپرِيون کڻندڙ ٿي پوندا آهن.“

گڏھ ھن جون ڳالھيون ٻڌي سندس ٿنڌي ۾ ڦاسي ويو ۽ وري ساڻس گڏجي ھليو. اِھو ليڪ چيل آھي ته:-

”بدقسمتيءَ جي ڪري ئي ماڻھو ڄاڻي واڻي به ڪوڙو ڪم ڪندو آھي. ھن دنيا ۾ ڪوڙو ڪم ڪنھن کي وڻندو به آھي ڇا؟“

ھن ڀيري ته شينھن حملي ڪرڻ لاءِ تيار ٿيو ويٺو ھو. گڏھ جئن ويجھو آيس تئن کيس چنبو ھڻي سندس کيل ختم ڪري ڇڏيائين. گدڙ کي اُن جي سنڀال لاءِ ڇڏي شينھن نديءَ تي سنان ڪرڻ لاءِ ويو. ھوڏانھن لڦمي کائڻ لاءِ گدڙ جو وات ٻيءِ-پاڻي پاڻي ٿيو تنھن ڪري ھو پاڻ روڪي نه سگھيو ۽ گڏھ جي دل ۽ ڪن کائي ڇڏيائين. ھوڏانھن شينھن سنان پاڻي ڪري، ديوتا جي پوڄا ڪري ۽ پترن کي پاڻي ڏيئي موٽيو ته ڏٺائين ته گڏھ جي دل ۽ ڪن غائب ھئا. اِھو ڏسي شينھن تپي باھ ٿي ويو. گدڙ کي ڪاوڙ مان چيائين ته ”اَڙي دشت! ھيءُ تو کھڙو ڪم ڪيو آھي؟ ھن جي دل ۽ ڪن کائي منھنجو ڀوڄن تو جوٺو ڪري ڇڏيو آھي.“ گدڙ تنھن تي ڏاڍيءَ نمرتا سان کيس چيو ته ”ھي سوامي! ھن کي دل ۽ ڪن اَصل ھئا ئي ڪونه. ٻيءَ حالت ۾ ھو ھتي اَچي توھان جو چنبو کائي به وري جيڪر ڪئن ٻيو دفعو اَچي ھا؟“ اَھڙيءَ طرح ھن جي ڳالھ تي وشواس ڪري ڪجھ حصو گدڙ کي ڏئي گڏھ کي شينھن کائي ويو. اِنھيءَ ڪري مان چوان ٿو ته:-

”ھو آيو ۽ شينھن جي دھشت جھلي نه سگھيو. اِن ڪري ڀڄي ھليو ويو. پر ھن مورک کي ڪن ۽ دل ھئا ئي ڪونه تنھن ڪري ڀڄي ويو ته به وري موٽي آيو.“

تنھن ڪري ھي مورک! تو مونسان ڪپٽ ته ڪيو پر

لاءِ تيار ٿي ويهي رهه.“ شينهن چيس ته ”پيارا، مونکي ظاهران ظهور ڏسي هو پڇي ويو آهي. وري هو موٽي ڪٿان ايندو؟ تنهن ڪري تون ٻي ڪنهن جانور جي ڳولا ڪر.“ گدڙ کيس چيو ته ”ان ۾ تنهنجو ڇا؟ تون رڳو حملي ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويهه.“ ان کانپوءِ گدڙ اُنهيءَ ساڳئي گڏهه کي ڪنهن هنڌ چرندو ڏٺو. گدڙ کي ڏسي گڏهه چيو ته ”واهه ڙي ڀاڻيجا، واهه! مون کي ڏاڍي سٺي هنڌ وٺي هلئين. مان ته موت جي منهن ۾ اچي ويو هيس. ڇڱو ڀلا مونکي ٻڌاءِ ته سهين ته اهو ڪهڙو جانور هو جنهن جي چنبي جي چوٽ کان مان بچي نڪتو آهيان. اهو ٻڌي گدڙ کلي کيس چيو ته ”اڙي ماما، توکي ايندو ڏسي منهنجي ماسي (گڏهه) توسان ڀاڪر پائڻ لاءِ جئن تيار ٿي تئن تون ڊيڄين وانگيان وٺي ڀڳو آهين. هوءَ تو کان سواءِ نه ٿي رهي سگهي. توکي ڀڄندو ڏسي اُٿي تو سائڻ لاءِ هن توکي پنهنجو ڪُرُ هنيو. سندس ٻيو ڪو مطلب نه هو. تنهن ڪري موٽي هل. تو کانسواءِ هن اَن جل ورتائڻ ڇڏي ڏنو آهي ۽ چوي ٿي ته ’جيڪڏهن لمبڪرڻ منهنجو پتي نه ٿيو ته مان پاڻ کي باهه ۾ ساڙي ڇڏينديس يا پاڻيءَ ۾ ٻوڙي ڇڏينديس. مان هن جو وڇوڙو سهي نٿي سگهان.‘ اِنهيءَ ڪري ڪرپا ڪري موٽي هل. نه ته توتي استري هتيا جو پاپ پوندو ۽ ڀڳوان ڪامديو توتي ناراض ٿيندو. چئو جو چيل آهي ته:-

”سرڳ ۽ پرلوڪ جي خيالي سک جي ڦل جي ڪوجنا ڪندڙ، توري ٻڌيءَ وارا جيڪي مورک، سهڻي سکن جي کاڻ ۽ ڪامديو کي جيتيندڙ اِستريءَ جو تياڳ ڪري سنياسي يا ورڪت ٿي ويندا آهن اُهي ڪامديو جي ڪوپ ڪري متي اُگهاڙا، نوڙها، گيڙوءَ جا ڪپڙا پائيندڙ، جتائون رکائيندڙ يا ڪوپرون ڪٽيندڙ ٿي پوندا آهن.“

تي زور آندو ته جيڪڏهن توهان اسان جو سچو ڀچو ماڻهو آهين ته ڪنهن ڳوٺ ۾ وڃي اسان جي لائق ڪو پتي ڳولهي اچ. انهيءَ ڪري مان توکي اُتي ھلڻ لاءِ ليلائي رهيو آهيان. گدڙ جون اهي ڳالهيون ٻڌي ۽ گڏهين جي نالي ٻڌڻ سان گڏهه جي من ۾ ڪام جي ڀاونا جاڳي پئي ۽ هن ڪيس چيو ته ”پيارا، جيڪڏهن ائين آهي ته اڳيان ٿيءُ ۽ مان تنهنجي ڪڍ اچان ٿو.“ هي بلڪل ٺيڪ چيل آهي ته:-

”سندر سرير واريءَ استريءَ کي ڇڏي دنيا ۾ ٻيو ڪو اَمرت يا زهر آهيئي ڪونه. سندس ميلاپ سان جان ۾ جان اچي آهي ۽ اُن جي وڇوڙي ۾ حياتي هلي ويندي آهي.“

ٻيو به

”جنهن جي ميلاپ ۽ درشن ڪانسواءِ به رڳو نالو ٻڌڻ سان من ۾ ڪام جاڳي ٿو پوي انهيءَ استريءَ سان اک اڙائڻ ڪري جنهن جي من ۾ وڪار پيدا نه ٿئي ته اها هڪ تعجب جي ڳالهه آهي.“

اهڙيءَ طرح هو پنهنجي گدڙ سان گڏجي شينهن وٽ اچي پهتو. پيڙا ڀوڳيندڙ شينهن به هن کي ڏسي جٿن اُٿيو مس تڻن گڏهه ڪيس ڏسي وٺي ڀڳو. پڄڻ وقت شينهن ڪيس پنهنجي چنبي هڻڻ جي ڪوشش ڪئي پر ڪمنصيبيءَ ڪري سندس نشان ڳسي ويو. ان تي گدڙ جوش ۾ اچي شينهن کي چيو ته ”واهه سائين واهه! ڏٺي سين تنهنجي مڙسي! سامهون آيل هڪ گڏهه کي به نه تو ماري سگهين سو هليو آهين هاٿين سان مقابلو ڪرڻ.“ شرم وچان مشڪي شينهن ڪيس چيو ته ”اڙي! مان ڇا ڪريان؟ مان تيار ٿيل ئي ڪونه هيس. نه ته ته هاٿي به منهنجو نشان نٿو ڳسائي سگهي.“ گدڙ چيس ته ”چڱو ته مان ڪيس وري هڪ دفعو تو وٽ وٺي ٿو اچان. تون ڪيس مارڻ

”هي سوامي! مان ٻڪ ۾ وياڪل ٿي رهيو آهيان ۽ هڪ قدم به هلي نٿو سگهان. ان ڪري مان توهان جي شيوا ڪيئن ڪري سگهندس؟“ شينهن تنهن تي چيس ته ”اڙي وچ ۽ وڃي ڪنهن جانور جي ڳولا ڪر جنهن کي هن حالت ۾ به ماري سگهان.“ اهو ٻڌي گدڙ جانور جي ڳولا ڪندي ڪنهن پرسان واري ڳوٺ ۾ وڃي پهتو. اتي هن لمبڪرڻ نالي هڪ ڏٻري گڏهه کي ڏٺو جو تلاءَ جي ڪناري تي ڏاڍيءَ مشڪلات سان ڏڀن جي گاهه کي کائي ٿي سگهيو. سندس پرسان وڃي گدڙ کيس چيو ”ماما، مان توکي نمسڪار ٿو ڪريان. گهڻن ڏينهن کانپوءِ تنهنجو درشن ٿيو آهي. ٻڌاءِ ته تون هيئنئر ڪمزور ڇو ٿي ويو آهين.“ تنهن تي لمبڪرڻ کيس چيو ته ”اڙي ڀاڻيجا! ڇا ٿو پڇين؟ نردئيءَ ڌوٻيءَ ٻار پوئي پاسريون ٿي پيچي ڇڏيون آهن. کائڻ لاءِ وري گاهه چپٽي به نٿو ڏئي. ڏسين وينو ته هي مٽيءَ سان مليل گاهه وينو کان. هاڻي ٻڌاءِ ته منهنجو سرير ڏٻرو نه ٿيندو ته ڇا ٿيندو.“ گدڙ چيس ته ”ماما! جي ائين آهي ته تون اچايو پيو ڀڄين. مون سان گڏجي هل ته هڪ اهڙي سندر آستان تي هلي رهايانءِ جتي پکراجن وانگيان روح کي راحت ڏيندڙ سائو گاهه ئي گاهه آهي. اتي مان به توسان گڏ رهندس. ٻئي دؤج بهار ۾ ڳالهيون ٻولهيون ڪندا آنند سان پنهنجو وقت وتيت ڪنداسين.“ لمبڪرڻ چيس ته ”اڙي ڀاڻيجا! چئين ته سچ ٿو پر اسان ڳوناڻن کي جهنگلي جانور شڪار ڪري کائي کپائي ٿا ڇڏين. پوءِ اُنهيءَ سندر آستان مان ڪهڙو سود وريو؟“ گدڙ چيس ته ”ماما، ائين نه چؤ. اتي منهنجو ڏاڪو ڇميل آهي. ٻيو ڪو اتي پير به پائي نٿو سگهي. ڌوٻين جي ظلم کان ستايل اتي ٽي گڏهيون به ٿيون رهن. اتي رهڻ ڪري هو بلڪل ٿلهيون متاريون ۽ جوان ٿي پيون آهن. اُنهن مون

وڃي چئہ تہ گنگدت وري ڪوهہ ۾ نہ ايندو.“
ائين چئي ڳوهہ کي روانو ڪري ڇڏيائين.

باندر واگهوءَ کي چيو تہ ”اڙي دشت! مان بہ گنگدت وانگيان وري تنهنجي گهر مور ڪونہ ايندس.“ اهو ٻڌي واگهوءَ وراڻي ڏني تہ ”هي مترا لوڪي ائين ڪرڻ واجب نہ آهي. تون منهنجي گهر هل تہ ڪرلگهنتا (ٻٽي جي پلائيءَ کي نہ مڃڻ) جي ڏوهہ کان مان آجو ٿيندس. نہ تہ مان هتي جو هتي پراڻ تياڳ ورت رکندس ۽ اُنجو پاپ توتي مڙهيندس.“ باندر تنهن تي چيس تہ ”اڙي مورک! ڇا مان لمبڪرڻ (ڊگهن ڪنن وارو) گڏهہ آهيان جو آفت کي منهن سامهون ڏسي بہ پنهنجيءَ جان تان هٿ ڌوئي ويهان؟

”هو آيو ۽ شينهن جي دهشت جهلي نہ سگهيو. ان
ڪري پٺي هليو ويو. پر هن مورکہ کي ڪن ۽ دل
هئا ئي ڪونہ تنهن ڪري پٺي ويو تہ بہ وري موٽي آيو.“

واگهوءَ پڇيو تہ ”پيارا اهو لمبڪرڻ ڪير هو؟ آفت آيل ڏسي بہ ڪئن موت جي منهن ۾ اچي ويو؟ اهو سڀ ڪرپا ڪري ٻڌاءِ.“

باندر چيس تہ ”ٻڌ تہ ٻڌايانءِ.“

۲. شينهن ۽ گڏهہ جي آکاڻي

ڪنهن جهنگل ۾ ڪرال ڪيسر (خوفناڪ ٻشڪن وارو) نالي هڪ شينهن رهندو هو. سندس هڪ نوڪر ڌوسرڪ (مٽيءَ جي رنگہ وارو) نالي گدڙ هو جو سدائين سندس آگيا جو پالن ڪندو هو. هڪ دفعي شينهن ڪنهن زبردست هاٿيءَ سان وڙهيو جنهن ڪري سندس بدن ۾ گهڻيئي نازڪ زخم ٿي پيا ۽ هو گهمي ڦري اصل نہ پي سگهيو. ان جو نتيجو اهو نڪتو جو ڌوسرڪ بہ بکہ ۾ پاهہ ٿيڻ لڳو ۽ ڏاڍو ڪمزور ٿي ويو. اهڙيءَ حالت ۾ هڪ ڏينهن هن شينهن کي چيو تہ

بندوبست ڪرڻو آهي.“ گنگدت تنهن تي کيس چيو ته ”اڙي مترَ، منهنجي هوندي توکي چنتا ڪرڻ جي ضرورت نه آهي. جيڪڏهن تون مونکي کوهه مان ٻاهر وٺي ڏين ته ٻئي کوهه جي ڏيڏرن کي پنهنجي مان هتي وٺي اچان.“ تنهن تي پريہ درشن کيس چيو ته ”تون ته مونکي ياڻي وانگيان آهين تنهن ڪري آءٌ توکي ڪڏهن هٿ ڪونه لڳائيندس. پر جي ٻين ڏيڏرن کي هن نموني وٺي تو اچين ۽ منهنجي پوڄن جو پربند تو ڪرين ته مان توکي پنهنجي پتا وانگيان پوڄيندس. تنهن ڪري پلي تون ٻاهر وڃ.“

گهڻن ئي ديوتائن کي دل ۾ مڃائيندو گنگدت ساڳيءَ چرخيءَ جي نوڙيءَ جي وسيلي کوهه مان ٻاهر نڪري آيو. پريہ درشن ڪيتري عرصي تائين گنگدت جي موٽڻ جي انتظار ۾ ويٺو رهيو. پر گنگدت نه موٽيو. پريہ درشن پاسي ۾ رهندڙ هڪ گوهه کي چيو ته ”هي نيڪ عورت، تون منهنجي توري مدد ڪر. گنگدت کي تون گهڻن ڏينهن کان سڃاڻين. تون کيس ڪنهن تلاءَ تي ڳولهي کيس منهنجو هي نياپو وڃي ڏي ته ”جيڪڏهن ٻيا ڏيڏر نٿا اچن ته تون اڪيلو ئي موٽي هليو آءُ. مان تنهنجي جدائي نٿو سهي سگهان. جيڪڏهن مان توسان هٿ چراند ڪريان ته مونکي تنهنجو سنهن آهي.“ هن جي چوڻ موجب گوهه به گنگدت کي هڪ تلاءَ تي ڳولهي چيو ته ”هي گنگدت، تنهنجو متر پريہ درشن تنهنجي ڏاڍي انتظار ۾ ويٺو آهي. تنهن ڪري جلدي هل. هو توکي ڪو نقصان نه پهچائيندو. انهيءَ ڳالهه جو هن قسم کنيو آهي. تنهن ڪري تون ڪنهن به ڊپ ڊاءَ ڪانسواءِ اُتي هليو هل.“ اهو ٻڌي گنگدت چيو ته:-

”بکيو ماڻهو ڪهڙو پاپ نه ڪندو آهي؟ ڪمزور ماڻهو نردئي ٿيندا آهن. هي نيڪ عورت! پريہ درشن کي

رهي ڇو جو سورو ناس تي وڃي اِهو سهڻ ڏاڍو
ڏکيو آهي.

”سياڻو ماڻهو ٿوري جي واسطي گهڻي جو هٿ وني
نقصان نہ ڪرائيندو آهي. ٿوري سان گهڻي جو بچاءُ
ڪجي اِهائي سياڻپ آهي.“

اِهو اِرادو ڪري هوُ هڪ هڪ ڏيڏر هر روز نانگ کي ڏيندو رهيو. هوُ بہ مقرر ٽيل هڪ ڏيڏر کي کائي لڪي ڇپي پِين مان بہ ڪسرون ڪڍندو هو. ڇو جو اِهو نيڪ چيل آهي تہ:-

”ميرن ڪپڙن سان ماڻهو جتي ڪٿي ويهي سگهندو
آهي. اُهڙيءَ طرح چڙلا جو ڪريل ماڻهو بہ کهڙو بہ
بُرو ڪم ڪندي هپڪندو نہ آهي.“

هڪ ڏينهن اُهو نانگ پين ڏيڏرن سان گڏ گنگدت جي پٽ يمنادت کي بہ کائي ويو. اِهو ڏسي گنگدت کي ڏاڍو ڏک ٿيو. اوچنگارون ڏئي روئڻ لڳو ۽ پاڻ کي ڌڪارڻ لڳو. اِن تي سندس اِستريءَ کيس چيو تہ:-

”پنهنجي ساٿين کي مارائي هاڻي تون اُجايو ڇو پيو
روئين؟ پنهنجن ساٿين جي مارجي وڃڻ تي هاڻي اسان
کي ڪير بچائيندو؟“

تنهن ڪري هاڻي بہ تون ٻاهر نڪري وڃ. پنهنجو بچاءُ ڪر ۽ هن کي مارڻ جو ڪو اُپاءُ سوچ.“ اِها صلاح بہ گنگدت کي نہ آئڙي. ڪجهہ ڏينهن ۾ پريدرشن سڀني ڏيڏرن کي کائي خلاص ڪري ڇڏيو. رڳو گنگدت وڃي بچيو. پريدرشن گنگدت کي چيو تہ ”اَڙي گنگدت، مون کي بک لڳي آهي. سڀ ڏيڏر خلاص ٿي ويا. تون مونکي هتي وٺي آيو آهين تنهن ڪري منهنجي پوڄڻ جو توکي ٿيو

ڪائڻ ڪي مون هڪ هڪ
تون پنهنجن ساٿين مان رڳو ... حالت ۾ بيءَ هوندس. پيو رهيو
... ڏيندو وچ ۾ مان هتي رهيو پيو هوندس. لهي ڇڏيندس.“ اِهو ٻڌي
... سيني کي هڪدم خلاص ڪري ڇڏيندس.“ اِهو ٻڌي
... ڏاڍي فڪر ۾ پئجي ويو. وياڪل ٿي من ۾ سوچڻ
... ڏاڍي فڪر ۾ پئجي ويو. ڪي هتي وٺي آيس؟
... ته ”اَڙي، مون ڇا ڪيو جو هن زانگهه کي هتي وٺي آيس؟
... ٻڪڙهن هاڻي ڪيس منع تو ڪريان ته هي سيني جو ڪم
... هي ڇڏيندو. اِهو برابر چيل آهي ته:-

”پاڻ کان نهايت وڏيڪ شڪتي شالي شتروءَ سان جيڪو
متوتا جو ناتو تو ڳنڍي سو جهٽڪ زهر جي گوري تو
ڪائي. اِن ۾ ڪو به شڪ نه آهي.“

تنهن ڪري لاچار هن جي لاءِ پنهنجن ساٿين مان روز هڪ
جو ٻڪ ڪيڏو پوندو. ڇو جو چيل آهي ته:-

”سڀ ڪجهه ڦري وٺڻ لاءِ شتروءَ کي تيار تيل ڏسي
حال في الحال ٿورو گهڻو ڏئي ڪجهه وقت لاءِ ڪيس
ٿاري ڇڏجي جئن سمنڊ پاڻيءَ ۾ رهندڙ وڏوا اَگنيءَ
کي ٿورو ٿورو پاڻي سڪائڻ لاءِ ڏئي پيو ڪيس
هلائيندو آهي.“

اُهڙيءَ طرح

”جيڪو ڪمزور ماڻهو زوراور جي گهرڻ تي خوشيءَ سان
ڪيس هڪ ڪٽو به نه تو ڏي يا ڏيکاريل شيءِ ڪيس
نه تو سؤنپي ته اُهو ساڳيو ئي ماڻهو ڏمال ماڻ تي
ڪيس مٺن جا مڻ ڪيڏي ڏيندو آهي.“

ساڳيءَ طرح

”ڏڍهن ڏسجي ته سڀ ڪجهه هٿن مان هلي وڃڻ تي
آهي تڏهن سياڻي ماڻهوءَ کي ڪپي ته اَڌ جو پاڻمراد
نيائي ڪري ڇڏي. باقي بچيل سان پنهنجو ڪم هلائين

پنهنجي ڪتب جو ويري مون کي آجيوڪا جو سولو ساڌن بڻائي رهيو آهي. اُلي رهي مزي سان ٻيو ڏيڍر کائيندس. ڇو جو نيڪ ڇيل آهي ته:-

”جنهنجون اندريون ڪمزور ٿي ويون هجن ۽ آجيوڪا جو ڪو وسيلو نه هجيس ته اُنکي اهڙو نمونو وٺڻ کپي جنهن ڪيس سهوليت سان روزي ملندي رهي.“

اهو ويچار ڪري پريدرشن چيو ته ”جيڪڏهن ائين آهي ته اڳيان ٿي هل ته مان به تنهنجي ڪڏ وٺي اُلي ٻهچي وڃان.“ گنگدت کيس چيو ته ”هي پريدرشن، مان توکي چڱيءَ طرح اُتي وٺي هلندس ۽ ڏانئيڪو ڪندو سانءَ. پر منهنجي سائين جو ٻچاءَ ڪج. جيڪي ڏيڏر آءٌ ڏيکاريندو وڃانءَ رڳو اُنهن کي کائجانءِ.“ پريدرشن کيس چيو ته ”اَج کان وٺي تون منهنجو متر آهين. تون ڊپ نه ڪر. تنهنجي چوڻ موجب اُئي مان پنهنجي ڪارروائي ڪندو رهندس.“ ائين چئي هو ٻر مان ٻاهر نڪتو ۽ گنگدت کي ياڪر ٻائي ساڻس گڏجي هليو. کوهه وٽ پهچي گرڙيءَ جي وسيلي پريدرشن کي هيٺ لاٿائين ۽ کيس هڪ ٻرم رهڻ لاءِ جاءِ مقرر ڪري ڏنائين. گنگدت سان جيڪي ڏيڏر چپ پيل هئا سي کيس ڏيکاريائين. پريدرشن اُنهن سڀني کي آهستي آهستي کائيندو ويو. اهڙيءَ طرح ڏيڏرن جي ختم ٿيڻ تي پريدرشن گنگدت کي چيو ته ”کاڌي جي لاءِ هاڻي ٻيو ڪو پوڄڻ ٻڌاءِ. مونکي هتي وٺي آيو آهين ته کاڌي جو ٻربند توکي اُئي ڪرڻو آهي.“ گنگدت کيس چيو ته ”هي متر، تنهنجو ڪم پورو ٿيو. هاڻي تون وري ساڳيءَ طرح چرخيءَ جي رستي موٽي وڃين ٿو سگهين.“ پريدرشن کيس چيو ته ”اَڙي گنگدت، هيءَ تنهنجي هلت ته واجب نه آهي. هينئر مان ڪيڏانهن موٽي ويندس؟ منهنجي ٻرم ته ٻئي ڪنهن اُڇي ديرو دمايو هوندو.

”جنهن کان کنهن جو موت تيندڙ هجي اهو سهني ۽ سندس اوڙو نہ ويندو. پوءِ تون هيءَ مورکتا جي ڳالهہ ڪئن ٿيو ڪرين؟“

گنگدت تنهن تي کيس چيو تہ ”جيڪي تون چوين ٿو سو سو رنهن آنہ سچ آهي. تون اسان جو سياويڪ شترو آهن. پر منهنجي دشمن مونکي ذليل ۽ سوڙهو گهڻيو آهي، تنهن ڪري سندن آڻ مجي تو وٽ آيو آهيان. چو جو چيل آهي تہ:-

”جڏهن سڀ ڪجهہ ناس ٿي وڃڻ تي هجي ۽ جان جوکم ۾ هجي تہ اُن وقت شتروءَ کي بہ پاند ڳچيءَ ۾ پائي مڃائجي ۽ پنهنجي حياتي ۽ ملکيت بچائجي.“

پريہ درشن تنهن تي کيس چيو تہ ”اوکي کنهن آزاريو آهي؟“ گنگدت تنهن تي کيس چيو تہ ”منهنجي عزيزن ئي.“ پريہ درشن کانئس پڇيو تہ ”تنهنجي رهڻ جو هنڌ کوهہ، ٻنيون، تلاءُ، نديءَ يا ٻئي کهڙي هنڌ آهي؟“ گنگدت جواب ۾ چيو تہ ”هڪ سوڙهي کوهہ ۾.“ پريہ درشن چيس تہ ”پيرن کانسواءِ مان اُن کوهہ ۾ گهري ڪئن سگهندس ۽ جي گهران بہ تہ مونکي رهڻ لاءِ ڪا جاءِ ڪٿان ملندو جتي آءٌ ويهي تنهنجن مائٽن کي هلاک ڪريان. چو جو چيل آهي تہ:-

”سياڻي ماڻهوءَ کي رڳو اها شيءِ کائڻ گهرجي جا ڳيهجي سگهجي، کائڻ کانپوءِ پچي سگهي ۽ پچڻ کان پوءِ تندرستيءَ کي فائدو پهچائي.“

گنگدت کيس چيو تہ ”تون مون سان گڏجي هل. مان توکي آسانيءَ سان اُتي وٺي هلندس. کوهہ جي پاڙ وٽ هڪ غفا آهي. اُن ۾ ويهي تون پنهنجي ڪارروائي ڪري سگهندين.“ اهو ٻڌي پريہ درشن من ۾ ويچار ڪيو تہ مان هونئن ئي پيرو تہ ٿيو آهيان. مشڪل سان ڪو ڪوئو مس تہ ڦاسائي سگهان. هي

ڪري ڪجھ
ڪرائجي. ڇو جو اِئين ڪرڻ سان پنهنجي هڙان ڪجھ
نہ ويندو ۽ دشمن نابود ٿي ويندو.
”ڪنڊو ٻير ۾ ڇڏي ويندو آهي تہ ڪيس ٻڌي ڪنڊي
يا ستيءَ سان ٻاهر ڪڍبو آهي. اهڙيءَ طرح ٻڌيمان
کي کپي تہ زبردست دشمن جو زبردست دشمن سان
مقابلو ڪرائي ٻنهي جي ستياناس ڪري پنهنجو ڇوٽڪارو
ڪري.“

اِهو ويچار ڪري ڏر جي ٻاهران ٻهي ناڳ کي سڏ ڪرڻ
لڳو تہ ”هي پريہ درشن، هي پريہ درشن! ٻاهر نہ اچ.“ اِهو
ناڳ خيال ڪيو تہ ”هي سڏ ڪندڙ پنهنجيءَ ذات
جو تہ ڪونہ ٿو سمجھہ ۾ اچي. سندس ڳالهائڻ ٻڌي نموني جو آهي.
وري منهنجو ڪنهن سان رستو ئي ڪونهي جو هن نموني
سڏي لنهن ڪري ساوڌان ٿي موڪي پنهنجي قلعي ۾ ئي
رهڻ کپي جيستائين پڪ ٿئي تہ هو آهي ڪير. ڇو جو چيل
آهي تہ :-
”برهسپتيءَ چيو آهي تہ جنهن جي خاندان، هلت چلت،
سياءَ ۽ رهڻ جي جاءِ جي خبر نہ هجي اُن سان مترتا
نہ ڪجي.“
شايد ڪوئي منتر، مرليءَ يا ٻوٽين جي وسيلي موڪي
منڊڻ چاهيندو هجي يا ماڻهين ڪو دشمنيءَ جي بدلي وٺڻ
لاءِ موڪي ڪاڻڻ جي خواهش رکندڙ هجي.“ اِهو خيال ڪري
هن جواب ۾ چيو تہ ”اڙي تون ڪير آهين؟“ تنهن تي ڪيس
وراڻي ملي تہ ”مان گنگدت نالي ڏيڏرن جو راجا آهيان
توسان مترتا ڳنڍڻ ٿو چاهيان.“ پريہ درشن تنهن تي ڪيس چيو
تہ ”اڙي هيءَ تہ تون عجيب ڳالھہ ٿو ڪرين! ڪڏهن ٻاهر
ڪانئين جي ٻہ پاڻ ۾ مترتا ٿي آهي؟ ڇو جو:-

منهنجي استري تنهنجي دل پلا ڪيڏانهن ڪندي؟ تنهن ڪري تون مهمان ٿي منهنجي گهر هل. تنهنجي ڀاڄائي ڏاڍي انتظار ۾ هوندي.“ باندر تنهن تي کيس چيو ته ”اڙي بي ايمان، دشت! اُٺ هتان. مان تيار ڪين هلندس، ڇو جو چيل آهي ته:-

”بکيو ماڻهو ڪهڙو پاپ نه ڪندو آهي؟ ڪمزور ماڻهو نردئي ٿيندا آهن. هي نيڪ عورت! پريه درشن کي وڃي چئو ته گنگدت وري کوهه ۾ پير نه پائيندو.“

واگهوءَ چيو ته ”اهو ڪئن؟“

باندر چيو ته ”بڌ ته بڌايانءِ.“

١. ڏيڏرن جي راجا ۽ نانگ جي آکاڻي

هڪڙي کوهه ۾ گنگدت نالي ڏيڏرن جو راجا رهندو هو. سندس مٽن مائٽن کيس ڏاڍو هلاڪ ڪيو. تنهن ڪري هو کوهه جي گرٽيءَ تي چڙهي ٻاهر نڪري آيو ۽ ويچار ڪرڻ لڳو ته انهن پنهنجن مٽن مائٽن کي ڪئن جوڳي سيکت ڏيان. ڇو جو چيل آهي ته:-

”مصيبت جي وقت جنهن نقصان پهچايو هجي ۽ تڪليف ۾ ڏسي جنهن ٺٺولي ڪئي هجي، انهن ٻنهي کي سيکت ڏيڻ واري ماڻهوءَ کي مان سمجهندس ته جڻ نئون جنم ورتو اٿائين.“

انهيءَ نموني ۾ هو ٻچائي رهيو هو ته ٻريان هڪ ڪاري پهر نانگ کي پنهنجي ڏر ۾ گهرندو ڏٺائين. دل ۾ ارادو ڪيائين ته انهيءَ نانگ کي کوهه ۾ وٺي هلان ۽ کيس انهن نالي جي مٽن مائٽن جي وچ علي ويهاريان جئن اُهو سڀني جي صفائي ڪري ڇڏي. ڇو جو چيل آهي ته:-

”پنهنجي ڪارج مدد ڪرڻ لاءِ دشمن کي ٻئي ڪنهن دشمن سان اٽڪائي ڇڏجي. ٻلوان جو ٻلوان سان مقابلو

وڻ مان پنهنجي دل ڪڍي ڏي ته هن چنبيءَ اِستريءَ جو وڃي ضد پورو ڪريان.“ واڳهوُ باندر کي موڻائي ڪناري تي وٺي آيو. باندر ته منئي من ۾ ديوتائن جون سُڪائون پي باسيون. پاڻ کي ڪناري تي سلامت ڏسي هن هڪدم وڻ تي وٺي ٽپو ڏنو ۽ ويچار ڪرڻ لڳو ته ”جان بچي ته لک لڌا“ چيو ته:-

”بي ويساهيءَ تي نه ويساهه اصل نه ڪجي پر جيڪو ويساهه جمائي وشواس پاتر بڻجي اُن تي به ويساهه نه ڪجي. ويساهه مان پيدا ٿيل ڀوُ ماڻهوءَ کي پاڙ کان پٽي ڇڏيندو آهي.“

”اَڄ منهنجي نئين جنم جو ڏينهن آهي.“ اُهڙيءَ طرح باندر من ۾ سوچي رهيو هو ته واڳهوءَ کيس چيو ته ”مٽر، ڏي پلا پنهنجي دل ته تنهنجي ڀاڃائيءَ کي کارائي خوش ڪريان.“ باندر کلي ڪري ۽ کيس ٺمالي چيو ته ”هي مورک، دغاباز، ڪپٽي توکي ڌڪار هجي! ڇا ڪنهن کي به دليون به ٿينديون آهن؟ هليو وڃ هتان. وري هن جموُءَ جي وڻ هيٺان نه اَچج.

”هڪ دفعه دغا ڪندڙ مٽر سان جيڪو وري ميلاپ وڌائڻ چاهيندو آهي اُن جو اِئين موت ٿيندو آهي جئن خچر جي ماديءَ جو گرڀوتي ٿيڻ سان.“

اِهو ٻڌي واڳهوءَ جا ٽپ ئي ٽري ويا. هو دل ۾ چوڻ لڳو ته ”مون ڏاڍي مورکتا ڪئي جو هن سان پنهنجيءَ اِستريءَ جو ڳجهه سليم. وري ڪوشش ڪري ڏسان. من مون تي وشواس ڪري وڃي!“ اِهو ويچار ڪري کيس چيائين ته ”هي مٽر، مون ته چرچو ڪري توکي چيو ته منهنجيءَ اِستريءَ کي تنهنجيءَ دل جي ضرورت آهي. مون ته تنهنجي آزمائش تي ورتي

ڪري منهنجيءَ پٺيءَ تي چڙهي ڪنهن به ٻيءَ ڏاءَ ڪانسواءِ اوڏانهن هل." اهو ٻڌي باندر ڪيس خوشيءَ وچان چيو ته "جيڪڏهن ائين آهي ته پوءِ دير ڇو ٿو ڪرين؟ جلدي هل. مان تنهنجيءَ پٺيءَ تي چڙهي ٿو ويهان." ائين چئي باندر واڳوءَ جي پٺيءَ تي چڙهي ويٺو ۽ واڳوءُ سمنڊ ۾ تيز رفتار سان هلڻ لڳو. وچ سمنڊ ۾ جڏهن پنهنجي رفتار وڌيڪ تيز ڪرڻ لڳو تڏهن باندر ڪيس چيو ته "هي ڀاءُ، تون آهستي آهستي هل. پاڻيءَ جي ڇولين منهنجي سر کي پساڻي ڇڏيو آهي." واڳوءَ به سمجهيو ته "هاڻي باندر ڪيڏانهن وڃي سگهندو؟ سمنڊ جي وچ ۾ سو گهو ڦاٿو آهي. تنهن ڪري کيس چوڻ سچيءَ حقيقت مان واقف ڪريان جڏهن پنهنجي اِشٽ ديو جو سمرڻ ڪري مرڻ لاءِ تيار ٿي هلي؟" ائين خيال ڪري هن باندر کي چيو ته "هي مترَ، مون توکي پنهنجيءَ اِستريءَ جي ڳالهين سان پنهنجيلا ئي مارڻ لاءِ هتي آندو آهي. تنهن ڪري تون هاڻي پنهنجي اِشٽ ديوتا جو سمرڻ ڪر."

باندر تنهن تي کيس چيو ته "مون تنهنجو ڪهڙو گناهه ڪيو آهي جو مونکي مارڻ هليو آهين؟" واڳوءَ کيس چيو ته "ڇمن جي کائڻ ڪري اَمِرت جهڙي رس سان ڀريل تنهنجي دِلِ منهنجي اِستري کائڻ ٿي چاهي. تنهن ڪري مون کي چالبازي ڪرڻي پئي. باندر کي به ترت دماغ ۾ ڪا ڳالهه سجهي آئي تنهن ڪيس جواب ڏنو ته "هي پيارا، جي ائين آهي ته تو مونکي اُتي چوڻ ڇو. ڇو جو مان پنهنجي دل هميشه جمونءَ جي وڻ جي ڏر ۾ لڪائي رکندو آهيان. اُتي چئين ها ته مان هڪدم پنهنجي ڀاڄيءَ لاءِ توکي اُها دِلِ ڪڍي ڏيان ها. مون کي جو تون دل ڪانسواءِ ٿو وٺي هلين ته اُن مان تنهنجو ڪارج سرندو ڪين." تنهن تي واڳوءَ کيس چيو "جيڪڏهن ائين آهي ته مان توکي موٽائي وٺي ٿو هلان.

'برهم هتيا، چوري، شراب پيئڻ ۽ نيم جي ڀڃڻ ڪرڻ وارن لاءِ مهاتمائن پرائشچت ڇيا آهن پر ڪرتگهن جي لاءِ ڪوئي پرائشچت نہ آهي.'

تنهن ڪري جيڪڏهن منهنجي ڏير کي پنهنجي گهر آڻي سندس آدرستڪار نہ ڪرين تہ منهنجي ملاقات توسان وري پرلوڪ ۾ ٿيندي.' اڄ هن سان جهڳڙو ڪندي وقت گذري ويو. تنهن ڪري مان تو وٽ دير سان آيو آهيان. هاڻي توکي مون سان هلڻو ئي پوندو. تنهنجي ڀاڄائي سنا وستر پهري، هار سينگار ڪري، دروازي جي چائنٺ کي انبن ۽ ڪيلي جي پنن سان سينگاري تنهن جي سواگت لاءِ انتظار ۾ بيٺي آهي."

باندر چيو تہ "منهنجي ڀاءُ جو چوڻ نيڪ آهي. چيو ويو:-

"ڪوري جنن تاني ۽ پيٽي مان تيار تيل ڪڙهي کي پاڻ ڏانهن پيو ڇڪيندو آهي اهڙيءَ طرح جيڪو لالچي متر ٻئي کي پاڻ ڏانهن پيو ڇڪيندو ۽ پاڻ وٽس ويندو ئي نہ آهي تہ اهڙي متر جو پڇاڻان ماڻهو تباهہ ڪري ڇڏيندا آهن.

"ڏيڻ ۽ وٺڻ، ڳجهيون ڳالهيون ٻڌڻ ۽ ٻڌائڻ، کائڻ ۽ کارائڻ اهي مترتا جون ڇهہ مکيہ نشانيون آهن."

پر مان آهيان جهنگ جو جانور ۽ تون رهين ٿو پاڻيءَ ۾. پوءِ مان تنهنجي گهر هلي ڪيئن سگهندس؟ تنهنڪري ڀاءُ کي هتي ئي وٺي اچ تہ کيس پرڻام ڪري مان سندس آسيس وٺان."

واڳوءَ تنهن تي کيس چيو تہ "هي متر! منهنجو گهر سمنڊ جي پرئين ڪناري تي هڪ رمڻيڪ هنڌ تي آهي. تنهن

باندري وسي رهي آهي جنهن کي پنهنجي پينگهه لاءِ سوين سٿون پيو سٽين. تنهنجي دل ۾ ته منهنجي لاءِ ڪا جڳهه ئي نه آهي. پوءِ منهنجي پيرن تي ڪري مونسان ٺٺولي ڇو ٿو ڪرين؟"

اها باندري جيڪڏهن تنهن جي پراڻ پياري نه آهي ته منهنجي چوڻ تي ڇو ڪين ٿو کيس مارين؟ جيڪڏهن اهو باندر آهي ته پوءِ هو پلا توسان ايترو پريم ڇو ڪندو؟ وڌيڪ مان توکي ڇا چوان؟ جيڪڏهن هن جو ڪليجو مونکي نه ٿو آڻي ڏين ته مان اَن جل ورتائڻ ڇڏي تي ڏيان ۽ اهڙيءَ طرح پنهنجو انت آڻيندس. اِهو منهنجو پڪو فيصلو ڪري سمجهه."

هنجو اِهو پڪو ارادو سمجهي چنتا ۾ وياڪل ٿي واڳوُ من ۾ چوڻ لڳو ته:-

"سريس (لپي)، مورک، ناري، ڪيڪڙو، مڇي، نير ۽ شرابي ڪنهن کي هڪ دفعو به چنبڙيا ته ڪيس سترو ڪونه ڇڏيندا."

تنهن ڪري مان ڇا ڪريان؟ مان هن کي ڪئن ٿو ماري سگهان؟ ائين ويچار ڪندو هو باندر وٽ آيو. کيس دير سان آيل ڏسي باندر به ڪجهه هبڪي ڪانئس پڇيو ته "متر، تون اَڄ دير سان ڇو آيو آهين؟ تنهنجي چهري تي اَڄ اها ٻهڪ ئي نه آهي. هميشه وانگيان ڪو سلوڪ به نٿو پڙهين؟" واڳوُءَ تنهن تي کيس وراڻي ڏني ته "تنهنجي ڀاڀي مون تي اَڄ ڏاڍو ڪاوڙي آهي. هوءَ ٿي چوي ته 'اَڙي ڪرتگهن! تون وري مون کي پنهنجو منهن نه ڏيکارجانءِ ڇو جو روز تون وڃي تنهنجي متر جو مٺو ٿو کائين پر کيس هڪ دفعو به تنهنجي گهر آڻي سندس خاطرداري نه ڪئي اٿيئي. تو جهڙن لاءِ ڪو به پرائشچت نٿو ٿي سگهي. ڇو جو چيل آهي ته:-

چوڻڪارو پرايت
ٽي ڏي ته اُها ڪائي مان ٻڌايي ۽ موت ڪان چوڻڪارو پرايت
ڪري هميشه توسان آنند ۾ وقت گذاريندي رهان." واڳهوءَ
ڪيس چيو ته "پياري، مٺان اِئين چيو آئيءَ! هن سان ته
منهنجو پائڻ جهڙو رستو تي وبو آهي ۽ وري منهنجو ڦل داتا
(ميون جي بخشيش ڪندڙ) آهي. اُنکي آءٌ ڪئن ماريندس؟
تنهن ڪري اِنهيءَ هٿ تان هيٺ لهي وڃ. چيو ٿو:-
"هڪڙي ياءُ ڪي ساڳي ماتا جنم ڏيندي آهي بر ٻئي
ڪي وچن ڏئي ڌرم جو ياءُ ڪبو آهي. ڌرم جي ياءُ
جو درجو سڳي ياءُ ڪان به وڏيڪ آهي."
واڳهوءَ جي اِستريءَ چيو ته "تو ڪڏهن به منهنجي ڳالهه
نه ٽاري آهي. مان سمجهان ٿي ته اُها ڪا باندري آهي جنهن
جي پريم ۾ سچو ڏينهن تون اُتي تو گذارين. مون هاڻي توکي
چڱيءَ طرح ڄاتو آهي. چيو ٿو:-
"ڪنهن به ڳالهه جو جواب تون سڌيءَ طرح نٿو ڏين.
جيڪي گهرانءِ تي سو به نه تو آڻين. رات جو باهه جي
اُلن وانگيان گرم ۽ اُيا ساهه تو ڪڍين. ڳلي لڳڻ ۾ ٻرائي
تو ڏيکارين. مٺي ڏاڙهڻ ۾ مزو ئي ڪونه تو اَچيئي. هي
ڪپٽي! اِنهيءَ مان، مان سمجهان ٿي ته تنهنجي من
۾ مون ڪان وڏيڪ ٻي ڪا پياري وسي رهي آهي."
اُهو واڳهوُ پنهنجيءَ اِستريءَ جي پيرن تي ڪري پيو
ڪيس پنهنجيءَ هنج ۾ ويهاري ميڙ منٿ ڪرڻ لڳس ته:-
"هي پراڻن ڪان پياري، تنهن جي چرنن تي جهڪي همي
تنهنجو چاڪر تي رهڻ مون سويڪار ڪيو آهي تڏ
به ڪاوڙ ٿي ڪرين؟"
واڳهوءَ جي اِستريءَ به اکين ۾ آنسون آڻي ڪيس چيو
"هي ڪپٽي! تنهن جي من ۾ ته اُها نقلي سونهن وا

يا اُتو ٽندڙ، مورکه يا پنڊت، سڀ جي ڀيٽ ۾ ڀڄڻ لاءِ پل جي سمان آهي.

”منو مهاراج چيو آهي ته وشنو ديو پوري تيرٿ تي يا شراڌ ۾ کو اَتٿي اچي ته اُن کان رهڻ جو هنڌ، جاتي، ڪل ۽ وديا بابت نه پڇجي.

”وشنو ديو سماپت تيرٿ تي گهڻو پنڌ ڪري آيل ۽ ٿڪل اَتٿيءَ جي جيڪو سيوا ڪندو آهي اُن کي سرڳ ملندو آهي.

”جنهن جي گهر مان اُيا ساهه کڻندو اَتٿي نراس ٿي ويندو آهي اُنجا پتر (پرلوڪ ۾ ويل سنبنڌي) ۽ ديوتائون ڪانئس پنهنجو منهن ڦيري ڇڏيندا آهن.“

اِئين چئي باندر واڳوءَ کي سوادي جمون ڏنا. واڳوءَ به جمون کائي ڪيتريءَ دير تائين باندر سان ڳالهيون ٻولهيون ڪري سمنڊ ۾ پنهنجي گهر هليو ويو. اهڙيءَ طرح روز وڻ جي ڇانيا ۾ ويهي ٻئي جمون به کائيندا هئا ۽ گيان گوشت به ڪندا هئا. پوءِ تي کائي رهڻ کانپوءِ جيڪي جمون بچندا هئا سي واڳوءُ پاڻ سان کڻي ويندو هو ۽ وڃي پنهنجيءَ اِستريءَ کي کائڻ لاءِ ڏيندو هو.

هڪ ڏينهن واڳوءَ جي اِستريءَ پنهنجي پتيءَ کان پڇيو ته ”اَمرت جهڙا هيءَ جمونءَ جا ڦل هر روز تون ڪٿان تو آڻين؟“ تنهن تي واڳوءَ کيس چيو ته ”رڪت مکه نالي هڪ باندر منهنجو متر آهي. اهو پريم سان هي ڦل مونکي ڏيندو آهي.“ اِن تي واڳوءَ جي اِستريءَ چيو ته ”جيڪو سدائين هي قسم جا اَمرت جهڙا ڦل کائيندو تو رهي اُن جي دل به اَمرت سان پرجي ويئي هوندي. هاڻي جيڪڏهن توکي پنهنجيءَ اِستريءَ جي ضرورت آهي ته اُن جي دل مونکي

لبڌ پرڻاش

لبڌ پرڻاش (لڌل جو گم ٿيڻ) نالي چوٿون تنتر شروع ٿو ڪجي جنهن جو پهريون ساوڪ هيءُ آهي:-

"سنڪٽ جي سمي ۾ جنهن جي مت نہ ٿي مارجي وڃي اهو سمنڊ جي وچ ۾ ويل ٻاندر وانگيان مشڪلاتن مان پار لنگهي ويندو آهي."

اِنهيءَ بابت هيٺين ڳالهہ ۾ ٿو اَچي:-

ڪنهن سمنڊ جي ڪناري تي هڪ وڏو ڄمن جو وڻ هو جنهن مان ٻارهن ئي مهينا ميوو ملندو رهندو هو. اُن وڻ تي رڪت مکہ (ڳاڙهي منهن وارو) نالي ٻاندر رهندو هو. هڪ دفعي ڪرال مکہ (خوفناڪ منهن وارو) نالي هڪ واڳو سمنڊ مان ٻاهر نڪري ڪناري جي نرم واريءَ تي وڻ جي هيٺان اَچي ويٺو. رڪت مکہ کيس چيو تہ "تون منهنجو اَتٿي (مهمان) آهين. اِنهيءَ ڪري اَمرت جي سواد جهڙا هي ڪارا ڄمون مان توکي ڏيان ٿو، اُهي سويڪار ڪر. چو جو:-

"*وئشو ديو ڪرم ڪان پوءِ آيل کهڙو بہ اَتٿي وٽندڙ

---

*رسوئي تيار ٿيڻ تي ڪائڻ کان اڳ ۾ ديوتائن جي نمت ڀريائين تيار ٿيل ڀوڄن جي سيني قسمن مان ٿورو ٿورو ڌرو گڏي اَگنيءَ ۾ وجهجهي. اُن کان پوءِ گئوءَ، ڪتي ۽ ڪانوَ کي سڀي ڪاڌي مان ملائي گهٽ ۾ گهٽ هڪ گرهہ ڏجي. اِن ڪريا کي وئشو ديو بلي ٿو چئجي. اُن کان پوءِ ڪنهن اَتٿيءَ کي بہ ضرور کارائڻو آهي.

تٔتر چوٹون

لبت پرٹاش

”ٿيهي لوڪن کي جيتيندڙ مانڌاتا راجا ڪيڏانهن هليو ويو؟ ستيه ورت (سچ جي برتگيا تي پورو) مهاراجا ڀيشم پتامهه ڪٿي آهي؟ جنهن ديوتائن تي به راڄ ڪيو اهو راجا نهش ڪٿي آهي؟ سريشٽ شاسترن جو ڄاڻو (گيتا جو اُپديش ڏيندڙ) ڀڳوان ڪرشن ڪٿي آهي؟ اهي سيئي اندر جي آسڻ تي ساڻس گڏ ويهندا هئا. هاٿي، گهوڙا ۽ رٿ سندن دروازن تي هميشه تيار بيٺا هوندا هئا. ٻاون ڪال سيني کي پيدا ڪري وري کين ميساري ڇڏيو.

”اُهيئي راجائون، اُهيئي منتري، اُهيئي سندر استريون، اُهيئي باغ باغيچا! ڪال هڪ ئي دفعه اُنهن تي نظر ڦيري ته سڀ الوپ ٿي ويا.“

اهڙيءَ طرح مستاني هاٿيءَ جي ڪن وانگيان چنچل راڄ لڪشمي پراپت ڪري نياءَ پورڪ پرجا جي پالنا ڪري راڄ جو سک ماڻ.“

دشمن ... ڪڍهن ٻه هڪ هنڌ ٽڪاءُ نه ڪندي آهي. ... گيان ڪڍهن ٻه تور تائين نه نباهيندي آهي. ... سنگر وانگيان ڪڍهن ٻه تور تائين نه نباهيندي آهي ... ٻ سنگر وانگيان ڪڍهن ٻه تور تائين ... لالائي ... نگ جي زهر وانگيان لاعلاج، شام جي بادل وانگيان ٿوري ... ٻاڙاهڻ، پريم) واري، پاڻيءَ جي بد بدن (ڦوڪڻن) وانگيان ... ڪدم ناس ٿيندڙ، سپني ۾ پراپت ٿيل پدارٿن وانگيان تمام ... ور ۽ وقت سڪ ڏيندڙ هن لڇميءَ تي ڪڍهن ٻه ڀروسو نه ... ٿو رکي سگهجي. ڇو ڇو:-

(تاجپوشيءَ مهل) ويهڻ وقت

”راجا جي سنگهاسن تي ويهڻ وقت جن سندس سنسڪار ٿيندو آهي تن سندس دماغ
کي ڪيترن منجهيل ڳالهين کي حل ڪرڻ لاءِ ڪم
ڪرڻو پوندو آهي. تاجپوشيءَ جي پاڻيءَ جي دلن سان
گڏ مصيبتون ٻه مٿانس اچي پونديون آهن.“

مصيبتون ته ڪنهن وٽ ٻه وڃي ٿيون سگهن.
”رام جو بنواس، ٻاپءَ راجا جو بَدِ جي وڃڻ، پاندون
جو جهنگ ۾ رهڻ، يادون جو موت، نل راجا جو
تخت ڇڏي ڀڄي وڃڻ، اَرجن جو ناٽياچاريه (ناچ
سيکاريندڙ) ٿيڻ، لنڪا جي راجا راوڻ جو خاتمو،
اهي سڀ ڳالهيون وقت لي تاڻهوءَ کي سهڻيون ٿيون پون.“

ڪو ٻه ڪنهنجو بچاءُ نٿو ڪري سگهي.
”اِندر ديوتا جو مِتر مهاراجا دشرٿ جو سرڳ ۾ ڪيس ...
سهائتا ڪرڻ ويو هو سو ڪٿي آهي؟ سمنڊ جي لهر ...
کي روڪڻ وارو راجا سگر اَڄ ڪٿي آهي؟ وين راجا ...
جي سرير کي ولوڙي منجهانس ڪڍيل پرٿو راجا ڪٿي ...
آهي؟ ڪٿي آهي سوريه جو پٽ منو؟ ڪال ٻگو ...
هڪ دفعه ڪين جاڳائي وري همیشه لاءِ سيني ...

آهن تيستائين سندن جوش سان پريل هردي کي شانتي
نہ ملندي آهي."

شروع ڪيل ڪم کي سمايت ڪرڻ ڪري منهنجو هردو هاڻي بسرام ۾ آهي. توهان جي راڄ مان شترن روپي ڪنڊا باڙون پٽجي ويا آهن. تنهن ڪري هاڻي پنهنجو سمورو ڌيان پرجا جي سنڀال ۽ پالنا ڪرڻ ۾ لڳاءِ جئن هيءَ راڄ جي لڪشمي تنهنجا پٽ پوٽا ۾ ماڻيندا رهن. چيو جو:-

"جيڪو راجا پرجا جو بچاءُ ۽ سنڀال نٿو ڪري اُنجو جنم اُئين اجايو آهي جئين ٻڪر جي ڳچيءَ ۾ لڙڪندڙ ٿڻ. (جن ۾ نہ کير هوندو آهي ۽ نہ ماس)

"جنهن راجا کي گڻن ۾ پريم، برائين عادتن کان نفرت، سڄڻ سيوڪن لاءِ آدر هوندو آهي اهو راجا تمام گهڻي عرصي تائين اُها راڄ جي لڇمي ماڻيندو آهي جنهن جا وستر چوورن جي گهمائڻ سان لڏندا رهندا آهن ۽ نرمل اُڇي رنگ واري ڪپڙي جي ڇٽيءَ سان سينگاريل هوندي آهي."

'دشمن ڏک تي ويا ۽ مونکي راڄ ملي ويو' ائين سمجهي ڪري لڇميءَ جي مدد ۾ پاڻ کي نڳرڻ نہ کپي. راڄ لڇمي چنچل ٿيندي آهي هڪ هنڌ ڪيس آرام ئي نہ ايندو آهي. جئن بانس جي لڪڙي تي چڙهڻ ڏکيو آهي تئن راڄ لڇمي پراپت ڪرڻ اوکي آهي. ڪن ۾ کيرائي ڦتو ڪندي آهي. هزار حيلن سان ڪيس دٻائي رکجي تہ بہ آخر دوکو ڏيئي هلي ويندي. باندرن جي جاتيءَ وانگيان نهايت چنچل آهي. ميڙ منت ڪرڻ تي بہ ابر ڪيڏي اُدامي ويندي. ڪمل جي پن تي جئن پاڻيءَ جي بوند ترليپ هوندي آهي تئن لڇمي بہ ڪنهن سان لڳ لاڳاپو نہ رکندي آهي. بون جي چال

و جو چيل آهي ته:-

”جن ماڻهن ڪم ڪرڻ جو ڪو پورو فيصلو نه ڪيو آهي،
جي محنت ڪرڻ کان ڇرڪن ٿا، هر هڪ ڳالهه ۾ هڪ
ٻئي جي عيب جوئي ٿا ڪن ۽ جي نتيجي جي لاءِ
پاڻ ۾ جهيڙو ڪندڙ آهن اهي هن دنيا ۾ پنهنجي ڪِلَ
ڪرائيندا آهن.“

بدِ يمان ماڻهو نڪما ڪم به ڏاڍي خيال سان ڪندا آهن.

ڇو جو:-

”هي ڪم ته منهنجي لاءِ خسيس آهي، هي ڪم ته ڪنهن
به تڪليف کان سواءِ پاڻيهي ٿي سگهندو، هن ڏيڍ
ڪم ڪرڻ ڪري منهنجي ڪا واڪاڻ نه ٿيندي، اهڙيءَ
طرح بي پرواهي ڏيکاريندڙ ماڻهو مشڪلات جي وقت
منجهي پوندا آهن ۽ پوءِ کين پڇتائڻو پوندو آهي.“

مون پنهنجي سواميءَ جي شترن کي جيئن پنهنجي ڪرتويه
جي پالنا ڪئي آهي. اڄ کان وٺي ڪنهن به اون ڪانسواءِ
ٻي سان رات جو ننڊ ڪري سگهندس. ڇو جو چيل آهي ته:-

”گهر مان نانگ کي ٻاهر ڪڍي يا کيس ماري، ڦرڻي
ڪانسواءِ سمهي سگهبو آهي. نانگ جي ڊپ کان رات
جو ننڊ اَصل نه اِيندي آهي.“

۽ ٻڻ

”پنهنجي واپار ۽ ڏنڌي کي وڌائي وڏو مان مرتبو حاصل
ڪيل، جن کي پنهنجي مٽن مائٽن ۽ وڏڙن جي آسيس
مليل آهي، سي ڪنهن ڪم ۾ نيٺيءَ جو ورتاءُ ڪندڙ،
همت جي وسيلي کهڙو به جوکائتو ڪم ڪندڙ ۽
پنهنجيءَ عزت قائم رکڻ لاءِ کهڙو به ڏکيو ڪم
ڪندڙ جيستائين پنهنجي ڪم ۾ سڦلتا پراپت نه ڪندا

”سٺي ياڳ واري ماڻھوءَ جي ٻڌي ڪاريہ جي آرنڀ ڪرڻ وقت ڦهلبي آهي، ٻنڌس يادگيريءَ جي طاقت مضبوط ٿيندي آهي، ڌن دولت کي چڪڻ وارين رٿون ڪڍهن ٻه الٽو آثر نہ ڏيکاريندڙون آهن، ويچار شڪتي سڦلي ٿيندي آهي، من واداري جو آنيؤ ڪرڻ لڳندو آهي ۽ ساراهه جوڳي ڪم ۾ پريم وڌندو آهي.

نيتي، دان ۽ ويرتا واري پرش سان ئي راڄ قائم رهندو آهي. چيو جو چيل آهي تہ:-

”دان ڪندڙ، بهادر ۽ ودوان سان سنگ ڪرڻ ڪري ماڻھو گڻوان ٿي سگھندو آهي. گڻوان مان ڌن، ڌن مان لڪشمي (سوڀيا)، لڪشميءَ مان آگيا (جي پالنا) ۽ ان مان راڄ پراپت ٿيندو آهي.“

ميگھورڻ چيو تہ ”نيتي شاستر جو قول تہ هتون همت ترت ئي ملي ٿو وڃي. ان جو پالن ڪرڻ سان ئي توهان شترن جي دل ۾ گھري ويا ۽ ارمردن کي سموري ڪٽنب پريوار سميت سماپت ڪري ڇڏيو.“

سٿرجيويءَ تنهن تي چيو تہ:-

”تکن، زبردست ۽ خوفناڪ اپائن سان جنهن کي پنهنجي همت هيٺ آڻو آهي ان سان ٻہ پهريائين سام نيتيءَ (مترتا جي رستي) جو آڌار وٺي پاڻ کي سندس ويجھو آڻجي. جهنگل ۾ ٻہ تمام اتاهين ۽ ڦهليل، ديوتا جي واس واري ٻڙ جهڙي وڻ جون ڪاٺيون يا پن ڪھريل هوندا آهن تہ پهريائين سندس پوڄا ڪجي آهي.“

پوءِ تہ هي سوامي! ان ڳالهہ چوڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي تہ وقت تي ڪم نہ ڪرڻ ڪري ڏاڍي جفاڪشي ۽ محنت ڪرڻي پوندي آهي پوءِ ٻہ اهو ڪارج سڌ ٿئي يا نہ.

”نيتي روپي زيورن سان سينگاريل مهاپرشن جي وڏائي انهيءَ ۾ ئي آهي ته سنڪٽ اچڻ تي به هو آرنڀ ڪيل ڪم اڌ ۾ ڇڏي نه ڏيندا آهن.

”نيچ پرش وگهنن جي ڊپ کان ڪو ڪم شروع ئي نه ڪندا آهن. مڌيم پرش ڪم شروع ڪرڻ کانپوءِ رڪاوٽ پوڻ تي ڪم اڌ ۾ ئي ڇڏي ڏيندا آهن. پر اتم پرش هزار قسم جي وگهنن پوڻ تي به شروع ڪيل ڪم کي بلڪل ڇڏي نه ڏيندا آهن.“

شتروءَ کي پاڙون پٽي تو منهنجي راڄ مان سڀ ڪنڊا ٻاهر ڪڍي ڦٽا ڪيا آهن. نيتي شاستر جي ڄاڻن لاءِ اِهو بلڪل ضروري آهي ته:-

”باقي بچيل قرض، اڳ وسامِيل باهه، رهيل کهيل بيماري ۽ ساڳيءَ طرح بچيل شترو وري وري ٻيا وڌندا آهن. تنهن ڪري انهن جي باقي بچت رهڻ نه ڏجي.“

سترجيويءَ چيو ته ”هي ديو، تون ڀاڳيه وارو آهين. جو تنهنجا سڀ ڪم سڦلتا سان سماپت ٿيا آهن. رڳو بهادريءَ سان ڪم پورو ڪري نه سگهبو آهي پر جي بڌيءَ کان ڪم وٺبو ته اوس وجيه پراپت ٿيندي. چيو به ويو آهي ته:-

”هٿيارن سان ماريل شتروءَ کي سچ پچ مئل نه سمجهڻ گهرجي. جڏهن سندس بڌي ناس ٿي وڃي تڏهن ئي ڪيس پوريءَ طرح نشٽ ٿيل سمجهڻ گهرجي. هٿيار فقط سرير کي ناس ڪري سگهندو آهي پر بڌيءَ جي ناس ٿيڻ تي خاندان، ڌن دولت ۽ جس سڀ ڪجهه چٽ ٿي ويندو آهي.“

اهڙيءَ طرح بڌيمان ۽ پراڪرمي ماڻهوءَ جا ڪم گهڻيءَ جفاڪشيءَ کانسواءِ پورا ٿيندا آهن.

منڊوش چيو ته تنهن ڪري مان چوان ٿو ته ”مان اهو سڀ سمجهان ويٺو ته ڏيڏر مونسان نهڪي نه سگهندا. گيهر ڪاڻ ڪري آندي تيل براهمڻ وانگيان مان ڪجهه ڏينهن تائين هنن جو انتظار ڪري رهيو آهيان.“

تنهن ڪانپوءِ منڊوش ڪلندي چئي ڏنو ته ”ڏيڏرن ڪاڻ ۾ ٻه گهٽنڪي قسمن جو سواد ملندو آهي.“ اهو ٻڌي جل پاد گهبرائجي ويو. هڪدم منڊوش وٽ وڃي ڪيس چيائين ته ”پيارا، هي تون ڪهڙي قسم جون ڳالهيون پيو ڪرين؟“ منڊوش ڳالهه ڦيرائي ڪيس اهڙو جواب ڏنو جو هن جو شڪ دور ٿي ويو. وڏيڪ چا ٻڌايانو. منڊوش سيني ڏيڏرن جي صفائي ڪري آخر جل پاد کي به کائي ويو جنهن ڪري ڏيڏرن جو نالو نشان به ميسارجي ويو.

ستر جيوي چيو ته انهيءَ ڪري مان چوان ٿو ته ”وقت پوڻ تي ٻڌيمان کي کپي ته پنهنجي شتروءَ کي ڪاهي تي کڻي به گهمائي. جيئن جو اهڙيءَ طرح هڪ ڪاري نانگ ڪيترن ڏيڏرن کي ماري ڇڏيو.“

”هي راجن! جئن منڊوش پنهنجيءَ چترائيءَ ۽ هوشياريءَ سان سيني ڏيڏرن کي خلاص ڪري ڇڏيو تئن مون به پنهنجي شترن جي صفائي ڪري ڇڏي. چيو جو هي نيڪ چيل آهي ته:-

”ٻن ۾ لڳل باهه وڻن کي برابر جلائي ڇڏيندي آهي پر
سندن ڏرتيءَ ۾ پوريل پاڙون سلامت هونديون آهن.
پر تيز پاري واري هوا سندن پاڙن کي به ساڙي
ڇڏيندي آهي.“

ميگهه ورڻ چيو ته ”چاچا، اٿين برابر آهي ته جيڪي مهاپرش هوندا آهن سي ڪهڙيءَ به زبردست مشڪلات اچڻ تي شروع ڪيل ڪم کي اڌ ۾ ڇڏي نه ڏيندا آهن. چيو جو چيل آهي ته:-

چيو ته ”مونکي ته براهمڻ جو سراپ مليل آهي. وري به تو هان جي آڏيا مان مڃي سگهان ٿو.“ اهڙيءَ طرح هر روز ڏيڏرن کي کائڻ ڪري ٿورن ئي ڏينهن ۾ سندس بدن مضبوط ٿي ويو. من ۾ خوش ٿي هو خيال ڪرڻ لڳو ته:-

”هنن ڏيڏرن کي دلبو ڏيئي مون ڪين پنهنجي وس ۾ ڪري ڇڏيو آهي. جي مان هنن کي اِئين کائيندو رهيس ته هي ڪيترا ڏينهن جٽاءُ ڪندا؟“

جل پاد به مندوش جي بناوٽي ڳالهين تي موهت ٿي ڪجهه سمجهي نه سگهيو. ڪجهه عرصي کانپوءِ هڪ ٻيو وڏو ڪاريهر نانگ اُتيءَ هنڌ آيو. هو مندوش تي ڏيڏرن کي سوار ٿيندو ڏسي ڏاڍي عجب ۾ پئجي ويو ۽ کيس چيائين ته ”اڙي مترِ، جيڪي اسان جو لقمو بڻجڻ جي لائق آهن اُنهن کي تون پنهنجيءَ پٺيءَ تي چاڙهي پيو گهمائين! هيءَ ڳالهه ته آڙي ئي نٿي!“ مندوش تنهن تي کيس چيو ته:-

”مان اِهو سڀ سمجهان وينو ته ڏيڏر مونسان نهڪي نه سگهندا. گيهه کائڻ ڪري انڌي ٿيل براهمڻ وانگيان مان ڪجهه ڏينهن تائين هنن جو اِنتظار ڪري رهيو آهيان.“

ڪاريهر نانگ کانئس پڇيو ته ”اِهو ڪيئن؟“

مندوش چيو ته ”ٻڌ ته ٻڌايانءِ.“

١٧. گيهه سان انڌي ٿيل براهمڻ جي آکاڻي

ڪنهن شهر ۾ يگيهه دت نالي براهمڻ رهندو هو. هن جي زال جو ٻئي ڪنهن سان برير هوندو هو. پنهنجي پتيءَ کان چوريءَ گيهه ۽ کنڊ جا گيهر نهرائي پنهنجي برِيمِيءَ کي پهچائيندي هئي. هڪ ڏينهن يگيهه دت کيس گيهر کڻي ويندي ڏسي ورتو. تنهن تي هن کانئس پڇيو ته ”پياري، هيءُ مال

يو ته ”مونکي ته براهمڻ جو سراپ مليل آهي. وري به توهان
جي آگيا مان مون سکيان تو“ اهڙيءَ طرح هر روز ڏيڏرن
کي کائڻ کري تورن لئي ڏينهن ۾ سندس بدن مضبوط ٿي
يو. من ۾ خوش ٿي هو خيال کرڻ لڳو ته:-
”هنن ڏيڏرن کي دلبو ڏيئي مون کين پنهنجي وس ۾
کري ڇڏيو آهي. جي مان هنن کي اِئين کائيندو
رهيس ته هي کيترا ڏينهن جٽاءُ کندا؟“
جل پاد به مندوش جي بناوٽي ڳالهين تي موهت ٿي
کجهه سمجهي نه سگهيو. کجهه عرصي کانپوءِ هڪ ٻيو وڏو
کاريهر نانگ اُتيءَ هند آيو. هو مندوش تي ڏيڏرن کي
سوار ٿيندو ڏسي ڏاڍي عجب ۾ پئجي ويو ۽ کيس چيائين
ته ”اڙي متر، جيکي اسان جو لقمو بڻجڻ جي لائق آهن
اُنهن کي تون پنهنجيءَ بنيءَ تي چاڙهي پيو گهمائين! هيءَ
ڳالهه ته اٽڙي لئي ٿي!“ مندوش تنهن تي کيس چيو ته:-
”مان اِهو سڀ سمجهان ويٺو ته ڏيڏر مونسان نهڪي
نه سگهندا. گيهه کائڻ کري آنڌي ٽيل براهمڻ وانگيان
مان کجهه ڏينهن تائين هنن جو اِنتظار کري رهيو
آهيان.“
کاريهر نانگ کانئس پڇيو ته ”اِهو کئين؟“
مندوش چيو ته ”ٻڌ ته ٻڌايانءِ.“

۱۷. گيهه سان آنڌي ٽيل براهمڻ جي آکاڻي

کنهن شهر ۾ يگيهدت نالي براهمڻ رهندو هو. هن جي
زال جو ٻئي کنهن سان ٻرٻر هوندو هو. پنهنجي پتيءَ کان
چوريءَ گيهه ۽ کنڊ جا گيهر ٺهرائي پنهنجي پريميءَ کي
ڏيندي هئي. هڪ ڏينهن يگيهدت کيس گيهر کڻي ويند
ڏٺو. تنهن تي هن کانئس پڇيو ته ”پياري، هيءُ ما

هي راجا، تو جو چيو ته مون دشمن سان رهي جڻ ترار جي ڌار تي هلڻ جو ورت نباهيو آن جو برابر مونکي آزمودو ماڻهو. چيو جو چئل آهي ته:-

”نه بي عزتيءَ جي پرواهه ڪجي ۽ نه عزت جي ئي سانگو رکجي. پنهنجو ڪم ڪئين به ڪري ڪڍي اچجي. پنهنجو سوارٿ پورو نه ڪرڻ ئي مورکتا آهي.

”وقت پوڻ تي بدِيمان کي ڪلهي ته پنهنجي شتروءَ کي ڪلهي تي کڻي به گهمائي. جيئن جو اهڙيءَ طرح هڪ ڪاري نانگ ڪيترن ڏيڏرن کي ماري ڇڏيو.“

ميگهه ورڻ چيو ته ”اهو ڪيئن؟“

ستر جيويءَ چيو ته ”ٻڌ ته ٻڌايانءِ.“

١٦. نانگ تي سواري ڪندڙن ڏيڏرن جي آکاڻي

ورڻ پربت جي پرسان هڪ هنڌ مندوِش (اتوري زهر وارو) نالي هڪ پوڙهو نانگ رهندو هو. هڪ دفعي هن پنهنجي من ۾ ويچار ڪيو ته ”اهڙي ڪا تجويز ڪريان جنهن بنا ڪنهن تڪليف جي مونکي پوڄڻ ملندو رهي.“ ائين پهه پڇائيندو هو هڪ اهڙي تلاءَ تي اچي ويٺو جو ڏيڏرن سان ڀريل هو. هو پاڻکي ائين ڏيکاري ڏاڍ لڳو، ڄڻ ته دنيا جو ترڪ ڪري هڪ تياڳي مهاتما آهي. تنهن تي هڪ ڏيڏر کانئس پڇيو ته ”ماما، جيئن اڳي وانگيان پنهنجي کاڌي لاءِ همت ڀير نٿو هلائين؟“ نانگ کيس جواب ڏنو ته ”مون اڀاڳي کي هاڻي پوڄڻ جي چاهنا گهٽ ونڌ آهي. اڄ رات جو کاڌي جي ڳولها ۾ گهمندي مون هڪ ڏيڏر ڏٺو ۽ کيس پڪڙڻ جي ڪوشش ڪيم. مرڻ جي ڊپ کان هو ويد پاٺ ڪندڙن براهمڻن جي وچ ۾ هليو ويو. اتي آءٌ پهچي نه ٿي سگهيس. سندس انتظار ۾ تلاءَ جي ڪناري تي ويٺو هيس ته مون

"وقت پروڙيندڙ ودوان کي کپي ته جڏهن به کي ڏکيا ڏينهن اچي ڪڙڪن ته چڱي يا مٺي ڪم جو ويچار نه ڪري پنهنجو مقصد پوري ڪرڻ لاءِ وقت تي منهن ڏئي پهي. گانڊيوڌنش جي ڏور ڇڪڻ ڪري جنهن ارجن جا هٿ سخت تي پيا هوا اهو ساڳيو ارجن ساڳين هٿن سان ساز وڄائي وقت تي نچڻ ۽ ڳائڻ لڳو.

"سڦلتا چاهيندڙ پرش جيتوڻيڪ اتساهه ۽ شڪتيءَ سان ڀرپور به هجي ته به پاڻ کي ضابطي ۾ رکي بدقسمتيءَ جي وقت ڌيرج کان ڪم وٺي. اندر، ڪبير ۽ يم سان برابري ڪندڙن ڀائرن وارو مهاراجا يڌشٽر سنڪٽ جي وقت ورات راجا جي محلاتن ۾ ڇا ڪيتري عرصي تائين من، واڻيءَ ۽ سرير جو ڪشٽ نه سهندو رهيو؟ ...اڻي ۽ سونهن جي صاحبڻ، ڪنتيءَ (مادريءَ) جي پٽ ... انڪل ۽ سهديو) کي ورات جي ڳائين چارڻ جو ڪم ... ڪرڻو پيو.

"...جا سونهن ۾ پنهنجو مٽ پاڻ ۽ جوانيءَ جي سيني تڪڻ سان ڀرپور هئي، سرپشٽ ڪل ۾ سندس جنم ٿيو هو، لڪشميءَ وانگيان جنهنجو چمڪو هو اها به سمي جي الٽي ڦيرڻ تي ورات راجا جي محلات ۾ اڪل روپ ۾ رهڻ لڳي. ٻيون ڙالون ڪيس سنگرندري (گهٽ درجي جي داسي) ڪري سڏينديون هيون ۽ ساڻس خنڪيءَ سان ڳالهائينديون هيون. ان کي چندن گهي ڪري پنهنجو وقت گذارڻو پيو."

ٻيڪ ورڻ چيو ته "هي چاچا، دشمن سان گڏ رهڻ مان ترار جي ڌار سمان سمجهندو آهيان." سترجيويءَ چيو ته "هي ديو، اِئين برابر آهي. پر هنن جهڙي مورکن جي منڊلي مون ڪٿي ڪانه ڏٺي. رڪتاڪش ڪانسواءِ ٻيو ڪوبه انهن ۾ سياڻو

ڪري ڇڏيندو آهي. هو ڇگيءَ کي لڳو سمجهندو آهي ۽ پاپ کي لاءِ رسائيندڙ پيچ."

پنهنجي آکيڙي ناهڻ جي بهاني قلعي جي دروازي وٽ ڪانن جو ڍير گڏ ڪري سڀ اُيرڻ سان اُن جي اَنڌي ٿيڻ تي ستر جيوي جادئي ميگهه ورڻ وٽ ويو ۽ کيس چيائين ته "هي سوامي، اسان جي دشمن جي غفا اهڙيءَ حالت کي پهتل آهي جو هڪدم کيس باهه ڏئي سگهجي. توهان پنهنجي سيني ساٿين سان گڏجي هڪ هڪ ٻرندڙ جهنگل جي ڪاٺي پنهنجيءَ چهنب ۾ کڻي مون واري آکيڙي ۾ اچي وجهو جئن سيئي شترو ڪميءَ پاڪ (دلي ۾ وجهي سوڙ هو گهٽي جلائڻ) نرڪ وانگيان باهه ۾ پسر تي وڃن." اهو ٻڌي ميگهه ورڻ خوشيءَ وچان چيو ته "هي چاچا، تون پنهنجو احوال ته ٻڌاءِ! گهڻن ڏينهن کان پوءِ تنهنجو درشن ٿيو آهي." ستر جيويءَ تنهن تي کيس چيو ته "ڳالهيون ٻولهيون ڪرڻ جو هي وقت نه آهي. ڇو جو دشمن جو ڪو جاسوس کيس جيڪڏهن منهنجي هتي اچڻ جي خبر ڏيندو ته منهنجي منصوبي جو سڄو مانڊاڻ ڊهي اچي پٽ پوندو ۽ هو انڌا اُلو ٻئي ڪنهن هنڌ هليا ويندا. تنهن ڪري جلدي ڪريو. ڇو جو چيل آهي ته:-

"جلد ٿيندڙ ڪم ۾ جيڪو دير ڪري ٿو وجهي اُن تي ديوتائون ڪاوڙجي اُن ڪم ۾ وگهن وجهندا رهندا آهن.

"جيڪي فائدائتو ڪم جلد نه تا ڪيا وڃن اُنهن جو رس ڪال ديوتا پي ويندو آهي (يعني اُهي ڪم پوءِ نشقل ٿي پوندا آهن)."

سيني شترن کي نشٽ ڪري جڏهن واپس موٽي ايندين تڏهن تانئيڪو تي وستار سان سڀ ڪجهه ٻڌائيندو سانءِ."

ستر جيويءَ جون اهي ڳالهيون ٻڌي ميگهه ورڻ ۽ سندس سيئي ساٿي ٻرندڙ ڪاٺيءَ جو هڪ هڪ ٽڪر

هٿ چپ ڪري ويهي تو رهان." ايتري ۾ اُنهيءَ غفا ۾ رهندڙ ڏڏ پڇڙ (ڏڏ وانگيان اڇي پڇ وارو) نالي گدڙ به اُتي اچي نڪتو. هن ٻاهران جاچي ڏٺو ته شينهن جي اندر وڃڻ جي پيرن جا نشان ته مٽيءَ تي ظاهر بينا آهن پر ٻاهر نڪرڻ جا ڪونه آهن. اِنهيءَ تي هن دل ۾ چيو ته "منهنجو موت ته هڪيو تڪيو آهي. هن غفا جي اندر پڪ ئي ڪ شينهن آهي. مان هاڻي ڇا ڪريان؟ اِنهيءَ ڳالهه جي خاطري ڪئن ڪريان؟" اِهو ويچار ڪري هو غفا جي ٻاهران ٻهي ڏاڍي زور سان آواز ڪري چوڻ لڳو ته "اَڙي غفا، اَڙي غفا!" ٿورو وقت چپ ڪري وري چوڻ لڳو ته "اَڙي غفا، ڇا توکي ياد نه آهي ته منهنجو توسان شرط ٿيل آهي ته ٻاهران اچڻ تي پهريائين مان توکي سڏ ڪندس. تون وري اُن جو جواب ڏيندينءَ. پوءِ مان اَندر گهرندس. جنهن حالت ۾ تون اَڄ ڪو جواب نه ٿي ڏين تنهن صورت ۾ مان ٻيءَ ڪنهن غفا ۾ ٿو هليو وڃان." اِهو ٻڌي شينهن من ۾ خيال ڪيو ته "هيءَ غفا برابر گدڙ جي اچڻ تي ڪيس سڏ جو جواب ڏيندي آهي. اَڄ منهنجي ڊپ کان ڪيس جواب نه ٿي ڏي. چيو به چيل آهي ته:-

"جن کي ڊپ ويڙهي ويندو آهي اُنهن جا هٿ پير نه هلندا آهن، سندن زبان مان ڳالهائڻ نه نڪرندو آهي ۽ سندن سر ۾ پيو ڪنبندو آهي."

تنهن ڪري مان ئي ڪيس جواب ٿو ڏيان جئن هو هڪ دفعه ئي اَندر اچي ته ڪيس مان پنهنجو پيٽ ڀريان." اِهو ويچار ڪري شينهن گدڙ جي سڏ جو جواب ڏنو. شينهن جي آواز سان غفا پڙجي ويئي ۽ ڪيترن هنڌ اُن جو پڙاڏو ٿيڻ لڳو جنهن ڪري گهڻي مفاصلي تي ٻيئل جانور به ڊڄي ويا. گدڙ به هئن چوندو ڀڄي ويو:-

١٤. سوني وٺ لاهيندڙ پکيءَ جي آکاڻي

ڪنهن ٻهاڙي ملڪ ۾ هڪ وڏو وڻ هو. اُن تي سنڌڪ نالي ڪو پکي رهندو هو. هو جڏهن وٺ لاهيندو هو ته اها سون ٿي پوندي هئي. هڪ ڏينهن هنکي پڪڙڻ لاءِ هڪ شڪاري سهي سنهري نڪتو. پکيءَ اُن جي پرسان پنهنجي وٺ لاتي ته اُها سوني ٿي پئي. اِهو ڏسي شڪاري وسميہ ۾ پنهجي چوڻ لڳو ته ”ٻالڪپڻي کان وٺي مان پکين کي ڦاسائيندو رهيو آهيان پر مون ڪڏهن به ڪنهن جي وٺ سون ۾ بدليل نه ڏٺي. اِهو ويچار ڪري شڪاريءَ اُن وڻ تي پنهنجو ڄار وڇايو. پکي بي فڪر ٿي مزي سان وڻ تي ويٺو هو. ڪيس سمڪ ئي ڪانہ پئي ته ڪيس ڦاسائڻ لاءِ ڪو ڄار وڇايل آهي. اِن ڪري هو ڄار ۾ ڦاسي پيو. شڪاري به ڪيس ڄار مان ڇڏائي، پڃري ۾ بند ڪري پکيءَ کي گهر کڻي آيو ۽ ويچار ڪيائين ته ”مان هن عجيب پکيءَ کي ڇا ڪندس؟ جيڪڏهن ڪير هن پکيءَ جي تاثير جي وڃي راجا سان ڳالهہ ڪري ته شايد منهنجي جان ئي جوکي ۾ اچي وڃي. تنهن ڪري مان پاڻ ئي هن پکيءَ جي باري ۾ راجا کي سڀ ڪجهہ ٻڌائي ڇڏيان.“ اِئين خيال ڪري پکي کڻي هو راجا وٽ آيو ۽ ڪيس سموري حقيقت ٻڌايائين. راجا پکيءَ کي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ نوڪرن کي حڪم ڪيائين ته ”هن پکيءَ جي چڱيءَ طرح سنڀال ڪجو ۽ ڪيس کاڌي پيتي ۾ خوش رکجو.“ وزيرن تنهن تي راجا کي چيو ته ”هي مهاراج، توهان هن مورک شڪاريءَ تي ڪيئن ٿا وشواس ڪريو؟ ڇا ڪڏهن پکيءَ جي وٺ مان به سون پيدا ٿيو آهي؟ تنهن ڪري هن کي پڃري مان ڪڍي آزاد ڪري ڇڏيو.“ وزيرن جي ڳالهہ ٻڌي راجا جڏهن پکيءَ کي ڇڏي ڏنو تڏهن هو دروازي جي ڪمان تي سوني وٺ لاهي ۽ چيائين ته:-

ڪنهن هيءَ پتيءَ پسند آئيني؟“ ڇوڪريءَ چيو ته ”هي پتا، هيءَ ته جڙ ۽ چراڙ ڪان سواءِ آهي. اُن سان مان ڪئن نهڪي سگهنديس؟“ رشيءَ تنهن تي جبل ڪان پڇيو ته ”توڪان وڌيڪ ڪو بلوان آهي؟“ جبل تنهن تي چيو ته ”هي مهرشي، مونکان وڌيڪ طاقت وارا ڪوئا آهن جي مونکي ٽُڪي پنهنجا ٻر ناهيندا آهن.“ اِنهيءَ تي منيءَ ڪوئي کي گهرائي ڇوڪريءَ کي ڏيکاريو ۽ کيس چيائين ته ”ڌيءَ، هيءَ ڪوئن جو راجا آهي. توکي پسند هجي ته توکي اِهو گهوٽ ونی ڏيان.“ ڇوڪري ڪوئي کي ڏسي ڏاڍو خوش ٿي. کيس پنهنجي اُصلوڪي يادگيري اچي ويئي. هن رشيءَ کي چيو ته ”پتا جيءَ برابر هي ئي سيني کان سريشٽ آهي. مونکي ٻه ڪئي بڻائي هن سان شادي ڪرايو جئن مان پنهنجي جاتيءَ جي ڌرم جو پالن ڪري گرهست جو گاڏو نيڪ نموني هلائي سگهان.“ رشيءَ پنهنجي تپسيا جي ٻل سان کيس ڪُئي بڻائي سندس شادي ڪُوئي سان ڪرائي ڇڏي.

رڪتاڪش چيو ته ”مان اِنهيءَ ڪري چوان ٿو ته سورج، بادل، هواءِ جبل جهڙي پتيءَ کي ڇڏي هڪ ڪُئيءَ پنهنجي ذات جو پتي پسند ڪيو. پنهنجي جاتي ڇڏڻ محال آهي.“

رڪتاڪش جي ڳالهين کي ٻڌو اَڻبڌو ڪري پنهنجي خاندان کي ناس ڪرڻ لاءِ سٿرجيويءَ کي هو پنهنجي قلعي ۾ وٺي آيا. اَندر قلعي ۾ گهڙي سٿرجيوي اَندر ۾ خوش ٿي سوچڻ لڳو ته:-

”سواميءَ جو ڀلو چاهيندڙ جنهن مونکي ماري ڇڏڻ جي صلاح ڏني اُهوئي سيني ۾ نيتي شاسترن جو ڄاڻو آهي.“

جيڪڏهن هي سڀئي هن جي ڳالهه مڃين ها ته هنن جو ڪجهه به نقصان نه ٿئي ها.

”تنهن ڪري رجو درم اچڻ کان اڳم ئي ڪنيا جو وهانءُ ڪري ڇڏڻ گهرجي. اٺن ورهين جي عمر ۾ ڪنيا جي وهانءَ جي واڪاڻ ڪيل آهي.

”جوانيءَ جي نشانين ظاهر ٿيڻ تي پترن (مري ويان وڏن) جا اڳلا پيڄ ناس ٿي ويندا آهن. ڇاتي ظاهر ٿيڻ تي سندن پويان پيڄ ناس ٿي ويندا آهن. رجو درم ۾ اچڻ تي مٿن مائٽن جا پيڄ سميٽجي ويندا آهن.

”رجو درم ۾ اچڻ تي هڪدم پنهنجيءَ مرضيءَ موجب ڪنيا دان ڪري ڇڏڻ گهرجي. سوايمڀومنوءَ جو چوڻ آهي ته نگنڪا ڪنيا جو وهانءُ ڪري ڇڏڻ کپي.

”پيءُ جي گهر ۾ ئي جنهن ڪنيا کي رجو درم اچي تو وڃي اُها وهانءَ جي لائق ٿي نه ٿي سگهي ۽ کيس شودرن ۾ شمار ڪرڻ کپي.

”وهانءَ کان اڳ، رجو درم اچڻ تي پتا کي کپي ته پاڻ جهڙي، يا پاڻ کان وڌيڪ يا گهٽ شائتي ماڻهوءَ کي ڪنيا دان ڪري ڇڏي. ان ۾ ڪو دوش نه آهي.

تنهن ڪري مان ڪنهن لائق پتيءَ کي هيءَ ڪنيا دان ڪندس. چيو جو ويل آهي ته:-

”جنهن جو خاندان ۽ ڌن دولت هڪ جهڙي هجي اُن سان ئي شاديءَ جو ناتو ڳنڍجي ۽ نه ٻئي سان.

”خاندان، چرتر، پالنا ۽ سنڀال ڪرڻ جي شڪتي، وديا، ڌن، سرير ۽ عمر اِنهن ستن ڳڻن جي ڳڻ ڳوت ڪري سياڻو ماڻهو ڪنيا جي مٿي مائٽي هلائي. ٻين ڳالهين جي ويچار ڪرڻ جي ضرورت نه آهي.

جيڪڏهن ڇوڪريءَ جي مرضي هجي ته مان سوريه ديوتا کي گهرائي کيس آڇ ڪريان.“ رشيءَ جي ڌرم پتنيءَ کيس

تنهن تي ستر جيويءَ کيس جواب ۾ چيو ته "توهان سيني جي ڪري ميگهه ورڻ مون سان هيءَ چٽ ڪئي آهي. اگنيءَ ۾ ابو ريش ڪرڻ وقت مان اِهو سنڪلپ ڪندس ته ٻئي جنم ۾ مان اُلو ٿيان جيئن ميگهه ورڻ کان پنهنجو بدلو وٺي سگهان."

راڄنيتيءَ ۾ هوشيار رڪتاڪش کيس چيو ته "هي پيارا، جائي جو کان تنهنجو سياءُ ڪپٽ سان ڀريل آهي. بناوٽي ڳالهين ڪرڻ ۾ ٻه هوشيار آهين. اُلوءَ جو جنم وٺي ٻه تنهنجو سياءُ ڪانو جهڙوئي رهندو. اِنهيءَ باري ۾ هڪ کهاڻي چيل آهي:-

"سورج، بادل، هوا ۽ جبل جهڙي پتيءَ کي ڇڏي هڪ ڪُئيءَ پنهنجيءَ ذات جو پتي پسند ڪيو. پنهنجي ذاتي ڇڏڻ محال آهي."

منتر ان پڇيو "اِهو ڪيئن؟"

رڪتاڪش چيو ته "ٻڌو ته ٻڌايانو."

۱۳. ڪوئي جي ڌيءَ جي آکاڻي

جبلن جي ڏنگين ڦڏين ڇپن تان ڪرندڙ پاڻيءَ جي آواز ٻڌي ڪري ڊنل مڇين جي اُٿل پٿل مان پيدا ٿيل اُڇي ڦيڻ اُڇلن جي ميلاپ جي ڪري چٽڪمري رنگ وارين لهرين سان وهندڙ گنگا نديءَ جي ڪناري تي، جپ ۽ تپ ڪندڙ، نيم ۽ ورت رکندڙ، ويدن جو پاٺ ۽ يگين جون ڪريائون ڪندڙ، ٿورو ۽ تورو ٿلو پاڻي پي ۽ وڻن مان ڪريل ميوا ۽ وڻن جون پاڙون کائي گذر ڪندڙ، وڻن جي ڇوڏن مان ٺهيل رڳي لنگوٽي ٻڌل تپسوين جو هڪ آشرم هو. اُتي ياڳيولڪ نالي هڪ ڪل پتي رهندو هو. گنگا جيءَ تي سنان ڪري جڏهن هو ذات وڃڻ لاءِ نديءَ جي لپ پري رهيو هو تڏهن مٿان اُڏامندڙ ٻاز جي وات مان هڪ ننڍي ڪُئي ڪري اَچي سندس هٿ ۾ پئي. نديءَ جي ڪپ تي بيٺل ٻڙ جي وڻ

طرح پڻ. اَڄ مان صبوح جو ديويءَ جي مندر ۾ درشن ڪرڻ ويئي هيس. اُتي اوچتو ديويءَ مونکي درشن ڏيئي چيو ته ”هي پتري، مان ڇا ڪريان؟ تنهنجي مون ۾ ڏاڍي شردا ۽ ڀڳتي آهي. توکي ٻڌائيندي ڏاڍو ڏک ٿو ٿئي. هڪ مهيني کان پوءِ تون وڌوا ٿيندينءَ.“ تنهن تي مون ڪيس چيو ته ”هي ديوي، جئن تون اينڏي مصيبت ٻڌائي ٿي سگهين تئن اُن مان ڇوٽڪاري جو اُپاءُ به تون ضرور ٻڌائي سگهندينءَ. تنهن ڪري مون داسيءَ کي ڪرپا ڪري اهڙو اُپاءُ ٻڌاءِ جئن منهنجو پتي سؤ ورهيه جيئرو رهي.“ اِنهيءَ تي ديويءَ چيو ته ”هي پتري، اُپاءُ آهي به ته، نه به آهي. پر اِهو سڀ تنهنجي وس ۾ آهي.“ اِهو ٻڌي مون چيو ته ”اُنهيءَ اُپاءُ ڪندي جيڪڏهن مونکي پنهنجي حياتي به ڏيڻي پوي ته مان اُهو ڪرڻ لاءِ تيار آهيان.“ تنهن تي ديويءَ چيو ته ”جيڪڏهن اَڄ تون ڪنهن پرپرش (ڌارئي ماڻهوءَ) براهمڻ کي ڪٽ تي ويهاري ڀاڻ کي ڇهڻ ۽ چنبڙڻ ڏيندينءَ ته تنهنجي پتيءَ جو موت ٽري سگهندو ۽ هو سؤ سال جيئرو رهندو. منهنجي پرارٿنا سويڪار ڪري تون مون وٽ آيو آهين. ديوتا جو وچن ڪڏهن به ٻيءَ طرح ٿي نه سگهندو.“ ديودت به ٽانهه کي سمجهي ويو ۽ اُن وقت جيڪي واجب هو سو ڪيائين. بيوقوف وبرڌر به کٽ جي هيٺان نڪري آيو ۽ پنهنجيءَ زال تي خوش ٿي کيس چيائين ته ”شاباس پتورتا، شاباس! بي ايمان ماڻهن جي چوڻ تي لڳي مون کي تنهنجيءَ چال ۾ شڪ جاڳيو تنهن ڪري مون ٻاهر وڃڻ جو بهانو ڪري تنهنجي پريکيا ڪرڻ ٿي چاهي. پر تو جهڙي پتورتا ۽ سٺي ڪا ٿورهي ليندي. منهنجيءَ عمر وڌائڻ ۽ موت کي ٽارڻ لاءِ ئي تو هي سڀ ڪجهه ڪيو آهي.“ اِئين چئي پنهنجيءَ زال کي ياڪر پائي کيس پنهنجي ڪلهي تي چاڙهيائين ۽

۾ ۾ وٺندو آهي. ان ڪري راڄڪمار جو سر ڏينهون ڏينهن ڏيرو ٿيندو پئي ويو. گهڻيئي سندس علاج ڪيا ويا. وڏن وڏن وئدن شاسترن مان دوائون جاچي ڪيس ڏنيون ويون پر ڦڪين فرق نه ڪيو. ڪيس ڪنهن به طرح آرام نه آيو. حياتيءَ مان بيزار ٿي راڄڪمار ماءُ پيءُ جا محلات ڇڏي ٻئي ڪنهن شهر ۾ ڪنهن مندر ۾ وڃي رهيو ۽ بکيا پني پنهنجو گذر ڪرڻ لڳو.

انهيءَ شهر ۾ ٻلي نالي راجا هو جنهن کي ٻه جوان ڌيئر هيون. اهي ٻئي هر روز صبوح جو سڄ اڀرڻ مهل پنهنجي پيءُ کي وڃي پرڻام ڪنديون هيون. هڪ کيس چوندي هئي ته "مهاراج، توهان جي جيءُ هجي. توهان جي ڪرپا سان اُئي آسان کي سڀئي سک ملندا ٿا رهن." ٻي چوندي هيس ته "مهاراج، سڀڪو پنهنجي ڪئي جو ڦل تو پوڳي." هڪ ڏينهن ڪاوڙ ۾ اچي راجا پنهنجي منتريءَ کي چيو ته "هي منتري، هن مغرور ڇوڪريءَ کي ڪنهن اهڙي پرديسيءَ سان پرڻائي ڇڏ جئن هيءَ پنهنجي ڪئي جو ڦل ڀوڳي." "جا آڳيا" ائين چئي منتري ٻه چار ڄڻا ساڻ ڪري انهيءَ ڇوڪريءَ کي انهيءَ راڄڪمار سان پرڻائي ڇڏيو جنهن جي پيٽ ۾ نانگ هو. پنهنجي ڀاڳ تي سنتوش ڪري راڄڪماري پنهنجي پتيءَ کي ساڻ ڪري ٻي ڪنهن ديس ڏانهن هلي وئي. اتي شهر جي ٻاهران ٻوڙي پنهنجي پتيءَ کي ڪنهن وڻ جي هيٺان ويهاري پاڻ شهر ۾ ڪاڌي پيتي جو سامان خريد ڪرڻ وئي. ايتنان راڄڪمار وڻ جي هيٺان ليٽي پيو ته کيس ننڊ ڪٽي وئي. سندس وات مان نانگ منهن ٻاهر ڪڍي تازي هوا کائڻ لڳو. هوڏانهن وڻ جي ٻاڙ ۾ ٻيو ڪو نانگ رهندو هو سو به ٻڙ ٻاهر ڪڍي تازي هوا کائڻ لڳو. هڪ ٻئي کي ڏسي ٻئي نانگ جوش ۾ اچي ويا. وڻ جي ٻاڙ واري نانگ ٻي نانگ کي چيو ته "اڙي بدمعاش، تون هن سندر راڄڪمار

ڪي ڇو هلاڪ ڪري رهيو آهين؟ ڇا اِها ڪنهن کي خبر نه
آهي ته ڇيرو ۽ سرنهن پٽ ۾ گڏي ڪاڻڻ سان تون آنڌزئي ختم
تي ويندين؟" تنهن تي ٻئي نانگ ڪيس ڇيو ته "آڙي، ٻناڪ
چالي تو هٽين؟ اِها به اسان کي خبر آهي ته اِنهيءَ وڻ جي
هينان ٻه سون جا گهڙا پوريل آهن جن جي تون وينو سنڀال
ڪرين. پر هڪ دفعه ڪير گرم تيل يا گرم پاڻي تنهنجي ٻر
۾ وجهي ته تون ٻه گولهيو نه ليين." راجڪماري جا شيون
وني موني هتي تنهن ٻنهي نانگن جو جهيڙو وڻ جي آڏ ۾
ٻهي لي ٻڌو. هن ٻه اِئين ڪيو جيڪي نانگن هڪ ٻئي کي
جگهڙي ۾ چيو يعني مٽرس کي ڇيري ۽ سرنهن گڏيل پٽ
ڪارايائين ۽ وڻ جي پاڙ ۾ گرم پاڻي هارائي ڇڏيائين. سندس
پتي باڪل نروگهه ٿي پيو ۽ سوني جا ٻه دلا ٻه هٿ لڳس.
پوءِ پنهنجي پتا جي شهر ۾ آئي. سيٺي ڪيس پاڻڻ لڳا. ماڻس
پڻس ٻه پيتاءُ ظاهر ڪري ڏاڍي آدر ۽ سنمان سان ڪيس
پاڻ سان گڏ رهائڻ لڳا.

تنهن ڪري مان چوان تو ته "جيڪي ماڻهو هڪ ٻئي
جون ڳجهيون ڳالهيون ڳپت نه رکندا آهن اُنهن جو پيٽ ۾ ٻر
ناهي رهندڙ نانگ وانگيان ناس ٿيندو آهي."

اِهو ٻڌي اَرمردن پاڻ ٻه آهڙي قسم جو ٿي رايو ڏنو.
هو ٻه ڇڏهن پراڪارڪرڻ ۽ ٻين سان شامل راءِ ٿي
ستر جيوي ۽ جي فائدي ۾ ڳالهائڻ لڳو تڏهن رڪتاڪش ورکي
چوڻ لڳو ته "مون کي ڏاڍو دک آهي جو اسانجي بي سمجهي
ڪري اسانجي سواميءَ تي سنڪٽ اَچڻ وارو آهي. چيو جو:
"جيڪي پوڇڻ جي لائق نه آهن، اُنهن جي جتي پو
تي ٿئي ۽ جيڪي پوڇا جي لائق آهن اُنهن جو نراد
تو ٿئي، اُتي ڏڪر، بيماريون ۽ آفتون اَچي من
ڪيندڙيون آهن.

۾ ۾ ويندو آهي. ان ڪري راجڪمار جو سرير ڏينهون ڏينهن ڏٻرو ٿيندو ٿي ويو. ڪيترن ئي سندس علاج ڪيا ويا. وڏن وڏن ويدن شاسترن مان دوائون جاچي ڪيس ڏنيون ويون پر ڪو به فرق نه ڪيو. ڪيس ڪنهن به طرح آرام نه آيو. حياتيءَ مان بيزار ٿي راجڪمار ماءُ پيءُ جا محلات ڇڏي ٻئي ڪنهن شهر ۾ ڪنهن مندر ۾ وڃي رهيو ۽ بکيا تي پنهنجو گذر ڪرڻ لڳو.

انهيءَ شهر ۾ بلي نالي راجا هو جنهن کي ٻه جوان ڌيئر هيون. اهي ٻئي هر روز صبوح جو سج اڀرڻ مهل پنهنجي پيءُ کي وڃي پرڻام ڪنديون هيون. هڪ کيس چوندي هئي ته ”مهاراج، توهان جي جيءُ هجي. توهان جي ڪرپا سان ئي اسان کي سڀئي سک ملندا ٿا رهن.“ ٻي چوندي هيس ته ”مهاراج، سڀڪو پنهنجي ڪئي جو ڦل ٿو ڀوڳي.“ هڪ ڏينهن ڪاوڙ ۾ اچي راجا پنهنجي منتريءَ کي چيو ته ”هي منتري، هن مغرور ڇوڪريءَ کي ڪنهن اهڙي پرديسيءَ سان پرڻائي ڇڏ جئن هيءَ پنهنجي ڪئي جو ڦل ڀوڳي.“ ”جا آگيا“ ائين چئي منتري ٻه چار ڄڻا ساڻ ڪري انهيءَ ڇوڪريءَ کي انهيءَ راجڪمار سان پرڻائي ڇڏيو جنهن جي پيٽ ۾ نانگ هو. پنهنجي ڀاڳ تي سنتوش ڪري راجڪماري پنهنجي پتيءَ کي ساڻ ڪري ٻي ڪنهن ديس ڏانهن هلي وئي. اتي شهر جي ٻاهران پهچي پنهنجي پتيءَ کي ڪنهن وڻ جي هيٺان ويهاري پاڻ شهر ۾ ڪاڏي پيتي جو سامان خريد ڪرڻ وئي. موٽنان راجڪمار وڻ جي هيٺان ليٽي پيو ته کيس ننڊ ڪٺي وئي. سندس وات مان نانگ منهن ٻاهر ڪڍي تازي هوا کائڻ لڳو. هوڏانهن وڻ جي پاڙ ۾ ٻه ڪو نانگ رهندو هو سو به ڦڻ ٻاهر ڪڍي تازي هوا کائڻ لڳو. هڪ ٻئي کي ڏسي ٻئي نانگ جوش ۾ اچي ويا. وڻ جي پاڙ واري نانگ ٻي نانگ کي چيو ته ”اڙي بدمعاش، تون هن سندر راجڪمار

تنهن لهرائڻ ۽ ڇڏي ڏنائين. گرميءَ، سرديءَ ۽ برسات ۾ بنهنجي تن کي تسيا ايو ڏيندو هو. ڪنهن ججمان شرڌا سان کيس ڳاهه جي وڇڙن جو جوڙو اچي دان ۾ ڏنو. وٽس اگهر گهيہ، تيل، جَوَ ۽ ايو اناج جهجهو هو. اهي شيون اُنهن وڇڙن کي کارائي کين ٿلهو متارو ڪري ڇڏيائين. هڪ چور جي نظر اُنهن وڇڙن تي وڃي پئي. دل ۾ ويچار ڪيائين ته وڃي وٺي اُنهن کي چورائجي. وڇڙن کي چورائڻ جو پهه پچائي نوڙي هٿ ۾ کڻي هو گهران سنيري نڪتو ته کيس رستي تي جهنگ ۾ هڪ خوفناڪ شڪل نظر آئي جنهن جي سڄي بدن تي وار هئا، سندس ڏند ٻاهر نڪتل ۽ جدا جدا هئا، سندس نڪ ڊگهو ۽ اکيون ڳاڙهيون هيس، سندس بدن جون رڳون ظاهر نظر پيون اچن ۽ سندس ڏاڙهيءَ جو رنگ باهه وانگر چمڪندڙ هو. هن کي ڏسي چور ڊڄي ويو ۽ کانئس پڇيائين ته ”تون ڪير آهين؟“ هن جواب ڏنو ته ”سنيهه وچن نالي راڪشس آهيان. تون به پنهنجي واقفيت ڪراءِ ته تون ڪير آهين؟“ چور جواب ڏنو ته ”مان ڪروڙڪرما (ظلم جا ڪم ڪندڙ) نالي چور آهيان. هڪ غريب براهمڻ جي ڍڳن جو جوڙو چورائڻ هليو آهيان.“ سچ ڳالهائڻ ڪري ٻنهي جو پاڻ ۾ اعتبار ٻڌجي ويو. راڪاس تنهن تي کيس چيو ته ”ڇهون ڏينهن کان ڏاڍي بک لڳي آهي. مان هلي اُنهيءَ براهمڻ کي کائيندس ۽ تون سندس ڍڳا چورائي وڃجانءِ. ٻنهي جو ڪم هڪ هنڌ ٿي ويندو.“ ٻئي براهمڻ جي گهر اچي پهتا ۽ وقت جو انتظار ڪرڻ لڳا. جڏهن براهمڻ کي گهري ننڊ اچي وئي تڏهن راڪاس هن کي کائڻ لاءِ تيار ٿيو ته چور کيس چيو ته ”اگر جيڪڏهن براهمڻ کي کائڻ شروع ڪندين ۽ هو جاڳي پئي ته مونکي پڪڙائي ڇڏيندو. تنهن ڪري مان اُن جا ڍڳا ڇوڙائي چورائي وڃان پوءِ تون کيس کائجانءِ.“ تنهن تي

٩. ٻُڍي، سندس جوان زال ۽ چور جي آکاڻي

ڪنهن شهر ۾ ڪاماتر (ڪام ۾ دکي ٿيل) نالي ٻُڍو واپاري رهندو هو. زال جي مري وڃڻ تي ڪام ۾ وياڪل ٿي ڪنهن غريب کي پيسا ڏئي سندس ڌيءُ سان شادي ڪيائين. ڇوڪريءَ کي ٻُڍو مڙس وڻندو ئي ڪونه هو. ڏانهس اک کڻي به نه نهاريندي هئي. چيو چون:-

"ماڻهوءَ جي مٿي جا وار اڇا ٿيا ته زالون کيس گهٽ نظر سان ڏسنديون آهن. ڀلي ماڻهوءَ جا ٻاهر ٽڪنل هڏا ڏسي جوان زالون ڪانئس ائين پاسو ڪنديون آهن جيئن ماڻهو اڇوتن جي کوهه کان.

"ٻڍاپي ۾ بدن ڪبو ٿي پوندو آهي، گهمڻ وقت سر ٻيو ڪنبندو آهي، ڏند پڇي پوندا آهن، اکيون ڏڌرا ڏئي نڪري ايندون آهن، شڪل هارجي ويندي آهي، وات مان ڳگ پئي وهندي آهي، مٽ مائٽ ڳالهائڻ کان ڇرڪندا آهن، زال شيوا ڪرڻ کان ڪَڙ ڪائيندي آهي ۽ پٽ ڪا ڳالهه ئي نه ٻڌندا آهن. اهڙي ٻڍاپي کي ڌڪار آهي!"

هڪ ڏينهن ساڳيءَ کٽ تي ٻُڍي کان منهن ڦيرائي سندس نئين ڪنوار سمهي پئي هئي ته هڪ چور سندس گهر ۾ گهڙي آيو. چور کي ڏسي ڊپ وچان ٻُڍي جي نئين زال کيس چنبڙي پئي. ٻُڍي کي عجب لڳو ۽ ويو ته جيڪا آزين نيازين ڪرڻ تي به منهن کڻي نه نهاريندي آهي اها اڄ ڀاڪر پائي چنبڙي آهي. ڪهڙو سبب آهي؟ هن هيڏانهن هوڏانهن نهاريو ته کيس ڪنڊ ۾ چور بيٺل نظر آيو. تنهن تي هن خيال ڪيو ته هن چور جي ڪري ئي هيءَ منهنجي من آسا پوري ٿي آهي. انهيءَ ڪري هن چور کي چيو ته:-

”مون ٻاٻيءَ جي اڳيان تو هي آدرش سامهون رکيو آهي.
هڪ مهاتما ڪبوتر ڪنهن ڪهڙجائوءَ جي اڳيان پنهنجي
سر ٻچو ماس به ڏئي ڇڏيو.
”اڄ ڪالهه وڏي سيٺي سکن کي ڇڏي مان پنهنجي سر ٻر
کي انهن سڪائي ڇڏيندس جنهن او تهاري جي تپت به
توري ٻاٽيءَ وارو ڏيو.
”تد، هوا ۽ گرمي سهي ڪري هن ڏيري ۽ گندي سر ٻر
کي ٻکون ڪيائي، ورت • نير رکي اُتر ڏرم جو ٻالن
ڪندس.“

انهن دل ۾ فيصلو ڪري لند، جاري ۽ ٻيرو ٻڌي
ڪري شڪاريءَ ويچاريءَ غريب ڪبوتريءَ کي آزاد ڪري
ڇڏيو. پنهنجي ٻتيءَ کي ٻاهه ۾ سڙيل ڏسي، هوءَ هنجون
هاري ورلاپ ڪرڻ لڳي.
”هي ناٿ، تون هليو وئين. هاڻي مان جي ڇا ڪنديس؟
ٻتيءَ کانسواءِ ويچارين اَبلا استرين جي جيئڻ مان
ڪهڙو سود؟
”وڏوا تيڻ تي من جي مغروري، مٽن مائٽن ۽ گهر ۾
عزت ۽ نوڪرن چاڪرن تي حڪمراني اهي سڀ ڳالهيون
غائب ٿي وينديون آهن.“

اهڙيءَ طرح تمام دکي ٿي اوڇنگارون ڏئي، ورلاپ
ڪندي اُنهيءَ ٻتورنا ڪبوتريءَ ٻاهه ۾ وڃي ٽپو ڏنو. اُنهيءَ
کانپوءِ ڪبوتريءَ انهنجي ٻتيءَ کي ڏٺو ته سندس ٻتي وماڻ
تي چڙهيل آهي ۽ کيس ديوتائن جا وستر ۽ زيور پيل آهن.
ڪبوتريءَ کي به اُنهيءَ بد تي ڇهتل ڏسي سندس ٻتيءَ
کيس چيو ته ”هي سڀ ڪُٺن واري ديوي، اهو تو ڏاڍو سٺو
ڪم ڪيو جو منهنجي پوئتان هلي آئينءَ.“ منش جي سرير

هڪ ڳالهه پڇان ٿو. جيڪو ٻارن جي ڀينرن جي ڳالهه ٻڌي ۽ ٻئي جهان ۾ ڪاٿي پيو آهي ۽ ان کي ڪهڙي پوڄا ڪرڻي پوندي؟" ڪبوترن جو راجا ٻولي ٿو ته:—

"هي پيارا پنهنجي پلائيءَ جي ڳالهه مان چوان ٿو سا ڪريان ٻڌ. جيڪو شرط ۾ اچي ٿو، ان جو پنهنجيءَ جان جو جيڪو ڪٽي، ته ڀلو ڪري.

"هن شڪاريءَ کي ڀُک ۽ وياڪل ٿي ٿينهن جي گهر ۾ اچي اچيو ورتو آهي. تنهن ڪري تون سندس آدرستڪار ڪر، ڇو جو چيل آهي ته:—

"شام جي وقت آيل مهمان جي پنهنجي وت آهر جيڪو خاطرداري نٿو ڪري اهو مهمان اُن کي پنهنجا پاپ ڏئي سندس پڄ ڪٽي ٿو وڃي.

"تون هن آسرو ورتل شڪاريءَ کي مٺان ان ڪري ڌڪارين ته هن تنهنجيءَ ڌرم پتنيءَ کي قيد ۾ قابو ڪيو آهي! مان ته پنهنجي اڳين ڪرمن ڪري ئي بند ۾ ڦاٿي آهيان.

"غريبي، بيماري، ڏک، بنديخانو ۽ آفتون اهي سڀ پراڻين جي پنهنجي ڪيل ڪرمن روپي وڻ جو ڦل آهن.

"تنهن ڪري تون منهنجي ڦاسڻ جو خيال نه ڪري، ڌرم جو ويچار ڪري وڏيءَ موجب هن مهمان جي سيوا ڪر."

پنهنجيءَ پتنيءَ جون ڌارمڪ ڳالهيون ٻڌي ٻنا ڪنهن ڌپ ڊاءَ جي ڪبوتر شڪاريءَ وٽ وڃي کيس چيو ته: "پيارا سائين، ڀلي آئين، مان توهان جي ڪهڙي سيوا ڪريان؟ هي پنهنجو گهر سمجهي ڪنهن به قسم جو دل ۾ ڏک نه ڌاريو."

هن ٻڪيءَ جون اهي ڳالهيون ٻڌي شڪاريءَ کيس چيو.

تن کي ماري پاڻ سان کڻون ۽ ڪوشش ڪانسواءِ اسان جي راڄ مان سڀني وڻن دور ٿي ويندا.“

هنجي اها ڳالهه ٻڌي الن جي راڄا ڪروراڪش ڪان پڇيو ته ”هي پيارا، ڪوئي هن باري ۾ ڇا چوڻو آهي؟“ تنهن تي هن جواب ڏنو ته ”هي ديو، رڪتاڪش جيڪي چيو آهي سو سڀ بي قياسيءَ سان پيل آهي. چاڪاڻ ته جيڪو شرڻ ۾ اچي ان کي ڪڏهن ۾ مارڻ نه جڳائي. چيو جو چيل آهي ته:-

”ٻڌجي ٿو ته شتروءَ جي شرڻ ۾ اچڻ تي هڪ ڪبوتر هنجي پوڄا ڪئي ۽ هنکي پنهنجو ماس ۽ کائڻ لاءِ ڏنائين.“

اُرمردن پڇيو ته ”اهو ڪئن؟“

[illegible]

ٻراهمڻ جي ٻارڙيءَ وارن اُتي ئي ڪاٺيون گڏ ڪري کيس چکيا تي چاڙهيو.

پوءِ ڏينهن هنجو ٻيءَ مرتي آيو ۽ مٺن مائٽن کان پٽ جي مرڻ جو سماچار ٻڌي پٽ جي هلت تي ڏکه ظاهر ڪري ناڪر جي هلت واجب نهرائي چيائين ته:-

”جيڪو سنسار جي ٻرائين تي ديا نٿو ڪري ۽ پنهنجي اَجهي هيٺ آيلن جو بچاءُ نٿو ڪري اُنهيءَ جون ڪاميابيون اُئين وڃن وينديون آهن جئن پدم ٻن ۾ هنس.“

مائٽن کانئس پڇيو ته ”اهو ڪئن؟“

هن ڏت کين چيو ته ”ٻڌو، ته ٻڌايانءِ.“

... ڪروراڪش
... . رڪتاڪش (ڳاڙهين اکين وارو)،
... گرڙين اکين وارو)، ديپتاڪش (تجليدار اکين وارو)،
... ڪرنانس (ڏنگي نڪ وارو) ۽ پراڪارڪرڻ (اُين ڪنن وارو)
... پنج سنڌس مکيه منتري هئا. پهريائين هن رڪتاڪش
... ان پڇيو ته "پيارا هي دشمن جو وزير اسان جي هٿ چڙهي
... ويو آهي. هن سان ڇا ڪجي؟" رڪتاڪش چيو ته "ڇا وري
... ڇا ڪجي! سنڌس سڀي هڪدم ڏڙ کان ڌار ڪري ڇڏجي.
... اِنڌيءَ ۾ ويچار ڪرڻ جو ضرور ئي نه آهي. چيو اٿو:-

"نبلي دشمن کي به زور وٺڻ کان اڳ پورو ڪري
ڇڏجي. طاقت ۾ اچي همت وارو ٿيو ته پوءِ ڪيس
جيتڻ محال آهي."

جو جيڪو هٿ ۾ آيل لڇميءَ کي سويڪار نه ڪندو آهي
ته لڇمي ڪيس سراپ ڏئي هلي ويندي آهي. اِها عام چوڻي
آهي. چيو اٿو:-

"موقعي ڳولهيندڙ ماڻهوءَ وٽ موقعو هڪ ئي دفعو ايندو
آهي. جيڪو موقعي جو فائدو وٺي هڪدم ڪم نه ٿو
ڪري ته ڪيس وري موقعو ڪونه ملندو."

... ۾ پڌو آهي ته:-
"پرنڙ چکيا ۽ منهنجيءَ ڏک لڪل ڦڻ کي ڏس. پهريائين
ڏنال ۽ پوءِ جوڙيال پريت پرلم ڏيکارڻ سان نه وڌندي آهي."

آريرڻ چيو ته "اهو ڪيئن؟"
رڪتاڪش چيو ته "ٻڌ ته ٻڌايانءِ."

٦. براهمڻ ۽ نانگ جي آکاڻي

ڪنهن شهر ۾ هردت نالي هڪڙو براهمڻ رهندو ...
نالي محنت مزوري ڪندي به کيس ڪيتيءَ مان پاڇ نه پرائي ...

آيو تنهن الو پکين جو راڄا اَرمردن وڻ جي ٽاريءَ تي
اٿي رهيو. سندس صلاحڪار کيس ٻڌائڻ لڳا ۽ هو چوڻ
لڳو ته "اڙي، هي ڪانو ڪهڙي رستي کان پيا آهن؟ انهيءَ
رستي جي اولها ڪريو. اِئين ڪنهن قلعي ۾ پناهه وڃي وٺن
ان کان اڳ ۾ ئي انهن تي ڪڙڪي سندن نالو نشان ئي ميساري
ڇڏجي. ڇو جو چيل آهي ته:-

"ڪنهن گهيري جي اوٽ ۾ ويٺل دشمن کي ماري
نه سگهبو آهي. پر جي هو قلعي بندي ڪري پنهنجي
رکيا جي اوجنا ڪري ويٺو هجي ته اُن جي ڪهڙي
ٻاهه ڪجي!"

انهيءَ ٻاري ۾ مونکي جيڪي ڪجهه چوڻو آهي سو تون ڌيان سان ٻڌ ۽ ان تي عمل ڪر. ميگهه ورڻ چيو ته "توهان بيشڪ آگيا ڪريو، توهان جي حڪم کان سواءِ آءٌ ڪجهه ڪين ڪندس." ستر جيوي چيو ته "پيارا سائين، دام، دنڊ ۽ ڀيد انهن چئن اُپائن کان علاوه مون هڪ پنجون اُپاءُ سوچيو آهي. اُهو هيءُ آهي. مونکي دشمن جو آدمي سمجهي مونکي گهٽ وڌ ڳالهائيندو رهجِ. ڪٿان رت آڻي منهنجي بدن کي لڳائي ڇڏ جئن دشمن جا جاسوس سمجهن ته تو مونکي اڌ مئو ڪري ڇڏي ڏنو آهي. پوءِ مونکي هن ئي ٻڙ جي وڻ هيٺان ڦٽو ڪري تون پنهنجي سموري ڪٽنب، پوئلڳن ۽ نوڪرن سميت رشيموڪ جبل ڏانهن هليو وڃ. تون اُتي ئي ديرو دمائي ويهج جيستائين مان دشمن ۾ وساهه جاڳائي، پاڻ ڏانهن ڇڪي سندن قلعي جي اندرئين ڀاڱي جي جاچ ڪري ڏينهن جو انڌن اُلوئن کي پوريءَ طرح خاتمو ڪريان. مون پنهنجي ڪم جي رٿا چڱيءَ طرح سوچي ڇڏي آهي. انهيءَ کانسواءِ منهنجي مطلب سڌ ڪرڻ جو ٻيو ڪو رستو آهي ئي ڪونه. ٻاهر نڪرڻ جي رستي کانسواءِ قلعو مورڳو پنهنجي وناش جو ڪارڻ ٿي پوندو آهي. چيو به ويل آهي ته:-

"جنهن قلعي کي ٻاهر نڪرڻ جو رستو هجي تنهن کي ئي نيتي شاستر جا ودوان رکيا ڪندڙ ڪوٽ چوندا آهن. قلعي ۾ جيڪڏهن ٻاهر پڇي نڪرڻ جو ڪو رستو نه آهي ته اهو هڪڙو قيدخانو آهي."

مون تي دَيا ڏيکارڻ جي ضرورت نه آهي. چيو به ويو آهي ته:-

"پراڻن کان وڌيڪ پيارن، لاڏ ڪوڏ سان پاليان شهزادن کي به جنگ جي وقت ۾ سُڪي ڪاٺي ڪري سمجهڻ کپي."

اڃا ٿورو اڳتي وڌيو تہ ٻئي ٺڳ سامهون آيس چيو تہ ”اڙي مهاراج، هي مڙل وڇڙو جيڪڏهن توکي اهڙو پيارو آهي تہ ڀلي ڪيس هِن ڪلهي تي کڻي هلڻ توکي نہ جڳائي. ڇو جو چيل آهي تہ:-

”جيڪو مورک مڙل ماڻهوءَ، جانور يا پکيءَ کي هٿ سان
ڇهندو آهي اهو تڏهن پوتر ٿي سگهندو جڏهن چندراڻ
ورت رکندو يا پنج ڳويہ (کير، ڏڌ، مکڻ، ڳئونت ۽
ڳانءِ جي ڇيڻي جي رس) جو گڏيل استعمال ڪندو.“

اِنهيءَ تي ٻانڀڻ کيس ڪاوڙ مان جواب ڏنو تہ ”اڙي، تون انڌو آهين ڇا جو جيئري جاڳندي ٻڪر کي مڙل وڇڙو ٿو سڏين؟“ ٺڳ تنهن تي جواب ڏنس تہ ”مهاراج ديوتا، مون ڀُل ڪئي جو توهان سان ڳالهايم. ڪاوڙ نہ ڪريو، جئن توهان جي مرضي هجي تئن ڪريو.“ اڃا ٿورو اڳتي هليو تہ ٽيون ٺڳ کيس گڏيو. اُن چيس تہ ”اڙي مهاراج، هي تہ نيڪ نہ آهي جو گڏهہ کي ڪلهي تي کنيو پيو وڃين! هڪدم ڦٽو ڪرينس. ڇو جو چيل آهي تہ:-

”جيڪو ماڻهو ڄاڻي واڻي يا بي خبريءَ وچان گڏهہ کي
ڇهندو آهي اُن کي پوتر ٿيڻ لاءِ ڪپڙن سوڌو سنان
ڪرڻ کپي.“

ٻيو ڪو ڏسي وٺي تنهن کان اڳ اِن ئي هيءَ ڪلنڪ پاڻ تان هٽائي ڇڏ.“ براهمڻ سمجهيو تہ هي ڪو روپ بدليندڙ جن ڀوت آهي جنهن کي آءٌ ڪلهي تي چاڙهي هليو آهيان. رڳو سوچي هن ٻڪري کي اُتي ئي ڇڏي ڏنو ۽ ٽئي ٺڳ مِلي ڪري ٻڪري جو ڀڄاڻڪو پاتو ۽ موج ڪرڻ لڳا.

تنهن ڪري مان چوان ٿو تہ ”جهڙيءَ طرح ٺڳن ٻڪري جي ...ري ۾ هڪ براهمڻ کي ٺڳي کاڌو تئن گهڻن ئي دشمن جي

"شڪتيمان تي ڪري ۽ بديمان، انهي ڪي پنهنجو دشمن ڄاڻ نہ ٻڌائيندو. 'منهنجو ويڄ (حڪيم يا ڊاڪٽر) حڪيو ڪيو ويٺو آهي.' اهو ويچار ڪري ڪوبہ داناهہ ماڻهو بنا سبب جي زهر نہ کائيندو.

"وڏوان ماڻهوءَ کي سيا ۽ ويهي ٻئي جي نندا ڪرڻ نہ جڳائي. آهڙي سچي ڳالهہ بہ چوڻ نہ کپي جا تڪليف جو ڪارڻ ٿي پوي.

"جو پنهنجن مترن ۽ ڀلائي چاهيندڙن سان سدائين خيال جي ڏي وٺ ڪندو آهي ۽ وري پنهنجي عقل کان ڪم وٺندو آهي اهوئي بديمان آهي ۽ اهوئي لڇميءَ ۽ جس جو ڀاڳي ٿيندو آهي."

انهن ڇٽي ڪانوَ بہ پنهنجيءَ جاءِ تي هليو ويو. "هي پيارا، اهوئي سبب آهي جو الوءَ جي پشت بہشت اسان ڪانون سان شترتا هلندي ٿي اچي."

ميگهورڻ چيو تہ "پوءِ ڀلا اسان کي اهڙيءَ حالت ۾ ڇا ڪرڻ گهرجي؟" تنهن تي هن چيو تہ "اهڙيءَ حالت ۾ ڇهن نيتن کانسواءِ هڪ ٻيو اڻ ڪس اپاءُ آهي. انهيءَ کي عمل ۾ آڻي مان پاڻيهي ارمردن کي جيتڻ ويندس. دشمن جي دوکيبازيءَ سان پاڻ پاڻي ڪندس، جو جو چهل آهي تہ:-

"ڪن ٺڪر جي ٻاري ۽ جٽن هڪ ٻانڀڻ کي ٻوڪ ٻڌايو لنن ڏيٺن تي تمين جي الڪلن ۽ عقل جي کيڏ سان ماڻهو ڏاڍيءَ طاقت واري شتروءَ کي بہ منجهائي ماريندو آهي."

ميگهورڻ چيو تہ "اهو ڪيئن؟"

ستر جيويءَ چيو تہ "ٻڌ تہ ٻڌايان ٿو."

[illegible]وسار نياءَ ڪريان جنهن ۾ لوڪ ۾ مونکي پنهنجي انياءَ جو حساب نه ڏيڻو پوي. ڇو جو چيل آهي ته:-

"جيڪو ماڻهو ايمان وڃائي، لالچ جي ڪري، ڪاوڙ يا
ڀپ جي اثر هيٺ پورو نياءُ نٿو ڪري اهو نرڪ ۾
ويندو آهي."

"جانور جي باري ۾ ڪوڙي شاهدي ڏيڻ ڪري هڪ
ٻڪريءَ جي هنسا جو پاپ، ڳئون جي باري ۾ ڪوڙي
شاهدي ڏيڻ ڪري ڏهن ٻڪرين جي هنسا جو پاپ،
ڪنيا جي باري ۾ ڪوڙي شاهدي ڏيڻ ڪري هڪ
سؤ ٻڪرين جي هنسا جو پاپ ۽ ڪنهن ماڻهوءَ جي باري
۾ ڪوڙي شاهدي ڏيڻ ڪري هڪ هزار ٻڪرين جي
هنسا جو پاپ لڳندو آهي."

"سڀا ۾ وڃي ڪري جيڪو صفا سچ نٿو ڳالهائي ان
جو ٻري ڪان ٽياڳ ڪري ڇڏڻ گهرجي ۽ ان جو فيصلو
ڪڏاهين قبول نه ڪرڻ کپي."

تنهن ڪري توهان مون تي وساهه رکي جيڪي توهان
[illegible] چولو آهي سو مونکي کڻي آچي ٻڌايو. وڌيڪ ڇا چوان؟"
[illegible] انهيءَ [illegible] ڪي اهڙو ته بيوقوف بنايو جو ٻئي انهيءَ
[illegible] وسواس ڪري آئي سندس هنج ۾ ويٺا. هن به وجهه
وٺي هڪ [illegible] چنهن سان ته ٻئي کي پنهنجي ڏندن
[illegible] ڪيس ڇيچاڙي ماري ڇڏيو ۽ پوءِ
[illegible] ڪراڙ [illegible] ويٺو ڪين [illegible] انهيءَ ڪري مان چوان ٿو ته "نندي
[illegible] ڪراڙ ڪري سهو ۽ ڪپنجل (تيتر)
[illegible]
[illegible]"
ڪجهه ڏينهن [illegible]
[illegible] سکهندڙ توهين ڏينهن [illegible]
انهيءَ ڪري [illegible] راڄ [illegible] ٻالڪ کي سهي
[illegible] سکهندڙ [illegible]

”جهڙيءَ طرح وڻ جو سار (آخر ثمر) گل ۽ ميوا آهن، ڏڌ جو سار مکڻ، تِرن جو سار تيل ٿيندو آهي تهڙيءَ طرح منش سريرَ جو سار ڌرم آهي.

”جهڙيءَ طرح برهما پنهنجي ڪائڻ پيٽڻ، ڪاڏو پيئڻ ٻاهر ڪڍڻ ۽ ٻين جي سيوا ڪرڻ لاءِ پيدا ڪيو آهي اهڙيءَ طرح ڌرم هيڻا ماڻهوءَ جي پيدائش ۽ ٻين جي چاڪريءَ لاءِ ئي ٿيل آهي.

”نيتي شاستر جا ودوان اِئين اُپديش ڪندا آهن ته دنيا جا ڪم ڳجهي ڪوتي ڏيرج سان ڪرڻ کپن پر وگهن جي ڊپ کان ڌرم جا ڪم بنا سوچ ويچار جي ترت ڪري ڇڏڻ گهرجن.

”وستار ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي. مختصر لفظن ۾ مان توهان کي ڌرم جو ورنن ڪريان ٿو ته ٻين تي اُپڪار ڪرڻ سان پنج پراپت ٿيندو آهي ۽ ٻين کي ايذاءَ ڏيڻ سان پاپ لڳندو آهي.

”توهان ڌرم جو تت ٻڌو ۽ سمجهو. سمجهي ڪري هردي سان هنڊايو ته جنهن ڪم مان پاڻ کي نقصان پهچي سو ٻئي جي لاءِ نه ڪريو.“

ان جو اهو ڌرم جو اُپديش ٻڌي سهي چيو ته ”هي ڪپنجل، هي ڌرماتما تيسرو نديءَ جي ڪناري تي ويٺو آهي. اُنهيءَ کان هلي نياءُ ڪرايون.“ ڪپنجل چيو ته ”نيڪ آهي. پر هي اسان جو سڀاويڪ شترو آهي. تنهن ڪري هن سان ٽريان ٿي ڳالهائڻ کپي. متان سندس ورت ۾ ڀنگ پئجي وڃي.“

پوءِ کان پوءِ ٻئي ڄڻا ڪيس چيو ته ”ڌرم جو اُپديش ... تيسرو! اسان ٻنهي جو پاڻ ۾ تڪرار ٿي پيو آهي.

جيس تنهن ڪري مون کيس اِئين ڪرڻ کان نه روڪيو. ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ ڪپنجل (جانورن جون) ساريون ڪائي ٻڌ ن ٻر متارو تي پنهنجو آکيڙو ياد ڪري ورڻي اُتي هليو آيو. ڇو جو اهو ايڪ چيل آهي ته:-

”ڪنگالپڻي ۾ ٻه جيڪو سک ماڻهوءَ کي پنهنجي ديس،
شهر ۽ گهر ۾ ملندو آهي سو ڪيس سرڳ ۾ ٻه نه رسندو
آهي.“

پنهنجي آکيڙي ۾ سهي کي ويٺل ڏسي ڪنڪيءَ سان ڪيس ڪپنجل چيو ته ”هيءُ ته منهنجو گهر آهي. تون هتي ڪين آچي ويٺو آهين؟ هتان ٻاهر نڪري هليو وڃ.“ تنهن تي سهي جواب ڏنس ته ”هي گهر منهنجو تي ڇڪو آهي. هاڻي تنهنجو ڪو واسطو نه آهي. اُجايو گرم نه ٿيءُ. ڇو جو چيل آهي ته:-

مزي ۾ پنهنجو وقت گذارڻ لڳا. تنهن ڪري مان چوان ٿو ته:-
”وڏن جو رڳو نالو وٺڻ سان ئي آسانيءَ سان ڪاميابي
حاصل ٿيندي آهي. چندرما جي نالي ڳنهڻ سان سها
سک سان رهڻ لڳا.
”نندي منصف وٽ وڃي نياءُ ڪرائڻ ڪري سهو ۽
ڪپنجل (ڳيرو) ڪجهه ڏينهن اڳ نابود ٿي ويا.“
پکين پڇيو ته ”اهو ڪئن؟“
ڪانءُ چيو ته:-

٣. ڳيري ۽ سهي جي آکاڻي

ڪنهن زماني ۾ مان هڪ وڻ تي رهندو هيس. منهنجي
هيٺان وڻ جي ڏر ۾ ڪپنجل نالي هڪ ڳيرو رهندو هو.
سج لهڻ کان پوءِ جڏهن پنهنجي ماڳ موٽندا هئاسون تڏهن
گهڻن ئي سنتن مهاتمائن جون ڪٿائون ۽ روح رهاڻ ڪندا
هئاسون ۽ ڏينهن جو جيڪي عجيب گهٽنائون ڏسندا هئاسون
اُن جي چرچا ۾ ڪندا هئاسون. اهڙيءَ طرح اسان جو وقت
ڏاڍي مزي ۾ گذرندو هو.
هڪ دفعي ڪپنجل ٻين ڳيرن سان گڏجي چاري چڳ
لاءِ ٻي ڪنهن پڪل اَن واري ملڪ ڏانهن هليو ويو. شام
هو جڏهن نه موٽيو ته مونکي ڏاڍو خيال ٿي پيو. مان من
ويچار ڪرڻ لڳس ته ”اَڄ ڪپنجل ڇو نه آيو آهي؟ ڪ
شڪاريءَ جي جار ۾ ڦاسي پيو يا ڪنهن ڪيس ماري وڌ
جيڪڏهن هو ڪنهن مصيبت ۾ ڦاٿل نه هجي ته جيڪر
ڪانسواءِ هو رهي نه سگهي.“ اِئين سندس چنتا ڪندي ڪ
ڏينهن گذري ويا.
هڪ دفعي سج لهڻ مهل شيگهرگم (تکو هلندڙ)
سهو اُن ڏر ۾ اچي وينو. ڪپنجل جي اُميد مان لاهي

زهر هجي يا نہ پر ڦرڻ نڪتل ڦوڪون ڏيندڙ نانگ جو
ڏڏڪو ئي خوفناڪ آهي.“

اُن تي اُنهن سيني چيو تہ ”جيڪڏهن اِئين آهي تہ هنن کي ٻہ ڀاڱا ڪرڻ جو هڪ زبردست اُپاءُ آهي. پر ٻہ ڀاڱا ڪرڻ لاءِ هڪ دوت (قاصد) جي ضرورت ٿيندي. اسان جو راجا وجيہ دت سهو چندرما ۾ واس ڪندو آهي. هڪ نقلي دوت هاٿين جي سرڪردي کي وڃي چوي تہ مان وجيہ دت وٽان آيو آهيان ۽ چندرما ديوتا توکي هتي اچڻ کان منع ڪئي آهي ڇاڪاڻ تہ وجيہ دت جي ڪٽنب جا ماڻهو هتي رهندا آهن. اُهڙين ڳالهين تي ويساهہ ڪري شايد هو هتان هليو وڃي.“

ايتري ۾ ٻي چيو تہ ”جيڪڏهن اِئين آهي تہ لمبڪرڻ (ڊگهن ڪنن وارو) نالي سهو جو سٺو ڳالهائيندڙ ۽ ڳالهين ناهڻ ۾ هوشيار آهي اُن کي اِنهيءَ ڪم لاءِ تيار ڪجي. چيو اٿن:-

”شڪل جو ڏاهوڪو، نهسوارتي، ڳالهين ناهڻ ۾ هوشيار،
شاسترن جو ڄاڻو ۽ ٻين جي ويچارن کي سمجهڻ وارو
راجدوت ٿيڻ جي لائق سمجهيو آهي.

”بيوقوف، لالچي ۽ ڪوڙ ڳالهائيندڙ کان جيڪو قاصد
جو ڪم وٺندو آهي اُن جون يوجنائون ويرٿ ويندڙيون
آهن.

جيڪڏهن توهان سيني مصيبتن کان بچڻ ٿا چاهيو تہ اُهڙو دوت ڳولهي ڪڍو.“ اُن تي ٻي چيو تہ ”اِئين ٺيڪ آهي. جيئري رهڻ لاءِ اُن کانسواءِ ٻيو اُپاءُ نٿو ٿي سگهي.“ آخر سيني يڪراءِ فيصلو ڪري لمبڪرڻ کي هاٿين جي سرڪردي ڏانهن موڪليو. لمبڪرڻ هاٿين جي لنگهہ وٽ هڪ اُهڙيءَ اُتاهينءَ جاءِ تي اچي ويٺو جتي هاٿي پهچي نہ سگهي. جڏهن چترڊنت اُتان لانگهائو ٿيو تڏهن لمبڪرڻ کيس ڏمالي چيو

ڪرڻ لڳا ته "اَڙي، اسين ته سڀ مري وياسون. هاڻين جو ٿي ڇهند روز ٻيو اِمدو ٿو جو پي ڪنهن هند ڀاڳي آهيڪي ڪونه. اِنهيءَ ڪري روز اسان سان ڏاڍي ويدن ٿي ٿيندي. ٿو چوي:-

"ڦاڻي ڇهڻ سان ماري ڇڏيندو آهي، نانگ سنگهڻ سان ئي ماري ڇڏيندو آهي، راجا کلندي ماريندو آهي ۽ دشمن پرش عزت ڏيندي ماريندو آهي."

تنهن ڪري هن مصيبت کان ڇٽڻ جو ڪو اُپاءُ سوچڻ کپي." اِن تي اُنهن سڀن مان هڪ چيو ته "ٻيو ڇا ٿو ٿي سگهي؟ هي هند اسان کي ڇڏي هلڻو پوندو. ڇو جو منو مهاراج ۽ وياس چيو آهي ته:-

"سڄي ڪٽنب جي فائدي لاءِ هڪ کي ڇڏي ڏجي، نگر جي فائدي ۾ ڪٽنب جو تياڳ ڪجي، ديش جي ڀلي لاءِ نگر کي قربان ڪجي ۽ پنهنجي ڀلائيءَ لاءِ ڌرتي ڇڏي ڏجي."

"راڄ کي کپي ته پنهنجي بچاءَ لاءِ ڪلياڻڪاري، هميشه [illegible] ۽ ڇوپائن کي وڌائڻ واري ڀومي ۾ بنا [illegible] سوچ ويچار جي ڇڏي ڏي."

"[illegible] لاءِ ڌن جو بچاءُ ڪجي، ڌن سان اِستريءَ جو [illegible] پنهنجي رکيا لاءِ ڌن ۽ اِستريءَ جي [illegible]."

[illegible] "اَڙي، [illegible] ڏاڍي جي جاءِ [illegible] سگهي. تنهن ڪري هاڻين کي ڪو اهڙو [illegible] ڌرتي [illegible] آهڻ جو خيال ئي آهي [illegible]:-

"[illegible] [illegible] ڪي [illegible] ڦوڪون ڏيڻ کپن.

پکين پڇيو تہ ”اِهو ڪيئن؟“
تنهن تي ڪانءُ چيو تہ:-

٢. سهي ۽ هاٿيءَ جي آکاڻي

ڪنهن جهنگل ۾ چنردنت (چئن ڏندن وارو) نالي پنهنجي جهنڊ جو سرڪردو هڪ هاٿي رهندو هو. اُنهيءَ هنڌ ڪيترا ڏينهن برسات نہ پئي جنهن ڪري تلاءَ، ڍنڍون ۽ دٻا سڪي ويا. ان تي سڀني هاٿين پنهنجي سرڪردي کي چيو تہ ”مهربان سائين، هاٿين جا ٻچا اُڃ کان سنائجي موت جي ويجهو اَچي رهيا آهن ۽ ڪي تہ مري بہ ويا آهن. تنهن ڪري ڪنهن اهڙي پاڻيءَ واري هنڌ جي ڳولها ڪجي جتي ٻيو تي پاڻي پي سگهجي.“ گهڻي سوچ ويچار ڪانپوءِ چترد نت چيو تہ ”هڪڙي اَڪيلائيءَ واري هنڌ هڪ پاڻيءَ جي ڍنڍ آهي جنهن ۾ هميشہ هيٺان پاتال گنگا مان پاڻي اِيندو آهي ۽ منجهانئس پاڻي ڪڏهن بہ خلاص نہ ٿيندو آهي. تنهن ڪري توهان سڀيئي اُتي هلو.“ اِهو فيصلو ڪري پنج راتيون پنڌ ڪندا سڀيئي اُتي هڪ پرڀات جو اَچي پهتا. سڄو ڏينهن اُن ۾ سنان ڪندا رهيا ۽ سج لٿي مهل پاڻيءَ مان ٻاهر نڪتا. اُنهيءَ ڍنڍ جي آس پاس نرم زمين ۾ سهن جا ڪيترائي ٻر هئا. اُنهن هاٿين جي هيڏانهن هوڏانهن ڊوڙڻ ڪري سهن جا ٻر ڊهي ويا. ڪيترن سهن جا پير، مٿا، ڪنڌ لڇي پيا. ڪيترا سها صفا مري ويا. تہ ڪي مرڻ جي ڪنڌيءَ تي اَچي پهتا.

هاٿين جو جهنڊ سنان ڪري ٻاهر نڪري جهنگ ۾ ڪاڏي جي ڳولها ۾ ويو. اُن کان پوءِ جن سهن جا ٻر ڊهي پيا هئا يا جن جا پير لنڊا ٿي پيا هئا، ڪنڌ مڙي ويا هئا يا رتوڇاڻ ٿي ويا هئا سي سڀ هڪ هنڌ گڏجي ڳالهہ ۾ سوچ ويچار

ٿي رهيون آهن. هاڻي تون به پنهنجو رايو ظاهر ڪر. ڇگو نيو جو تون تمام اوري وقت تي آيو آهين." اِنهيءَ تي ڪانو ڪلي ڪري چيو ته "اَڙي، هيءَ ته نيڪ نه آهي. مور، هنس، ڪوئل، طوطي ۽ اهڙي جهڙن پکين جي هوندي بدصورت اُلوءَ کي راجا ٿو بڻايو وڃي جو ڏينهن جو انڌو هوندو آهي. اِن لاءِ منهنجي راءِ هنجي برخلاف آهي. ڇو جو:-

"ڏينهن جو نه ڏسي سگهندڙ، ڪاوڙ ۾ نه هوندي به
سندس نڪ هميشه مڙيل هوندو آهي ۽ اکيون ڦوٽاريل
ٿينديون اٿس. اهڙيءَ حالت ۾ به خوفناڪ ۽ بدصورت
پيو نظر ايندو آهي. ۽ ڪاوڙ ۾ خبر نه آهي سندس
منهن جي صورت ڪهڙي ٿيندي؟

"قدرتي طرح تمام خوفناڪ، ڏاڍي بخيل، نردئي ۽ بدشڪل
اُلوءَ کي راجا ڪرڻ سان اسان کي فائدو ئي ڪهڙو
رسندو؟"

وري ڪُرڙ جي هوندي هن ڏينهن جو انڌي نور واري کي ڇو ٿو راجا بڻايو وڃي؟ توهان شايد منجهس ڪي گڻ ڏٺا هجن ۽ هڪ راجا جي هوندي ٻئي کي راجا مقرر ڪرڻ اجوڳو ڪم آهي.

"هڪ ئي تيجسوي راجا پرٿويءَ لاءِ هتڪاري آهي.
پرلي جي وقت گهڻا سورج جئن نقصانڪار ٿيندا آهن
تئن گهڻا راجائون ٻڻا سنڪٽ جو ڪارڻ ٿيندا آهن."

ڪُرڙ جو نالو وٺي توهان پنهنجن دشمن کي ڀڄائي سگهندا آهيو. ڇو جو:-

"دشمن جي سامهون پنهنجي مالڪن ۽ وڏن جو رڳو نالو
کڻڻ سان ڪاميابي حاصل ٿيندي آهي. چندرما جي
نالي وٺڻ سان سها سک سان رهندا آهن."

ڪل وارو ڏسي سيٺي چيو ته ”هي اُلو آسان سيٺي جو
اجا ٿيندو. تنهن ڪري تاجپوشيءَ ۾ ڪم ايندڙ سڀيئي شيون
ميسر ڪريو.“ اِنهيءَ تي گهڻن ئي تيرٿن جو جل آندو ويو.
هڪ سؤ اٺ ٻوٽين جي پاڙن مان سامگري تيار ڪئي ويئي.
سنگهاسن سينگاريو ويو. سٺن پيٺن واري زمين تي گهمندڙ
چيٽي جي ڪل وڇائي ويئي. نون گرهن جا منڊل ڏاهيا ويا.
سون جي دلي ۾ پهاڙن جا عجيب رتن وڌا ويا. ڏيئو، واڄو،
آئينو ۽ ٻيون شڀ ڦل ڏيندڙ شيون تيار ڪيون ويون. چارڻ
گيت ڳائڻ لڳا. برهمڻ هڪ سر ۾ گڏجي ويد جو پاٺ ڪرڻ
لڳا. سندر اِستريون منگل گيت ڳائڻ لڳيون. ڪرڪالڪا نالي
پٽ راڻيءَ کي جڏهن آندو ويو ۽ اُلوءَ کي جڏهن ئي تخت تي
ويهاريو ٻي ويو، تڏهن ڪٿان نه ڪٿان ڪانوَ اچي اُتي پرگهٽ
ٿيو ۽ چوڻ لڳو ته ”هي پکي هتي ڇا جي لاءِ گڏ ٿيا آهن ۽
هي ميلو ۽ جلسو ڇا جي لاءِ رچايو اٿو؟“ هن کي ڏسي سيٺي
پکين چيو ته ”آسان سيٺي ۾ ڪانوَ سياڻو ٿيندو آهي ڇو جو
چيل آهي ته:-

”ماڻهن ۾ حجم، پکين ۾ ڪانوَ، جانورن ۾ گدڙ، سنياسين
۾ اڇا ڪپڙا پائيندڙ جين سادو چالاڪ ٿيندا آهن.“

تنهن ڪري هن سان به صلاح ڪرڻ گهرجي.“ ڇو جو:-

”ود واٽن دوارن گهڻيئي دفعا سوچيل ۽ چڱيءَ طرح
تي ٻيهاريل يوجنائون ڪڏهن به وڙت نه وينديون آهن“

ڪانوَ وري به ڪانئن پڇيو ته ”پکين جا مدبر ڇا لاءِ
گڏ ٿيا آهن ۽ هيءَ جلسي جي تياري ڇاڪاڻ ٿيل آهي“
اُن تي هنن جواب ڏنو ته ”ٻڌ ڀائي، پکين جو ڪو راجا آهي
ڪونه. تنهن ڪري آسان سيٺي اِهو فيصلو ڪيو آهي
آسان جو راجا ٿئي. سندس راج تلڪ لاءِ هي سڀ تي

ڪرمچارين جا اندريان ڪجهه معلوم ڪري دشمن جو
اندازو لڳائي سگهندا آهن.“
اهڙيءَ طرح منتريءَ جي ڳالهه ٻڌي ميگهه ورڻ چيو ته
”ڪانون ۽ اُلن جي وچ ۾ هميشه کان جو هيءَ جاني دشمني
هلندي ٿي اچي اُن جو ڪو سبب ته هوندو؟“ تنهن تي
اسٿرجيويءَ چيو ته:-

١. ڪانون ۽ اُلن جي وچ ۾ دشمنيءَ جي آکاڻي

هڪ دفعي هنس، طوطا، ٻگهه، ڪوئل، چاتڪ، اُلو، مور،
ڪبوتر، تتر، ڄڪڙ وغيره پکي پاڻ ۾ گڏيا. مايوس ٿي هو
سڀئي ويچار ڪرڻ لڳا ته ”گرڙ اسان سڀني جو راجا آهي پر
وشنوءَ ڀڳوان جي سيوا ۾ هئڻ ڪري ڪيس اسان جي سنڀال
ڪرڻ جي نه پرواهه آهي ۽ نه فرصت. تنهن ڪري اهڙي
نالي ماتر راجا مان ڪهڙو فائدو جو شڪارين جي ڄنبي ۾ اچڻ
تي به اسان جي سنڀال نٿو ڪري سگهي؟ ڇو جو:-

”جن جي تڪليفن کان پيڙجندڙ ۽ ڊنل پراڻين جو جيڪو
بچاءُ نٿو ڪري اُهو راجا جي روپ ۾ ڪال آهي. ان
۾ ڪو شڪ نه آهي.

”جي راجا چڱيءَ طرح اڳواڻي نه ڪندو آهي ته ملاح
کان سواءِ ٻيڙيءَ وانگيان پرجا نشٽ ٿي ويندي آهي.

”اُپديش نه ڏيندڙ گرو، ويدن جي اڀياس کان سواءِ
براهمڻ، رکيا نه ڪندڙ راجا، ڪوڙو ڳالهائيندڙ استري،
شهر ۾ رهندڙ ڏنار ۽ ٻن ۾ رهڻ جي سڌ ڪندڙ حجام،
انهن ڇهن کي ائين ڇڏي ڏجي جيئن سمنڊ ۾ ڀڳل
جهاز کي.“

تنهن ڪري اسان کي سوچي ويچاري ٻئي ڪنهن پکيءَ
کي راجا بنائڻ گهرجي.“ تنهن کان پوءِ اُلوءَ کي ڏاهو ڪي

طرف جا اُرڙهن ۽ پنهنجي طرف جا پندرهن تيرٿ ٿيندا آهن. ٽن ٽن جاسوسن دوارا اُنهن تيرٿن جي ڪارگذارين جي جاڻ رکڻ کپي. اِئين ڪرڻ سان، ٻئي طرف پنهنجي ضابطي ۾ رهندا آهن. نارد پدشتر کي چيو هو تہ:-

”ڇا توکي دشمن جي طرف جي اُرڙهن ۽ پنهنجي طرف جي پندرهن تيرٿن ۽ هڪ ٻئي کان غيرواقف ٽن جاسوسن جي خبر آهي؟ تيرٿ لفظ جي معنيٰ آهي راڄ جو آڌڪاري. اُنهن مان ڪو هڪ بہ ڪپٽيو هوندو تہ راجا جي لاءِ مصيبت جو ڪارڻ ٿيندو. جيڪڏهن اُهي سڀ سچيار آهن تہ مالڪ جو ڏينهون ڏينهن واڌارو ٿيندو ويندو.“

دشمن جي طرف جا تيرٿ هي آهن:- منتري، پروهت، سيناپتي، يوراج، دوارپال، رڻواس جو آڌڪاري، حڪم ناما جاري ڪندڙ، پردان نيايہ آڌيش، پدل وصول ڪندڙ، راڄ سڀا ۾ داخلا ڏيندڙ، منصف، عرضيون پڌندڙ، گهوڙيسوارن جي مٿان حڪم ڪندڙ، هاٿين جي سوارن جو سرڪردو، خزانچي، قلعو سنڀاليندڙ، جيل جي سنڀال ڪندڙ، حدن جي سنڀال ڪندڙ ۽ مالڪ جي سيوا ڪندي مرڻ لاءِ بہ تيار سيوڪ. اِنهن ۾ قوت وجهڻ سان دشمن جلد وس ۾ اچي ويندو آهي. پنهنجي طرف جا هي تيرٿ آهن:- راڻي، راجا جي ماءُ، چوبدار، مالهي، سيج سنڀاليندڙ، گپت چر، جوتشي، وئدي، پاڻي پيرڻ وارو، پان سوپاري آڻڻ وارو، آچاريہ، اَنگ رکيڪ، سيناپتي، مٿان ڇٽي جهلي بيهندڙ ۽ وئشيا. اِنهن سان دشمني ڪرڻ ڪري پنهنجو طرف سست ٿي ڇهليندو آهي.

”جهڙيءَ طرح پير جي ماپ سان پاڻيءَ جي اونهائيءَ جي خبر پوندي آهي، ساڳيءَ طرح هوشيار جاسوس

ڪوڙتي، ٻاهي ٻنهي جي ڪمن ۾ ڏوڙائي چال ڪان ڪم وٺجي.

”وڏائي ورتيءَ وارا تياڳي مهاتمائون سيني سان هڪ رس هلن ٿا ان ۾ سنڌن جس آهي ۽ ڪامنائن سان پريل سنساري ماڻهن ۽ خاص ڪري راجائن کي اهڙي هلت نه سونهندي آهي.“

اهڙيءَ طرح ڏورانگي چال کي اپنائي تون پنهنجي ماڻهن تي قائم رهي سگهندين ۽ لالچ جي طريقي سان دشمن جي ڀاڱ ڀتي سگهندين. دشمن جي ڪنهن وقت ڪا اوڻائي نظر اچي ته ان وقت تي موقعي جو فائدو وٺجي.“ ميگهه ورڻ چيو ته ”مونکي دشمن جي رهڻ جي هنڌ جي به خبر نه آهي، پوءِ مونکي ان جي اوڻاين جي جاچ ڪئن ٿيندي؟“ اسٿرجيويءَ چيو ته ”جاسوسن جي معرفت هن جي رهڻ جي هنڌ توڙي اوڻاين جو پتو لڳي سگهندو آهي. چيو اٿو:-

”جانور بانس سنگهڻ سان ڏسي سگهندا آهن، براهمڻ ويدن سان ڏسي سگهندا آهن، راجائون جاسوسن سان ڏسي سگهندا آهن ۽ ٻيا ماڻهو پنهنجن اکين سان ڏسي سگهندا آهن.

”جيڪو راجا پنهنجي جاسوسن جي معرفت پنهنجي طرف جي خاص ڪري دشمن جي طرف جي تيرٿن (وڏن عهديدارن) جي جاچ ڪري رکي، اهو ڪنهن وقت وڏيءَ مصيبت ۾ اچي ڦاسندو آهي.“

ميگهه ورڻ چيو ته ”هي سردار، تيرٿ (وڏا عهديدار) ڪهڙا کي ٿو سڏجي؟ انهن جو انداز ڪيترو آهي؟ جاسوس ڪهڙا ٿيندا آهن؟ اهو ڪري ٻڌايو.“ ان تي هن چيو ”ڀڳوان نارد مهاراجا يڌشٽر کي ٻڌايو هو ته دشمن جي

ڪنول گل جي پن تي پيل پاڻيءَ جي بوند موتيءَ مثل نظر ايندي آهي."

تنهن ڪري ٻين جي مدد کانسواءِ بدلو وٺي نه سگهبو. "اهڙيءَ ٻين کان مدد وٺي جنگ ڪجي، منهنجو رايو اهو آهي." هن جي چوڻ کانپوءِ راجا چرنجيويءَ پنهنجي راءِ ڏني. هن جي چوڻ طرح پنهنجي پتا جي جهوني ٻڍي منتريءَ اِستريجيويءَ ميگهورڻ کان پڇيو ته "هي بابا، ڪي پرڻام ڪري ڏاڍي آدر سان ڪانئس پڇيو ته توهان جي توهان نيتي شاستر جو گوڙهو اڀياس ڪيو آهي. هن جا وزيرن کان رايا پڇيا ويا سو سندن پرکيا لاءِ هوندي جو هنن هنن جي ڳالهه نيڪ هجي ته آڳيا مون اِئين ڪيو. جيڪڏهن هنن سيني نيتي شاستر موجب ئي ڪريو." هن جواب ڏنو ته "هنن سيني پنهنجي پنهنجي وقت تي ڳالهيون ڪيون آهن. پر اِهي سڀ پنهنجي پنهنجي وقت تي ڪم ڏينديون آهن. هن حالت ۾ دورنگي چال هلڻ ئي مناسب ٿيندو. چيو اٿن ته ٻه ڪو

"ٻلوان دشمن سان جنگ ڪجي يا صلح ڪجو ته ٻه ڪو فائدو نه رسندو. دورنگي چال هلڻ مان ئي فائدو رسي سگهندو."

اهڙي دشمن کي ڪڏهن وشواس، ته ڪڏهن اوشواس ڏيکاري ختم ڪري سگهبو. چيو اٿن:-

"خاتمي جي ويجهو ايندڙ دشمن کي به سياڻا ماڻهو هڪ دفعو مٿي چاڙهيندا آهن. ڳڙ کائڻ ڪري ٻڙيائي بلغم وڌي پوءِ پاڻيهي ٻاهر نڪري ويندو آهي.

"اِستري، شترو، ڪپٽي متر ۽ خاص ڪري وشيائن جيڪو هڪ سريکو وشواس ڪندو آهي اُنهيءَ ماڻهوءَ پنهنجيءَ حياتيءَ تان هٿ ڌوئي ڇڏڻ کپن.

"ديوتا، براهمڻ، گروءَ ۽ پنهنجو ڪم شڌ ڀاونا سان

کي سمجھن وچارن ظاهر ڪرڻ لاءِ چيو. اُن تي هن چيو ته "پنهنجي قلعي مان موڪلي سنڌيه (ٻئي جو آسرو وٺڻ) سڀ کان سٺو ٿو لڳي. چيو اٿن:-

"سگهارو ۽ تيجسوي ماڻهو به ٻئي جي مدد کانسواءِ ڇا ٿو ڪري سگهي؟ هوا کانسواءِ ٻرندڙ باهه به وسامي ويندي آهي.

"ماڻهوءَ لاءِ پنهنجي طرفدارن جو ساٿ ضروري آهي ڇو جو تِهن کان جدا تيل اُن جو داڻو ساو نه ڪندو."

تنهن ڪري هتي رهي ڪنهن طاقت واري جو آسرو وٺي هن آفت کان پاڻ کي بچائڻ گهرجي. جيڪڏهن توهان پنهنجي جاءِ ڇڏي ڏيندءَ ته ڪنهن به حالت ۾ ڪو توهان جي مدد نه ڪندو. چيو اٿن:-

"باهه جيستائين جهنگ کي ساڙيندي آهي تيستائين هوا کيس مدد ڪندي رهندي آهي پر اُهائي هوا ڏيئي کي وسائي ڇڏيندي آهي. ڪمزوريءَ ۾ ڪير مِتر ٿيندو؟"

هڪ ئي ٻلوان جو آسرو وٺڻ اِهو به ڪو خاص نيم نه آهي. گهڻن ئي ننڍن جو آسرو وٺي به پنهنجو بچاءُ ڪري ٿو سگهجي. چيو اٿن:-

"گهڻن بانس جي لڪڙن سان گهيريل هڪ بانس جي لڪڙي کي ڇني نه سگهبو آهي تئن ڪمزور راجا کي ٻين گهڻن جو ساٿ هجي ته کيس ڪو وٺي نه سگهندو."

پر جي جيڪڏهن وڏن جو ساٿ هجي ته ڳالهه ئي ڪهڙي ڪجي! چيو اٿن:-

"وڏن جو ساٿ ڪنهن جو واڌارو نه ڪندو آهي؟

چڏي ڏيندو آهي اهو آدمي اُتي وري اچي وسي ۽
سگهندو آهي.
”ڏندن ڪانسواءِ نانگ، مڊ ڪانسواءِ هاٿي ۽ پنهنجي ماڳ
ڪانسواءِ راجا، انهن تي ڪير به آسانيءَ سان حملو ڪري
تو سگهي.
”پنهنجيءَ جاءِ تي بيٺل اڪيلو ٿي سؤ دشمن جو مقابلو
ڪري ٿو سگهي. تنهن ڪري پنهنجي جاءِ ڇڏڻ نه کپي.“
تنهن ڪري قلعي کي بهادرن، شهرپناهه، کاهين ۽ رسدن ۽
هٿيارن سان مڪمل ڪري جنگ جي لاءِ تيار ٿي اُتي ئي
رهجي.
”راجا جيڪڏهن جيئرو رهيو ته راڄ پوئيندو ۽ جي جنگ
۾ مارجي ويو ته سرڳ ماڻيندو.
”هڪ هنڌ تي بيٺل وڻن جي جهڳٽي کي اُبتڙ هوا
ڪجهه نه ٿي ڪري سگهي. اهڙيءَ طرح هڪ ئي هنڌ
کپ کوڙي وڙهندڙ ماڻهن کي ڪو به دشمن نقصان نٿو
رسائي سگهي.
”گهڻو به وڏو ۽ مضبوط وڻ جي اڪيلو هڪ هنڌ بيٺو
آهي ته زوردار هوا ڪيس ڪنهن وقت به پاڙون پٽي
چڏيندي آهي. پر ڪي به ننڍا وڻ جي پاڻ ۾ ميلاپ
ڪري هڪ هنڌ بيٺا هوندا آهن ته طوفان کين ڪجهه
نه ڪري سگهندو.
”اهڙيءَ طرح جيڪڏهن گهڻو به بهادر جي اڪيلو
هوندو ته دشمن اُنس غالب پئجي ويندو ۽ کيس ماري
به ڇڏيندو.“
اهڙيءَ طرح پرجيويءَ پنهنجا ويچار ظاهر ڪيا. هن ”آسرا
جي فائدي ۾ پنهنجا رايا ڏنا. اُن ڪانپوءِ ميگهه ورڻ چرنجيو

ن حالت ۾ پنهنجي هٿن ۾ نيڪ آهي. ڇو جو:-
”دشمن ۽ مريادا کان سواءِ طاقتور دشمن سان جنگ يا صلح ڪرڻ کانسواءِ جان بچائي ڀڄي وڃڻ ئي سياڻپ جو قدم آهي.
”پنهنجي هٿن ۾ قسمن جو ٿيندو آهي. هڪ ڏپ جي حالت ۾ جان بچائڻ ۽ ڏرم جي رکيا لاءِ ٻيو سوڀ جي لاءِ دشمن کان گسائي هليو وڃڻ.
”دشمن تي جيڪڏهن حملو ڪرڻو به هجي ته ڪٽيءَ يا چيٽ جي مهني ۾ ڪجي. اهو وقت اصل نه.
”مصيبت ۾ قاتل ۽ گهڻن عيبن سان وڪوڙيل دشمن تي حملو ڪنهن وقت به ڪري ٿو سگهجي.
”بهادر، وشواس جوڳن ۽ طاقت وارن جوڌن سان مقابلي ڪرڻ کان اڳ پنهنجو هند مضبوط ڪري پنهنجا جاسوس اڳير دشمن جي ملڪ ۾ تيزي پکيڙي پوءِ اُنس حملو ڪجي.
”رستي، رسد، پاڻي ۽ اناج جي وسيلن کانسواءِ جيڪو دشمن جي ملڪ تي ڪاهه ڪندو آهي اهو وري پنهنجي ملڪ ۾ موٽي نه ايندو آهي.“
تنهن ڪري اسانجي لاءِ ڀڄي وڃڻ ئي نيڪ آهي. ڇو جو:
”طاقت واري دشمن سان نه وڙهڻ کپي ۽ نه ميل ميلاپ ڪجي. اُن مان ڪنهن به فائدي جي اميد نه سمجهه بدنامي اُن کان پري ڀڄندا آهن.
”ڪهڙو جيڪڏهن وڙهندي وڙهندي پوئتي هٽي وڃي آهي نه فقط وري زور سان ٽڪر هڻڻ واسطي. شين جيڪڏهن پنهنجي بدن کي سسائيندو آهي ته فقط ڪ

”ڏاڍي تنل کي، يا تيل ۾ پاڻيءَ جا ڦڙا وجهڻ سان
 هيڪاري اهو وڌيڪ جوش ۾ ايندو آهي. اهڙيءَ طرح،
 ڪاوڙيل ماڻهوءَ سان ڳالهه جون ڳالهيون ڪرڻ سان هو
 وڌيڪ ڪاوڙبو آهي.“

وري توهان چيو ته دشمن طاقتور آهي تنهن ڪري ميل ميلاپ
ئي ٿي سگهي. چيو اٿن:

”انسان طاقت سان ڀرپور ننڍو دشمن به وڏي کي
 ماري مات ڪندو آهي. جيئن شينهن هاٿيءَ کي ماري
 پنهنجو راڄ قائم ڪندو آهي.

”پرسين عورت جو روپ ڌاري جيئن ڪيچڪ کي
 ماري وڌو تئين جيڪو دشمن طاقت سان نه مري
 سگهي ان کي ڪپٽ سان مارڻ گهرجي.

”موت وانگيان سخت سزا ڏيڻ واري راجا جي وس ۾
 دشمن رهندا آهن. ديالو راجا کي دشمن گاهه يا ڪک
 پن وانگيان سمجهندا آهن.

”جنهنجو تيج ٻين تيجوارن جي تيج کي جهڪو نٿو
 ڪري، ۽ ماءُ جو جوڀن اجايو وڃائي ٿو، اهڙي ماڻهوءَ
 جي جمڻ مان ڪهڙو فائدو؟

”جنهن راجا جي زمين ئي شترن جي رت ۽ سندن زالن
 جي ڳوڙهن سان چيڪاڻ نٿي ٿئي، ان جي جيئڻ جي
 ڪهڙي ساک؟“

اهڙيءَ طرح سنجيوي جنگ ڪرڻ جي صلاح ڏني. تنهن
کان پوءِ ميگهه ورڻ انجيويءَ کان پڇيو ته ”انجيوي، تون به پنهنجو
راءِ ظاهر ڪر.“ انجيويءَ چيو ته ”سوامي، هي دشمن طاقت
۾ اسان کان وڌيڪ آهي ۽ مجهس ڪا مريادا نه آهي. تنهن
ڪري هن سان نه جنگ ڪري سگهجي ۽ نه صلح. تنهن ڪري

ٽريءَ طرح اڄيوءَ ميلاپ ڪرائڻ واريءَ سام نيڻيءَ
ڀنيرائي ڪئي. اِهو ٻڌي ميگهه ورڻ سنجيوءَ کان پڇيو
هي سنجيوي، هن باري ۾ مان تنهنجو رايو به چاهڻ ٿو
يان." اُنهيءَ تي هن چيو ته "هي مهاراج، دشمن سان ناهه
ڻ جي فائدي ۾ دان نه آهيان. ڇو جو:-
"مڪمل ناهه جي شرطن سان به دشمن سان صلح نه
ڪيترو به ڪري گرم ڪجي ته به هو
ڪهه. پاڻيءَ کي

"ڪمزور جي ٻارن سان لڙائي سندس موت جو ڪارڻ ٿي ٿئي. پٿر لڳڻ سان جنهن دلو ڀڃي پوندو آهي سندس حالت به ائين ٿيندي آهي.

"جنگ جا مکيه ٽي سبب آهن يعني، ڌن ۽ مٽي، انهن مان جيڪڏهن ڪو به سبب نه هجي ته جنگ اصل نه ڪرڻ گهرجي.

"پٿرن سان پريل کوئي جو پر کوٽڻ سان شينهن جي چهنب جا ننهن ڀڄي پوندا آهن ۽ ايتري جفاڪشيءَ کانپوءِ به کيس رڳو هڪ ڪوئو نصيب ٿيندو آهي."

تنهن ڪري جيستائين ڪو خاص فائدو نه ٿيڻ وارو هجي ۽ رڳي جنگ ئي ڪرڻي پوي ته اهو ڪم نه ٿيڻ ڏجي ۽ نه ڪرڻ گهرجي.

"لڇمي چاهيندڙ کي گهرجي ته جڏهن ڪو ٻلوان حملو ڪري ته اُن جي اڳيان بيد جي لڪڻ وانگيان جهڪي اچڻ گهرجي. نانگ وانگيان ڦوڪون ڏيڻ نه گهرجن.

"بيد جي لڪڻ وانگيان هلت ڪرڻ وارو هميشه، اُن ڌن سان ڀرپور رهندو آهي پر نانگ جي هلت وارو موت جي منهن ۾ ايندو آهي.

"عقل واري ماڻهوءَ کي گهرجي ته ڪڇونءَ وانگيان پنهنجي عضون کي سمائي ڏک سهندو رهي پر وقت اچڻ تي ڪاريهر نانگ وانگيان حملي لاءِ تيار ٿي اٿي.

"لڙائي سامهون ڏسي اُن کي سام نيتيءَ (صلح يا ناهه) سان ٽارڻ گهرجي. سوڀ جي پوري خاطري نه هجڻ ڪري هڪدم اُن ۾ ٽپي پوڻ نه گهرجي.

"ٻلوان سان مقابلو ڪرڻ، اهو ڪو آدرش ٿي نه ٿو سگهي. بادل ڪڏهن به اُلٽيءَ هوا جو مقابلو نه ڪندو آهي."

چيو ته ”هي راڄن، ٻاوان سان جنگ نه ڪرڻ کپي. آرمرڊن زبردست ۽ وقت ڏسي حملو ڪندڙ آهي. ڇو جو:-

”وقت تي ٻاوان جي اڳيان جهڪندڙ ۽ وقت ڏسي اُن تي حملي ڪندڙ جي لڇمي نديءَ جي وهڪري وانگيان هميشه چالو رهندي آهي.

”پنهنجي حياتي خطري ۾ ڏسي ڪنهن جهنگلي ماڻهوءَ سان به ناهه ڪرڻ کپي. پنهنجي حياتي بچائڻ سان ئي ٻين جو بچاءُ ڪري سگهبو.

”جيڪو دشمن ستيوادي، ڌرماتما، ستريل، متن مائٽن وارو، طاقتمند ۽ گهڻن تي سوڀ پائيندڙ هجي اُن سان صلح ڪرڻ کپي.“

گهڻين جنگين ۾ سوڀ پائيندڙ سان ته خاص طرح ناهه ڪرڻ کپي.

”گهڻين جنگين ۾ ڪاميابي حاصل ڪندڙ سان جيڪو ميلُ ميلاپ ڪندو آهي ته اُن جي اثر ڪري پنهنجا ٻيا دشمن به اَڇي پيش پوندا آهن.

”برهسپتيءَ چيو آهي ته جنهن جي طاقت هڪ جيتري هجي اُن سان به صلح ڪجي. ڇو جو جنگ جي ڪاميابيءَ ۾ هميشه شڪ هوندو آهي. تنهن ڪري اهڙو ڪم ڪجيئي نه جنهن جي سڦلتا جي پوري خاطري نه هجي.

”جنگ ڪرڻ وارن جي سوڀ هميشه ڪتڪي واري ٿيندي آهي تنهن ڪري ٻيا ٽي اُپاءَ (سام، دام ۽ ڀيد) اِستعمال ڪرڻ کپن.

”آيمان ۾ آندو ٽي جيڪو پاڻ جهڙي سان جنگي ناهه نه ٿو ڪري اُهو حملي وقت مٽيءَ جي ڪچي دلي وانگيان ٽڪر کائي ٻنهي طرفن کي نقصان هيٺ ٿو آڻي.

نابود ٿيو
”جيئن ٻلي ۽ ڪوئا جي دشمنيءَ جي ڪري ڪوئا جو
ڪري اتو پلي ڪتو به زور وارو هجي ته به دشمن
ناس ڪري ڇڏيندا.“

۽ ڪوا وڏي وڻ تي ڪيس ناس ڪري ڇڏيندا.
جي راڄا ميگهه ورڻ پنهنجي سيني
کان پڇيو ته ”اسان جو دشمن زبردست، هٿنتي
منترين کي ڪورالي جي وقت کي پروڙ ٿو ۽ هو راست جو اڄي
وقت کي پروڙيندڙ آهي. تنهن ڪري هو اسان کي
۽ مارڻ ۾ ڪامياب ٿو ٿئي. ان جو مقابلو ڪئين
سدائين اسان کي ڪري سگهون ٿا ۽ ڪيئن ورڻ آهي جيئن ڪري ڏينهن
ڪجي؟ اسان راست جو ڏسي
اڃا اهي مير آهي ته هيجو قلعو ڪٿي آهي جيئن ڪري ڏينهن
جو وڃي ان تي حملو ڪرڻ. تنهن ڪري سنڌي (صلح يا
ناهه)، وگرهه (جنگ)، يان (حملو)، آسن (پرسان ڇانوڻي لڳائڻ)،
سنشريه (ٻئي جي مدد وٺڻ) ۽ دويڌي ڀاءُ (ٻن دشمنن کي
ناڻ ۾ وڙهائڻ) انهن راڄنيتيءَ جي ڇهن اپائن مان ڪنهن جو
استعمال ڪرڻ؟“ هن جي منترين جواب ڏنو ته ”سائين جن
اهو سوال پڇيو آهي. ٿيو جو:-

اڄ، ذاتي سنڌو سوال پڇيو ڪي ڪجهه به نه ڇوڙ ڪجي. ٻه ٻيڻ
” ...يا ڪنسواء منتريءَ کي ڪجهه به نه ڇوڙ ڪجي.
... آلوٽندڙ قالدي جي پالهه ۾ ڪئمر ڇوڙ ڪهڙجي.
... ڪو سني نتيجي واري پالهه ٿيو ڇوري
... ڪري اتو منتري ته آهي ٻه شتر
...
آ...“
... اسان کي ٻاڻ ۾ صالح مصاح
هي ... عملي جو سبب معاوڻ ڪ
ڪرڻ ڪجي، ...
... ڪرڻ.
ان جي ... ڪي
... مسري هٿا جن جا ناا
ميگهه ورڻ ...
... جيوي، سنڌجيوي، ... جيوي، پرجيوي ۽ چرنجيوي
... ان ... ري ۾ ...
... ڪرڻ ...

کاکولوکيبه

کاکولوکيبه (کانءِ ۽ اُلو پکي) نالي ٽيون تنتر شروع
ٿئي جنهن جو پهريون شلوڪ هي آهي:-
”جنهن سان پهريائين جنگ ٿي هجي، اهڙي دشمن سان
دوستي ٿي وڃڻ تي به اُن تي وشواس نه رکجي. اُلو
پکين سان ڀريل غفا کي هڪ کانءِ جلائي ڇڏيو.“

اِن باري ۾ هيٺين ٿو ٻڌڻ ۾ اچي:-
ڏاکڻي ملڪ ۾ مهلا روپيه نالي هڪ شهر آهي. اُن جي
ڀرسان ڳهاٽن پنن سان ڀريل ۽ ڦهليل ٽارن وارو هڪ ٻڙ جو
وڻ هو. اُتي ميگهه ورڻ (بادل جي رنگ وارو) نالي ڪانون
جو راجا پنهنجي گهڻن ئي ڪٽنب جي ڀاتين سان گڏ رهندو
هو. قلع بندي ٺاهي هو پنهنجي ساٿين سان گڏ اُتي گذاريندو
هو. آرمردن (دشمنن کي نابود ڪندڙ) نالي اُلن جو راجا
به پنهنجي بيشمار ساٿين سان گڏ جبل جي غفا ۾ قلعي بندي
ڪري رهندو هو. رات ٿيڻ تي هو سدائين ٻڙ جي وڻ جي
چوڌاري چڪر پيو لڳائيندو هو. ڪو به ڪانو ڪيس هٿ لڳندو
هو ته جهونيءَ دشمنيءَ جي ڪري اُن کي هو ماري ڇڏيندو
هو. اهڙي طرح اُتي هر روز اچي ڪانون جو شڪار ڪندو
هو جنهن ڪري اُن قلعي ۾ باقي ٿورا ڪانو وڃي بچيا. اِهو
اِئين ٿيڻو ئي هو. ڇو جو:-
”جيڪو آلسي ماڻهو آزاديءَ سان وڌندڙ دشمن ۽
بيماريءَ جي پرواهه نه ڪندو آهي ته اُهي آهستي آهستي
کيس نهوڙي نيندا آهن.

تڤەر ثیون

کاکولۆکێیە

وگهو آهي تنهن ڪري هن هرڻ کي هٿ ڪريان.» اِهو
ٻچار ڪري شڪاري ڪڇون زمين تي رکي جئن هرڻ ڏانهن
ڏيو تئن هرڻ پنهنجي تکن ڏندن سان گاهه کي ڪتري
ڇڏيو ۽ منٿرڪ گاهه مان پاڻ ڇڏائي تلاءَ ۾ گهري ويو. چتراڱه
به شڪاريءَ جي ڀڄڻ کان اڳ ئي ڪانو سوڌو وٺي ڀڳو.
شرم ۽ نااميديءَ وچان شڪاريءَ جئن پٺتي نظر ڦيرائي ته
ڏٺائين ته ڪڇون به غائب هو. پوءِ اُتي ويهي شڪاري
پنهنجا ڪرم ڪٽڻ لڳو ۽ هيٺيون شلوڪ پڙهيائين:-

”هڪ منارو هرڻ منهنجي ڄار ۾ ڦاٿو اهو تو کسي ورتو.
پوءِ ڪڇون مليو اهو به تنهنجي حڪم سان غائب ٿي
ويو. پنهنجيءَ زال ۽ ٻارن کان جدا ٿي مان هن ٻن ۾
بک ۾ پاهه ٿي گهمي رهيو آهيان. هي ڪال ديوتا، هن
کان وڌيڪ اڃا ٻيو به ڪجهه ڪرڻو هجيئي ته ڪري
وٺ، مان اُن جي سهڻ لاءِ تيار آهيان.“

اِئين ڳرڪندو ۽ روئندو گهر ڏانهن هليو. شڪاريءَ جي
پري هلي وڃڻ تي ڪانءُ، ڪڇون، ڪوئو ۽ هرڻ چارئي
دوست وري اچي تلاءَ جي ڪناري تي مليا. هڪ ٻئي کي
ڏسي ڏاڍو خوش ٿيا ۽ سمجهڻ لڳا ته نئون جنم مليو اٿئون.
وري اڳي وانگيان گيان گوشٽ ۽ روح رهاڻ ڪندا پنهنجو
وقت آنند ۾ گذارڻ لڳا.

اِنهن ڳالهين تي غور ڪري ماڻهوءَ کي کپي ته پنهنج
دوست وڌائي ۽ ساڻن بنا ڪنهن کپٽ يا فريب جي ورتا
ڪري. ڇو جو:-

”جيڪو ماڻهو مترتا وڌائيندو آهي ۽ مترن سان ڪپ
ڪانسواءِ ورتاءُ ڪندو آهي، اهو هن دنيا ۾ هيڻائين
ڏسندو آهي.“

جنهن لاءِ دوا ڏسي آهي ته هوش کان ڪم وٺي مشڪلات کي منهن ڏجي.

"صلاح مصلحت اهڙي سٺي چيز آهي جنهن ۾ اڳهين ڳالهه تي ويچار ڪيو وڃي ته گذريل وقت ۾ جيڪو فائدو ٿيو آهي ان جو اندازو ڪجي، ايندڙ وقت ۾ اپڪاري ڪم ٿئي ۽ مشڪلات ۾ قائل جو ڇوٽڪارو ڪم ٿئي."

اهو ٻڌي ڪانءُ چيو ته "جيڪڏهن ائين آهي ته منهنجي ڳالهه ٻڌو. شڪاريءَ جي رستي ۾ ايندڙ ڪنهن تلاءَ جي ڪناري تي چترانگ بيهوشيءَ جو ڍونگ ڪري سمهي پوي. مان سندس مٿي تي ويهي کيس ٺونگا هڻندس. جنهن مان شڪاري سمجهندو ته هيءُ هرڻ مئو پيو آهي. منٿرڪ کي زمين تي رکي هرڻ ڏانهن ايندو. ايتري ۾ هرڻيڪ ڪوئو ڄاريءَ کي ڪتري منٿرڪ کي آزاد ڪري جنهن هو جلدي پاڻيءَ ۾ هليو وڃي." چترانگ چيو ته "هيءُ تو تمام سٺو اُپاءُ سوچيو آهي. منٿرڪ پڪ ئي پڪ آزاد ٿيل سمجهه. چيو اٿن:-

"ڪم پورو ٿيندو يا نه، اها ڳالهه من جو اُتساهه ڀريائين ئي ٻڌائي ڇڏيندو آهي. پر اها خبر رکو ٻڌيمان پرش کي ئي پوندي آهي، ٻين کي نه."

تنهن ڪري ائين ڪيو. سڀني ان جي پيروي ڪئي. شڪاري جڏهن اچي وڏو ته ڏٺائين ته تلاءَ جي ڪناري تي چترانگ هرڻ جي مٿان ڪانءُ ٺونگا پيو هڻي ۽ هرڻ ۾ ڪابه چرپر نه پئي آئي. اهڙيءَ حالت ۾ کيس ڏسي شڪاري خوش ٿي سوچڻ لڳو ته "هي ساهيڙي هرڻ منهنجو جار ڇناڻي ڀڄڻ هو پر ان ڀڄڻيءَ جو ڏر ڇڏائي نه سگهيو آهي ۽ هتي اچي ڪري پيو آهي. هي ڪڇون ته هاڻي بالڪل

”نر تنا ۾ مدد ڪندڙ، حياتيءَ جا ڳجهه ساڻ وارو
مصيبت ۾ واهرو دوست ملڻ مشڪل آهي.“
... نه آهي. هـي
... هن کان وڌيڪ پيو ڪو منهنجو دوست
... اتا! منهنجي مٿان تڪن جي ٻاڻن جي برسات پيو وسائي
... هي آهين؟ پيو جو پهريائين ته منهنجي مال ملڪيت لٽجي
... ئي، پيو ڪنهن کان وڇوڙو، ٻيو ن ديس ڇڏي پرديس ۾
... چڻ، تنهن جي مٿان وري هيءَ پياري متر جو هميشه لاءِ
... ڪسجي وڃڻ. دنيا ۾ سيني پراڻين سان اهائـي ويدن
... ٿيندي آهي. پيو جو:-
”سرير ڪن ينگر آهي. مال ملڪيت به اکه چنـپ ۾ پرائي
ٿي پوندي آهي. ميلاپ سان وڇوڙو ڳنڍيل آهي. اهي
ڳالهيون هن دنيا جي سيني پراڻين سان لاڳو آهن.
”تڪ مٿان تڪ لڳندا ئي رهندا آهن. تن جي گهڻڻ
تي بڪه وڌيڪ لڳندي آهي. مصيبت ۾ دشمن پيدا
ٿيندا آهن ۽ ڪمزوريءَ ۾ گهٽيءَ آترث جاڳي پوندا آهن.
”ٻپ ۾ رکيا جو سروپ ۽ پريم ۽ وشواس پاتر ’متر‘ اهو
ٻن اکرن وارو لفظ ڪنهن جوڙيو آهي؟“
اِنهيءَ وچڀ چتراڳه ۽ لگهوپتنڪ روئندا اُتي آيا. هرڻيڪ
کين پيو ته ”اَجائي روئڻ مان ڪهڙو فائدو؟ جيستائين منترڪ
اَکين کان غائب نه ٿيو آهي تيستائين ڪيس بچائڻ جو آسان
ڪي اُپاءُ سوچڻ کپي. پيو جو:-
”مصيبت اَچڻ وقت هوش کان ڪم نه وٺي جيڪو رڳو
هاءِ گهوڙا پيو ڪندو آهي اُهو مشڪلاتن مان ڇٽندو
نه ڪونه، هيڪاري پنهنجو دکه پيو وڌائيندو.
”نيتي شاسترن جي پنڊتن مصيبت مان ڇوٽڪاري جي

ٻاڙهي شڪاري اُنءَ آچي ڀيٽو. هنکي ڏسندي ڪوئي سندس ٻار ڪتري ڇڏي؛ ڇترانگ ٻنهيان نظر ورائي ڇلانگ ماري وڃي ٻڏو. لگهوپتنڪ وڻ تي چڙهي ويو ۽ هرڻيڪ ٻاسي واري ٻوروٽي لڪو. هرڻ جي پيڇي وڃڻ تي شڪاري پنهنجي محنت برباد ٿيندي ڏسي ڏاڍو ڏک ۾ پڇي ويو ۽ ٻرنان ڪڇون کي رڙهيون پائيندو ڏسي خيال ڪيائين ته "جيتوڻيڪ قسمت هٿ ۾ آيل هرڻ مون کان کسي ورتو آهي ته به منهنجي قوت گذران لاءِ هن ڪڇي جو انتظام ڪري ڇڏيو اٿس. هن جي ماس مان آسان سيني گهر جي ڀاتين جو اُڄوڪو ڏينهن نڀجي ويندو." اِهو ويچار ڪري ڪڇون کي گاهه سان ويڙهي پنهنجيءَ ڪمان ۾ لڙڪائي ۽ ڪمان ڪلهي تي رکي گهر ڏانهن راهي ٿيو.

منٿرڪ کي اِئين هٿن مان ويندو ڏسي هرڻيڪ ڏاڍي ڏک وچان چوڻ لڳو ته "هي ته اسان سان وڏو وائل ٿيو. چيو اٿن:-

"سمنڊ وانگيان اڇا هڪ مشڪلات مان مس پار پهتس
ته ٻيون ٻي اڳي نازل ٿي آهي. هڪ دفعو ڪا
ٿورِ ڪهلائي ٿي ته مصيبتون هڪ ٻي ٻنيان پيون ايندڀون.

"رستي صاف هئڻ تي ماڻهو سدو پنهنجي منزل مقصود
تي وڃي پهچندو آهي جي هڪ دفعو ٿابو کاڌائين ته قدم
قدم تي اهو مشڪلات جو منهن ڏسندو.

"[illegible] زال، [illegible] ۽ [illegible] برابر ايترو وساهه ته هوندو
آهي جيترو سچي دوست ۾."

ڪچون [illegible] پنهنجي مال ملڪيت ڦرائي اُنهيءَ مون کان اڳ [illegible] جو منهنجي حياتيءَ جي دور ۾ مون [illegible] هو. منٿرڪ جهڙو مٺو ورتي ماڻهو مشڪل آهي. چيو اٿن:-

وڏاتا للات ۾ ڇيڪي. اڪر لکيا آهن اُنهن کي وڏا گياني
پنڊت به ميساري نٿا سگهن.“

هو اِئين ڳالهيون ڪري رهيا هوا ته پريان منٽرڪ کي رڙهيون پائيندي اِيندو ڏٺائون. هن کي ڏسي هرڻيڪ کي لگهو پتنڪ چيو ته ”اڙي هي ته نيڪ نه ٿيو.“ هرڻيڪ چيو ته ”شڪاري اَچي پيو ڇا؟“ هن چيو ته ”شڪاريءَ جي ڳالهه ته ڇڏي ڏي. هي ته منٽرڪ پيو اَچي. هن ته پي سمجهيءَ جو ڪم ڪيو آهي. جيڪڏهن شڪاري هٿان پڇي ويو ته منٽرڪ جي ڪري آسان سيني جي بري گت ٿيندي. شڪاريءَ جي اَچڻ تي مان ته آسمان ۾ اُڏامي ويندس، تون ڪنهن ٻر ۾ لنگهي ويندين ۽ چترانگ به تکو ڊوڙي پاڻ بچائي سگهندو ليڪن هي پاڻيءَ جو هريل ڪڇون ڪيڏانهن ويندو؟ مان ان ڪري فڪر ۾ پئجي ويو آهيان.“ ايتري ۾ منٽرڪ به اُتي اَچي پهتو. هرڻيڪ کيس چيو ته ”هتي اَچڻ سان تو مناسب قدم نه کنيو آهي. تنهن ڪري جيستائين شڪاري اَچي تيستائين تون پٺتي موٽي وڃ.“ منٽرڪ چيو ته ”پيارا، مان ڇا ڪريان؟ اَڪيلائيءَ ۾ مان مٽر جي مصيبت جو ڪشت سهي نه پي سگهيس. اِن ڪري هتي هليو آيو آهيان. ڇو جو چيل آهي ته:-

”پيارن جو وڇوڙو ۽ ڌن جو ناس ڪير سهي سگهي ها جيڪڏهن اٿرائنيءَ دوا وانگر ڪم ڏيندڙ مٽرن جو ميلاپ نه هجي ها؟

”توهان جهڙن مٽرن جي وڇوڙي کان نه مري وڃڻ بهتر آهي. ٻئي جنم ۾ حياتي ته ملندي پر توهان جهڙا مٽر ماڻ مشڪل آهن.“

منٽرڪ اِئين چئي رهيو هو ته ڪن تائين ڪمان جي ڏوري

[illegible] تو [illegible]. سٺ [illegible] مشڪلات ۾ گهٻرائجي نه ويندا آهن.
چيل آهي ته:-

”جنهن ماڻهوءَ کي ڌن دولت ۾ وڏائي، مشڪلات ۾
پريشاني ۽ جنگ جي ميدان ۾ ڀؤ نه ٿيندو آهي اهڙي
ٽنهي لوڪن جي سرور پت کي ورلي ماءُ ڄڻيندي آهي.“

اهڙيءَ طرح چترانگ کي دلداري ڏيئي جني هرڻيڪ ۽
منٿرڪ ويٺا هوا لگهوپتنڪ اُتي آيو ۽ چترانگ جي ڦاسڻ جو
سمورو حال کين ٻڌايائين. چترانگ جي ڄار ڪترڻ جو پڪو
ارادو ڪري هرڻيڪ ڪانءُ جي پٺيءَ تي چڙهي ويٺو ۽ ٻئي
جلدي چترانگ وٽ اچي پهتا. ڪوئي کي ڏسي هنکي پنهنجي
ڇٽڻ جي اُميد جاڳي ۽ کيس چيائين ته:-

”مصيبت کي پار ڪرڻ لاءِ ئي سچو پڪو دوست ڪمو
آهي. جنهن کي دوست نه هوندو آهي اُن جو مصيبت
مان ڇٽڻ محال ٿي پوندو آهي.“

هرڻيڪ چترانگ کان پڇيو ته ”متر، تون ته نيتي شاستر
[illegible] آهين پوءِ هن ڦند ۾ ڪيئن ڦاٿين؟“ اُن تي
[illegible] ”[illegible] بحث ڪرڻ جو وقت نه آهي. شڪاريءَ
[illegible] منهنجي پير ۾ اٽڪيل ڄار جلدي ڪتري
[illegible].“ [illegible] هرڻيڪ چيو ته ”منهنجي هتي پهچي وڃڻ
[illegible] ڪو ڀؤ نه ڪر. تو جهڙن نيتي شاستر
[illegible] عالمن ٿئي ته پوءِ نيتي شاستر
[illegible]؟“ تنهن تي چترانگ کيس چيو ته-
”[illegible] ڪندو آهي.“ [illegible] جو چيل
آهي ته:-

”[illegible] آهي ۽ قسمت اُلٽي ٿيندي
آهي [illegible] کسجي ويندي آهي.

جهنگ ۾ هاڻو وڃي ته اُن جي ڳالهه ٿي ڪهڙي ڪڇي!"

منٿرڪ ڪانءَ کي چيو ته "لگهو پتنگ، مان ۽ هرڻيڪ هاڻ

...ي لا آهيون تنهن ڪري آسان ته سندس ڳولا ڪري نه–

...گهنداسون. تون هيڏانهن هوڏانهن اُڏامي جاچ ڪر ته چترانگ

سلامت آهي يا نه." اِهو ٻڌي لگهو پتنگ اَچا تورَوئي ٻريرو

اُڏاڻو ته ڏٺائين ته چترانگ هڪ تلاءَ جي ڪناري تي جار ۾

جڪڙيل بيٺو آهي. اُن کي ڏسي ڪانءَ کيس ڏکه وچان چيو

ته "پيارا، هي ڇا؟" ڪانءَ کي ڏسي چترانگ کي ڏاڍو ڏکه

ٿيو. چيو جو:–

"ماڻهوءَ جو شوڪ ڏورو ٿي ويو هجي يا صفا لهي ويو

هجي ته به اڪثر پريتم جي درشن تي اُهو وري پرگهٽ

ٿي پوندو آهي."

لڙڪن ڀريل نيڻن تي چترانگ لگهو پتنگ کي چيو ته "هي

دوست، هاڻي ته منهنجو موت ويجهو اَچي پهتو آهي. اهڙي وقت

تي توسان ملاقات ٿي آهي اِهو ڏاڍو نيڪ ٿيو آهي. ڇو جو:–

"گهڻن ڏينهن گذري وڃڻ تي يا گم ٿي وڃڻ ڪانپوءِ

مٿر جو درشن ٿيڻ تي دکه وري نئين سر جاڳندو آهي.

"جان خطري ۾ هجڻ وقت جيڪڏهن دوست سان ملاقات

ٿئي ۽ پوءِ مري وڃجي يا جيئرو رهجي ته به اُها گڏجاڻي

ڏاڍي سکدائي ٿيندي آهي."

پريم سان وارتالاپ ڪندي مون ڪڏهن ڪجهه گهٽ و...

ڳالهايو هجي ته اُهو معاف ڪجو. هرڻيڪ ۽ منٿرڪ کي

منهنجي پاران اِها ڳالهه ڇئجو."

اِهو ٻڌي لگهو پتنگ چيو ته "هي پريتم، آسان جهڙ...

مٿرن هوندي توکي ڊڄڻ نه کپي. مان هرڻيڪ کي و...

آهي. سڀني طرفن ڏانهن پيو نهاريندو آهي ۽ ڪيس
ڪٿي به شانتي نه ايندي آهي."

اهو ٻڌي چترانگ چيو ته "اي منٿرڪ، منهنجي ڀڄڻ جو سبب تو برابر ڄاتو ورتو. شڪاريءَ جي تيرن جي نشانن کان ڪيترا ڀيرا ڪري پاڻ بچائي هتي آيو آهيان. مان توهان جي شرڻ آيو آهيان. مهرباني ڪري مونکي اهڙو هنڌ ٻڌايو جتي شڪاري نه پهچي سگهي." اهو ٻڌي منٿرڪ چيو ته "هي چترانگ، نيتي شاستر ۾ چيل آهي ته:-

"دشمن مٿان اچي ڪڙڪي ته ان کان بچڻ جا حيلا آهن،
هڪ هٿ هلائڻ ٻيو پيرن جي تيزي."

تنهن ڪري جيستائين دشمن شڪاري هتي اچي پهچي [illegible] تون ٿڌي جهنگل ۾ گهڙي وڃ." ان وقت لگهوپتنڪ [illegible] ته "اي منٿرڪ، هو شڪاري، ماس جون [illegible] ڏانهن هليا ويا آهن تنهن ڪري هي چترانگ، [illegible] نڪري اچ." اهڙي طرح اهي چارئي دوست [illegible] تلاءَ جي ڪناري تي وڻ جي هيٺان ويهي حال احوال [illegible] پنهنجو وقت گذارڻ لڳا.

هڪ ڏينهن [illegible] جي وقت ٻين جو چترانگ غيرحاضر رهيو. تنهن [illegible] ڏکي ٿيڻ ۽ چوڻ لڳا ته اسان جو دوست [illegible] آيو آهي؟ جانورن جي ور چڙهي ويو آهي [illegible] شڪاريءَ جي تيرن جو نشان بڻيو آهي يا جهنگ [illegible] ڏاڍن جي لالچ تي ڪٿي [illegible] آهي. [illegible]:-

"[illegible] ويندو آهي ته
[illegible]
[illegible]

”سريشٽ پرش ڪينھوڙي وانگيان ھيٺ ڪري وري مٿي چڙھندا آھن پر مورک مٽيءَ جي چاٽي وانگيان جتي ڪريا اتي ڪريا.“

ھي پيارا، اِھي ڳالھيون ڏيان ۾ رکي توکي سنتوش ڪرڻ کپي. منترڪ جون ڳالھيون ٻڌي ڪانو ڪوئي کي چيو تہ ”پريتم، منترڪ جيڪي چيو آھي اھو سڀ توکي پنھنجي ھينئين سان ھنڊائڻ گھرجي. چيو جو:-

”ھي راجا، ھميشہ مٺو ٻوليندڙ ماڻھو دنيا ۾ گھڻيئي ملندا پر فائدي واري اڻوڻندڙ ڳالھہ چوندڙ ۽ ٻڌندڙ دنيا ۾ ورلي ليندا آھن.

”فائدي واري ڳالھہ جيتوڻيڪ اڻوڻندڙ ھجي تہ بہ جيڪو چئي ڏي اھوئي ھن دنيا ۾ سچو پڪو دوست آھي. ٻيا تہ رڳو نالي جا دوست آھن.“

ھو پاڻ ۾ اِئين ڳالھيون ڪري رھيا ھئا تہ شڪارين کان
ڊيڄاريل چترانگم (چٽيل عضون وارو) نالي ھرڻ اُنھيءَ تلاءَ
تي اچي پھتو. اُن کي پريشانيءَ ۾ ڏسي لگھوپتنڪ وڻ تي
اُڏامي ويو. ھرڻيڪ ڪوئو ٻوڙن ۾ وڃي لڪو ۽ منترڪ تلاءَ
۾ گھري ويو. لگھوپتنڪ ھرڻ کي چڱيءَ طرح جاچي منترڪ
کي چيو تہ ”پيارا منترڪ، ٻاھر نڪري اچ. ھيءُ اُڃ جو
ستايل ھرڻ تلاءَ ۾ گھڙي ويو آھي. ھيءُ اُن جو آواز آھي
نہ ڪنھن ماڻھوءَ جو.“ وقت ۽ ھنڌ جو ويچار ڪري اِن
منترڪ چيو تہ ”لگھوپتنڪ، اُيا ساھہ کڻندڙ ۽ اَکيون
ڦيرائي پوئتان نھاريندڙ ھيءُ ھرڻ اُجايل نہ آھي پر شڪارين
ڊپ کان ڀڳو آھي. تنھن ڪري تون اِھا خبر لھہ تہ ھن
پوئتان ڪي شڪاري اچي رھيا آھن ڇا؟ چيو جو:-
”ڊپ جو شڪار ٿيل ماڻھو ھر گھڙيءَ ڏگھا ساھہ کڻندو

وقت گذاريندا آهن. اِنهيءَ ڪري سنتوش ئي ماڻهوءَ
جو وڏو خزانو آهي.

”سنتوش جهڙي امرت سان ترپت ٿيل ماڻهن کي جهڙو
من ۾ آنند هوندو آهي اُنهيءَ جهڙو آنند ڌن جي لالچ
۾ هيڏانهن هوڏانهن ڀٽڪندڙن ماڻهن کي ڪٿان ملندو؟

”سنتوش جهڙي امرت جي پيئڻ سان ماڻهو مها آنند
۾ هوندو آهي پر اسنتوشي هميشه ڏک ۾ گذاريندو آهي.

”من کي وس ۾ ڪرڻ ڪري سڀ اِندريون وس ۾ اچي
وينديون آهن. سورج بادلن سان ڍڪجي وڃي ته
سندس سڀ ڪرڻائون به ڍڪجي وينديون آهن.

”شانتيءَ وارا رشي مهرشي اِڇائن کي روڪڻ ۾ ئي سچو
سک سمجهندا آهن. باهه سيڪڻ سان جئن اُڃ نه لهندي
آهي تئن پئسي سان خواهشون ختم نه ٿينديون آهن.

”ڌن جي لاءِ ماڻهو ڇا ڇا نه ٿو ڪري؟ جنهن جي گلا
نه ڪرڻ کپي تنهن کي گهڻ وڏو ويهي ڳالهائيندو ۽
جنهن جي واکاڻ ڪرڻ نه جڳائي اُن جا ويهي گيت ڳائيندو.

”جيڪو ماڻهو دان ڪرڻ لاءِ پئسو ميڙڻ ٿو چاهي اُنهو
ڪرم به اُئين نه چئبو. جيئن جو گپ ۾ هٿ پيري پوءِ
ويهي ڌوئجن تنهن کان ته ماڳهين گپ ۾ هٿ پرجن ئي نه.

”دان جهڙو خزانو نه آهي، لوڀ جهڙو ڪو دنيا ۾ ٻيو
ڪو دشمن نه آهي، شانتيءَ جهڙو ٻيو ڪو زيور نه
آهي ۽ سنتوش جهڙو ڌن نه آهي.

”جنهن وٽ آدرياءِ ۽ سنمان جي کوٽ آهي اُنکي ئي
سچيءَ صورت ۾ ڪنگال سمجهڻ گهرجي. شنڪر مهاديو
وٽ لوڙهي ڍڳي کانسواءِ ٻي ڪا مال ملڪيت نه آهي
ته به کيس پرميشور ڪري ليکيو آهي.

جي ٻاري ۾ تون چنتا نہ ڪر. ڏن هوندي بہ جيڪڏهن اُن جو ڪو فائدو نٿو وٺجي تہ اُهو نہ هئڻ جي برابر آهي. اِئين ئي سمجهڻ گهرجي. چيو جو چيل آهي تہ:-

"گهر ۾ پوريل خزاني جي ڪري ڪنهن ماڻهوءَ کي جيڪڏهن شاهوڪار سمجهيو وڃي تہ اُنهيءَ ڏن جي ڪري اسين بہ پاڻ کي شاهوڪار ڇو نہ سڏايون؟

"تلاءَ جي بچاءَ لاءِ تلاءَ جي پاڻيءَ کي ٻاهر وهائي ڇڏبو آهي (جي اِئين نہ ڪبو تہ پاڻي ڪنو ٿي ويندو) ساڳيءَ طرح دان ڪرڻ سان ئي ڏن جو بچاءُ ڪري سگهبو.

"ڏن سان دان ڪجي يا ضروري گهرجون پوريون ڪجن، گڏ ڪري نہ رکجي. ماکيءَ جي مکين جو گڏ ڪيل خزانو (ماکي) ٻيا چورائي کڻي ويندا آهن.

"ڏن جون ٽي حالتون ٿينديون آهن: دان، اِستعمال ۽ ناس. جو ڏن دان ۾ ڪم نٿو اچي يا اُن جو اِستعمال نٿو ڪيو وڃي تہ ڏن ضرور ٽينءَ حالت ۾ اچي ويندو يعني اُن جو ناس ٿيندو."

تنهن ڪري ٻڌيمان پرش کي گهرجي تہ ڏن ڪنو ڪري رکڻ لاءِ نہ ڪمائي. ڇو جو اِن جو نتيجو ڏکدائي ٿيندو آهي. چيو جو چيل آهي تہ:-

"جيڪو بيوقوف سک جي اُميد رکي ڌان جوکي ۾ وجهي بہ ڏن گڏ ڪري ٿو رکي سو ڄڻ تہ گرميءَ کان پريشان ٿي ڇانءَ جي لاءِ باهہ جي ويجهو ٿو وڃي.

"نانگ هوا تي گذر ڪندا آهن پر اُهي ڪمزور نہ ٿيندا آهن. جهنگلي هاٿي ڪک پن چري ٻلوان ٿيندا آهن. سريشٽ رشي منِي وڻن جون پاڙون ۽ ميوا کائي پنهنجو

کي دستن جي بيماري تي پيئي هئي ۽ اِن ڪري ڪيس اهو ڏينهن اُپواس رکڻو پيو. سوملڪ ٻه صبوح جو اُٿان نڪري اُپيڪت ڏن جي گهر آيو. پريان ئي هن سوملڪ جو آدرڀاءُ ڪيو. ڪيس سنان پاڻي ڪرائي پهرڻ لاءِ نوان ڪپڙا ڏنائين ۽ پوءِ پريم سان ڀوڄن ڪرايائينس. رات جو اُنهيءَ ئي گهر ۾ سوملڪ هڪ سني پلنگ تي سمهي پيو. اَڌ رات جو هن وري اُهي ساڳيا ماڻهو پاڻ ۾ وارتالاپ ڪندا ڏٺا. اُنهن مان هڪڙي چيو ته "سوملڪ جي خاطريءَ ۾ اُپيڪت ڏن کي گهڻو خرچ ڪرڻو پيو آهي. هاڻي تون ٻڌاءِ ته هن کي ڪئن مدد ڪجي؟ هيءُ سڀ مال اڄ موديءَ وٽان اُڌارو وٺي آيو آهي." ٻي چيو ته "هي ته منهنجو ڪم آهي پر نتيجو تنهنجي اختيار آهي." صبوح ٿيڻ تي راجا جي ماڻهوءَ جهجهو ئي اِنعام آڻي اُپيڪت ڏن کي ڏنو. اِهو ڏسي سوملڪ ويچار ڪرڻ لڳو ته ڏن نه هئڻ تي ٻه اُپيڪت ڏن، گپت ڏن کان سرس آهي. چيو اٿو:-

"ويد جو ڦل اَگني هوتر آهي، شاستر جو ڦل سداچار ۽ سني هلت آهي، اِستريءَ جو ڦل پريم ۽ سنتان آهي ۽ ڏن جو ڦل دان ۽ ڀوڳ آهي."

تنهن ڪري مونکي اُپيڪت ڏن بڻاءِ. مونکي گپت ڏن نه کپندو آهي. اُن کانپوءِ سوملڪ ڏن کي خرچڻ ۽ دان ڪرڻ ۾ لڳايو.

منٿرڪ چيو ته اِنهيءَ ڪري مان چوان ٿو ته:-

"دٺائي جهنگ ۾ پهچي سوملڪ کي جئن طرح، جو پنو نه پيو تئن ڏن ڪمائڻ کان پوءِ به ڀنهنجي ڪم آئي نٿو سگهجي."

تنهنڪري هي هرڻيڪ، اِنهن ڳالهين تي غور ڪري ڏن

"هي پياري، ڏکاءَ لڙڪندڙ هي ماس جا ٽياها
ڪرندا يا نه، انهيءَ اميد ۾ مان پنڊ رهن ورهيه سندس
پنيان گهمندو رهيس. هاڻي هي اصل نه ڪرندا. تنهن
ڪري اسان ڪي پنهنجي ماڳ موٽي هلڻ کپي."

ماڻهوءَ ڪوريءَ ڪي چيو ته "جيڪڏهن اِها ڳالهه آهي
ته ورڌمانپور وڃ. اُتي ٻه واپاري رهندا آهن. هڪ جو نالو
گپت ڌن (گجهي خزاني وارو) آهي ته ٻئي جو اُپيڪت ڌن
(ڪاڻي مان موج وٺندڙ) آهي. اُنهن ٻنهي جي حالت ڏسي
اُچ ۽ پوءِ اچي مون ڪان ور گهر. توکي جيڪڏهن استعمال
ڪان سواءِ ڌن جي ضرورت هوندي ته توکي گپت ڌن
بڻائيندس. داڻ ۽ موج بهار سان رهڻ لاءِ جيڪڏهن ڌن
جي ضرورت ٿيندءِ ته توکي اُپيڪت ڌن بڻائيندس." ائين
چئي اُهو ماڻهو اُنترڌيان ٿي ويو.

عجب ۾ پئجي 'سوملڪ' وري ورڌمانپور ويو. هو ٿڪجي
شام جي وقت اُنهيءَ شهر ۾ پهتو ۽ گپت ڌن جو گهر پڇائيندي
اچي پهتو. گپت ڌن
مشڪلات سان سج لهڻ مهل وٽس
جي رخ نه ڏيڻ تي به هو سندس گهر ۾ زور سان گهڙي
وڃي ويهي رهيو. کاڌي جي وقت ڏاڍيءَ بي عزتيءَ سان
کيس ٿورو گهڻو کائڻ لاءِ ڏنو ويو. کاڌي کانپوءِ سمهي پوڻ
تي اڌ رات جو هن ڏٺو ته اُهي ٻئي ساڳيا ماڻهو پاڻ ۾ صلاح
ڪري رهيا هوا. اُنهن مان هڪڙي چيو ته "هي ڪرتا،
گپت ڌن جي لاءِ تو هن خرچ ڪرڻ جو پربند ڇو ڪيو جنهن
مان سوملڪ کي کاڌو ڏئي سگهيو. اِهو تو نيڪ ڪم نه ڪيو
آهي." ٻئي جواب ڏنو ته "هي ڪرم، اِن ۾ منهنجو ڏوهه
نه آهي. مونکي ته ماڻهوءَ کي فائدو پهچائڻو آهي. پر اُن
جو نتيجو تنهنجي هٿ آهي."

صبوح جو جڏهن سوملڪ اُٿيو تڏهن ڏٺائين ته گپت ڌن

ڪسي گداگرءَ گداگر کي چيو ته "تون ڀلا ڇو ٿو ڀٽڪين
ليت ۾ پاس ٿورو تياڳيو نهين اُڃڪين ٿو راتي ۽ ڏينهن
پاڻ پروڙ ڏسڪ ٿو ۾ اهي ٽپڻ سڀڪري ٿو ته ٿو جو
ڪري تون سندس ڪند وڃ." گداگر چيو ته "تون ڀلا
هي ڪڏهن ڪرائدا يا اهل ڪرائدا ان ته ٿو اُهو ڪون ٿو
سگهجي. تنهنڪري موڪلڻ اڄائي مقصد جو ڪهڙو فائدو؟
جتي ڪٽنبي ڪونا پيا اهن ڪوڙ، انهن مان آسرو اُٿيو او
مان رڃي، پر جي مان آءٌ جيڪي جن پڙ جي ڀيلان تو
ويان نه ٻيو ڪو آسان جي ڄاڻ آهي ۽ آڌر ڪندو. تنهن ڪري
ائين ڪرڻ واجب نه ٿيندو.

"پائدار شين کي ڇڏي ڇڪو ناپائدار شين کي حاصل
ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي، انهيءَ وٽ ناپائدار
شيون نه بچنديون ۽ ڪنديون ته پائدار شيون به هٿان
هليون وينديون."

گداگرءَ چيس ته "تون ڏاهو آهين. مان تو جهڙي ملڻ
اُن تي تون سنتوش ڪري ويٺو آهين." تو چيو:-

"نديءَ ڪسي جلد پاڻيءَ سان ڀرجي ويندي آهي.
ڪوئي جو ٻڪ به جلد ڀرجي ويندو آهي. اهڙيءَ
طرح سنتوش ۾ گذار ڪندڙ ڪانئر منش به ٿوري ۾ ئي
خوش ٿي ويندو آهي."

تنهن ڪري ماڻهوءَ کي هميشه همت وارو ٿيڻ کپي. تو چيو:-

"جتي اتساهه سان ڪم شروع ڪيو تو وڃي، جتي آلس
جو نالو به ڪونهي، جتي نيتي ۽ سرجوشيءَ جو
ميلاپ آهي اتي پڪ سان لڇمي رهندي آهي."

"جتي پاڳ ۾ هوندو تتي ٿيندو ان ڳالهه لئي پاڙي
ڪشالو ڪرڻ ڇڏي نه ڏجي. هڏ هلائڻ ڪانسواءِ نه ترن

ڪان وڌيڪ ڪٺ ڪوڙي ۽ ڏهي اهو مان سڀ ننڍو سکيان.
تنهن ڪري ٻون تنهنجي گهر وچ. مان تنهنجي همت ڏسي
خوش ٿيو آهيان. تنهنجي درشن سان ٻه ڪوئي ڦل ملندو. تنهن
ڪري خالي جيڪا تنهنجي خواهش هجي اُن موجب وردان
ڏيو." سومالڪ چيو ته "جيڪڏهن ائين آهي ته "آهڙيون
حالتون پيدا ٿين جن مون وٽ جهجهو ڌن هجي." هن جواب
ڏنو ته "جيڪو ڌن ڪنهن ڪم ۾ آڻي نه سگهجي اُن مان
ڪهڙو فائدو؟ کاڌي ۽ ڪپڙي لئي کان وڌيڪ ڌن تنهنجي
ڀاڱي ۾ لکيل ئي نه آهي."

سومالڪ چيو ته "ڀلي ڌن ڪنهن ڪم نه اچي پر مون وٽ
جهجهو ئي جمع ٿيل هجي. چيو اٿن:-

"جنهن وٽ گهڻو جمع ٿيل هوندو آهي اهو ڀلي
ڪنجوس هجي يا گهٽ گهراڻي جو هجي ته به هن
سنسار ۾ گهڻيئي ماڻهو سندس خاطرداري ڪندا آهن.

"هي پياري، ڏکيا ۽ لڙڪندڙ هي ماس جا ٽڪرا ڪرندا
[illegible] اميد ۾ هڪ گدڙ پندرهن ورهيه سندس
پٺيان گهمندو رهيو."

ماڻهوءَ چيو ته "اهو ڪيئن؟" سومالڪ چيو ته:-

٦. ڍڳي جي پويان گهمندڙ گدڙ

ڪنهن شهر ۾ تيڪشڻ وشاڻ (تکن سڱن وارو) نالي هڪ
ڏاڍو ستارو ڍڳو رهندو هو. رستن رستن [illegible] ڪري هو
[illegible] تنهنجي سڱن سان [illegible] جي ڪنارن کي
[illegible] سانو ڪاهه ڪندو جهنگ ۾ [illegible] اُن
جهنگ ۾ پرلوڀڪ نالي هڪ گدڙ رهندو هو. هڪ
ڏينهن [illegible] سان [illegible] نديءَ جي
ڪناري تي [illegible] ۾ [illegible]

”تنهنجو تنهنجي هٿ ۾ آهي.“
ن ڪجهه ڏيندس. اُن ڪان پوءِ جو سونا
ڪوريءَ ننڊ مان جاڳي پنهنجي ڳوٿري ڏني ته سونا
ـا ندارد! تنهن ڪري هو تمام دکي ٿي ويچار ڪرڻ لڳو
”اڙي، هي ڇا ٿي ويو! ڏاڍي ڇتن سان ڪمايل ڌن ڪٿن
اوچتو گم ٿي ويو؟ منهنجي ته محنت ئي برباد ٿي ويئي.
هاڻي هن غريبيءَ جي حالت ۾ پنهنجيءَ زال ۽ ٻارن کي
ڏيکاريندس؟“
ڪهڙو منهن وٺي شهر ۾ موٽي آيو.
اِهو ويچار ڪري هو وري ساڳئي شهر ۾ موٽي آيو.
هن پيري هڪ سال ۾ پنج سو مهرون ڪمائي وري پنهنجي
شهر ڏانهن موٽيو. رستي تي گهاٽو جهنگ آيس. سج لهي
ويو. رات ٿي ٻر هو ڪٿي ته ترسيو نه. ڪيس ڊپ پي ٿيو
ته متان ننڊ اچي وڃيم ۽ اڳي وانگيان گنيون گم ٿي وڃن.
ڇتن اڳتي وڌيو ٿئن ڪيس ساڳيا ٻه ماڻهو ڳالهيون ڪندا نظر
آيا. هڪڙي چيو ته ”اي ڪرتا، تو هن کي پنج سؤ مهرون
ڇو ڏنيون آهن؟ توکي خبر نه آهي ته هن جي ڀاڳ ۾ ڪاڏي
پيٽي ڪان وڌيڪ ڪجهه لکيل نه آهي؟“ ٻئي چيو ته ”اڙي
ڪرم، محنتي ماڻهن کي ته مان ضرور ڪجهه ڏيندس. اُن
ڪان پوءِ جي جوابداري توتي آهي. موتکي تون هرويرو
ڏمالين ڇو تو؟“ اِهو ٻڌي سوملڪ ڇتن پنهنجي ڳوٿري کولي
ٿئن ڏنائين ته گنيون غائب هيون. اِنهيءَ تي هو ڏاڍو پريشان
تي خيال ڪرڻ لڳو ته ”هن نموني ڪنگال ٿي حياتي گذارڻ
مان ڪهڙو فائدو؟ اِنهيءَ ڪري هن اَڙ جي وڻ ۾ ڦاسي
لٽڪائي پاڻ کي ختم تو ڪري ڇڏيان.“ اِئين پڪو اراد
ڪري گاهه مان نوڙي وٽي وڻ تي لٽڪائي، پنهنجيءَ ڳچي
۾ ڦاسي وجهڻ وارو ٿي هو ته آڪاش مان ڪيس آواز ٻڌڻ
آيو. ”اڙي سوملڪ، اِئين متان ڪيو اٿيئي! تنهنجو
ڪسڻ وارو مان آهيان. توڙوت ڪاڏي ۽ لٽي ڪپڙي جي

”اُدم ڪندڙ شخص کي اهڙي ملندي آهي. سڀ ڪجهه پاڻ سان ملندو، اهين ڪاتر ماڻهو چوندا رهندا آهن. ليڪن ڪري قسمت جو خيال نه ڪري پنهنجي طاقت موجب ڪوشش ڪجي. جيڪڏهن ڪرڻ تي به جي ڪاميابي نه حاصل ٿئي ته ان ۾ ڪنهن جو ڏوهه ڇاجو؟

”سڀ ڪم محنت سان ئي پورا ٿيندا آهن. رڳو پورن ٻيا ٿيا مان ڪي ڪين ورندو. آرام ۾ ليٽيل شينهن جي وات ۾ هرڻ پاڻيهي ڪونه وڃي پوندا آهن.

”هي پياري! اُدم ڪانسواءِ منوڪامنائون پوريون نه ٿينديون آهن. ’جيڪو ٿيڻو هوندو سو ٿيندو‘ اها چوڻي بي‌همت ماڻهن جي آهي.

”پنهنجي پوريءَ طاقت سان ڪوشش ڪرڻ ڪري به جيڪڏهن ڪاميابي نه ملي ته اُنهيءَ ۾ ماڻهو جوابدار نه آهي. اُنهيءَ حالت ۾ اهين سمجهڻ گهرجي ته زبردست بالقسمت ئي جنهن اسقال ڪيو آهي.

ليڪن ڪري مان ضرور پرديس ويندس.“ اهڙيءَ طرح هو پڪو ارادو ڪري وردمانپور ۾ وڃي ٽي سال رهيو ۽ ٽي سو سونهون مهرون ڪمائي گهر موٽڻ لاءِ تيار ٿيو. اڌ رستي تي هن کي هڪ ڪهاڻي جهنگ مان لنگهڻو پيو. جهنگلي جانورن جي ڊپ کان هو هڪ ساهي ڏي جي وڻ تي چڙهي گرونڊو ٿي ننڊ ڪرڻ لڳو. اڌ رات جو هن سپني ۾ خوفناڪ شڪل وارا ٻه ماڻهو پاڻ ۾ هن نموني ڳالهائيندا ڏٺا. هڪڙي چيو ته ”اي ڪرتا، توکي اها خبر نه آهي ته هن سوملڪ جي پاڻ ۾ ڪا [illegible] ٿي ته هن کي [illegible] کان وڌيڪ ملڻ نه آهي. تو هن کي ٽي سو مهرون ڇو ڏنيون آهن؟“ ٻئي چيو ته ”هي ڪرما، [illegible] ڪندڙ [illegible] کي ضرور

چيل آهي تہ:-

"پکين جو آسمان ۾ اُڏامڻ توڙي زمين تي هيٺ لهي
اُچڻ بہ سندن اڳئين جنم ۾ ڪيل ڪرمن جو ڦل آهي.
پاڻ ڪانسواءِ ڪابہ شيءِ ملي نہ سگھندي آهي.

"جيڪي نہ ٿيڻو آهي سو اصل نہ ٿيندو. جيڪي ٿيڻو
آهي سو جتن ڪانسواءِ بہ پاڻيهي ٿيندو. جنهن جو ملڻ
پاڻ ۾ لکيل نہ آهي اهو هٿ جي ترئي تي اچي بہ
هليو ويندو.

"جهڙيءَ طرح هڪ هزار ڳاين ۾ بہ وڇڙو پنهنجيءَ ماءُ
کي ڳولهي لهندو آهي تئين ئي پورب جنم ۾ ڪيل ڪرم
بہ ماڻهوءَ جي ڪڍ لڳو رهندو آهي.

"ماڻهوءَ جو اڳئين جنم جو ڪيل ڪرم سمهڻ واري سان
گڏ سمهندو آهي، هلڻ واري جي ڪڍ پيو هلندو آهي،
جيڪڏهن هو بيهي رهندو تہ ڪرم بہ ساڻس بيهي
رهندو آهي.

"جتن ڇانوَ ۽ روشني هڪ ٻئي سان ڳنڍيل آهن تئن
ڪرم ۽ ڪرتا هڪ ٻئي کان جدا ٿي نہ ٿا سگھن.

تنهن ڪري تون هٿين اُپي ڪوشش ڪر." ڪوريءَ چيو تہ
"پياري، تنهنجو چوڻ نيڪ نہ آهي. اُدم ڪانسواءِ ڪرم بہ
ڦل نہ ڏيندو آهي. ڇو جو چيل آهي تہ:-

"جتن هڪ هٿ سان تاڙي نہ وڄندي آهي تئن اُدم
ڪانسواءِ ڪرم جو ڦل نہ ملندو آهي. اِهو سمرٿين جو
چوڻ آهي.

"کاڌي کائڻ وقت پنهنجي ڪرمن اُنوسار مليل ڀوڄن بہ
هٿ هلائڻ جي اُدم ڪانسواءِ وات ۾ پاڻيهي نہ وڃي
پوندو آهي.

پاڻکي ته آهي، جو چوڻ:-

"انسان ڀاوي، ڪمرو، ڏيڍو ته وڇونڊڙ، هوشيار، ڀرين
هاٿي کان ٻڌي، ٻهادر، ڪيل پالڻي مڇيندڙ ۽ ڪهاڻو
ڀڄي وڪندڙ ماڻهو وٽ اهڙي پائيءِ ڪيئن ڪندي
اهڙي آهي، ڌن حاصل ٿي به ڪرنصيبيءَ کان هٿن
مان هليو ٿو وڃي. هيترا ڏينهن اهو ڌن تنهنجو هو،
تو جا شيءِ لڌي ته آهي اُن کي هڪ ڪن به ماڻي
نه سگهندين. اها شيءِ جي پائيءِ ملي وڃي ٿي ته قسمت
اها ڪسي به نٿي سگهي.

"گهڻي جهنگ ۾ ڀٽڪي 'سوملڪ' کي جنهن طرح جو پتو
نه پيو ته ڌن ڪمائڻ کان پوءِ به پنهنجي ڪم آڻي
نٿو سگهجي."

هرڻيڪ پڇيو ته "اهو ڪيئن؟" منٿرڪ چيو ته:-

۵. سوملڪ ۽ اڪل خزاني جي آکاڻي

ڪنهن شهر ۾ سوملڪ نالي هڪڙو ڪوري رهندو هو. هو هميشه راجائن جي پوشاڪ لائق ڪپڙن لاءِ قسمن جا ريشمي ڪپڙا تيار ڪندو هو، پر تڏهن هوندي به ڪيس آمدني رڳو اهڙي ٿيندي هئي جو کاڌي پيتي ۽ لٽي ڪپڙي جي خرچ پورا ڪرڻ کانپوءِ ڪين بچت ڪجهه نه ٿيندي هئي. ٻيا جيڪي اهو شهر ۾ اهڙو معمولي ڪم جا ڪوري هوا اُهي ڪافي دولتمند ٿي ويا هئا. انهن کي ڏسي هن پنهنجي زال کي چيو ته "ڏس نا پري، اهو ڪپڙو اُڻندڙن ڌن دولت ۾ [illegible] [illegible] سگهان ٿو [illegible] ڪمائڻ لاءِ وڃان." [illegible] [illegible] آهي [illegible] آهي، جو [illegible]

”جهڙيءَ طرح ماس کي پاڻيءَ ۾ مڇيون، زمين تي جهنگلي جانور، ۽ آسمان ۾ پکي کائيندا رهندا آهن تيئن ڏنوان ماڻهو سڀ هنڌ پيا پٽيندا آهن.“

ڪي به ماڻهو کو ڏوهه نه ڪندو آهي ته به راجا ڪيس ”ڏنوان ماڻهو کو ڏوهه ۾ اڙائي ڇڏيندو آهي ۽ غريب ڏوهه ڪندي ڪنهن ڏوهه ۾ اڙائي ڇڏيندو آهي ۽ غريب ڏوهه ڪندي به سڀ هنڌ بي ڪٽڪي پيو گهمندو ڦرندو آهي.“

”ڌن ڪمائڻ ۾ تڪليف ٿيندي آهي. ڪمايل ڌن جي سنڀال ڪرڻ ۾ تنهن کان وڌيڪ تڪليف ٿيندي آهي. وري جي اهو ڌن خلاص ٿي وڃي يا هٿان هليو وڃي ته تهائين وڌيڪ ڪشٽ ٿيندو آهي. تنهن ڪري ڪشٽن جي پيدا ـــ هن ڌن کي سراسر ڌڪار آهي.“

”ڌن جي چاهنا ڪرڻ وارو مورک جيترين تڪليفن تو سهي اُن جو هڪ ڀاڱي سؤ حصو به جيڪڏهن مڪتيءَ جي واسطي سهي ته ڪيس هڪ سان ترواڻ پد ملي پوي.“

پرديس ۾ رهڻ جو به توهان کي ڏک ٿيڻ نه کپي ڇو جو پڊيمان ۽ ودوان لاءِ جهڙو ديس تهڙو پرديس. هو جٿي به رهي ته پنهنجي عقل جي زور تي سوڀ پائيندو رهندو آهي. شينهن ڪهڙي به بن ۾ رهي ته پنهنجي ڏندن، نهن ۽ پڇ جي هٿيارن سان وڏن وڏن هاٿين کي ماري سندن خون سان پنهنجي پياس بجهائيندو آهي.“

جيڪڏهن ڪير غريب به وڃي پر جي هو پڊيما پرديس ۾ هوندو ته ڪيس ڪا به تڪليف نه رسندي. ڇو جو:-

”طاقتمند ماڻهن لاءِ وڏو بوجهو ڪهڙي ڳالهه آهي؟ واپار لاءِ ڪوئي ملڪ پري نه هوندو آهي. ودوانن لاءِ ڪ پرديس نه آهي ۽ مٺي ڳالهيندڙ لاءِ ڪو به ڌاريو ديس نه آهي ۽ توڻ نه وري سياڻپ جو پيدار آهين. عام رواجي ما

"جيئن سمنڊ سوم جي اُڀرڻ جي پرکيا ڪندو آهي،
تيئن متر جي پرکيا لاءِ وڏوان ماڻهو اُن کس علاج
پڌايا آهن.
"پنڪالهه اُچڻ تي به جيڪو دوستي جاري ٿو رکي
اُهو ئي سچو اهو متر آهي. مال ملڪيت هوندي ته
عام رواجي ماڻهو به دوست ٿي رهندو آهي."

انهن ڪري مونکي هن لکيوپتنڪ جي باري ۾ پورڻ وسواس آهي. ڇو جو ماس کائيندڙ ڪانو جي پاڻيءَ ۾ رهندڙ ڪڇين سان دوستي نيتي شاستر جي برخلاف آهي. هيءَ ڳالهه ٺيڪ چيل آهي ته:-

"ڪو به ڪنهنجو نه جاني دشمن آهي ۽ نه ڪنهنجو
جڳري دوست آهي. ڪنهن ڪي ته دوست ئي نقصان
پهچائيندو آهي، ته ڪڏهن وري دشمن به بچاءَ جو سبب
ٿي پوندو آهي."

انهن ڪري توهين ڀلي آيا. هن تلاءَ جي ڪناري تي سهڻي گهر وانگيان رهو. پنهنجي مال مڏي ڇڏي توهان ته پرديس ۾ اچي پيو، ان ڳالهه جو فڪر نه ڪريو. ڇو جو:-

"ٻه دلين جي ڇانو، دشمن ماڻهوءَ جي صحبت، رذل ڪاڏو،
اسرپرِ جواني ۽ ڌن. انهن سڀني جو مزو ٿورو وقت ئي
[illegible] سگهبو آهي."

[illegible] کي [illegible] تي خاطو آهي اُهي پنهن جي
[illegible] آهن. تو هو چيل آهي ته:-

"[illegible] سهڻي برائين وانگيان بچاءَ ڪيل،
[illegible] ڪڏهن نه غرج نه ڪبل بيڪار ڏن کي
[illegible] وارو [illegible] ڪڏهن مري ويندو آهي
[illegible] نه هلندو آهي.

"ديوتائون به اُن ۾ رڪاوٽ نٿا وجهي سگهن."

سپاهيءَ جي ڏيءَ جا پڻ پرسان ٻيني هٿي تنهن ٻه اِهو ٻڌي رات وارو گندرو وواهه ياد ڪري چوڻ لڳي ته:-

"تنهن ڪري مونکي نه غم آهي ۽ نه عجب ٿو لڳي."

اِهو ٻڌي سيٺ جي ڏيءَ چيو ته:-

"جيڪي منهنجو آهي سو ٻئي جو ٿي نه ٿو سگهي."

سيني کي ڏوهه معاف ڪرڻ جو اِنجام ڏئي هرهڪ کان جدا جدا بيان وٺي راجا "جيڪي ملڻو" کي زيور، نؤڪر ۽ هڪ هزار ڳوٺ ڏاج ۾ ڏيئي ڏاڍيءَ عزت سان پنهنجيءَ ڏيءَ جي شادي ساڻس ڪرائي. راجا کي پٽ ڪونه هو انهن ڪري "جيڪي ملڻو" ئي پنهنجو وارث مقرر ڪري ڇڏيائين. سپاهيءَ به گهڻيئي سوغاتون ۽ ڏاج ڏيئي پنهنجي ڌيءَ ساڻس پرڻائي. تنهن کان پوءِ "جيڪي ملڻي" پنهنجي ماءُ پيءُ ۽ ٻين ڪٽنبين کي به پاڻ وٽ گهرائي ورتو ۽ آنند سان وقت گذارڻ لڳو.

هرڻيڪ چوڻ لڳو ته "هي منٿرڪ، اهڙيءَ طرح گهڻيئي لاهيون چاڙهيون ڏسي اُتي وڌيڪ وقت رهڻ واجب نه سمجهي پنهنجي دوست سان گڏجي تو وٽ آيو آهيان. اِهوئي منهنجيءَ اُداسيءَ جو سبب آهي."

منٿرڪ چيو ته "بيشڪ هيءُ ڪانءُ تنهنجو سچو پڪو مترِ آهي، ڇو جو ٻڪ ۾ ترقندي به رستي تي هو توکي کائي نه واٻو ۽ هيڪاري پنيءَ تي ويهاري اُڏامندي توکي سلامتيءَ سان هتي پهچايو اٿس. چيو جو چيل آهي ته:-

"جنهن خانداني دوست جو من پنسو ڏسي به لڏي نٿو، اُهو هميشه مترِ ٿي رهندو. اُن کي ئي پنهنجو سڀني ۾ سڀنو مترِ سمجهڻ گهرجي."

اڪيلي اُتي ئي رهجي ويئي. ”جيڪي ماٺو“ ڏانهس وڌي آيو ڪيس آنت ڏئي چوڻ لڳو ته ”تون ڊڄ نه. مان تنهنجو بچاءُ ڪندس.“ ائين چئي سندس ساجو هٿ پنهنجي هٿ ۾ جهلي منڊپ مان هڪ ڪاوڙ پٺي همٿ رکي هاڻيءَ کي مارڻ لڳو ته هاٿي هڪدم شانتيءَ ۾ اچي ويو ۽ چپ چاپ ۾ اُتان هليو ويو. وهانو جي مهورت گذري وڃڻ ڪانپوءِ ور ڪيرتي به پنهنجي دوستن سان گڏجي موٽي آيو ۽ ڏٺائين ته سندس ونيءَ ٻئي ڪي همٿ ڪان جهليو بيٺي آهي. هن پنهنجي سهري کي چيو ته ”مڱڻو مون سان ڪري، ڌيءَ ٻئي کي ڏني اٿيئي؟ اِهو تو وڏو اَنرٿ جو ڪم ڪيو آهي.“ سهرس چيو ته ”مان به ته هاٿيءَ جي ڊپ کان ڀڄي ويو هيس ۽ تو هان سان گڏ ئي هتي موٽيو آهيان. منهنجي پنيان ڇا ٿيو آهي تنهن جي مونکي ڪا خبر نه آهي.“ ائين چئي هن پنهنجيءَ ڌيءَ کان پڇيو ته ”هيءَ تو ڪهڙو ڪم ڪيو آهي؟“ هن چيو ته ”هن همٿ ڪري پنهنجي جان جوکي ۾ وجهي مون کي بچايو آهي. تنهن ڪري جيستائين مان جيئري آهيان تيستائين ٻيو ڪو منهنجو پتي ٿي نه ٿو سگهي.“ اهڙيءَ طرح بحث ڪندي رات گذري ويئي.

صبوح جو اِنهيءَ روئداد جي خبر سڄي شهر ۾ ڦهلجي ويئي. گهڻائي ماڻهو اچي گڏ ٿيا. راجا به راجڪماريءَ سان گڏجي اُتي آيو. پوليس وارو به ڌيءَ سان گڏجي تماشو ڏسڻ اُتي آيو. راجا ”جيڪي ماٺو“ کي پاڻ وٽ سڏي ڪانئس پڇيو ته ”تون سمورو حال احوال سچ سچ ٻڌاءِ ته آخر هي آهي ڇا؟“ تنهن تي هن چيو ته ”ماڻهوءَ کي جيڪي ماٺو آهي سو ڪيس اوس ملندو.“

راجڪماريءَ جڏهن اِهي لفظ ٻڌا تڏهن ڪيس رات واري گهٽنا ياد آئي ۽ چوڻ لڳي ته:-

ساڳيءَ نـوڙيءَ تان ڏکي کڍي ڇڏيائين. اِنهيءَ تـي
”جيڪي ملڻو“ پرسان ڪنهن ڇهوني مندر ۾ وڃي رات جو
سمهي پيو.

اُنهيءَ مندر ۾ هڪ پوليس واري هڪ فاحش عورت
سان ملڻ جو اِنجام ڪيو هو. هو جڏهن اُتي آيو تڏهن ٻنهي
ماڻهوءَ کي سمهيل ڏسي ڳالهه ظاهر ٿيڻ جي ڊپ کان ڪيس
چيائين ”هيءُ مندر تـہ مسافرو آهي. پرواري ٻئي گهر ۾
تون وڃي سمهہ. اُنهيءَ پوليس واري جي ڪنواريءَ ڌيءَ
وڻيونيءَ وري پنهنجي پريتم سان اُتي ملڻ جو اِنجام ڪيو
هو. ”جيڪي ماڻو“ جڏهن اُتي ويو تڏهن رات جي اونده
۾ وڻيونيءَ ڪيس پنهنجو پريتم سمجهي ساڻس گنڌرو وهانو
ڪري ڇڏيو. پلنگ تي ويهاري وڻيونيءَ ڪيس چيو تہ ”مون
سان اَڄ ڳالهائين ڇو نہ تو؟“ اِهو ٻڌي ”جيڪي ماڻو“ چوڻ
لڳو تہ ”ماڻهوءَ کي جيڪي ماڻو آهي سو ڪيس اَوس ملندو.“
اِهو ٻڌي وڻيونيءَ ڏاڍي فڪر ۾ پئجي ويئي ۽ چوڻ لڳي
”بنا ٻڌاري جو ڪري سو پاڇي پڇتاءَ“ واري حالت مون
سان اَچي بڻي آهي.“ اِئين چئي ڪيس ٻاهر هڪالي ڪڍيائين.
”جيڪي ماڻو“ ٻاهر گهٽيءَ ۾ وڃي رهيو هو تہ ڏنائين
تہ ڀي ڪنهن شهر مان ورڪيرتي نالي هڪ گهوٽ جڃ
ساڻ ڪري ڏاڍي ڀيڪي سان دهان دمامن سان شادي
ڪرڻ پيو وڃي. هيءُ بہ جڃ سان گڏجي هلڻ لڳو. ڪنواريءَ
سيٺ بہ منڊپ نهرائي سڀ قسم جي تياري ڪري ڪنو
کي منڊپ ۾ آڻي ويهاريو هو. جڃ منڊپ ۾ پهتي مس
هڪ مستانو هاٿي پنهنجي ماهوت کي ماري ڇنائي وٺي پيو
رستي تي ماڻهن کي پريشان ڪندو اُنهيءَ شاديءَ وار
منڊپ ڏانهن رخ رکيائين. سيئي جاڃي گهوٽ پيءُ ڪن
پيءُ ۽ پـڻ گهوٽ سيئي جان بچائڻ لاءِ وٺي ڀڳا. ڪ

آهي ۽ اِهو نياپو ڏنو آئس تہ جيڪڏهن توهان مونسان جلد ملاقات نہ ڪندا تہ منهنجا پران هليا ويندا.“ اِهو ٻڌي هن چيو تہ ”جي ملاقات ڪرڻي آهي تہ ڪٿي ۽ ڪيئن ٿي سگهندي؟“ تنهن تي ساهيڙيءَ چيو تہ ”محلات جي ٻاهران ڳنڍين سان مضبوط رسو رات جو لڙڪندو رهندو اُن جي وسيلي متي چڙهي اندر هليو اچجانءِ.“ تنهن تي راجڪمار چيو تہ ”جيڪڏهن توهان جي مرضي آهي تہ ائين ئي ٿيندو.“ اهڙيءَ طرح پڪ ڪري سکيءَ چندرواتيءَ کي خاطري اچي ڏني. رات ٿيڻ تي راجڪمار پنهنجي من ۾ ويچار ڪرڻ لڳو تہ ”هي تمام اڻسهائيندو ڪم ٿيندو.“ چيو اٿن:-

”گوروءَ جي ڌيءَ، متر جي اِستريءَ يا مالڪ ۽ نوڪر
جي گهر واريءَ سان جيڪو ناجائز رشتو ٿو رکي اُن
کي برهم هتيا جو پاپ ٿو لڳي.

”جنهن ڪم ڪرڻ ڪري اپجس ملي، هار کائڻي پوي،
سرڳ مان نيڪالي ملي اهڙو ڪم نہ ڪرڻ کپي.“

اِهو خيال ڪري هو راجڪماري وٽ ويو ئي ڪو نہ.

اِنهيءَ وچ رات جو گهمندي ڦرندي محلات جي ڀرسان تلهو نسوڙ لٽڪندو ڏسي ”جيڪي ماڻو“ تعجب وچان اُن تي چڙهڻ لڳو. راجڪماري کيس ساڳيو راجڪمار سمجهي سندس ڏاڍي خاطري ڪري چوڻ لڳي تہ ”جڏهن کان تنهنجو درشن ٿيو آهي تڏهن کان تنهن جي پريم ۾ ڦاسي مون پنهنجو سرير توکي ارپڻ ڪري ڇڏيو آهي. هن کان پوءِ من ۾ بي ڪنهن پتيءَ جو خيال بہ نہ ايندو. پر تون مون سان ڳالهائين ڇو نہ ٿو؟“ تنهن تي هن چيو تہ ”ماڻهوءَ کي جيڪي ملڻو آهي سو کيس اوس ملندو.“ اِهو ٻڌي راجڪماريءَ کي خاطري ٿي تہ هي ڪو ٻيو ماڻهو آهي تنهن ڪري کيس

۾ لکيل هو ته:-

”ماڻهوءَ کي جيڪي ملڻو آهي سو کيس اوس ملندو
ديوتائون به اُن ۾ رڪاوٽ وجهي نه سگهندا آهن تنهن
ڪري مان غم نٿو ڪريان ۽ نه مونکي عجب ٿو لڳي.
جيڪي منهنجو آهي سو ٻئي جو ٿي نٿو سگهي.“

ڪتاب ڏسي ساگردت پنهنجي پٽ کان پڇيو ته ”پٽ،
يءُ ڪتاب گهڻي خريد ڪيو اٿيئي؟“ پٽ چيو ته ”سؤ
روپئي ۾.“ اهو ٻڌي ساگردت چيو ته ”اڪ لعنت هجيئي،
بيوقوف! جيڪڏهن تون سؤ روپئي ۾ رڳو هڪ لکيل شلوڪ
ٿو خريد ڪرين ته ڏاڏي ۾ ڏوڙ ڪمائيندين؟ تنهن ڪري اڄ
کان وٺي منهنجي گهر ۾ توکي پير پائڻ جو اڌڪار نه آهي.“
اهڙيءَ طرح هن کي ڌمالي پنهنجي گهر مان ڪڍي ڇڏيائين.

هوُ به اُداس ٿي ٻئي ڪنهن شهر ۾ اچي رهڻ لڳو. اُتي
ڪنهن ماڻهوءَ کانئس پڇيو ته ”تون ڪٿان آيو آهين؟ تنهنجو
نالو ڇا آهي؟“

هن جواب ڏنو ته ”ماڻهوءَ کي جيڪي ملڻو آهي سو کيس
اوس ملندو.“ ٻين جي پڇڻ تي به هن کين ساڳيوئي جواب
ڏنو. اِنهي ڪري هوُ ”جيڪي ملڻو“ نالي سان مشهور ٿي ويو.

هڪ ڏينهن چند روتيءَ نالي خوبصورت ۽ جوان راجڪماري
پنهنجيءَ ساهيڙيءَ سان گڏ ڪنهن جاسي ڏسڻ لاءِ شهر ۾
نڪتي. اُتي هن هڪ سندر راجڪمار ڏٺو، جنهن کي ڏسڻ
سان ئي سندس من ڏانهس ڇڪجي ويو. اِنهيءَ تي پنهنجيءَ
ساهيڙيءَ کي چيائين ته ”هي سکي، تون ڪا اهڙي تجويز
ڪر جنهن هن راجڪمار سان منهنجي ملاقات ٿي سگهي.“
اِهو ٻڌي سندس ساهيڙي هن وٽ وڃي تڪڙو تڪڙو کيس
چيو ته ”راجڪماري چندروتيءَ مونکي توهان وٽ موڪليو

”جيڪڏهن ڪو مفلس ماڻهو ڪنهن جي گهر ڪجهه ڏيڻ به ويندو ته ماڻهو سمجهندا ته ڪجهه وٺڻ ئي آيو آهي. اهڙي مفلسيءَ کي هر بار لعنت هجي.“

خزاني آڻڻ کري جيڪڏهن منهنجو موت به اچي وڃي ته پرواهه نه آهي ڇو جو چيل آهي ته:-

”پنهنجو ڌن چوري ٿيندو ڏسي جيڪو پنهنجي ساهه جو سانگو ٿو ڪري اُن جو ڏنل پاڻي سندس پتر به قبول نه ڪندا آهن.

”ڳانءِ واسطي، براهمڻ واسطي، استريءَ يا ڌن جي چوريءَ جي بچاءَ ۾ جنهنجي حياتي هلي وڃي تنهن کي هميشهه سرڳ لوڪ ۾ پرمگت حاصل ٿيندي آهي.“

اهڙيءَ طرح من ۾ پڪو ارادو ڪري رات جو مندر ۾ وڃي ٻاڻي جي سمهي پوڻ تي مان پيتيءَ کي ٽنگ ڪرڻ شروع ڪيو. پر ايتري ۾ ئي اُهو سنياسي جاڳي پيو ۽ پنهنجي ڇيريل بانس سان اهڙو ته ڪو وني ڌڪ هنيائين جو منهنجو مغز ڦاٽي پيو. ياڳ ۾ عمر ڪجهه بچيل هئي تنهن ڪري ڀڄي نڪتس ۽ مري نه ويس. ڇو جو:-

”ماڻهوءَ کي جيڪي ملڻو هوندو سو اوس ملندو. ديوتائون اُن ۾ رڪاوٽ وجهي نٿا سگهن. تنهن ڪري مان غم نٿو ڪريان. جيڪي منهنجو آهي سو ٻئي جو ٿي نٿو سگهي.“

ڪانءَ ۽ ڪڇُون ٻڇيو ته ”اِهو ڪيئن؟“ تنهن تي هرڻيڪ چيو:-

٤. واپاريءَ جي پٽ جي آکاڻي

ڪنهن شهر ۾ ساگردت نالي هڪ واپاري رهندو هو. اُن جي پٽ سؤ روپئي ۾ وڪامندڙ هڪ ڪتاب خريد ڪيو.

هت نظر سان ڏسڻ لڳا.

وري به مان اڏوگابيءَ نند بر ويچار ڪرڻ لڳس ته ”هن
ي ايمان ساڌوءَ جي منڊر بر وڃي ڪيس گهري نند اچڻ تي
مان پنهنجي خزاني جي پيٽي جا سنڌس ڪنڊ جي هينان وهاڻي
جي جاءِ تي رکيل آهي اها ترڪائي پنهنجي قلعي بر ڪٽي اچان
جنهن ڪري اُنهيءَ خزاني جي ڪري وري منهنجو دٻدٻو
قائم ٿي وڃي. ڇو جو:-

”غريبي ماڻهوءَ لاءِ اهڙو ته بي عزتي ڪندڙ ڏک آهي
جنهن جي ڪري مٽ مائٽ به جيڏري ئي ڪيس مڙل
سمجهندا آهن. غربت جو ڏنگيل ماڻهو مصيبتن جو
ماڳ، نراڌر ڀوڳيندڙ ۽ سڀ جي قٽ لعنت سهندڙ
ٿيندو آهي.

”جنهن وٽ ناڻو ڪونهي اُن جو مائٽ سڏائيندي ماڻهن
کي شرم ايندو آهي، ساٿس لڳ لاڳاپو ماڻهو ظاهر نه
ڪندا آهن، سندس دوست به دشمن ٿي پوندا آهن.

”ڪنگاليڻو موت جو هم معنيٰ لفظ، بي عزتيءَ جي مورت
۽ مصيبتن جو منزل گاهه آهي.

”ٻڪريءَ جي پيرن مان اڏامندڙ دوڙ ۽ ٻهاري پائڻ مان
اُتيل مٽيءَ ڪان يا ڏيئي جي روشنيءَ تي اُڀي ٽيل
کٽ جي پاڇي* ڪان جيئن ماڻهو ڪنارو ڪندو آهي، تئ
غريب جي ويجهو اچڻ به ڪير ڪونه چاهيندو آهي.

”جاءِ ضرور مان تي هٿن ملڻ لاءِ مٽي به ڪم ايند
آهي پر نرڌن ماڻهو ڪنهن به ڪم جو نه ٿيندو آهي

* راتِ جو ڪو ماڻهو مرندو آهي ۽ اُن وقت جي مساڻ
لاش ڪٽي نه وڃبو آهي ته هڪ کٽ آڏ ڏيئي اُنهيءَ لا
جي اڳيان ڏيئو ٻاري رکبو آهي. اُن جو پاڇو اُپسوڻ ليکبو آهي

۽ نردن کي ڇڏي هليو ويندو آهي. نردن پرش جون اڇائون جاڳي جاڳي گم ٿي وينديون آهن. وڌوا استريءَ جي ڇاتيءَ جيان هنجا منورٿ من ئي من اُندر دٻجي ويندا آهن.

”هن دنيا ۾ هميشه غريبيءَ جي اونده سان وڪوڙيل ماڻهو ڏينهن ڏني جو سامهون اُيو ٿي ٻهي ته ۽ ڪيس ڪوبه نه ڏسندو آهي.“

اُهڙيءَ طرح دل ۾ وسامندو پنهنجو خزانو سنياسيءَ جي ڪنڌ جي هيٺان وهاڻي جي شڪل ۾ ڏسي همت هاري صبوح جو پنهنجي قلعي ۾ آيس. منهنجا پوئلڳ هيڏانهن هوڏانهن ايندي ويندي ڪنن ۾ سس پس ڪرڻ لڳا ته ”اڙي هي اسان جو هاڻي پيٽ ڀري نه سگهندو. هن جي پوئتان هلڻ ڪري ٻلي وغيره جي آفت اچي ٿي ڪڙڪي. هن جي شيوا ڪرڻ مان ڀوءِ ڪهڙو فائدو؟“ چيو جو:-

”جنهن مان ڪو فائدو نه پڙپي، رڳو مصيبتن جا پهاڙ پيا نازل ٿين ته نوڪرن کي کپي ته ڀريائين اهڙي مالڪ کان ڪنارو ڪري وڃن.“

اِنهيءَ نموني هنن جون ڳالهيون ٻڌندو مان پنهنجي قلعي ۾ کهڙياس. جڏهن ڪوبه نوڪر منهنجي پرسان نه آيو تڏهن مان ويچار ڪرڻ لڳس ته ”هن غريبيءَ کي ڌڪار آهي. چيو جو چيل آهي ته:-

”غريب ماڻهوءَ جو جنم نشقل آهي، سنتان کان سواءِ شادي نشقل آهي، ويد پاٺي براهمڻ کانسواءِ سراڌ نشقل آهي ۽ ڏڪڻا کانسواءِ يگيه نشقل آهي.“

مان اِئين ويچار ڪري رهيو هيس ته منهنجا شيوڪ مونکي ڇڏي وڃي منهنجي دشمن جا چاڪر ٿيا. مونکي اڪيلو ڏسي

ملڪيت واري ماڻهوءَ ڪي ئي سيٺي پڙهيل ڳڙهيل ڪري
ليکيندا آهن. ملڪيت ڪانسواءِ هيءُ ڪوئو بہ پنهنجي
ذات جي ٻين عام رواجي ڪوئن وانگيان تي پيو آهي."
هاڻي تون ڪنهن بہ قرني ڪانسواءِ ننڊ ڪر. هن جي
ڇهاپوڙن هڻڻ جو جيڪو مول ڪارڻ هو سو آسان ڇي همٿ
پراپتي ويو آهي. ڇو جو:-
"ڏندن ڪانسواءِ جيئن نانگ ۽ مد ڪانسواءِ جيئن هاٿي،
ناڻي ڪانسواءِ جيئن ماڻهو رکيو نالي ۾ ماڻهو آهي."
اِهو ٻڌي مون من ۾ ويچار ڪيو تہ "مون ۾ هڪ آڱر
جيتريءَ وٿيءَ تي بہ ٽپي ڏيڻ جي طاقت نہ بچي آهي. ڌن
ڪانسواءِ جيئڻ کي ڌڪار آهي.
"نرڌن ماڻهو جيڪي بہ ڪم همٿ ۾ ڪٽندو سي اِئين
جٽاءِ نہ ڪندا جيئن اونهاري ۾ برسات جي پاڻيءَ تي
وهندڙ نديون.
"نرڌن آدميءَ ۾ ڪيترا بہ ڳڻ هجن تہ بہ هن جي شوڀا
نہ ٿيندي آهي. جيئن سورج دنيا کي پرڪاش ڏيندو
آهي تيئن لڇمي ڳڻن کي پرڪاشت ڪندي آهي.
"ڄائي ڄم کان ڪنگال ماڻهو اهڙو دکي نہ ٿيندو آهي،
جهڙو سکن ۾ پاليل ڌنوان ماڻهو پئسي جي تنگيءَ وقت
دکي ٿيندو آهي.
"اُهو سڪل وڻ جنهن کي ڪينئان کائيندا هجن، سيني
طرفن کان جنهن کي باهہ ساڙي ڇڏيو هجي ۽ جو
ڪلراٺي زمين ۾ بيٺل هجي اُنهيءَ وڻ جو بہ جنم تنگيءَ
وچان پنڻ واري کان بهتر آهي. ڪنگالپڻو جنهن ۾
ماڻهوءَ جو پرتاب گهٽجي ويندو آهي سو گهٽتي اَنديشن
جو ڪارڻ تي پوندو آهي. اُپڪار ڪرڻ لاءِ آيل پرش

ڪتڪي سمهي سگهندين. هن ٻور يل خزاني جي گرميءَ ڪري ئي هي ڪوئو تنهنجي ننڊ حرام ڪندو هو.“ ائين چئي اهو خزانو ڪلهي ٻئي منڊر ڏانهن روانا ٿيا. مان به جڏهن ٻور يل خزاني جي جاءِ تي آيس تڏهن مان اُنهيءَ بدزيبيءَ ۽ ويران جاءِ کي ڏسي به نه ٿي سگهيس. مان ويچار ڪرڻ لڳس ته ”هاڻي مان ڇا ڪريان؟ ڪيڏانهن وڃان؟ منهنجي من کي شانتي ڪيئن پراپت ٿيندي؟“ ائين ٻور پڇائيندي ڏاڍيءَ مشڪلات سان ڏينهن گذاريم. سج لهڻ کانپوءِ بي همت ۽ دلگير ٿي پنهنجي ساٿين سان گڏ منڊر ۾ گهڙيس. تامرچوڙ کي اسان جي اچڻ جي ڪڙڪ پئجي ويئي. هن وري پنهنجو بانس جو اَڌ چيريل لڪڙو سنياليو ۽ ڪرمنڊل کي ٺڪ ٺڪ ڪرڻ لڳو. اِنهيءَ تي مهمان چيس ته ”مهاتما تون اڃا بي ڪتڪي ڇو ٿو سمهين؟“ تامرچوڙ چيو ته ”مهاراج، وري اهو بدمعاش ڪوئو پنهنجيءَ ٽوليءَ سميت آيو آهي. اُن جي ڊپ کان هيءَ ٺڪ ٺڪ ڪري رهيو آهيان.“ اِنهيءَ تي مهمان کلي چيو ته ”مترا، تون ڊڄ نه. هن ڪوئي جي ٽپڻ جي همت خزاني سان ئي اُڀامي وئي. دنيا ۾ سڀني جي اِها حالت ٿيندي آهي. جيئن چيو ويندو آهي ته:-

”ماڻهوءَ جو هميشه همت سان رهڻ، ٻين کي نيچو نوائڻ ۽
خنڪيءَ سان هلڻ، اِهو سڀ ڌن جي زور تي ٿيندو
آهي.“

اِهو ٻڌي جوش وچان مان ڪرمنڊل طرف وڌي ٽپو ڏنو پر اُتي پهچڻ کان اڳ ئي ڌرتيءَ تي ڪري پيس. منهنجي ڪرڻ جو آواز ٻڌي منهنجو اهو دشمن کلي ڪري تامرچوڙ کي چوڻ لڳو ته ”اڙي، هي تماشو ته ڏس. ڪوئو ڪيئن ٽپو ڏئي نٿو سگهي! چيل آهي ته:-

”سيئي ماڻهو ملڪيت جي ڪري ٻلوان ٿيندا آهن

اَشيَ ڪرمن جي ڪري مٺور تيل آئيندهہ ڪان آگاهہ ڪري ڇڏيندي ن آهن. مور جو ٻچو جنهنکي اَچا ڪانگي ٻيدا نہ ٿي آهي اُهو جڏهن تلاءَ تان موٽندو آهي تڏهن سندس هاڻ جي نموني مان اُي ظاهر هوندو آهي تہ هي مور آهي.“

تڏهن مان ٻ ڄڻي ڪري پنهنجي ساٿين سان گڏ قلعي جو رستو ڇڏي ٻئي رستي ڪان وڃڻ لڳس. پوئلگن سان گڏ جڏهن مان اڳتي وڌيس تہ هڪ ٿلهو متارو ٻلو ايندو ڏٺم. ڪونن جو ميڙ ڏسي هو منجهن ڪاهي پيو. پوءِ تہ سڀئي ڪوئا مونکي گهٽ وڌ ڳالهائڻ لڳا تہ ڪهڙي نامراد رستي تان اَسان کي وٺي آيو آهين. ڪيترا ڪوئا تہ اِنهيءَ نموني مري ويا باقي ٻچيل ڏرتيءَ کي رت سان آلو ڪندا اُنهيءَ قلعي ۾ گهڙي ويا. ڪهڙي نہ نيڪ ڳالهہ چيل آهي تہ:-

”بند پڇي، شڪاريءَ جي قندن ڪان پاڻ ٻچائي، ڄار کي زور سان ڇني، جهنگ ۾ لڳل باهہ جي ڄيبن ڪان پري پڇي، شڪارين جي باڻن جا نشان گسائي، زوم مان ٻ ورندڙ هرڻ وڃي هڪ کوهہ ۾ ڪريو. جتي قسمت اَهڙي ڏنگائي هلي اُتي اُدم پلا ڇا ڪندو؟“

اِن ڪانپوءِ مان اَڪيلو ٻي پاسي هليو ويس. باقي پيا ڪوئا بيوقوفي ڪري اُنهيءَ قلعي ڏانهن ويا. اُنهيءَ وقت اُهو دشت سنياسي ٻہ رت جي بوندن سان رڱيل زمين جو رستو وٺي قلعي جي ڦاٽڪ وٽ اچي حاضر ٿيو. اُتي هو خزاني جي ڳولا ڪرڻ لڳو. ڪوٺيندي ڪوٺيندي کيس اُهو ڏن ملي ويو جنهن جي مٿان مان هميشهہ رهندو هيس ۽ جنهن جي گرميءَ جي ڪري مان تمام ڏکين هندن تي ٻہ وڃي پهچندو هيس. مهمان ڏاڍو خوش ٿي تامرچوڙ کي چيو تہ ”مهاتما، هاڻي تون ٻنا

اِنهيءَ نموني ڪير ته بدل سدل ڪري نه ڏيندو؟"

مان جنهن گهر مان بکيا ونڻ ويس اُنهيءَ ساڳئي گهر ۾ اُها براهمڻي ته بدلائڻ آئي ۽ چوڻ لڳي ته "اڻ ڇاڇيل ڪارن تڙن جي بدران ڇاڇيل اَڇا تر وٺو." اُنهيءَ گهر جي مالڪڻ تڙن جي بدلي ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ته سندس پٽ ڪامندڪي نيتي شاستر ڏسي چيو ته "ماتا، هي تر ڪم آڻڻ جوڳا نه آهن. اَڻ ڇاڇيل ڪارن تڙن جي بدران ڇاڇيل اَڇا تر جو هيءَ براهمڻي ٿي ڏئي ان ۾ ضرور ڪو سبب هوندو." تنهن ڪري تر بدلائڻ نه ڏنائين.

ائين چئي برهت سڦڪ تامرچوڙ کان پڇيو ته "هن ڪوئي جي اَچڻ جي رستي جي پلا خبر اٿئي؟" تامرچوڙ چيو ته "سوامي، اِها خبر ته مونکي آهي ڇو جو هو اَڪيلو نه ايندو آهي. منهنجي ڏسندي بي اندازه ڪوئن جو جهنڊ وٺي هيڏانهن هوڏانهن ڊوڙندو ايندو ويندو آهي." مهمان پڇيس ته "ڪا ڪوڏر اٿيئي؟"

تامرچوڙ چيو ته "هيءَ لوهه جي ڪوڏر آهي." مهمان چيو ته "صبوح جو سوير ماڻهن جي پير پوڻ کان اڳ هن ڪوئي جو پيرو ڪڍي هلجي." مون به سندن وارتالاپ ٻڌي خيال ڪيو ته "هاڻي پڪ ٿي پڪ منهنجي بربادي ٿيندي، ڇاڪاڻ ته هنن جو ڳالهائڻ وزندار ٿي لڳو. منهنجي خزاني جي هنن کي خبر پئي ته منهنجو قلعو به ڪاٿي ڪجهو نه رهندو. ڳالهائڻ مان سندن مطلب اِهو پئي ڏنو. ڇو جو:-

"آدميءَ کي هڪ دفعو ڏسڻ سان پڌيمان سندس طاقت جو اَندازو لڳائي سگهندو آهي. سياڻو ماڻهو هٿ جي وزن سان ڪنهن شيءِ جي تور معلوم ڪري سگهندو آهي.

"من جون اِڇائون ماڻهوءَ جي پورب جنم جي شي

”ٻڌيمان پرش کي پنهنجي ڪمايل ڌن جو رساين وانگر ڌيري ڌيري استعمال ڪرڻ گهرجي. ڪيس جلدي نه ڪرڻ کپي.“

اِهو من ۾ ويچار ڪري ڌنش جي ڌنگي ٻيڙي پنهنجي واٽ ۾ وڃهي جتي ڌور ڪانئڻ کي لڳي ويو تڏهن ڪمان جي ٻي ڪنڌ تڪ وڃي سنڌس تارونءَ کي لڳي ۽ ميڃالو چيري سنڌس ڪاپار مان وڃي نڪتي. ڦان تي گدڙ اُتيئي ڪري پيو ۽ مري ويو. تنهن ڪري مان چوان ٿو ته تمام گهڻي لالچ نه ڪرڻ کپي. بي حد لالچيءَ جي چوٽيءَ ۾ ڪاپاري ڌڪ لڳندو آهي.

براهمڻ وري براهمڻيءَ کي چيو ته ”اڙي براهمڻي، تو ٻڌو نه آهي ته:-

”عمر، ڪرم، ڌن، وديا ۽ موت اِهي پنجئي ماڻهوءَ لاءِ اُنهيءَ وقت ئي مقرر ٿي ويندا آهن جڏهن اَجا هو ماءُ جي پيٽ ۾ ئي هوندو آهي.“

براهمڻ جي ايتري سمجهائڻ تي براهمڻيءَ چيو ته ”جي اِئين آهي ته گهر ۾ ٿورا تر پيا آهن. اُهي تر ڇنڊي صاف ڪري پيهين اُن مان براهمڻ کي ڀوڄن ڪرائينديس.“ اِهو ٻڌي براهمڻ صبوح تيڻ تي ٻئي ڳوٺ ڏانهن هليو ويو. براهمڻيءَ اُنهن ترن کي گرم پاڻيءَ ۾ ڌوئي سنڌن ڇلڪا جدا ڪيا ۽ پوءِ اُس ۾ سڪڻ لاءِ رکي ڇڏيائين. هوءَ پنهنجي گهرو ڪم ڪار کي لڳي ته هڪڙو ڪتو اَچي اُنهن ترن ۾ پيشاب ڪري ويو. اِهو ڏسي هن ويچار ڪيو ته ”ڏنگيءَ قسمت جي هيءَ گهڙي نه چالاڪي آهي جو هي تر کائڻ ڪان رد ٿي پيا. اِنهيءَ ڪري مان هي ڪٽي ٻئي ڪنهن جي گهر وڃي هنن ڇليل ترن جي بدران اَڻ ڇليل ڪارا تر بدلي ۾ وٺي ٿي اچان.

ڪاپاري ڏک
نہ ڏجي. ٻي حد لالچ جي چوٽيءَ ۾ ڪاپاري ڏک
لڳندو آهي."
براهمڻيءَ چيو تہ "اِهو ڪيئن؟" براهمڻ چيو:-

٣. ڀيل، سوئر ۽ گدڙ جي آکاڻي

ڪنهن ٻن ۾ هڪ ڀيل رهندو هو. شڪار ڪرڻ لاءِ هو ٻن ڏانهن ويو. گهمندي ڦرندي هن ڪجل جهڙو ڪارو سوئر ڏٺو. ڪن تائين ڪمان جي ڏور ڪشي پنهنجي تير سان ڀيل سوئر کي گهائل ڪري ڇڏيو. سوئر بہ جوش ۾ اچي پنهنجو ڏند وڃي ڀيل جي پيٽ ۾ کنڀيو جنهن ڪري سندس پيٽ ڦاٽي پيو ۽ اتي جو اتي زمين تي ڪري پيو ۽ مري ويو. شڪاريءَ جي مرڻ کانپوءِ تير جي چڀڻ ڪري سوئر بہ سندس پاسي ۾ ڍير ٿي پيو. هڪ گدڙ کي ٿي کٽي ڪٽي سو بہ کاڌي جي ڳولا ۾ اتي اچي نڪتو. ڀيل ۽ سوئر جا لاش ڏسي بود ۾ اچي چوڻ لڳو تہ "اڄ منهنجي قسمت زور آهي. پنهنجو پاڻ ئي هيترو کاڌو اچي منهنجي اڳيان ميسر ٿيو آهي. اِهو نيڪ چيل آهي تہ:-

"محنت نہ ڪرڻ تي بہ اڳئين جنم ۾ ڪيل ڪرمن جو سٺو توڙي خراب ڦل ماڻهوءَ کي هن جنم ۾ نصيبن سان ملندو آهي.

"جنهن ملڪ ۾، جنهن وقت ۽ جنهن عمر ۾ ڪو بہ چڱو يا مَٺو ڪم ڪيل هوندو آ، جو نتيجو اُنهيءَ نموني پوڳڻو پوندو آهي."

تنهن ڪري هنن لاشن کي مان اهڙيءَ طرح کائيندس جئن گهڻي وقت تائين منهنجو گذارو ٿي سگهي. پهريائين هن ڪمان ۾ ڪشيل (چمڙي جي) ڏور کي لقمو بڻايان. چيو جو آهي تہ:-

تہ ٻون ڪو سگهہ نہ ڏنو آهي. نہ ڪاڏي جو سواد نہ ڀرڻ جو مزو. ڪڏهن ڪو هٿ پير جو زيور بہ نہ نهرائي ڏنو اٿيئي.“ اِهو ٻڌي براهمڻ ٻڇندي ٻڇندي چيو تہ:-

”هڪ گرهہ مان بہ اڌ گرهہ ڪنهن ڀکئي ڏکئي کي ڏجي. مرضيءَ موجب ڏن تہ ڪنهن کي ملندوئي نہ آهي.

”ٻون ٻڌو آهي تہ شاهوڪار ماڻهو گهڻي ڏن دان ڪرڻ سان جيڪو ڦل پراپت ڪندو آهي، اُهوئي ڦل غريب ماڻهوءَ کي ڪوڏي دان ڪرڻ سان ملندو آهي.

”دان ڪرڻ وارو ننڍو ماڻهو بہ سڀ کي وڻندو آهي پر هڪ وڏو رئيس ڪنجوس هجي تہ ڪنهن کي نہ وڻندو آهي.

”ننڍو کوهہ جو پاڻي ڏيندو ٿو رهي سو سڀ کي سگهہ ٿو ڏي پر سمنڊ جو پاڻ وٽ پاڻي رکيو ڪنو ٿو ڪري اُهو ڪنهن جي بہ اُڃ نٿو لاهي.

”جنهن ٻين کي دان ڏئي پنهنجو جس نہ وڌايو آهي اُن کي اَجايو راڄ راجيشور يا مهاراجا ڪبير چوڻ مان ڪهڙو فائدو؟ ديوتائن جي خزاني جي سنڀال ڪندڙ ڪبير کي مهيشور نہ چوندا آهن پر شنڪر کي مهيشور چئبو آهي. (ڇاڪاڻ تہ هو سڀ ڪجهہ ٻين کي ڏئي پاڻ وٽ ڪجهہ نہ رکندو آهي).

اِنهيءَ ڪري غريب ماڻهوءَ کي بہ ڪڏهن نہ وقت بہ وقت ڪنهن لائق ماڻهوءَ کي دان ڏي.

”دان وٺڻ وارو لائق اِنسان هجي ۽ ڏاڍيءَ شردا سان موقعو ۽ هنڌ ڏسي دان ڏنل هجي تہ اُنجو ڦل بلڪل اُتم ٿيندو آهي.

”تمام گهڻي لالچ نہ ڪرڻ کپي پر لالچ بلڪل ڇڏي بہ

الامارا ڏيئي پاڻ بچائي ويندو آهي.

ٻڌي سگهندڪ کيس چيو ته ”توکي خبر آهي ته اِنهيءَ ڪوئي جو ٻر ڪٿي آهي؟ تامر چوڙ چيو ته ”مونکي پوري خبر نه آهي.“ هن چيو ته ”پڪ ئي پڪ هن جو ٻر ڪنهن خزاني جي مٿان آهي. اُن جي گرمائش ڪري ئي هي ايترو ٽپي ٿو. چيو به ويو آهي ته:-

”ڌن جي رڳو گرمي ئي ماڻهوءَ جو تيج وڌائي ڇڏيندي آهي. وري جي اُهو ڌن دان پنڃ ۾ ڪم اچي عيش عشرت به ونجي ته اُن جي ڳالهه ئي ڪهڙي ڪجي!

”هي ماتا، شانڊلي براهمڻي اوچتوئي ڏوتل ۽ ڇليل اَڇا تر، ڪارن اڻ ڇليل ترن سان بدلائڻ ٿي چاهي. اِنهيءَ ۾ ضرور ڪو سبب هوندو.“

تامر چوڙ چيو ته ”اِهو ڪيئن“. تنهن تي هن چيو ته:-

۲. شانڊلي براهمڻيءَ جي آکاڻي

برسات جي مؤسم ۾ چؤماسي جو ورت پوري ڪرڻ لاءِ مون براهمڻ جي گهر ۾ رهڻ لاءِ کيس پرارٿنا ڪئي. منهنجي ڳالهه مڃي اُنهيءَ براهمڻ منهنجي شيوا ڪئي ۽ ديوتا جي پوڄا ڪندي مان اُتي آنند ۾ وقت گذارڻ لڳس. هڪ ڏينهن سويرو ئي جاڳي مان ڪن لائي براهمڻ ۽ براهمڻيءَ جي گفتگو ٻڌڻ لڳس. براهمڻ چيو ته ”هي براهمڻي، صبوح جو مڪر سنڪرات آهي تنهن ڪري دان ڪرڻ جو ڏاڍو مهاتم آهي مان دان وٺڻ لاءِ ٻي ڳوٺ ڏانهن ويندس. تون ڀڳوان سور ديوتا جي نمت ڪنهن براهمڻ کي ڪا مڙيوئي ڪاڌي جي شيءِ ڏج.“ اِهو ٻڌي براهمڻي کيس ڇڙ مان چوڻ لڳي ”تو جهڙي ڪنگال کي پوڄن ڪٿان ملندو؟ اِئين چوندي توکي لڄ به نه ٿي اَچي؟ جڏهن کان تنهنجي گهر ۾ آئي آهيان

پيو نهاريندو آهي يا ڪنڌ هيٺ ڪٽي ڪندو آهي اُن
جي گهر جيڪو ويندو آهي اُهو ٻن سگهن ڪان سواءِ
ڍڳو آهي.

”جتي اڳتي وڌي آءُ پاءُ نٿو ڪيو وڃي، جتي سنيون
۽ منيون ڳالهيون نه ٿيون ڪيون وڃن ۽ نه گڻ ۽ اوگڻ
ٿا ويچار هيٺ آندا وڃن، اُهڙي محلات ۾ به وڃڻ
نيڪ نه آهي.“

توکي هڪ مندر مليو آهي تنهن ۾ ئي مٿو ڦري ويو آٿيئي ۽ مترن جو ٻر ٻر وساري ڇڏيو آٿيئي. پر توکي اِها ڳالهه ياد رکڻ کپي ته اُهڙيءَ هلت هلڻ ڪري تو پاڻ کي نرڪ جو ڀاڳي بڻايو آهي. ڇو جو:-

”جيڪڏهن توکي نرڪ ۾ وڃڻو آهي ته هڪ سال پروهت
(ججمانن تي آڌار رکندڙ براهمڻ) جو ڪم ڪر، پر جي
اِن کان جلد تڪڙو نرڪ ۾ وڃڻو هجيئي ته رڳو ٽي
ڏينهن ڪنهن مٺ يا مڙهيءَ جي سنڀال ڪر.“

تنهنڪري تنهنجو هي گهمنڊ معاف ٿي نٿو سگهي، مان تنهنجو مندر ڇڏي هيٺر ئي ٻئي هنڌ هليو ٿو وڃان.

اِهو ٻڌي تامرچوڙ ڏڍجي ويو ۽ نمرتا سان ڪيس چيائين ته ”مهاراج، اِئين نه چئو. توهان جهڙو ٻيو ڪو منهنجو پوڄنيه متر نه آهي. پر توهان هن هلت جو سبب به ته ٻڌو. هي دشت ڪوئو مٿي ڪاءِ ۾ ٽنگيل ڪرمنڊل تي ٽپ ڏئي چڙهي ٿو وڃي ۽ منجهس پيل سڀ شيون کائي ٿو وڃي. اُن خلاص تي وڃڻ تي صبوح جو مندر ۾ ٻهاري به نه ٿي پڄي سگهي، تنهن ڪري ڪوئي کي ڏيڄارڻ لاءِ هرگهڙيءَ هن نموني ٺڪ ٺڪ ڪرڻي ٿي پوي. ٻيو ڪو سبب نه آهي. هيءُ ڪوئو اُهڙو ته دشت آهي جو ٻلي ۽ باندر کان به

آخر منهنجي حرڪتن کي روڪڻ لاءِ هن هڪ تجويز سوچي.
ڪ آڏ چيريل بانس جو لڪڙو هٿ ڪري سڄي رات سمهي.
ڪري نه پيو اُن سان ڪرمنڊل کي ٺڪ ٺڪ ڪرائيندو هو
ان نه اُن جي ڊپ کان ويجهو نه وڃي سگهندو هوس پر
وجهه وٺڻ جي ڪوشش پيو ڪندو هوس. اهڙي طرح سڄي
رات هن سان ٽرائي چالو رهندي هئي.

هڪ دفعي اُنهيءَ مندر ۾ **برهٽ سڦڪ** (وڏي بلور جي
رنگ وارو) نالي هڪڙو مٽر سنياسي تيرٿ ياترا تي نڪتل
سندس مهمان اچي ٿيو. تامر چوڙ ڏاڍي آدر ڀاءَ سان هن جي
مهماني ڪئي. رات جو ٻئي ساڳئي ڪمري ۾ هڪ ٻئي جي پرسان
سمهي گيان چرچا ڪرڻ لڳا. تامر چوڙ ڪوئن جي ڊپ کان
بانس جي لڪڙي سان ٺڪ ٺڪ ڪندو ٿي رهيو ۽ پنهنجي
مٽر جي ڳالهين جو جواب رڳو "هون هون" چوڻ سان ڏيندو رهيو.
سندس سڄو ڌيان ڪرمنڊل ڏانهن هو تنهن ڪري وات سان ڪجهه
چئي نه پيو سگهي. اِنهيءَ تي برهٽ سڦڪ کي ڏاڍي مٺيان
لڳي ۽ ڪيس ڪاوڙ مان چيائين ته "تامر چوڙ، مان سمجهان
ٿو ته تون منهنجو سچو مٽر نه آهين. ڪل خوشيءَ سان منهنجيءَ
ڪنهن به ڳالهه جو جواب نٿو ڏين. مان هاڻي رات جو ئي
هيءُ مندر ڇڏي ٻئي ڪنهن آشرم ۾ ٿو هليو وڃان. چيو جو:
"اي آيا، جيءُ آيا. ٽڪ ته پيو،" هيءَ ويهڻ لاءِ آسڻ
آهي. گهڻن ڏينهن کان پوءِ درشن ڏنو اٿو! ڇا خبرچار
آهي؟ ڏاڍا ڪمزور ٿي ويا آهيو. خوش ته آهيو نه؟
مهمان کي ڏسي ڏاڍي خوشي ٿي آهي. اِنهيءَ نموني
گهر ۾ آيل اَتٿيءَ جو جيڪو آدر ستڪار ڪري ڪيس
آنند ڏيندو آهي؛ اُنهيءَ وٽ ئي هميشه ڪنهن
ڳرتي ڪانسواءِ وڃجي.

"جنهن گهر جو مالڪ مهمان کي آيل ڏسي هيڏانهن هوڏانهن

۾ گهڻو ڪجهه ٻڌائڻو آهي. تنهن ڪري اُتي هلي ٻڌائيندس."
اِنهيءَ ڪري هن موکي به ڪجهه نه ٻڌايو آهي. پيارا هرڻيڪ هاڻي تون آسان ٻنهي کي پنهنجيءَ اُداسيءَ جو سبب ٻڌاءِ.
هرڻيڪ چيو:-

١. سنياسيءَ ۽ ڪوئي جي آکاڻي

ڏکڻ طرف مهلاروپيه نالي هڪ شهر آهي. اُن کان ڪجهه پريرو شنڪر ڀڳوان جو هڪ مندر هو. اُتي تامرچوڙ (ڳاڙهيءَ چوٽيءَ وارو) نالي هڪ سنياسي بائو رهندو هو. هُو شهر مان ڀکيا ڪري پنهنجو گذر ڪندو هو. کاڌي کان پوءِ ڀکيا واريون شيون جيڪي بچي پونديون هيون سي پنهنجي ڪرمنڊل ۾ وجهي اُهو ڪليءَ ۾ لٽڪائي سمهي پوندو هو. اُهو بچيل کاڌو ٻئي ڏينهن تي مزورن کي ڏئي ڪانئن ٻهاري ليپو پارائي پيو صفائي جو ڪم ڪرائيندو هو. هڪ ڏينهن منهنجي ساٿيءَ موکي چيو ته "مندر ۾ ڪوئن جي ڀؤ کان تيار ٿيل کاڌو ڪرمنڊل ۾ پيل هميشه ڪليءَ ۾ پيو لٽڪندو آهي. اسين اُتي پهچي نٿا سگهون. توهان کي ٽپڻ ۽ ڪڏڻ جو گهڻو آزمودو آهي. توهان جي واسطي اُتي پهچڻ وڏي ڳالهه نه آهي. هيڏانهن هوڏانهن ٻاهر پيا ڀٽڪون تنهن کان چڱو نه توهان جي ڪرپا سان اِنهيءَ بائي جي مال سان اَڄ آنند مانيون!" اِهو ٻڌي مان پنهنجي سيني سيوڪن سميت اُتي آيس ۽ ٽپ ڏيئي ڪرمنڊل تي چڙهي ويس. اُن مان شيون ڪڍي پنهنجي ساٿين کي وراهي ڏنم ۽ مون به پيٽ تي ٻاڌيون. پوءِ سڀئي پنهنجي گهر موٽياسين.

اهڙي طرح روز مان هن جون شيون کائي ڇڏيندو هوس. سنياسي به ڏاڍي خبرداري ڪندو هو، پر هن کي جڏهن ننڊ ايندي هئي تڏهن مان پنهنجي ڪارروائي شروع ڪندو هوس.

مان ٻاهر آيو ۽ پنهنجي متر کي ڏسي سندس اکين ۾ آنند جا آنسون ڀرجي آيا. گڏ گڏ تي پنهنجي متر کي چيائين ته "ڀلي آئين، ڀلي آئين! مون سان ڀاڪر ته پاءِ. گهڻو وقت گذري ويڻ ڪري مون توکي پوريءَ طرح نه سڃاتو تنهن ڪري اندر پاڻيءَ ۾ گهڙي ويس. چيو اٿن:-

"برهسپتيءَ چيو آهي ته جنهنجي طاقت، خاندان ۽ هامت چلت جي خبر نه هجي اُن سان سنگ نه ڪجي."

هنجي ائين چوڻ تي لگهوپتنڪ وڻ تان هيٺ لهي آيو ۽ منٿرڪ سان ڀاڪر پائي مليو. هيءَ ڳالهه بلڪل ٺيڪ آهي ته:-

"سرير کي امبرت جي ڌارائن سان سنان ڪرائجي ته به اِن مان اهڙو آنند نه ايندو جهڙو گهڻن ڏينهن ڪانپوءِ متر جي ميلاپ مان. اُن جو ته ملهه ئي ڪونهي."

اهڙيءَ طرح ٻئي گڏ گڏ تي هڪ ٻئي سان مليا وڻ جي [illegible] ويهي پنهنجو پنهنجو حال احوال ٻڌائڻ لڳا. هرڻيڪ [illegible] کي نمستي چئي پاسي کان تي ويٺو. هنکي ڏسي [illegible] لگهوپتنڪ کان پڇيو ته "هي ڪوئو ڪير آهي؟ هيءَ [illegible] ڪاج آهي. تون ڪيئن پنهنجيءَ پٺيءَ تي ويهاري [illegible] آيو آهين؟ هن ۾ ته ڪو ڏاڍو راز ٿو ڏسجي."

[illegible] لگهوپتنڪ چيو ته "هيءُ هرڻيڪ نالي ڪوئو آهي. [illegible] پيارو متر آهي. وڌيڪ ڇا ٻڌايانءِ؟

[illegible] جيئن بوندون، آسمان جا تارا ۽ ريتيءَ [illegible] ڳاڻاٽي کان ٻاهر آهن تئن هن [illegible] آهن."

[illegible] آيو آهي."

[illegible] جو ڪهڙو سبب آهي؟"

[illegible] چيو ته اِن باري

اِهو ٻڌي ڪانءُ ڏاڍو خوش ٿيو ۽ ڪيس چيائين ته ”جيڪڏهن اِها ڳالهه آهي ته مان ٻاڻ کي ڏاڍو پياڳن وارو ٿو سمجهان. ڇو جو اُتي ئي تنهنجي صحبت مونکي ملندي. مونکي اُڏامڻ جا اَٺ نمونا ايندا آهن. تنهن ڪري تون منهنجيءَ ٻنيءَ تي چڙهه ته مان توکي ٻنا ڪنهن تڪليف جي تلاءَ تي وٺي هلان. هرڻيڪ چيس ته ”اُڏامڻ جا اُهي اَٺ نمونا ڪهڙا آهن؟ لگهوپتنڪ چيو ته:-

”آهستي آهستي اُڏامڻ، اوچتو اُڏامڻ، زور سان اُڏامڻ، اُڏامندي اُڏامندي هيٺ لهي اَچڻ، وڙ وڪڙ ڪري اُڏامڻ، ڏنگو ٿي اُڏامڻ، ڦڙتائيءَ سان اُڏامڻ ۽ اُپرتي اُڏامڻ. اِهي اَٺ اُڏامڻ جا طريقا آهن.“

اِهو ٻڌي هرڻيڪ هڪدم ڪانءُ تي سوار ٿي ويو. ڪانءُ به آهستي آهستي اُڏامندو اُڏامڻ جو ٻهريون نمبر طريقو اختيار ڪري تلاءَ تي اَچي پهتو. ڪوئي کي ڪانءُ تي سوار ٿيل ڏسي ڪيس ڪو عجيب ڪوئو سمجهي منٿرڪ هڪدم پاڻي ۾ گهڙي ويو. ڪناري تي بيٺل وڻ جي ڏرم ۾ هرڻيڪ کي ويهاري لگهوپتنڪ هڪ ٽاريءَ تي وهي اُونچي آواز ۾ چوڻ لڳو ته ”اڙي منٿرڪ، ٻاهر نڪر. مان لگهوپتنڪ نالي ڪانءُ تنهنجو دوست گهڻي ڏينهن ڪانپوءِ توسان ملڻ آيو آهيان. تون مونسان اَچي مل. ڇو جو:-

”ڪافور سان مايل چندن ۽ ٿڌي برف مٿر جي سرير کي ڇهڻ جي سورهين حصي جيتري ٿادل به نه ڏيندڙ آهن. مصيبتن کان بچائيندڙ، ڏک ۽ غم کي هٽائيندڙ دوا، امرت جي سمان ”مٿر“ اِهي ٻه ٿي اکر ڪنهن ٺاهيا آهن؟“

اِهو ٻڌي لگهوپتنڪ کي چڱيءَ طرح سڃاڻي منٿرڪ پاڻيءَ

... ڏاکڻي رستي تي هڪ گهاٽي جهنگ جي وچ ۾ هڪ وڏو ... آهي. اُتي توڪان به وڏيڪ گهرو دوست منڊرڪ (پلو ...ڙ) نالي ڪڇُون رهندو آهي. هو مونکي مڇين جي ماس جا ... ڏيندو رهندو جنهن سان اُدرپورنا ڪري ساڻس ... گوشت ڪندي مزي سان پنهنجو وقت گهاريندس. هتي ... ماڻ پکين جو چار ۾ قاسط ڏسي سهي نٿو سگهان. ڇو جو:-

”هي ياءُ، برسات جي نه پوڻ ڪري، ملڪ جي ويران
تي وڃڻ تي، اُن جي غائب ٿيڻ تي به جيڪي ماڻهو
پنهنجي ملڪ جي برباديءَ ڪنب جو ناس ٿيڻ اکين
سان نه ٿا پسن اُنهن جا ڏن ڀاڳ آهن.

”رشت پشت بدن واري لاءِ ڪوبه بار گهڻو نه آهي.
محنتي ماڻهوءَ لاءِ ڪجهه به ڏورانهين پنڌ تي نه آهي.
وِدوانن لاءِ ڪوبه پرديس نه آهي ۽ مٺي ڳالهائيندڙن
لاءِ ڪوبه ڌاريو نه آهي.

”وِديا جو بل ۽ شهنشاهي ڊبدبو هڪ جهڙا نه ٿا ٿي
سگهن. راجا جي عزت رڳو پنهنجي ملڪ ۾ ٿيندي
آهي پر وِدوان جتي ويندو اُتي سندس پوڄا ٿيندي.“

هرٽيڪ چيس ته ”جيڪڏهن اِئين آهي ته مان به توسان ... ڪانؤ چيس ته ”... مونکي به ڏاڍو آزار آهي.“ هرٽيڪ چيس ”... ڪهڙو آزار آهي؟ اُهو ته ٻڌاءِ.“ ... اُتي هلي وڇور سان سڀ ... وڏو وستار آهي. ... ڪانؤ چيس ته ”مان ته آسمان جي ... ٻڌائيندو وڃان.“ ... سگهان ٿو. تون ڪين سان گڏ ڪئن ... جيڪڏهن تو منهنجي ... سگهندين؟“ ڪوئي چيو ته ... ته پنهنجيءَ پٺيءَ تي ويهاري مونکي ... ڪيئن نموني ته مان اُتي پهچي ڪين سگهندس.“

”دوستي تيستائين نڀجهي رهندي جيستائين ڪجهه ڏيو رهبو. ڪير گهٽيل ڏسي وڃڙو ۽ ڳالهه کي ڇڏي ڏيندو آهي.

”سوڪڙي پاڪڙي ڏيڻ جو اهڙو نه سٺو ۽ جلد نتيجو نڪرندو آهي جو دشمن به دوست ٿي پوندو آهي.

”مان نه ائين ٿو ميان ته دان جو اثر اڳياڻي پسن تي به پٽ ڪان به وڌيڪ ٿو ٿيوي. ڇو جو ڪٽ ڪتو ڏيڻ سان مينهن پنهنجي پاڏي جو به خيال نه ڪري وڌيڪ کير ڏيندي آهي.

”ڪوئي ۽ ڪانءُ نهن ۽ ماس وانگيان پاڻ ۾ اٽوٽ ۽ گهاٽو پريم ٻڌيندي آسياويڪ مترتا قائم ڪئي.“

اهڙيءَ طرح ڪانءَ جي خاطرداريءَ سان خوش ٿي ڪوئي جو منجهس اينرو نه اعتبار ٻڌجي ويو جو هو ڪانءُ جي ٻرن ۾ لڪي ساڻس پريم ونڊيندو هو.

هڪ ڏينهن اڪين مان لڙڪ وهائيندي ڪانءُ ڪوئي کي گهٽيل آواز ۾ چيو ته ”پيارا هرڻيڪ، هن ملڪ ۾ مان بيزار ٿي پيو آهيان تنهن ڪري ٻئي ڪنهن هنڌ وڃڻ جو ويچار ڪري رهيو آهيان.“ هرڻيڪ چيس ته ”پيارا، بيزار ٿيڻ جو ڪهڙو سبب آهي؟“ لگهوپتنڪ چيو ته ”برسات نه پوڻ ڪري هن ملڪ ۾ ڏڪر پئجي ويو آهي. پوري ڪاڏي نه ماڻ ڪري ماڻهو ڪانءُ جو گرهه به نٿا ڪڍن. پيو ته ٻڪ ۾ پاهه تيندڙ ماڻهو جني ڪتي پکين کي قاسائڻ لاءِ پنهنجا جار وڇائي ويٺا آهن. مان به اهڙيءَ جار ۾ قاسي پيو هيس پر زندگي اڃا باقي رهيل هئي تنهن ڪري اتان پاڻ کي بچائي نڪتس. بيزار ٿيڻ جو سبب اهوئي آهي. ٻئي ملڪ ۾ وڃڻ لاءِ تيار ٿي تو جهڙي متر کان وڇڙڻ ڪري روئي رهيو آهيان.“ هرڻيڪ پڇيس ته ”تون وڃين ڪيڏانهن ٿو؟“ لگهوپتنڪ چيو

ته "ست برش پاڻ ۾ ست پير گڏ جي ڪڍن ته سندن متر تي
ويندي آهي." انهيءَ سڏانت موجب تون منهنجو متر تي
چڪين. باقي بي منهنجي ڳالهه ٻڌ. جيڪڏهن مون تي وشواس
نٿو ڀڄهي ته پنهنجي ٻر واري قلعي ۾ اندر ويٺي ئي مون
سان راجنيتيءَ جون ڳالهيون ۽ ٻيون ڪٿائون وارتائون ڪندو رهه."

اِهو ٻڌي هرڻيڪ دل ۾ خيال ڪيو ته "هيءُ ڪانءُ ڳالهائڻ
۾ هوشيار ۽ دل جو سچيار ٿو نظر اچي تنهن ڪري هن سان
دوستي ڳنڍڻ مناسب آهي." اِهو ويچار ڪري هن لگهوپتنڪ
کي چيو ته "جي اِئين آهي ته تنهنجي ۽ منهنجي مترتا ٺيڪ ٿيندي.
پر تون ڪڏهن به منهنجي قلعي ۾ اندر پير نه پائيندين. چو جو:-

"دشمن پهريائين آهستي آهستي ڊڄندو ڊڄندو ڌرتيءَ تي پير
رکندو آهي پر پوءِ جلدي اِئين اڳتي وڌي ويندو آهي
جئن پيار ڪندڙ پربرش جو هٿ پرائيءَ اِستريءَ ڏانهن
پهريائين آهستي پوءِ تکو وڌندو آهي."

اِهو ٻڌي ڪانءَ چيو ته "پيارا، اِئين ئي ٿيندو." اُنهيءَ
ڏينهن کان وٺي ڪوئو ۽ ڪانءُ ٻئي ڳالهيون ٻولهيون ڪري
روح رهاڻ ڪندا هئا ۽ هڪ ٻئي جي گهڻن ئي نمونن سان
مدد ڪندا هئا. لگهوپتنڪ به ماس جا ٽڪر، ڪاڌارن جي
بچت، مٺايون ۽ ميوا هرڻيڪ جي واسطي ڪٺي ايندو هو-
هرڻيڪ به رات جو گڏ ڪيل چانور ۽ ٻيون ڪاڌي جون شيون
لگهوپتنڪ لاءِ سندس اچڻ جي وقت تيار ڪري رکندو هو
ننهي جي لاءِ اِئين ڪرڻ لائڪ هو. چو جو:-

"ڏيڻ ۽ وٺڻ، ڳجهيون ڳالهيون ڪرڻ ۽ حال احوال پڇڻ
کائڻ ۽ کارائڻ اهي پريم جون خاص وصفون آهن.

"خاطرداري ڪرڻ کانسواءِ پريت قائم نه رهندي آهي. ديو
تي به جڏهن پرساد چاڙهبو آهي تڏهن سڪا پوري ٿيندي آهي

”ديوتائون به وشواس پيدا ڪرڻ کانسواءِ شترن کي وس
نه ڪري سگهندا آهن. وشواس جو فائدو وٺي اِندر
دتيءَ جي گرڀ کي ڇيري ڇڏيو هو.
”جيڪو پنهنجو وادارو، وڏي عمر ۽ سک چاهي اُنهيءَ
سياڻي ماڻهوءَ کي ديوتائن جي گوروءَ ورهسپتيءَ تي
به وشواس نه ڪرڻ کپي.
”پاڻيءَ جي لهر جئن آهستي آهستي ٻيڙيءَ ۾ گهڙي
کيس ٻوڙي ڇڏيندي آهي تئن تمام سنهي سوراخ مان
اَندر گهڙي دشمن ڪم لاهي ڇڏيندو آهي.
”بي ويساهيءَ تي ته ڪڏهن به ويساه نه ڪجي. جنهن
۾ ڪجهه ويساه هجي اُن تي به گهڻو اعتبار نه ڪجي.
”وشواس مان پيدا ٿيل ڀپ پاڙون پٽي ڇڏيندو آهي.
ويساه نه رکندڙ ڪمزور ماڻهوءَ کي به طاقتور ماري
نه سگهندو آهي پر ويساه ۾ آيل ٻلوان کي به ڪمزو
ماري ڇڏيندو آهي.
”نيتي شاسترن جي ڄاڻيندڙن ٽي سدائنت مقرر ڪيا
آهن. وشڻوگپت جي چوڻ موجب 'ست ڪرم'، پارگ
جي مت موجب 'مترتا وڌائڻ' ۽ برهسپتيءَ جي رائ
موجب 'ڪنهن تي به وشواس نه ڪرڻ'.
”پاڻ سان پريم نه رکندڙ اِستريءَ تي ۽ دشمن وٽ گ
ناڻو جمع ڪري جيڪو اُنهن تي وشواس ٿو ڪ
اُن جو موت اُتي ئي ٿو ٿئي.“
اِهو ٻڌي لگهوپتنڪ لاجواب ٿي پيو. هرڻيڪ
هوشياريءَ، پختائيءَ ۽ نيتي شاستر جي گيان تي کيس
وٺي ويئي. اِنهيءَ ڪري پاڻ دوستيءَ رکڻ لاءِ کيس و
اِيلائي ڪيس چيائين ته ”هي هرڻيڪ، ودوانن جو چوڻ

”عام ماڻهن جي دوستي ڪنهن ڀلائيءَ جي ڪم ڪرڻ سان ٿيندي آهي. جانورن ۽ پکين جي به ڪنهن سبب ڪري مترتا ٿيندي آهي. بيوقوف ڊپ ۽ لالچ جي ڪري دوست ٿي رهندا آهن پر سريشٽ پرشن جي مترتا رڳو درشن ڪرڻ سان ٿيندي آهي.

”کوٽي ماڻهوءَ جي دوستي مٽيءَ جي دلي وانگيان آسانيءَ سان ٽٽي پوندي آهي ۽ وري ڳنڍجي نہ سگهندي آهي پر سٺ پرش جي مترتا سون جي دلي وانگيان ٿيندي آهي جا اڳيئي تہ ٽٽندي ڪانہ، جي ٽٽي بہ تہ آسانيءَ سان ڳنڍجي سگهندي.

”جئن ڪمند جي لٺ پر منڍ کان وٺي پڇڙي تائين هڪ هڪ ڳريءَ پر ميٺاج وڌندو ويندو آهي تئن سٺي ماڻهوءَ جي دوستي بہ ڏينهون پوءِ وڌندي ۽ گهاٽي ٿيندي ويندي آهي پر کوٽي ماڻهوءَ جي مترتا اِن جي اُبتڙ ڀريائين گهاٽي پوءِ گهٽبي ويندي آهي.

”کوٽي ماڻهوءَ جي دوستي صبوح جي ڇانو وانگيان ڀريائين وڌندي پوءِ گهٽبي ويندي. سٺي ماڻهوءَ جي مترتا ٻيهرن جي ڇانو وانگيان ڀريائين ٿوري ٿيندي آهي پوءِ آهستي آهستي وڌندي ويندي آهي.

مان سچائيءَ پر وشواس رکندڙ آهيان. وري بہ ديوتائن جا قسم کڻي مان توکي خاطري ڏيندس.“

هوا وڻ کي هيٺ ڪيرائي ڇڏيندي آهي پر مٿي
نه ڪري سگهندي آهي."

ته "توکي نيتي شاستر جي ڄاڻ ئي ڪانه
ري رائين تو چئين. جو جو چيل آهي ته:-
ماڻهو بيماريءَ ۽ دشمن کي پيدا ٿيڻ تي دفن نٿو
آهي وڏي ڪري مضبوط ٿي انهيءَ ماڻهوءَ
ڪري ڇڏيندا آهن."

يءَ جو پد کسڻ ڪري سنجيوڪ اسان جو
چيل آهي ته:-

دنيا ۾ ڪنهن جو به موروثي حق
ندو آهي اهو سندس سپاويڪ ويري
جيڪا هو محبت جو ورتاءُ به ڪري
ڇڏجي."

"آپيه دان" ڏياري هٿي وٺي
نتريءَ جي عهدي تان هٽائي
چيل آهي ته:-

وارو سريشٽ پرش ڪنهن
رکندو ته اهو ماڻهو
رکي انهيءَ سريشٽ
و آهي. تنهن ڪري

ضرور موت جي منهن ۾ ايندو. موت کان پوءِ ڏن ۾
تہ هاڻيو ئي ويندو."

انهن ڇهن ڏهن ۾ هڪ ڏهن تي دمنڪ اتان هلي سڌو ڪرٽڪ وٽ آيو. ڪرٽڪ
کيس ايندو ڏسي چيو تہ "دمنڪ، اتي وڃي تون ڇا ڪري
آيو آهين؟ دمنڪ چيو تہ "مون اتي راجنيتيءَ جو ٻج ڇٽي
ڇڏيو آهي. ان کان وڌيڪ قدرت کي ئي سڀ ڪجهہ
ڪرڻو آهي.

"قسمت ڪوتي هجڻ تي پنهنجي من کي سالم رکڻ لاءِ
۽ عيبن کي مٽائڻ لاءِ سياڻي ماڻهوءَ کي ڪو نہ ڪو
ڪم ڪندو ئي رهڻ کپي.

"محنتي شير مرد وٽ ئي لڇمي ايندي آهي. 'جيڪي
ڀاڳ ۾ هوندو سو ئي ملندو،' اهو ڪانئرن جو عقيدو ٿيندو
آهي. قسمت تي ڀروسو نہ رک. پنهنجي ڀرپور طاقت
سان محنت ڪر. ڪوشش ڪندي بہ جي ڪاميابي نہ
ملي تہ ان ۾ هرج ڪهڙو آهي؟"

ڪرٽڪ پڇيس تہ "اهو تہ ٻڌاءِ تہ راجنيتيءَ جو ٻج ڪٿي
ڇٽيءِ؟ دمنڪ چيو تہ "مون بناوٽي ڳالهيون ٻڌائي ٻنهي ۾
نفاق وجهايو آهي. تون ٻنهي کي وري هڪ هنڌ ويهي
صلاحون ڪندو نہ ڏسندين." ڪرٽڪ چيو تہ "اڙي، ٻاڻ
محبت ۾ رهندڙ، آنند ۾ وقت گذاريندڙن ٻنهي کي تو ڪروڌ
جي سمنڊ ۾ اڇلائي ڇڏيو آهي. اهو ڀاو ڪم نہ ڪيو اٿيئي.
... جو:-

"پنهنجي برخلافي نہ ڪندڙ ۽ سک سان وقت گذاريندڙ
ماڻهوءَ کي جيڪو ڏکن واري رستي تي گهلي ٿو آڻي،
اهو ماڻهو جنم جنمانتر ۾ بہ ڏکي ٿو گذاري.
جيڪڏهن تون انهن ٻنهي ۾ نفاق وجهڻ ڪري ئي

ڳالهه آهي؟ وري به توکي تسلي ڪرائڻ لاءِ مان ٻڌايانءِ
"توکي ڏسي ڪري جيڪڏهن هو ڳاڙهيون اکيون ڪر
ڀرئون مٿي چاڙهي، چپ هيڏانهن هوڏانهن چوري، جپ
اندر ٻاهر ڪرڻ لڳي ته توکي سمجهڻ کپي ته سندس ٻري
نيت آهي. ٻيءَ حالت ۾ ڪيس خوش سمجهجانءِ. هاڻي مونکي
اجازت ڏي ته پنهنجي ماڳ موٽي وڃان. ڳجهي ڳالهه ظاهر
نه ٿي پوي ان جو خيال رکجانءِ. جيڪڏهن شام تائين نڪري
سگهين ته ملڪ ڇڏي هليو وڃ: ڇو جو:-

"ڪُل لاءِ هڪ کي تياڳ ڪرڻ کپي، ڳوٺ جي لاءِ ڪُل
تياڳ ڪرڻ کپي، پرڳڻي لاءِ ڳوٺ تياڳ ڪرڻ کپي،
پنهنجي لاءِ دنيا تياڳ ڪرڻ کپي.

"ڏکئي وقت لاءِ ڌن بچائي رکجي. پروار کي بچائڻ لاءِ
ڌن خرچي ڇڏڻ گهرجي. پر پنهنجي رکشيا لاءِ ڌن ۽
پروار جي به پرواهه نه ڪجي."

ٻلوان ماڻهوءَ کان ڊڄي رهجي تنهن کان بهتر آهي ته
لڪ ڇڏي هليو وڃجي يا انهيءَ ٻلوان سان ميل ميلاپ ۾
هجي. تنهن ڪري تون به هتان هليو وڃ يا راجنيتيءَ جي
(ميل ميلاپ) وغيره اُپائن سان پنهنجو بچاءُ ڪر: ڇو جو:-

"پروار جي قرباني ڪري به پنهنجو بچاءُ ضرور ڪجي.
ڇو جو حياتي هجڻ تي اهي سڀ وري ماڻهوءَ کي
ملي سگهندا آهن.

"چڱي توڙي مدي ڪنهن به اُپاءَ سان پنهنجي ڪمزور
بدن کي سلامت رکڻ کپي. طاقت اچڻ تي وري سنا
ڪم ڪري پنج وڌائڻ کپن.

جنهن وقت حياتي خطري ۾ هجي اُن وقت جيڪو
ورک بتسي جو ويهي ويچار ڪندو آهي اهو

ڪداچت نہ ڪرڻ کپي، پلي نہ سندس حياتي بہ هلي وڃي."

اِهو ٻڌي ڀِڳوان چيو تہ "اي ڳرڙ تنهنجي ڳالهہ سچي آهي." ڇو جو:-

"نوڪر جي قصور ڪرڻ ڪري جيڪڏهن ڪيس ڪا سزا ملي تہ اُها سزا مالڪ کي ئي ملڻ سمجهڻ گهرجي. ڇو جو سزا ملڻ جي بي عزتي جيتري مالڪ جي ٿي ٿئي، اوتري نوڪر جي نہ."

تنهن ڪري تون هل تہ سمنڊ کان آنا وٺي ٽيٽيهر کي ڏيون ۽ کيس خوش ڪري پوءِ سرڳ ڏي هلون." اهڙيءَ طرح ٻڌي ڪري ڀڳوان سمنڊ کي گهٽ وڌ ڳالهايائين ۽ اگني استر تيار ڪري ڇوڙڻ لڳو تہ "اُڙي گهمنڊي، ٽيٽيهر جا آنا جيڪڏهن هڪدم آڻي نٿو ڏين تہ توکي اِنهيءَ دم ئو سڪائي ڇڏيان." اِهو ٻڌي سمنڊ هڪدم ٽيٽيهر جا آنا موٽايا ۽ ٽيٽيهر آچي پنهنجيءَ زال کي ڏنا.


دمنڪ چيو تہ "اِنهيءَ ڪري مان چوان ٿو تہ "دشمن جي طاقت ڄاڻڻ کانسواءِ جيڪو دشمني جاري رکندو آهي اُن جي اِئين هار ٿيندي آهي جئن سمنڊ جي ٽيٽيهر پکيءَ جي زال کان. تنهن ڪري ماڻهوءَ کي هميشهہ اُدم ڪرڻ کپي."

اِهو ٻڌي سنجيوڪ دمنڪ کان پڇڻ لڳو تہ "اي مٽر، اِها خبر ڪئن پوي تہ پنگلڪ جي مون ڏانهن بري نيت آهي. هيترو وقت تہ هو مونکي برابر پريم ڏيکاريندو رهيو آهي ۽ سندس هميشهہ مونتي ڪرپا درشٽي رهي آهي. مون ڪڏهن بہ سندس رخ ۾ ڦيرو نہ ڏٺو آهي. تنهن ڪري هاڻي تون ٻڌاءِ تہ ڪهڙيءَ تجويز سان مان پنهنجي بچاو ۾ هنجي ٻچاٽي ڪريان؟" دمنڪ چيو تہ "دوست، هن ۾ خبر پوڻ جي ڪهڙي

دوت چيس تہ ”اي گرڙ، ڀڳوان جي تو اڳ ڪڏهن
آهڙي، ڳالهہ ...

Distributor

Ghanshyamdas Bhai KewalRam



Sind Kandiyarewala

Bhai KewalRam

Bhai ManakRam Ajmer

دوت چيس ته ”اي گرڙ، پڳوان جي تو اڳ ڪڏهن اهڙي ڳالهه نه ڪئي آهي. اهو ته ٻڌاءِ ته پڳوان تنهنجو ڪهڙو اپمان ڪيو آهي؟“ گرڙ چيو ته ”سمنڊ، جو پڳوان جو گهر آهي، تنهن اسان جي ٽيٽيهر جا آنا چورايا آهن. تنهن ڪري جيڪڏهن پڳوان سمنڊ کي دٻائي ٽيٽيهر کي آنا نٿو وٺي ڏي ته مان سندس سيوڪ نه آهيان. اهو منهنجو پڪو فيصلو پڳوان کي جلدي وڃي ٻڌاءِ.“

ٻرهم وچان رتل گرڙ جي ڳالهه دوت جي واتان ٻڌي پڳوان ويچار ڪيو ته ”گرڙ جو رسڻ بجاءِ آهي. تنهن ڪري مان پاڻ وٽس وڃي کيس وٺي ايندس. چو جو چيل آهي ته:-

”جيڪو پنهنجو واڌارو چاهي اُنکي کپي ته آگياڪاري، سمرٿ ۽ خانداني نؤڪر جي ڪڏهن به بي عزتي نه ڪري. هن جي هميشهه پٽن وانگيان سنڀال ڪري.

”راجا جيڪڏهن خوش ٿيو ته نؤڪر کي ڪجا بخشيش ڪٽي ڏيندو پر نؤڪر رڳو عزت ملڻ سان پنهنجي جان به ڏيئي راجا جو اُپڪار ڪندو.“

اهو ويچار ڪري پڳوان رڪم پر ۾ جلدئي گرڙ وٽ آيو. ڙ جڏهن ڏٺو ته پڳوان سندس گهر ۾ آيو آهي ته شرم وچان هن هيٺ ڪري پرڻام ڪري چوڻ لڳو ته:- ”پڳوان، سمنڊ هان جو گهر هئڻ سببان، وڏائيءَ ۾ پرجي منهنجي سيوڪ آنا چورائي منهنجي سخت بي عزتي ڪئي آهي. پر توهان جي ا ڪري مان روڪجي پيو آهيان. نه ته مان کيس ڪڏهن سڪائي زمين ڪري ڇڏيان ها. مالڪ جي ڊپ کان س ڪٿي ڪي به نه چيڙيو آهي؛ چو جو:-

”جنهن ڪم ڪرڻ ڪري شرمسار ٿيڻو پوي يا مالڪ جي من ۾ ڏک پيدا ٿئي اهڙو ڪم خانداني نؤڪر ڪ

مطابق هلڻ وارن جو هو مانا پنا آهي.
”ڦل جي آس رکندڙ مالهي جئن ٻوٽن کي سنڀال سان
پاڻي ڏيندو آهي اهڙي طرح ڦل جي چاهنا رکندڙ راجا
کي بہ اِنعامن ڏيڻ ۽ آدرڀاءُ سان پرجا جي پالنا ڪرڻ کپي.
”ٻج جي ننڍن داڻن جي بہ جيڪڏهن ڪوشش سان
سنڀال ڪئي وڃي تہ وقت تي هو ڦل پيدا ڪندا آهن.
اهڙيءَ طرح چڱي طرح سنڀال ڪيل پرجا بہ ڦل ڏيندي آهي.
”راجا وٽ جيڪو بہ اَن، ڌن، هيرا جواهر ۽ طرح طرح جون
سواريون هونديون آهن اهو سڀ پرجا جي پرتاپ ڪري
آهي.“

اِهو ٻڌي پکين جي دکي بہ دکي ٿي جوش ۾ اچي گرڙ
ويچار ڪرڻ لڳو تہ ”هنن پکين جيڪي چيو آهي سو سڀ
صحيح آهي. هاڻي مان جلد وڃي سمنڊ کي سڪايان ٿو.“
هو اُجا اِهو ويچار ڪري ئي رهيو هو تہ اينتري ۾ وشنوءَ جي
دوت ڪيس اچي چيو تہ ”گرڙ مهاراج، وشنو ڀڳوان مونکي تو
وٽ موڪليو آهي. ديوتائن جي ڪم سانگي ڀڳوان کي امراوتي
(سرڳ) ۾ وڃڻو آهي. اِن ڪري تون جلدي هل.“ اِهو ٻڌي
گرڙ اَيمان وچان چيو تہ ”اَڙي دوت، مون جهڙي خسيس
نوڪر کي راجا مان ڪهڙو فائدو آهي؟ اِن ڪري تون وڃي
ڪيس چئہ تہ منهنجي بدران ٻئي ڪنهن کي پنهنجيءَ سواريءَ
لاءِ مقرر ڪري. ڀڳوان کي منهنجو نمسڪار بہ ڏجانءِ چو جو:-
”جنهن جي ڳڻن جي خبر نہ آهي، تنهنجي سياڻي ماڻهوءَ
کي شيوا نہ ڪرڻ کپي. ڪلراٺي زمين ۾ چڱيءَ طرح
هر ڪيڙڻ ڪري بہ اُن مان ڪجهہ بہ پيدا نہ ٿيندو
آهي. ساڳيءَ طرح اُنهيءَ آدميءَ مان بہ ڪو لاڀ نہ
رسندو آهي.“

”اهڙو منتر جنهن جو من مليل هجي، گهوڙن ۽
موافق هلندڙ زال ۽ طاقتور سواميءَ اڳيان پنهنجي
جو حال اورڻ سان ماڻهوءَ جي من کي شانتي م
آهي.“

اِنهيءَ کري اُسان سينهي کي گرڙ وٽ هلڻ گهرجي، ڇو
هو اسان جو سوامي آهي. اِهو فيصلو کري زردن منهن س
اکين مان لڙڪ وهائيندا سڀئي پکي گرڙ وٽ فرياد ڪڻي آ
”وئل ري وئل! توهان جهڙو اسان جو سوامي هجي ۽ ه
ويچاري پکيءَ جو سڄو خاندان برباد ٿي وڃي! تنهن کري
اَڄ هن سان، سڀان ٻين پکين سان، اهڙو اَنڌير ٿيندو رهندو،
تان جو ڪنهن پکيءَ جو نالو نشان به نه رهندو ڇو جو:-
”ڪو ماڻهو ڪوتو ڪم ٿو ڪري ته اُنکي ڏسي ٻيو به
ساڳيءَ طرح ٿو ڪري. دنيا ۾ ماڻهو هڪ ٻئي جو نقل
ڪندا آهن. هنن کي ٻئي جي ڀلائي سڄهندي ئي
ڪانه آهي.

”ٺڳن، چورن، ڪرمين، هاڪن کان پيڙيل ۽ فريبن
۽ چالبازن کان نگيل پرجا جو راجا کي بچاءُ ڪرڻو آهي.
”جيڪو راجا، پرجا جو بچاءُ ڪندو آهي اُنکي پرجا جي
ٻين جو ڇهون حصو ملندو آهي ۽ جيڪو راجا، پرجا
جو بچاءُ نه ڪندو آهي، اُنکي پاپن جو ڇهون حصو
ملندو آهي.“

”پرجا کي پيڙڻ جي آهُنڊ مان پيدا ٿيل باهه، راجا جي
لڇميءَ، خاندان ۽ پراڻن کي ناس ڪرڻ کانسواءِ نه
وسامندي آهي.“

”جنهنکي ڪو مٽ مائٽ نه آهي، اُنجو مائٽ راجا آهي.
جنهنکي اکيون نه آهن اُن جون اکيون به راجا آهي ۽ قانون

ڪنب سوڙو اُهڙيءَ ڪُڏ جي ڀرسان وڃي ٿان ٿان ڪندس
جو اُن کي هو پاڻيءَ جو تلاءُ سمجهي اندر گهڙندو ۽ گهڙڻ
سان ئي ڪُڏ ۾ اِئين ڪري ٻڏندو جو اُتان وري ٻاهر نڪري
نه سگهندو. اِنهيءَ نموني جي رٿا سان اَسان پنهنجي ويريءَ جو
بدلو وٺي سگهنداسين." اِنهيءَ تجويز تي هنن پوري طرح
عمل ڪيو. منجهند جو ويٺا روا مک جي آواز تي هاٿيءَ کي ننڊ
وٺي وئي. ڪاٺ ڪُٽي سنڌس اکيون ڪڍي ورتيون ۽ ڏيڏر
جي ٿان ٿان جي ٻوٿان ويندي هاٿي اُهڙيءَ ته ڪُڏ ۾ وڃي
ڪريو جتان سنڌس لاش نڪرڻ ۾ مشڪل ٿي پيو.
تنهن ڪري مان چوان ٿي ته جهرڪيءَ، ڪاٺ ڪُٽي، مک
۽ ڏيڏر چئني ملي دشمن هاٿيءَ کي ماري ڇڏيو.
ٽيٽيهر چيو ته "اِئين ئي ٿيندو. پنهنجن مٽرن جي مدد
سان مان سمنڊ کي سڪائيندس." اِهو پڪو اِرادو ڪري،
بگهه، سرڻ، مور وغيره پکين کي گڏ ڪري چيائين ته "يارو،
سمنڊ منهنجا آنا چورائي منهنجي سخت بي عزتي ڪئي آهي.
تنهنڪري اُن کي سڪائڻ جي ڪا تجويز سوچيو." اُنهن
سڀني چيو ته "اسين سمنڊ کي ڪيئن سڪائي سگهنداسون؟
اجائي ڪوشش ڪرڻ مان ڪهڙو فائدو؟ چيل آهي ته:-
"جيڪو خسيس آدمي خنڪيءَ ۾ اچي پاڻ کان وڏي
سان جنگ جوٽيندو آهي، اُهو ڏند ڀڳل هاٿيءَ وانگيان
پٺتي موٽي ايندو آهي."
اَسان جو سوامي گرڙ آهي. پنهنجيءَ بي عزتيءَ جو سمورو
حال اُن سان ٿا هلي ڪريون. پنهنجي جاتيءَ جي ماڻهن جي
بي عزتي ڏسي جيڪڏهن ڪيس ڪاوڙ آئي ته هو بدلو وٺي
سگهندو، جيڪڏهن ايمان وچان هو اَسان جي ڳالهه نه ٻڌي
ته ۽ اَسان کي ڏک ڪرڻ جو سبب نه ٿيندو. چيو اٿو:-

تا ھاٿيءَ کي گيندا ريون. ڇهرڪيءَ کي ٻاڻ سان ونئي ڪانٽ ڪنو ويٺا روا مک وٽ آيو ۽ کيس چيائين ته ”ھي ويٺا، ھيءَ ڇهرڪي منهنجي ساھيڙي آھي. ڪنهن دشٽ ھاٿيءَ ھن جا آنا ڀڃي کيس ڏاڍو ڏک رسايو آھي. تنهن ڪري اُن کي مارڻ ۾ مونکي تنهنجي مدد جي درڪار آھي. مک چيس ته ”پيارا، ھن باري ۾ ڪجهه ٻڌڻ جي ڪهڙي ضرورت آھي؟ چو جو:-

”ڀريائين ڪيل ڀلائيءَ جي عيوضي ڏيڻ لاءِ مترن جو ھميشهه سات ڏيو آھي. جي اِئين نه ڪجي ته باقي مترتا جو ناتو ڪئن نباھيو؟“

اِئين سچ آھي. ۾ منهنجو ھڪ متر ميگهناد (جنهنجو آواز بادل وانگيان ھجي) نالي ڏيڏر آھي. اُن کي به سڏي ڪم ۾ شامل تا ڪريون.

”ڀلائي چاھيندڙ، سداچاري، شاسترن جا ڄاڻو، ٻڌيمان ودوان جيڪو اُپاءَ سوچيندا آھن، اُھو ڪڏھن به نشفل نه ٿيندو آھي.“

تيئي ملي ڪري ميگهناد وٽ آيا ۽ کيس سموريءَ حقيقت کان واقف ڪيائون. تنهن تي ڏيڏر کين چيو ته ”جيڪڏھن اَسان جو ٻاڻ ۾ سنگهٺن آھي ته ھاٿي ڪهڙي سَت جهليندو؟ تنهن ڪري توھان منهنجيءَ صلاح تي ھلو.“ مک، تون ٻپهرن جي وقت ھن ھاٿيءَ وٽ وڃي سندس ڪن جي ويجهو ويٺا جهڙو سريلو آواز ڪر جنهن جي اَثر ھيٺ ھن کي ننڊ اَچي وڃي ۽ سندس اکيون بند ٿي وڃن. اُھڙيءَ حالت ۾ ڪانٽ ڪنو پنهنجيءَ چهنب سان سندس ٻنهي اکين ۾ ٽنگ ڪري کيس اَنڌو بڻائي ڇڏي. جڏھن ننڊ مان اُٿندو تڏھن کيس اُڃ دي ۽ پاڻيءَ جي ڳولا ۾ نڪرندو. مان پنهنجي سموري

مان ٻيو ڏک تو حاصل ڪريان. اهڙيءَ طرح اٽي مصيبت
تو پوڳي.

”مري ويل ماڻهو پوت (پريت) تي روئندڙ مٽن مائٽن
جي ڳوڙهن جو پاڻي پيئندو آهي. تنهن ڪري روئڻ
نيڪ نہ آهي، پر مرتيو تيل مٽر جي لاءِ پرلوڪ جو ڪريا
ڪرم ڪرڻ ئي نيڪ آهي.

جهرڪيءَ چيو تہ ”اِئين نيڪ آهي. پر هن دشت هاٿيءَ
منهنجي ٻچن کي ماريو آهي، تنهن ڪري جيڪڏهن تون منهنجو
سچو دوست آهين تہ انهيءَ هاٿيءَ کي ختم ڪرڻ جي تجويز
سوچ جنهن ڪري ٻچن جي مري وڃڻ جو ڏک دور ٿي وڃي.
چيو جو چيل آهي تہ:-

”مصيبت جي وقت جنهن نقصان پهچايو هجي ۽ مشڪلات
پر ڏسي جنهن مخولبازي ڪئي هجي اهڙن ٻنهي قسمن
جي ماڻهن کي جيڪو سيکت تو ڏئي اهو اِئين سمجهي
تہ دنيا ۾ مون وري ٻيو جنم ورتو آهي.

ڪاٺ ڪٽي چيو تہ ”هي ديوي، تنهنجو چوڻ بلڪل
سچ آهي. چيو جو:-

”ٻيءَ ذات جو ٿي ڪري ۽ مشڪلات جي وقت جيڪو
مدد ڪري اهوئي مٽر آهي. شاهوڪاريءَ وقت تہ ماڻهوءَ
جا سڀ مٽر ٿيندا آهن.

”مٽر اهو آهي جيڪو مشڪلات جي وقت ساٿ ڏئي.
پٽ اهو جو آگيا جو پالن ڪري. نوڪر اهو جو ڪم
ڪري ڏيکاري ۽ پتني اها جنهن مان شانتي ملي.

تڏهن تہ پلا هاڻي منهنجي عقل جي ڪيڏ ڏس. **ويٽاروا**
(جنهنجو آواز بين جهڙو هجي) نالي هڪ مک منهنجي
ساهيڙي آهي. مان اُن کي سڏي ٿو اچان. پوءِ ڏس تہ ڪٿن

ئي آهي تہ ہين پکين کي ﻫ ﮔﻬﺮاﺋﻲ دوستن جي مدد وٺي
ڪم ۾ هٿ وجهہ. ڇو جو چيل آهي تہ:-

"خسيس شين جو ڳاڻ ۾ ميلاپ اجيت ٿيندو آهي. ڪکن
جي وٽيل نوڙيءَ سان هاٿي ﺑہ ٻڌجي ويندا آهن.

اهڙيءَ طرح

"جهرڪيءَ، ڪاٺ ڪٽي، مک ۽ ڏيڏر ڇٽني ملي دشمن
هاٿيءَ کي ماري ڇڏيو.

ٽيٽيهر چيو تہ "اهو ڪيئن؟"
ٽيٽيهريءَ چيو تہ "ٻڌ تہ ٻڌايانءِ."

١٥. جهرڪيءَ ۽ هاٿيءَ جي آکاڻي

ڪنهن جهنگل ۾ جهرڪ ۽ جهرڪيءَ جو جوڙو تمال جي
وڻ ۾ آکيرو ٺاهي رهندا هئا. هڪ ڏينهن ڪو مستانو هاٿي
گرميءَ جي ڪري پريشان ٿي تمال وڻ جي ڇانوَ ۾ آچي وينو.
ٿاڌل جي اثر ڪري مستيءَ ۾ آچي هاٿيءَ وڻ جي اها ٽاري سونڊ
سان ڀڃي ڇڏي جنهن تي جهرڪ ۽ جهرڪي رهندا هئا. ٽاريءَ
جي ڀڄڻ سان جهرڪيءَ جا آنا ﺑہ ڀڄي پيا. جهرڪيءَ ڪيئن
ﺑہ ڪري پنهنجي جان بچائي. پر سندس آنا ناس ٿي وڃڻ
تي هوءَ اوڇنگارون ڏيئي روئڻ لڳي. ڪنهن ﺑہ نموني سندس
من کي شانتي نہ ٿي آئي. سندس اهو حال ڏسي سندن
دوست ڪاٺ ڪٽي کيس دلداري ڏيڻ لاءِ چيو تہ اجايو
روئڻ مان ڪهڙو فائدو؟ ڇو جو چيل آهي تہ:-

"سياڻا ماڻهو ڪم ٿي ويل، مئل ۽ گذري ويل شين،
ماڻهن ۽ ڳالهين جو ڏک نہ ڪندا آهن. سياڻي ۽ مورک
۾ اهوئي فرق آهي.

"هن سنسار ۾ ڪنهن ﺑہ پراڻيءَ لاءِ شوڪ نہ ڪرڻ کپي.
جيڪو مورک ان لاءِ شوڪ ٿو ڪري اهو هڪ ڏک

اُن جو اِهو فيصلو ٻڌي اَناڳت وڌاتا ۽ پرتيتپن مٿي پنهنجن ڪنبن کي وٺي هليا ويا. صبوح جو مڇي ڦاسائيندڙن اچي جار وڌي ۽ سڀني تلاءَ کي ولوڙي يد ڀوشيہ سميت سڀني مڇين کي ڦاسايو ۽ تلاءَ ۾ هڪ مڇي به نہ ڇڏيائون.

اِنهيءَ ڪري مان چوان ٿي تہ مصيبت اچڻ کان اڳ اُپاءَ سوچيندڙ ۽ مصيبت اچڻ وقت موقع موجب اُپاءُ ڪرڻ وارو اِنهن ٻنهي قسمن جي ماڻهن کي سک ملندو آهي پر جيڪو ڀاڳ تي ڀروسو رکندو آهي اُن جو ناس ٿيندو آهي.

اِهو ٻڌي ٽيٽيهر چيو تہ "ڇا تون مونکي يد ڀوشيہ وانگيان سمجهي رهي آهين؟ منهنجيءَ ٻڌيءَ جو پرڀاءُ ڏس تہ ڪئن نہ هن دشت سمنڊ کي سڪايان ٿو. ٽيٽيهريءَ چيس تہ "ڪيڏانهن سمنڊ، ڪيڏانهن تون!" ڪئن تون ساڻس جنگ جوٽي سگهندين؟ ڇو جو چيل آهي تہ:-

"ڪمزور ماڻهو جي ڪاوڙ ڪندو تہ کيس ئي تڪليف رسندي. ڪُوري ۾ پچندڙ مٽيءَ جو برتن جئن گرم ٿيندو تئن پنهنجن پاسن کي ئي ساڙيندو آهي. پنهنجي توڙي دشمن جي طاقت جاڻڻ کانسواءِ جيڪو اُبهر وچان حملي لاءِ اڳتي وڌندو تو رهي اُهو اِئين ناس ٿي ويندو آهي [illegible] تي پتنگ."

ٽيٽيهر [illegible] تہ "هي ٻباري، اِئين نہ چئہ. اُتساهہ ۽ همت وارا ننڍا [illegible] نوائيندا آهن. ڇو جو چيل آهي تہ:-

"جو [illegible] طرح دشمن جو مقابلو اُن وقت ڪندو آ[illegible] وقت هو پوري زور سان طاقتور هجي. [illegible] راهو هميشه پورڻماسيءَ جي چندرما کي گرهڻ [illegible] آهي.

[illegible] قد [illegible] پنهنجي لوڏڻ مان هاٿي

ڪري هڪ ڪن ۾ توهان کي هتي رهڻ نه ڏيي. چيو ته:-
”جيڪي ماڻهو مصيبت جي وقت ٻئي هنڌ تڪليف
ڪانسواءِ وڃي سگهن ٿا اهي پنهنجي ڪٽنب ۽ ديس
جو خاتمو نه ڏسندا آهن.“

اِهو ٻڌي برٽينن مٿيءَ چيو ته ”جيڪي تون چئين ٿو
سو مناسب آهي. مونکي اِها ڳالهه منظور آهي. برابر اسان
کي هي هنڌ ڇڏي ٻئي هنڌ هلڻ کپي. چيو ته:-
”پرديس ۾ وڃڻ جي ڊپ کان ڪريبي، هيڄڙا، ڪانئر،
ڪانءَ ۽ هرڻ پنهنجي شهر ۾ ئي مري کپي ويندا آهن.
”جيڪو ماڻهو ڪنهن ۾ ڏورانهين ملڪ ۾ وڃي ٿو سگهي
اهو ماڻ يو ميءَ سان برپر جي ڀهائي پاڻ کي ٿالان والان
نه ڪندو آهي هيءُ منهنجي پيءُ جو کوهه آهي (پوءِ
پلي اُنجو پاڻي کارو هجي) ته ۾ اِهوئي پاڻي پيئندو
آهي. اِها منورتي ڳهرڳهلن ماڻهن جي ٿيندي آهي.

اِهو ٻڌي زور سان کلي پد پوشيه چيو ته ”توهان هي
جيڪي ڳالهايو ٿا اهو نيڪ نه آهي. رڳو مٽيءَ مارڻ وارن
جي ڳالهه ٻڌي پنهنجي آبن ڏاڏن جو هيءُ تلاءُ ڇڏي ڏيڻ
واجب نه آهي. جيڪڏهن اسان جي حياتي پوري ٿي وئي
آهي ته ڪٿي ۾ وڃڻ سان موت نه ڇڏيندو. چيو ته:-
”جنهن جي ڪا ۾ سنڀال نه ٿي ڪئي وڃي پر جي قسمت
سندس سٺي آهي ته هو بچي ٿو پوي. ٻئي جي ڪيتري
۾ پرگهور لهجي پر جي قسمت ڪريل آئس ته ڪنهن ۾
حالت ۾ نه بچندو. ٻن ۾ ڦٽو ڪيل لاوارث ۾ جيئي
سگهي ٿو پر گهر ۾ ڏايا ٻن ڪوشش ۽ علاجن ڪندي
۾ ماڻهو مري ٿو وڃي. تنهن ڪري مان ڪو نه هلندس،
توهان کي جٿن وڻي تئن ڪريو.“

مڇرن جي ڳالهه جيڪر نه ٻڌيندو آهي اهو اِئين ناس
ويندو آهي جئن ڪانيءَ تي چڙهيل ڪڇون.»
«مصيبت اچڻ کان اڳ اُپاءُ سوچيندڙ ۽ مصيبت اچ
وقت موقعي موجب اُپاءُ ڪرڻ وارو اِنهن ٻنهي قسم
جي ماڻهن کي سک ملندو آهي پر جيڪو ڀاڳ تي ڀروس
رکي ويهندو آهي اُن جو ناس ٿيندو آهي.
ٽيٽيهر چيو ته «اِهو ڪئن؟»
ماديءَ چيو ته «ٻڌ ته ٻڌايانءِ.»

١٤. ٽن مڇين جي آکاڻي

ڪنهن تلاءَ ۾ **اَناگت وڌاتا** (مصيبت اچڻ کان اڳ اُپاءُ
سوچيندڙ) **پرتيتپن متي** (مصيبت اچڻ وقت موقع موجب
اُپاءُ سوچڻ وارو) ۽ **يد ڀوشيه** (جيڪو ٿيو سو ڏنو ويندو)
نالي ٽي مڇيون رهنديون هيون. هڪ دفع اُنهيءَ طرف کان
لنگهندي مڇي مارينڌڙن تلاءَ ڏسي چيو ته «اڙي مڇين
سان ڀريل هي تلاءُ ته اسان ڏٺو ئي ڪونه آهي. اَڄ ته قوت
گذران ٿيو آهي ۽ شام به ٿي ويئي آهي تنهن ڪري سڀاڻي
صبوح جو هتي اينداسين.»
اَناگت وڌاتا جڏهن اِهي لفظ ٻڌا تڏهن ڇڻ ته مٿانس
بجلي ڪري پئي. هن سڀني مڇين کي مٿينءَ مصيبت کان
آگاهه ڪيو ۽ سڀني کي صلاح ڏنائين ته ٻي ڪنهن تلاءَ ۾ هليا
هلو. چيو جو:-
«ڪمزور ماڻهوءَ کي ڪپي ته طاقت واري دشمن کان
هميشه ڪنارو ڪري يا ڀاڻ کي قلعي ۾ بند رکي. اِنهيءَ
کانسواءِ هنجو ٻيو ڪو چارو نه آهي.»
صبوح جو سوير اچي ضرور مڇيون مارينڌڙ مڇين کي
ارينڊا. اِنهيءَ ڳالهه جي مون خاطري ڪئي آهي. اِنهيءَ

ي هنسن کيس چيو ته ”هي متر، هن تلاءَ ۾ ته رڳو گپ ي بچي آهي. تنهنجو آخر ڪهڙو حال ٿيندو اِنهيءَ جي ان کي ڏاڍي چنتا آهي.“ اِهو ٻڌي ڪمبوڳريو چيو ته پاڻيءَ کانسواءِ منهنجيءَ دل ۾ ڏڪڙو اچي پيدا ٿيو آهي. تنهن ڪري ڪوئي اُپاءُ سوچيو. ڇو جو چيل آهي ته:-

”دک جي وقت ۾ ڌيرج ڇڏڻ نه گهرجي ڇو جو ڌيرج ڪرڻ سان ڪو نه ڪو بچاءَ جو رستو نڪري ايندو آهي. سمنڊ ۾ جهاز جي ڀڄي پوڻ تي مسافر تري ڪري به پاڻ بچائڻ چاهيندا آهن.

”منو مهاراج به اِئين چيو آهي ته مصيبت پيدا ٿيڻ تي سياڻي ماڻهوءَ کي کپي ته پنهنجي مٽن مائٽن ۽ مترن جي بچاءَ لاءِ ڪوشش ڪندو رهي.

تنهن ڪري پهريائين ڀرپور پاڻيءَ واري تلاءَ جي ڳولا ڪريو. پوءِ ڪا مضبوط ڪاني کڻي اچو. اُن کي ٻنهي پڇاڙين کان توهان ٻئي پنهنجي وات ۾ جهلجو ۽ مان ڪانيءَ کي وچمان ڏندن سان پڪڙيندس. توهان ٻئي اُڏامندا مونکي اُنهيءَ تلاءَ تي وٺي هلجو. هنن چيو ته ”اَسين اِئين ڪنداسين، پر تون متان رستي تي ڳالهائين. جي اِئين ڪئين ته هيٺ ڪري پوندين.“ اهڙيءَ طرح اِنتظام ڪري آسمان ۾ اُڏامندي ڪمبوڳريو هيٺ ڪو شهر ڏٺو جتي ماڻهو گڏ ٿيا بيٺا هئا ۽ عجب مان مٿي نهاري چئي رهيا هئا ته ”اڙي هي پکي ڦيٿي وانگيان ڪا گول شيءِ کڻي پيا وڃن؛ ڏسو، ڏسو.“ اُنهن جو گوڙ ڏسي ڪمبوڳريو چيو ته ”اڙي هي گوڙ ڇا جو آهي؟“ اَڃا اِهو جملو پورو به نه ڪيائين ته ڪمبوڳريو اچي هيٺ ڪريو جتي ماڻهن کيس ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيو.

تنهن ڪري مان چوان ٿي ته ”هن دنيا ۾ ڀلائي چاهيندڙ

"آسمان جي ڪري پوڻ جي ڊپ کان ٽيٽهر پنهنجون
ٽنگون مٿي ڪري سمهندو آهي. پنهنجي دل ۾ سوچيل
خيالي گهمنڊ ڪنهن کي نه ٿيندو آهي؟

تنهن ڪري تماشي ڏسڻ جي خيال وچان ٿي هن جي طاقت جي آزمائش ونجي. جيڪڏهن هن جا آنا وهڪري ۾ ڪٽي وڃان ته هي ڇا ڪري سگهندو؟" سمنڊ من ۾ ائين ويچار ڪرڻ لڳو. آنن لاهڻ ڪانپوءِ ٽٽيٽي پکي نر ۽ ماد چوڳو چڳڻ لاءِ ٻاهر نڪتا ته سمنڊ هڪ ئي ڇوليءَ سان آنا پاڻ ڏانهن گهلي ورتا. ٽيٽيهري موٽي اچي پنهنجي آنن واري جاءِ خالي ڏسي ٽيٽيهر کي روئندي چيو ته "اڙي مورک، مون توکي پهريائين چيو ته سمنڊ جي وير ۾ آسان جا آنا گهلجي ويندا. تنهن ڪري ڪٿي پريرو هلي ديرو دمايون. پر بيوقوفيءَ جي خمار ۾ تو منهنجي ڳالهه ٻڌي اڻٻڌي ڪري ڇڏي. چيو جو چيل آهي ته:-

"هيءُ دنيا ۾ ڀلائي چاهيندڙ مترن جي ڳالهه جيڪو نه
مڃيندو آهي اهو ائين ناس ٿي ويندو آهي، جئن ڪاٺيءَ
تي چڙهيل ڪڇون."

ٽيٽهر چيو ته "اهو ڪئن؟"

ماديءَ چيو ته "ٻڌ ته ٻڌايانءِ."

١٣. ڪاٺيءَ تان ڪريل ڪڇون جي آکاڻي

... ڪمبوگريو (سنک وانگر مڙيل ڳچيءَ وارو)
... رهندو هو. هن جا سنڪٽ ۽ وڪٽ نالي
... هنس ساٿس گهڻن ئي ڏينهن
... ڪري شام جو پنهنجي آکيڙي ڏانهن
... ڪانپوءِ برسات نه پوڻ ڪري
... جي اڻاندڙ تڪليف جو خيال ڪري،

چيو تہ ”هي سمنڊ جو هنڌ ڏاڍو سندر آهي. هتي ٿي تون
نا لاهج.“ ماديءَ چيو تہ ”پورڻماسيءَ ڏينهن هتي اُهڙي
، وير چڙهندي آهي جا وڏن وڏن هاٿين کي بہ گهلي ويندي
آهي. تنهن ڪري هتان پريرو ڪو ماڳ ڳولهي اچ.“ اِهو ٻڌي
ٽيٽيهر ڪلي چيو تہ ”تون جيڪي چئين ٿي سو ٺيڪ نہ آهي.
سمنڊ کي ڪهڙي مجال آهي جو منهنجن ٻچن کي نقصان
پهچائي. چيو جو چيل آهي تہ:-

”پکين جي رستي کي روڪڻ واريءَ خوفناڪ باهہ جنهن
۾ دونهون ڪونہ آهي اُن ۾ ڪهڙو مورکہ پنهنجي خوشيءَ
سان پير ڏيندو؟

”متوالن هاٿين جون لوندڙيون ڦاڙي تہ پيچڻ لاءِ سمهندڙ
شينهن کي اُهوئي جاڳائيندو جو يمراج وانگيان ڏيکاري ڏيندڙ
جي مرضي هوندي.

جنهن کي ڀرلوڪ ۾ وڃڻ جي مرضي هوندي.
”اُهڙو ڪهڙو بي خوف ماڻهو آهي جو يمراج وٽ وڃي
کيس چوي تہ ’تو ۾ مڙسي هجي تہ منهنجي حياتي تہ
وٺي ڏيکار!‘

”سياري جي منڊ ۾ ڪوهيڙي سان گڏ ثمار ٿڌي هوا
لڳندي هجي، اُن وقت نقصان ۽ فائدي کي ڄاڻندڙ
ڪهڙو ماڻهو ٿڌي پاڻيءَ سان پاڻ کي ٿڌ کان بچائيندو؟“
اِنهيءَ ڪري بنا ڪنهن شڪ جي تون پنهنجا آنا هتي

لاهہ. چيو جو:-
”جيڪو آدمي هار قبول ڪري پنهنجي رهڻ جي جاءِ
ڇڏي تو ڏي، اُن جي ماءُ کي بہ پٽن واري چئجي
تہ وانجهہ، ڪنهن کي سڏبو؟“

اِهو ٻڌي سمنڊ دل ۾ خيال ڪرڻ لڳو تہ هن جيتامڙي
کي ڪيترو نہ آهنڪار آهي؟ اِئين ٺيڪ چيل آهي تہ:-

ڪرڻ ڪري، پوتر تيرٿن ۽ آشرمن ۾ رهڻ ڪري، چانڊارڻ
جهڙا ورت رکڻ ڪري جيڪو اُتم ڦل پراپت ٿيندو
آهي، اهو ڦل جنگ ۾ مرڻ سان بهادرن کي اُنهيءَ دم
ملندو آهي."

اِهو ٻڌي دمنڪ ويچار ڪرڻ لڳو ته "هي دشت ته
ڏوٻدو وڙهڻ لاءِ تيار ٿو معلوم ٿئي. متان پنهنجن تکن سڱن
سان پنگلڪ تي حملو ڪري وجهي ته ڏاڍي مصيبت جاڳي
پوندي. تنهن ڪري هڪ دفعو وري به مان ڪيس سمجهايان ٿو
جئن هو مالڪ ڇڏي هليو وڃي." اِهو خيال ڪري دمنڪ کيس
چيو ته "دوست، تون جيڪي چئين ٿو سو سڀ صحيح آهي،
پر مالڪ ۽ نوڪر جي وچ ۾ ڪا جنگ جڳائي؟ چو جو چيل
آهي ته:-

"ٻلوان دشمن کي ڏسي ڪمزور کي لڪي وڃڻ کپي پر
ڪمزور دشمن کي ڏسي ٻلوان کي اِئين ظاهر ٿيڻ گهرجي
جئن سرءَ جي مند ۾ چندرما.

"دشمن جي طاقت ڄاڻڻ کانسواءِ جيڪو دشمني جاري
رکندو آهي اُن جي اِئين هار ٿيندي آهي جئن سمنڊ
جي ٽيٽيهر پکيءَ جي زال کان."

سنجيوڪ چيو ته "اِهو ڪئن؟"
دمنڪ چيو ته "ٻڌ ته ٻڌايانءِ."

١٢. ٽيٽيهر ۽ سمنڊ جي آکاڻي

ڪنهن هنڌ سمنڊ جي ڪناري تي ٽيٽيهر پکيءَ جو جوڙو
رهندو هو. وقت پائي مادي پيرين ڀاري ٿي. ويم جو وقت
ويجهو ڏسي هن پنهنجي مڙس کي چيو ته "هي پيارا، منهنجي
ويم جو وقت ويجهو اچي رهيو آهي تنهن ڪري اهڙو ڪو
بي جوکائتو هنڌ ڳولهه جتي مان آنا لاهي سگهان." ٽيٽيهر

لون منهنجو دوست آهين، تنهن ڪري آءٌ توکان پڇان
ته مونکي ڇا ڪرڻ کپي.
دمنڪ چيس ته "توکي ٻئي ڪنهن ملڪ ۾ هلي وڃڻ گهرجي.
اهڙي ڪميڻي مالڪ جي سيوا ڪرڻ نه کپي. ڇو جو-
"اَيماني، چڱي مندي ۾ تفاوت نه رکندڙ ۽ خراب رستي
تي هلندڙ گُروءَ کي به ڇڏي ڏجي."
سنجيوڪ چيو ته "اِئين برابر آهي، پر سواميءَ جي ڪاوڙجڻ
جي ڪري منهنجي جيءَ کي شانتي نه ٿي سگهندي. ڇو جو-
ٻئي ديس ۾ به شانتيءَ سان رهي نه سگهبو. ڇو جو-
"ڪنهن وڏي ماڻهوءَ جو ڏوهه ڪري ماڻهو پري هليو
وڃي ۽ سمجهي ته مان پري آهيان تنهن ڪري مونکي
ڪجهه نه ٿيندو، اِئين سمجهڻ چوڪ آهي. ٻڌيمان جون
ٻانهون ڊگهيون ٿينديون آهن. اُن جا هٿ ڪٿي به
پهچي برائيءَ ڪندڙ کان بدلو وٺي ٿا سگهن."
تنهن ڪري دوبدو وڙهڻ کانسواءِ منهنجي لاءِ ٻيو ڪو
چارو نه آهي.
"ڏيرج ۽ چرتر وارو ماڻهو جنگ ۾ مرڻ سان هڪ ڪن ۾
اُنهيءَ لوڪ کي پراپت ٿو ڪري جنهن تيرٿ، دان ۽ جپ
۽ تپسيا ڪرڻ وارا به پهچي نه ٿا سگهن.
"بهادر جوڌن لاءِ هي ٻئي گڻ اُتم آهن. جي هُو جنگ
۾ مارجي وڃن ته اُتم گتيءَ کي پراپت ٿا ڪن ۽ جي
جيئرا رهن ته جس جا ڀاڳي ٿا ٿين.
"لڙائيءَ ۾ وڙهندي جنهن بهادر جي مٿي تان خون وهي
سندس وات ۾ اَچي ٿو پوي اهو جڻ ته يڳ روپي يگيه
۾ سوم ٻوٽيءَ جي رس ٿو پئي جنهنجو ڏاڍو اُتم ڦل آهي.
"هوم، دان پڄ ۽ اُتم براهمڻن جي پوڄا ۽ وڏا وڏا يگيه

”جنهن راجا جا پوئلڳ ڪني سياءُ وارا آهن، انهيءَ مان پرجا ڪڏهن به سک حاصل نه ڪندي، جهڙيءَ طرح ڳجهن ڪان گهيرو ڪيل راڄ هنس آڪاس ۾ اڏامي ويندو آهي.

”راجا جيڪڏهن ڳجهه وانگيان هجي پر سندس پوئلڳ هنس وانگيان هجن ته انهيءَ راجا وٽ رهڻ ۾ خطرو نه آهي، پر راجا هجي هنس وانگيان ۽ سندس پوئلڳ هجن ڳجهن وانگيان ته اُن وٽ رهڻ نيڪ نه آهي.“

انهيءَ ۾ ڪو شڪ نه آهي ته دشمن منهنجي برخلاف بنگاڪ جا ڪن پريا آهن جنهن ڪري هو ائين ٿو چوي. چيو جو چيل آهي ته:-

”نرم پاڻيءَ جي ڦڙي ڦڙي ڪرڻ سان جابلو زمين به گسي ويندي آهي. پوءِ چغل خورن جي ڪنن پرڻ تي ماڻهوءَ جي ڪهڙي ڳالهه ڪجي!

”ڪنن ۾ چغلين جي زهر پرجي وڃڻ ڪري جوش ڏياريل ماڻهو ڪهڙو بيوقوفيءَ جو ڪم نه ٿو ڪري؟ اهو سنياسي ٿالو به ٿي ويندو ۽ ماڻهوءَ جي ڪوپرائيءَ ۾ شراب وجهي به پيئندو.

”ناڻگ کي ڪري ڪير بيرن هيٺان لتاڙي يا ڏنبي سان ماري پر جنهن کي هو ڏنگ هڻي ڇهندو اهوئي مرندو، پر چغل خور جي مارڻ جو نمونو عجيب آهي. هو ڪن ۾ ڦوڪ هڻڪ کي ڏنبندو ته مري وڃان ٻيو ويندو.

”ناڻگ ۽ چغل خور جي مارڻ جو نمونو نرالو آهي. ناڻگ جنهنکي ڏنگ هڻندو اهو مرندو، پر چغل خور ڪن ۾ ڦوڪ هڻڪ کي ڏنبندو ته مرندو وڃان اُتي ٻيو ماڻهو.“

اِهو ٻڌي ڪري اُٺ سوچڻ لڳو تہ ”هنن سڀني سواميءَ
کي مٺيون مٺيون ڳالهيون چيون ۽ سواميءَ انهن مان هڪ کي
بہ نہ ماريو آهي. تنهن ڪري مان بہ چوان نہ موقعي جي ڳالهہ
چوان جنهن کي هي ٽيئي ٽيڪو ڏيندا. اِهو ويچار ڪري
هن چيو تہ ”هي چيتا، تو ٺيڪ چيو آهي پر تنهنجي ڀيرن ۾ بہ
نہ چنبا آهن. پوءِ تو کي سوامي ڪيئن کائيندو؟ چيو اٿو:-
”جيڪو پنهنجي ذات وارن جي نقصان جو من ۾ بہ
خيال ڪندو آهي، اُن جو هي لوڪ ۽ پرلوڪ ٻئي بگڙي
ويندا آهن.

تنهن ڪري تون اِتان پري ٿيءُ تہ مان سواميءَ کي کڄهہ
چوان.“ اِئين چئي اُٺ اڳيان وڌيو ۽ سامهون بيهي پرڻام
ڪري چوڻ لڳو تہ ”هي سوامي، هي سڀئي توهان جي
کائڻ لائق نہ آهن. تنهن ڪري مونکي ماري پنهنجي جان
بچايو جنهن ڪري منهنجا ٻئي لوڪ سڦلا ٿين. چيو اٿو چيل
آهي تہ:-

”سواميءَ جي واسطي حياتي ڏيندڙن نوڪرن کي جيڪو
پرم پد حاصل ٿيندو آهي سو يگيہ ڪندڙن ۽ وڏن
رشين منين کي بہ نہ ملندو آهي.“

هو اِجا اِئين چئي ٿي رهيو هو تہ گدڙ ۽ چيتي ٻنهي
گڏجي سندس ٻئي پاسيريون چيري ڇڏيون ۽ هو پرلوڪ
پڌاريو. پوءِ اُنهن معمولي حيثيت وارن جانورن کيس کائي
ڇڏيو. تنهن ڪري مان چوان ٿو تہ:-

”چالبازيءَ سان پنهنجو پيٽ ڀرڻ وارا معمولي حيثيت
رکندڙ جوڳہ اُچوڳہ ڪم جو خيال ئي نہ ڪندا آهن.“

هي پيارا، مان سمجهان ٿو تہ پنگلڪ جا پوئلڳہ بہ معمولي
حيثيت وارا آهن. چيو اٿو چيل آهي تہ:-

۽ چيائين ته "هي سوامي، مونکي کائي پنهنجي جان بچايو ۽
هي لوڪ ۽ پرلوڪ سڦلو ڪرڻ ڏيو. چيو جو چيل آهي ته:-

"ڌن سان خريد ڪيل نوڪر جي حياتي هميشه مالڪ
جي هٿ ۾ آهي. انهيءَ ڪري جيڪڏهن ڪيس جان
کان ماري وجهي ته ڪيس ڪو پاپ نه لڳندو."

اهو ٻڌي چيتي چيو ته "تو جيڪي چيو سو برابر آهي
پر تون به ته ڪتي جو ذات پائي آهين. ڇاڪاڻ ته توکي
چنبا آهن تنهن ڪري تنهنجو ماس کائڻ به روا نه آهي. چيو
جو چيل آهي ته:-

"پراڻ پلي ڪنٺ ۾ اچي وڃن پر ٻڌ يمان کي اهڙي
شاسترن ۾ منع ڪيل شيءِ واپرائڻ نه کپي جا هي لوڪ
۽ پرلوڪ ٻئي هٿن کان وڃائي. خاص ڪري نه کائڻ
جهڙيءَ نندي شيءِ جو ته استعمال ڪرڻ نه جڳائي.

تو پنهنجي خانداني ڏيکاري، اهو نيڪ چيل آهي ته
اجا خانداني ماڻهن کي پاڻ وٽ رهائي. انهيءَ ڪري ئي
پس شروع ۾، وچ ۾ توڙي پڇاڙيءَ ۾ دوکو نه ملندو. تنهن
ڪري تون هاڻي پري ٿيءُ جئن مان مالڪ کي ڪجهه نويدن
ڪريان." گدڙ جي پري ٿيڻ تي چيتي مدوتڪت کي پرڻام
ڪري چيو ته "منهنجي جان وڃي توهان پنهنجي سرير جو
ڇاءُ ڪريو. مونکي هميشه لاءِ سرڳ ۾ واس ڪرايو ۽ هن
تويءَ تي منهنجو جس ڦهلايو. انهيءَ باري ۾ توهان کي
عجب ڪرڻ نه کپي. چيو جو:-

"سواميءَ جي موافق هلت ڪندي يا سوامي جي سيوا
۾ جن سيوڪن جي جان هلي ويندي آهي انهن کي
هميشه لاءِ سرڳ ۾ واس ملندو آهي ۽ هن پرٿويءَ تي
سندن جس ڦهلجي ويندو آهي."

ڪي ڀاڻ قربان ڪرڻ کپي. اهڙيءَ طرح اُني مالڪ جي قرض
کان آجو ٿيو. ڇو جو چيل آهي ته:-

”نوڪر جي جيئندي ۽ ڏسندي جيڪڏهن مالڪ مصيبت
جو شڪار ٿئي ته اهو نوڪر نرڪ ۾ ويندو آهي.“

اِن ڪانپوءِ اُهي سيئي مدوتڪت کي پرڻام ڪري اُٿين
۽ ڀاڻي آڻي سندس پرسان اچي ويٺا. اُنهن کي ڏسي مدوتڪت
چيو ته ”اڙي، توهان کي ڪو جانور هٿ لڳو يا نظر چڙهيو؟“
تڏهن اُنهن منجهان ڀريائين ڪانءَ چيو ته ”سوامي، سيني
هنڌ اسان ڏاڍي ڳولا ڪئي آهي پر ڪو به جانور اچا نظر نه
آيو آهي. تنهن ڪري توهان مونکي کائي پنهنجي جان بچايو.
اِئين ڪرڻ سان توهان کي آرام ملندو ۽ مون کي سرڳ پراپت
ٿيندو. ڇو جو چيل آهي ته:-

”جيڪو نوڪر صداقت سان پنهنجي مالڪ لاءِ پنهنجي
حياتي ٿو ڏئي، اُن کي اهڙو پرم پد ملندو آهي جتي
پيدائش ۽ موت نه ٿيندا آهن.“

اِهو ٻڌي گدڙ چيو ته ”توکي کائڻ سان هڪ ته سواميءَ
جو پيٽ نه ڀربو ۽ دوش جو ڀاڳي به ٿيندو. ڇو جو چيل
آهي ته:-

”ڪانءَ جو ٿوري وزن وارو نستو ماس ۽ ڪتي جي
جوٺي شيءِ کائڻ مان ڪهڙو فائدو جنهن مان پيٽ اُني
نه ڀربو؟“

پر تو پنهنجي وفاداري ڏيکاري تنهن ڪري سواميءَ جو
هيترو وقت تنهنجي پرورش ڪئي آهي اُنهيءَ قرض کان
تون آجو ٿئين ۽ هن لوڪ ۽ پرلوڪ ۾ تون جس جو ڀاڳي
ٿيندين. هاڻي تون پري ٿيءُ ته مان سواميءَ کي وينتي ڪريان.
ڪانءَ جي پري ٿي ويهڻ تي گدڙ هٿ جوڙي اڳيان ٿي ويٺو

ڏڪار هجي. جي وري اِها ڳالهه چئي اُٿيو ته اُنهيءَ دم
تنهنجو ساهه ڪڍي ڇڏيندس. جو جو مون کيس 'اُپيه دان'
ڏنو آهي. مان کيس ڪيئن ماري سگهندس؟ ڇو جو:-

”وِدوان ماڻهو هن دنيا ۾ اُپيه دان کي ٻين سڀ کان اُتم
دان سمجهندا آهن. ڳئو جو دان، زمين جو دان توڙي
اَن جو دان اُن کان گهڻو گهٽ آهن.“

اِن تي گدڙ چيو ته ”سوامي، اُپيه دان ڏيڻ ڪنهن کي ٻانڀڻ مارڻ برابر مهاپاپ آهي پر جيڪڏهن هو پاڻيهي پنهنجو سرير سواميءَ جي چرڻن ۾ اَرپڻ ڪري ته اِهو ته ڪو پاپ نه آهي. تنهن ڪري جيڪڏهن هو پاڻيهي اَهڙي آڇ ڪري ته پوءِ کيس مارڻ ۾ توهان کي اعتراض نه هئڻ گهرجي. نه ته اَسان مان ڪنهن هڪ کي ماريو ڇو جو هن ڪمزوريءَ جي حالت ۾ توهان کي کاڌي جي سخت ضرورت آهي. ٻيءَ حالت ۾ توهان جي جان کي جوکو آهي. اَسان جي خسيس حياتيءَ جو ڪهڙو ملهه آهي جو سواميءَ جي صدقي نه ڏئي ڇڏيون؟ جيڪڏهن توهان جي ڪجهه برائي ٿي ته اَسان به توهان کان پوءِ آتم گهات ڪنداسين. ڇو جو:-

”ڪٽنب ۾ جيڪو خاص مکيه ماڻهو هجي اُنجو سڀ
ڪنهن نموني بچاءُ ڪجي. مکيه ماڻهوءَ جي ناس ٿيڻ
تي سارو ڪل به ناس ٿي ويندو آهي جيئن سرائيءَ جي
ڀڃي پوڻ تي رڳو آرا ڳاڌيءَ جو بار جهلي نه سگهندا آهن.“

اِهو ٻڌي مدوتڪٽ چيو ته ”تڏهن ته جيئن توهان کي وڻي تيئن ڪريو.“ اِهو ٻڌي گدڙ ٻين نوڪرن وٽ وڃي کين چيائين ته ”اَسان جو سوامي مدوتڪٽ سخت بيمار آهي. توهان هتي ٻيا ٽا چڪر ڏيو. هن کان سواءِ اَسان جي ڪير سنڀال ڪندو؟ تنهن ڪري، مالڪ جي حياتي بچائڻ لاءِ اَسان...

تازا ساوا گاهه کائي فرحت سان منهنجي پرسان رهه." "توهان جي مهرباني" اُٺ اِئين چيو ۽ سيني جي وچ مزي سان وقت گذارڻ لڳو.

هڪ ڏينهن مدوڪٽ جي هڪ جهنگلي هاٿيءَ سان لڙائي ٿي. جنهن ۾ هاٿيءَ جا ڏند کيس بدن ۾ چڀي ويا ۽ ڏاڍو گهائل ٿي پيو پر مري نه ويو. سرير اهڙو ڪمزور ٿي ويس جو هڪ پير به چري نه ٿي سگهيو. ڪانءَ ۽ ٻيا نوڪر مالڪ جي ڪمزوريءَ سبب شڪار نه ملڻ ڪري بک ۾ پاهه ٿيڻ لڳا. اِنهيءَ تي شينهن کين چيو ته "اهڙو ڪو جانور ڳولهي اچو جنهن کي هن حالت ۾ به ماري سگهان ۽ توهان کي کاڌو ملي سگهي."

سيئي چئني طرفن ۾ جاچ جوچ ڪرڻ لڳا پر کين اهڙو ڪو به جانور نظر نه آيو. اِنهيءَ تي ڪانءَ ۽ گدڙ پاڻ ۾ صلاح ڪرڻ لڳا. گدڙ چيو ته "اڙي ڪانءَ، هن بک بوڙ مان ڪهڙو فائدو؟ هيءُ اُٺ پڻ ڪهڙي وقت ڪم اچي سگهندو؟ هن کي حلال ڪرڻ جو هيءُ ئي وقت آهي." ڪانءَ چيس ته "چئين ته برابر ٿو پر مالڪ کيس اَڀيه دان ڏنو آهي تنهن ڪري شايد کيس نه به ماري." گدڙ چيو ته "مان شينهن کي اَهڙو ته پاٺ ٿو پڙهايان جنهن هو کيس ماري ڇڏيندو. توهان تيستائين هتي ترس جيستائين مان مالڪ جو حڪم وٺي اچان." اِئين چئي هو جلدي شينهن وٽ ويو ۽ کيس چيائين ته "سوامي، اسان سڀ جهنگ رلي پئي آيا آهيون پر اَهڙي قسم جو جانور نه ٿو ملي. هاڻي اسين ڇا ڪريون؟ بک ڏاڍو ستائي رهي آهي ۽ اسين هڪ قدم به گهمي نٿا سگهون. توهان کي به ڪيترن ڏينهن کان اُپواس آهي. هاڻي جيڪڏهن توهان جي آگيا هجي ته اُٺ جي ماس سان ئي اَڄ پوڄن جو پربند ڪريون." اِهو ٻڌي شينهن ڪاوڙ مان کيس چيو ته "اڙي پاپي، توکي

”چالبازيءَ سان پيٽ ڀرڻ وارا معمولي حيثيت رکندڙ جوڳي ۽ اجوڳي ڪم جو خيال ئي نه ڪندا آهن جيئن اُن جي ٻاري ۾ ڪانءَ ۽ ٻين ڪيو.

دمنڪ چيو ته ”اهو ڪيئن؟“

سنجيوڪ چيو ته ”ٻڌ ته ٻڌايانءِ.“

١١. شينهن، اُٺ، گدڙ ۽ ڪانءَ جي آکاڻي

ڪنهن ٻن ۾ مدوتڪٽ نالي شينهن رهندو هو. چيتو، ڪانءُ، گدڙ ۽ ٻيا جانور سندس نوڪريءَ ۾ هئا. اُنهن هڪ دفعي هڪ اُٺ ڏٺو جو پنهنجي قافلي کان جدا ٿي ويو هو. اِنهيءَ تي شينهن چيو ته ”اَڙي، هيءُ ته ڪو عجيب جانور آهي. توهان خبر لهي اچو ته هي شهري آهي يا جهنگلي.“ اِهو ٻڌي ڪانءَ چيو ته ”سوامي، هي ته ڳوٺن ۾ رهندڙ جانور آهي. ڪيس اُٺ ڪري سڏيندا آهن. هي ته توهان کي کاڌي جو ڪم ڏيندو، تنهن ڪري ڪيس حلال ڪيو.“ شينهن چيو ته ”جيڪو منهنجي گهر ۾ پيهي اچي، اُن کي مان نه ماريندس. چيو جو:-

”ويساهه رکي يا ٻنا ڊپ جي گهر ۾ گهري ايندڙ دشمن کي به جيڪو ماريندو آهي اُن کي برهم هتيا جو پاپ لڳندو آهي.“

تنهن ڪري توهان ڪيس ’اڀيه دان‘ ڏيئي مون وٽ وٺي اچو ته ڪانئس سمورو حال احوال پڇان.“ اِن تي اهي سڀ اُن وٽ ويا ۽ ڪيس سڀ ڪنهن قسم جي خاطري ڏئي شينهن وٽ وٺي آيس. اُٺ به شينهن کي پرڻام ڪري ويهي رهيو. شينهن جي پڇڻ تي هن قافلي کان جدا ٿيڻ جو سمورو احوال ڪيس ڪري ٻڌايو. تنهن تي شينهن ڪيس چيو ته ”تون هاڻي ڳوٺ ۾ وڃي وري بار ڍوئڻ جي تڪليف نه ڪر. هن جهنگ

ڪري مال ميڙڻ کان بس پلي آهي.
مون هن پنگلڪ سان دوستيءَ جو ناتو ڳنڍيو اهو ڪم [illegible]ڪ نه هو. ڇو جو:-

"دوستي ۽ شادي اُنهن ٻن جي وچ ۾ ٺهڪندي آهي جنهن جو خاندان ۽ ڌن دولت هڪ ڪريءَ جا هوندا آهن. ٻلوان ۽ ڪمزور جي وچ ۾ اهي ڳالهيون جٽادار نه ٿينديون آهن.

"هرڻ هرڻن سان، ڍڳا ڍڳن سان، گهوڙا گهوڙن سان، مورک مورکن سان ۽ سياڻا سياڻن سان دوستي ڳنڍيندا آهن. جنهن جي هلت چلت ۽ عادتون هڪ جهڙيون هونديون آهن اُنهن جي ئي دوستي ٿي سگهندي."

[illegible]ڪ اچي وچ ۾ پنگلڪ کي خوش ڪرڻ جي ڪوشش [illegible] اهو سڀ بيڪار ٿيندو. ڇو جو:-

[illegible] ڪو ڪنهن سبب جي ڪري ڪاوڙ ڪندو [illegible] سبب نه هجڻ تي هو خوش ٿيندو آهي. [illegible] دشمني رکڻ تو چاهي اُن کي [illegible] سگهبو؟

[illegible] آهي [illegible]

"[illegible]، برائڪاري، هميشه ٻين جي ڀلائيءَ لاءِ ڪوشش ڪندڙ، چاڪريءَ جي سمورن رازن کي ڄاڻندڙ، [illegible] کان ڊڄي ڪنهن راجا جي نوڪر کي پنهنجي [illegible] ڪاميابي ملي [illegible] نه [illegible] ڪم ڪندي ڪانئس ڪا [illegible] ئي [illegible] سندس موت هڪيو تڪيو [illegible] آهي. [illegible] سمنڊ جي مسافريءَ وانگيان راجا [illegible] سوار [illegible] آهي.

"[illegible] سڀ ٻاونا سان ڀلائي به ڪندو

اِنهيءَ تي ڪانوَن جي هن مونکي چيو تہ ”اَڄ بہ سمجهہ سنجيوڪ گاهہ ڪائيندڙ ۽ اسين آهيون ماس ڪائيندڙ. تنهن ڪري اَسان جي دشمني تہ قدرتي نيم تي ٻڌل آهي. پوءِ ڪنهن بہ نموني هن کي مارڻ تہ اِنهيءَ ۾ اَهم نہ آهي.

”ٻي ڪنهن اُپاءَ سان دشمن کي ناس نہ ڪري سگهجي تہ پنهنجي ڪنيا ڏئي بہ ڪيس ختم ڪجي. دشمن کي نابود ڪرڻ ۾ ڪو پاپ نہ آهي.

”جنگ ۾ وڙهڻ وقت سياڻا ڪتري پاپ پنج جو خيال ئي نہ ڪندا آهن. دروڻاچاريہ جي پٽ اشوٿاما درشٽديمن کي ننڊ ۾ ماري ڇڏيو.“

ٻنگلڪ جو اِهو ٻڌو اِراد و چاٽيءَ مان تو وٽ آيو آهيان. اِنهيءَ ڪري ڪنهن سان دوهہ ڪرڻ جو پاپ مون کي نہ لڳندو. مون توکي سچو راز کولي ٻڌايو آهي. هاڻي جئن توکي وڻي تئن ڪر.“

اِهو ٻڌي سنجيوڪ جي مٿان ڄڻ تہ وڄ ڪري پئي ۽ هو بيهوش ٿي ويو. هوش ۾ اچڻ تي ڏکئو ساهہ کڻي چيائين تہ:-

”ڏالون گهڻو ڪري هاڪن جي ٿي ور چڙهنديون آهن، راجا ڪنهنجو دوست ٿيندو ئي نہ آهي. دولت وري ڪنجوس وٽ ڪني ٿيندي آهي، بادل جبلن ۽ گهاٽن ۾ ئي گهڻي برسات وسائيندا آهن.

”جيڪو بيوقوف اِئين ٿو سمجهي تہ راجا مونکي پيار ٿو ڪري سو اِنهيءَ کي سڱن ڪانسواءِ ڍڳو سمجهڻ گهرجي.

”بن ۾ رهڻ نيڪ آهي، پني ڪري ٽڪر ڪائڻ بہ سٺو آهي. مزوري ڪري گذر ڪرڻ ۾ بہ مهڻو ڪو نهي، پلي تہ بيمار ٿي گذارجي پر ڪنهن اَڌڪار دواران نوڪري

”نوڪريءَ ڪرڻ سان جيڪڏهن سٽيان، سهڻا، مٺا ۽
ذائقيدار لڏون به ملن ته گهوريا.“

سنجيوڪ چيس ته ”آخر توکي چوڻو ڇا آهي؟“

دمنڪ چيو ته ”مالڪ جو راز ظاهر ڪرڻ منتريءَ لاءِ
مناسب نه آهي. چيو اٿن:-

”وزير جي عهدي تي رهي جيڪو پنهنجي مالڪ جون
ڳجهيون ڳالهيون ٻين سان ٿو سلي اهو پنهنجي مالڪ
جو ڪم ته بگاڙي ٿو پر پاڻ به نرڪ ۾ ٿو وڃي.

”نارد چيو آهي ته جيڪو پنهنجي راجا جو ڀيد ٿو کولي،
اُن کي هٿيار ڪانسواءِ ئي ماري ڇڏجي.“

تنهن هوندي به تنهنجي پريم ۾ ڦاسي راز واري ڳالهه توکي
ٻڌائڻي ٿي پوي، ڇو جو تون منهنجي چوڻ تي ئي هن گهر ۾
گهڙيو آهين ۽ اڄا تائين مون ۾ ويساهه آڻيئي. چيل آهي ته:-

”جنهن تي ويساهه رکي ڪو ماڻهو ماريو ٿو وڃي ته اُن
جي مرڻ جو پاپ اُن تي آهي جنهن تي هن ويساهه
رکيو. ائين منو مهاراج چيو آهي.“

سنگهه جي توتي بدنيت آهي. اڄ صبوح جو هن اڪيلائيءَ
۾ مون کي چيو ته اڄ سنجيوڪ کي ماري سڀني جانورن کي
ڌپاس ڏبي. مون کيس چيو ته ”هي سوامي. متر سان دوهه
ڪري پنهنجو پيٽ ڀرڻ ڪنهن به حالت ۾ روا نه آهي،
چيو اٿن:-

”براهمڻ کي خون ڪري پرائشچت ڪرڻ سان ماڻهو
برهم هتيا جي پاپ کان ڇوٽڪارو پائي ٿو سگهي پر
لنفن جي متر سان دوهه ڪرڻ وارو ڪڏهن به پاپ
کان ڇٽي نٿو سگهي.“

اِهو بڌي پنگلڪ چيو تہ ”سنجيوڪ جي مون ڏانهن
ٻري نيت آهي. اِنهيءَ جي مونکي خاطري ڪيئن ٿئي؟“
دمنڪ چيو تہ ”هن اَج منهنجي روبرو پڪو اِرادو ڪيو آهي
تہ سياڻي صبوح سان پنگلڪ کي ختم ڪندس. اِهو ئي هڪ
خاطريءَ جو سبب آهي. صبوح جو سويلئي دربار ۾ اچڻ
وقت سندس اکيون ڄوش ۾ ڳاڙهيون ٿيل هونديون ۽
ڦڙڪندڙ چپن سان چوڌاري نهاريندي اَجوڳ جڳهہ تي ويهي
توهان ڏانهن ڪڙيءَ نظر سان نهاريندو. اِنهيءَ ڪان پوءِ جيئن
توهان واجب سمجهو تيئن ڪجو.“

اِتان تي دمنڪ وري سنجيوڪ وٽ آيو ۽ ڪيس پرڻام
ڪري ويهي رهيو. سنجيوڪ هن کي پريان ڏيري ڏيري
ايندو ڏسي ڪيس چيو تہ ”دوست ڀلي آئين! گهڻن ڏينهن
ڪانپوءِ درشن ڏنو اٿيئي. خوش تہ آهين؟ اَج تون منهنجي
گهر آيو آهين تنهن تي مونکي ايتري تہ خوشي ٿي آهي
جو نہ ڏيڻ جهڙي شيءِ بہ گهرين تہ جيڪر اها شيءِ ڏيندي
مونکي پرسنتا ٿئي. چيو اٿو:-

”جنهن جي گهر ۾ ڪي مترڪنهن نہ ڪنهن ڪم سانگي
ايندا نا رهن اُهي خوش قسمت، ويچاروان ۽ واکاڻ جي
لائق ليکيندا آهن.“

دمنڪ چيو تہ ”اسان نوڪرن جو ڪٿي ٿو خير ٿئي؟ چيو اٿو:-
”جيڪي راجائن جا نوڪر ٿيندا آهن اُنهن جي تن دولت
ٻين جي هٿ ۾ ۽ من چنتا ۾ وياڪل رهندو آهي.
اُنهن کي پنهنجي جيئڻ جي باري ۾ بہ شڪ هوندو آهي.
”تن جي لالچ ۾ اچي هنن نوڪرن ڏسو تہ ڇا ڪيو
آهي. بيوقوفن پنهنجي بدن جي آزادگي بہ کسائي
ڇڏي آهي.

سڀئي ئي خوف ... توهان سڀئي ئي خوف
تي آيو آهيان. منهنجي راڄ جي ڇانوءِ توهان سڀئي ئي خوف
ي مزي سان رهو. تنهي لوڪن جي جانورن جو مان راجا
ڪڪدرم، مئرر ڪيو ويو آهيان." اِهو ٻڌي شينهن، چيتو،
واگهه، سڀئي مئڙاڪو ڪري سندس چرڏاري تي وينا ۽ چوڻ
لڳس ته "هي ٻرير، مالڪ، سوامي حڪم ڪيو." هن شينهن
کي وزير، واگهه کي بستري جو سنڀاليندڙ ۽ چيتي کي پان
سوپاري (چانهه پاڻيءَ) جي ڪم تي مقرر ڪيو. گينڊي کي
هن دروازي تي چوبدار ڪري بيهاريو. جيڪي سندس
ذات ڀائي گدڙ هئا انهن سان ڳالهائي به نه پيو. سڀني کي
گهٽا ڌڪا ڏياري ٻاهر ڪڍائي ڇڏيائين. اهڙيءَ طرح هو راڄ جو
ڪاروبار هلائيندو رهيو. شينهن، چيتو وغيره جيڪو شڪار
ڪري ايندا هوا سو سڀ سندس اڳيان اچي رکندا هوا ۽ هو
وري سڀني کي ورهائي ڏئي راجا جي ڌرم جو پالن ڪندو هو.
اهڙيءَ طرح ڪيترو عرصو ڪم هلندو رهيو. هڪ دفعي
ڪڪدرم ٻري ڪان گدڙن کي ڪُوڪ ڪندو ٻڌو. اِهو آواز
ٻڌي سندس سرير جا وار ڪڙا ٿي بيٺا، اکين ۾ خوشيءَ وچان
لڙڪ اچي ويس ۽ هو پنهنجي ذات جو سڏ اونائي ڪُوڪ
ڪرڻ لڳو. شينهن، چيتي ۽ ٻين جانورن هنجي ڪُوڪ ٻڌي
سمجهيو ته هي ته گدڙ آهي ۽ شرم وچان سڀني ونيِ ڪند
هيٺ ڪيو. سڀني جوش ۾ اچي چيو ته "هن خسيس گدڙ اسان
کي اکين ۾ سرمو پائي اسان تي حڪمراني ڪئي آهي.
وٺوس. نه ڇڏيوس." اِهو ٻڌي ڪڪدرم جئن پڄڻ جي
ڪوشش ٿي ڪئي ته سڀني اُتي اُئي جهلي سندس آنڊا گونڊا
ٿي ڪڍي ڇڏيا.
اِنهيءَ ڪري مان چوان ٿو ته "جيڪو پنهنجن کي ٻاهر
ڪڍي ڇڏيندو آهي ۽ ٻاهرين کي وشواس وارا ڪم سونپيندو
آهي، اُنهيءَ جو موت راجا ڪڪدرم وانگيان ٿيندو آهي.

زبان جي چشڪي لاءِ هڪ شهر ۾ گهڙي ويو. اُتي اچي ڪتن
ورايس. ڏندن سان چڪ پائي زخمي ڪري وڌائونس. هو
به ڀوڙندو ڀوڙندو جان بچائڻ لاءِ هڪ رنگريز جي گهر ۾
گهڙي ويو. اُتي نير سان ڀريل هڪ وڏو برتن رکيو هو. اُن ۾
وڃي ڪِري پيو ۽ سندس سڄو بدن نيري رنگ سان ٽِپجي پيو،
جنهن ڪري سڀاڻپ ۾ ئي نه پيو اچي. اِنهيءَ ڪري ڪتا
موٽي هليا ويا. گدڙ به وڃي وڻي اُتان ٻاهر نڪتو ۽ ڀري جهنگ
۾ هليو ويو. سندس نيرو رنگ لهي ئي نه پيو. چيو ٿو ته
آهي ته:-

”سريس (لپي)، بيوقوف، ناري، ڪيڪڙي، مڇيءَ، نير ۽
شرابيءَ ڪنهن کي هڪ دفعو به پنهنجي پڪڙ ۾ آندو
ته سندس جند نه ڇڏيندا.“

مهاديو جي ڪنٺ ۾ زهر جي نشان جو جيڪو رنگ آهي
اُن جهڙو ۽ تمال جي وڻ جي رنگ سان رڱيل هڪ عجيب
جانور ڏسي شينهن، چيتو، گينڊو وغيره سڀ هيڏانهن هوڏانهن
ڀڄڻ لڳا ۽ چوڻ لڳا ته هن جي سياءُ ۽ طاقت جي جاڻ نه اٿئون
تنهن ڪري اسان کي ٻري ڀڄي وڃڻ کپي. چيو ٿو:-

”جيڪو عقل وارو ماڻهو پنهنجو خير گهري اُن کي کپي ته
جنهن جي هلت چلت، خاندان ۽ طاقت جي خبر نه هجي
اُن تي ڪڏهن به ويساهه نه ڪري.“

چندرو به سڀني جانورن کي گهٻراهٽ ۾ ڏسي کين سڏ
ڪري چيو ته ”اڙي ڀائرو، توهان مونکي ڏسي ڀڄي ڇو ٿا
وڃو؟ ڊپ نه ڪريو. برهما مونکي پنهنجي هٿن سان ٺاهي
... آهي ته ... جاڪاڻ ته جانورن ۾ ڪوئي راجا نه آهي، تنهن
ڪري ... ... تاجپوشي ڪئي آهي. سڀني جانورن تي
... ... سڀني جي پالنا ڪر.' اِنهيءَ ڪري مان

نيڪ چيل آهي ته:-

”اُبد بش ڏيڻ سان ڪنهنجو سڀاءُ ڦيرائي نه سگهبو آهي. پاڻيءَ کي ڪري ڪيترو به گرم ڪجي، آخر ٿڌو ٿي ئي ويندو.

”باهه ٿڌي ٿي وڃي؛ چندرما گرم ٿي پوي ته به ماڻهوءَ جو سڀاءُ بدلائي نه سگهبو آهي.“

منگهڻ جي چڪ ٿي راجا کي چڙ ته سٽيءَ جي ڇهنب لڳي ويئي. هو جلد ئي اٿي ويٺو؛ نوڪرن کي سڏي چيائين ته ”اڙي ڏسو ته هن چادر ۾ ڪو منگهڻ يا ڪا جوءِ ته نه آهي جنهن مونکي چڪ پاتو آهي.“ نوڪرن چادر کڻي باريڪيءَ سان جاچ ڪئي. ڏٺائون ته ان جي وچ جوءِ لڪي ويٺي آهي. منگهڻ اڳ ئي کٽ جي پائي ۾ وڃي لڪو هو. جوءِ کي اٿي جو اٿي ماري ڇڏيائون.

انهيءَ ڪري مان چوان ٿو ته جنهن جي خاندان ۽ هلت چلت جي خبر نه هجي، ان کي پاڻ وٽ ڪڏهن به رهڻ نه ڏجي. انهيءَ ڳالهه تي غور ڪري توهان سنجيوڪ کي ختم ڪري ڇڏيو نه ته هو توهان کي ختم ڪري ڇڏيندو. چيو به چيل آهي ته:-

”جيڪو پنهنجن (ويساهي نوڪرن) کي ٻاهر ڪڍي ڇڏيندو آهي ۽ ٻاهرين کي وشواس وارا ڪم سونپيندو آهي، انهيءَ جو موت راجا ڪڪدرم وانگيان ٿيندو آهي.“

پنگلڪ چيس ته ”اهو ڪيئن؟“

دمنڪ چيو ته ”ٻڌ ته ٻڌايانءِ.“

۱۰. نير جي برتن ۾ ڪريل گدڙ جي آکاڻي

ڪنهن جهنگل ۾ چنڊ رَو (خوفناڪ آواز) نالي گدڙ رهندو هو. هڪ ڏينهن کيس ڏاڍيءَ بک اچي ورايو. ٽنهن ڪري

ٽپل هن راجا جي مٿي خون چکڻ جو آنند ورتان. ڇو جو
چيل آهي ته:-

"جيڀ جو سواد راجا توڙي رنڪ ٻنهي لاءِ هڪ جهڙو
آهي. انهيءَ ۾ ئي سنسار جو سار سمايل آهي ۽ انهيءَ
لاءِ ئي سڄي دنيا ترقي رهي آهي."

هن دنيا ۾ جيڪڏهن وات جي چسڪي جي ڳالهه نه هجي ته ڪو به ڪنهن جي چاڪري نه ڪري ۽ نه ڪو ڪنهن جي هٿ هيٺ ئي رهي.

"ماڻهو جو هيترا ڪوڙ ڪپٽ ٿو ڪري يا گهٽ درجي
جي ماڻهن جي غلامي ٿو ڪري يا پرديس ٿو ڀوڳي سو
سڀ پاپي پيٽ جي لاءِ."

تنهن ڪري ٻه جو ستايل مان تنهن جي گهر آيو آهيان. مونکي ڪاڏو ضرور ملڻ گهرجي. تون اڪيلي ويٺي راجا جو خون چوسين، اهو ڪنهن به حالت ۾ نيڪ نه آهي." اهو ٻڌي مندوسرپڻيءَ چيو ته "اڙي منگهڻ، راجا جڏهن ننڊ ۾ هوندو آهي تڏهن ئي مان سندس خون چوسيندي آهيان. پر تنهنجو چڪ ٽانڊڻيءَ وانگيان تکو آهي ۽ تون ڏاڍو حرڪتي آهين. جيڪڏهن توکي مون سان گڏجي رت چوسڻي آهي ته ترس، راجا کي ننڊ اچي ته پوءِ پيٽ ڀري سندس خون چوسجانءِ." منگهڻ چيو ته "هي ديوي، مان ائين ئي ڪندس. جيستائين تون پهرين راجا جو خون نه چوسيندينءَ تيستائين جي مان چوسيان ته مونکي ديوتا ۽ گوروءَ جو قسم آهي."

[illegible] ائين ڳالهيون ڪري رهيا هوا ته راجا پنهنجيءَ [illegible] منگهڻ جو وات پيو پاڻي پاڻي ٿئي. [illegible] آئي ئي ڪانه ته کيس وڃي ڏنگ هنيائين.

٩. جون ۽ منگهڻ جي آکاڻي

ڪنهن ملڪ ۾ هڪ راجا جو سمهڻ وارو ڪمرو ڏاڍو
گاريل هو. راجا جي بستري تي هڪ ڏوهري ريشمي
ر وڇايل هئي. ان جي لهن جي وچ ۾ هڪ مندوسرپڻيءَ
ي جونءَ رهندي هئي. هوءَ راجا جو رت چوسي ڏاڍي مزي
پنهنجو وقت گذاريندي هئي. هڪ ڏينهن ان سمهڻ واري
ڪمري ۾ هڪ آگني مک. (باهه جي مهڻ وارو) منگهڻ سٽر
ڪندو اچي نڪتو. هن کي ڏسي مندوسرپڻيءَ کيس چيو ته
اڙي اگني مک، تون هتي ڪٿان اچي پرگهٽ ٿيو آهين؟
ـي تون پنهنجو خير گهرين ته هڪدم هتان هليو وڃ."
ـهن تي اگني مک کيس چيو ته "هي ديوي، گهر ۾ جيڪڏهن
ڪو ڪاڻو ماڻهو به اچي سهڙي ته کيس ائين چوڻ نه کپي.
چيل آهي ته:-

" سمرتي شاسترن ۾ گرهستي ماڻهوءَ لاءِ سرڳ پراپت
ڪرڻ جو سولي ۾ سولو اپاءُ اهو ڏسيل آهي ته گهر ۾
ڪري ڪهڙو به نيچ ماڻهو هليو اچي ته سندس هيئين
لفظن سان آجيان ڪجي: 'ڀلي آيا، جيءُ آيا، هتي
ويهو ته سهي! گهڻن ڏينهن کان پوءِ درشن ڏنو اٿو.
ڪهڙي خبرچار آهي؟ ڏاڍا ڪمزور ٿي ويا آهيو.
خوش ته آهيو نه؟ توهان کي ڏسي دل ٺري
پئي آهي.'

پيو ته مون گهڻن ئي ماڻهن جو جدا جدا قسمن جو رت
چوسيو آهي. تکو، ڪوڙو، کسارو ۽ کٽو، انهن ڇهن قسمن جو
ذائقو ته ورتو اٿم، پر مٺي خون جي لذت اڃا ڪانه ورتي
اٿم. پر جي تون مون تي ڪرپا ڪرين ته طرح طرح جا لذيذ
۽ سوادي کاڌا، طعام ۽ پوڄن کاڌا، چوسڻ ۽ چٽڻ مان پيدا

توهان ٿي اهنسا ڌرم جي پيروي ڪندا ته ٻين کي ڪائڻ لاءِ ماس ڪٿان ملندو؟ مناسب ڪاڏي نه ماڻ ڪري هو توهان کي ڇڏي هليا ويندا پوءِ توهان جي به سلامتي نه رهندي. سنجيوڪ جي صحبت ۾ توهان کي شڪار ڪرڻ جو ويچار ئي نه جاڳندو. چيو ويو:-

”جنهن جا جهڙا پوئلڳ هوندا آهن ۽ جيڪو جنهن جي پٺ وٺندو آهي اهو اُن جهڙو ئي ٿي پوندو آهي. اِن ۾ ڪو شڪ نه آهي.

”تتل تئي تي پاڻيءَ جي بوند پوندي ته سندس نشان به نه رهندو. اهائي پاڻيءَ جي بوند ڪمل گل جي پن تي ڪرڻ ڪري موتيءَ وانگيان نظر ايندي. اهائي پاڻيءَ جي بوند سواتي نکيتر ۾ سمنڊ ۾ رهندڙ سپ جي وات ۾ پوندي ته سچي موتيءَ جو داڻو ٿي پوندي. اهڙيءَ طرح نيچ، مڌيم ۽ اُتم پرشن جي سنگ جو اثر ٿو ٿئي.

”دشتن جي سنگ ۾ سريشٽ پرشن جي به مت ماري ويندي آهي. دريوڌن جي سنگ ۾ ڀيشم پتامه به ڳئون چورائڻ لڳي ويو. تنهن ڪري ٻڌيمان پرش نيچ ماڻهن جو سنگ نه ڪندا آهن. ٻيو ته

”جنهن جي خاندان ۽ هلت چلت جي خبر نه هجي، اُن کي پاڻ وٽ ڪڏهن به رهڻ نه ڏجي. منگهڻ جي سنگ ۾ مندوسرپڻيءَ (آهستي چرندڙ) جوءِ پنهنجي جان وڃائي.“

پنگلڪ چيو ته ”اهو ڪيئن؟“

دمنڪ چيو ته ”ٻڌ ته ٻڌايانءِ.“

اِهو ڪيئن ٿو چئجي؟ سنجيوڪ ته منهنجو هڪ سچو دوست آهي، مونکي هن لئي ڏمرجڻ جو ڪو سبب نه آهي. چيو ويو:-

”ڪنهن ڏئيت ڪي ٻه سموري شڪتي جتان ملي هجي، اُنان ئي سندس مرتيو ٿيڻ جوڳو نه آهي. زهر جو وڻ ٻه پنهنجي هٿن سان پوکي پاڻهي اُنکي وڍي ڇڏڻ نيڪ نه آهي.

”پهريائين ته ڪنهن سان پريم نه ڪرڻ گهرجي، جي ڪجي ته اوڙ تائين نڀائجي. هڪ دفعو جنهن کي مٿي چاڙهجي تنهن کي وري پاڻ هيٺ ڪيرائجي اِها هڪ شرمناڪ ڳالهه آهي. جيڪو ماڻهو ڌرتيءَ تي بيٺل آهي اُن کي ڪرڻ جو ڊپ ئي ڪهڙو آهي؟

”پاڻ سان ڀلائي ڪندڙ سان جيڪو ڀلائي ٿو ڪري، اُن جي ڀلائيءَ کي ڪو وزن نه آهي. ڪٽر ماڻهو اُهو آهي جيڪو ٻري سان ڀلائي ڪري.“

تنهنڪري سنجيوڪ جيڪڏهن مونکان باغي ٿيو آهي ته به سندس برخلاف مونکي ڪجهه نه ڪرڻ کپي.“

دمنڪ چيو ته ”دشمن کي معاف ڪرڻ اِهو راجنيتيءَ جو اُصول نه آهي. چيو ويو:-

”پاڻ جيتري حيثيت رکندڙ، پاڻ جيتري طاقت رکندڙ، نازڪ حالتن کان واقفڪار ۽ جنهن کي پنهنجي اَڌ راڄ کسڻ جي تمنا هجي، اهڙي نوڪر کي جيڪو ختم نٿو ڪري سو پاڻ ختم ٿي ويندو آهي.“

وري توهان ته هن جي دوستيءَ جي اثر هيٺ اچي مورو راڄ ڌرم ڇڏي ڏنو آهي، جنهن ڪري ڪو به ڪرمچاري هنجي ڪم ۾ دلچسپي نٿو وٺي. سنجيوڪ گاهه خور آهي ۽ توهان ۽ توهان جا ڪرمچاري سڀئي ماس خور. جيڪڏهن

هجي. ڪمزور ماڻهو ئي راجا جا هميشه نوڪر ٿي رهڻ چاهيندا آهن."

پنگلڪ چيو ته "پيارا، تنهن هوندي به مونکي هن جي خلاف ڪو شڪ نه ٿو جاڳي. چيو اٿن:-

"پنهنجي سرير ۾ ڪيترين ئي خامين هجڻ ڪري ڇا اهو ڪنهن کي نه وڻندو آهي؟ (سڀڪو پاڻ کي سهڻو سمجهندو آهي). انهيءَ ڪري جنهن ۾ ڪيترا ئي ڏوهه به هجن، اهو توڙي اڻ سهائيندو ڪم به ڪري ته به پيو وڻندو."

دمنڪ چيو ته "اهائي ته اوڻائي آهي. چيو اٿن:-

"راجا هڪ دفعو ڪنهن تي هٿ رکي پوءِ ڪٿي اهو گهٽ خاندان جو به هجي ته به وڏي عهدي جو حقدار ٿو ٿئي."

سنجيوڪ ۾ ڀلا توهان ڏٺو ڇا آهي؟ جيڪڏهن توهان ائين سمجهي ويٺا آهيو ته هن جو سرير ڀاري آهي ۽ هو مونکي دشمن جي برخلاف مدد ڪندو ته انهيءَ ۾ به سچائي ڪانه آهي ڇو جو هُو گاهه خور آهي ۽ اسان جا دشمن ماس خور آهن. دشمن سان وڙهڻ ۾ هو اسان کي ڪا به مدد نه ڏئي سگهندو. تنهن ڪري هن تي ڪو الزام مڙهي سندس پڄاڻي ڪرڻ ئي مناسب آهي."

پنگلڪ چيو ته:-

"سڀا ۾ ٻهر ڀائين جنهن جي نسبت ائين ظاهر ڪجي ته هو نيڪ انسان آهي تنهن جي باري ۾ بديءَ جو اظهار ڪرڻ گويا وچن جو ڀنگ ڪرڻ آهي."

وري مون ته تنهنجي چوڻ تي ئي ڪيس خطري کان بچاءُ جو انجام ڏنو آهي. پوءِ آن کي مان پنهنجن هٿن سان ماريان

مندي، وڌندڙ توڙي اٿوڻندڙ سندس فائدي جي ڳالهه
ٻچڻ ڪانسواءِ ٻي ٻڌائجي."

هنجي اها راز سان ڀريل ڳالهه ٻڌي پنگلڪ ڪيس چيو ته "آخر تنهنجو مطلب ڇا آهي؟ جيڪي چوڻو هجيئي سو کولي ٻڌاءِ." دمنڪ چيو ته "مهاراج، سنجيوڪ کي توهان سچو سمجهي رهيا آهيو پر هو توهان جو دشمن آهي. هن مونکي وشواس پاتر سمجهي اڪيلائيءَ ۾ چيو ته "مونکي پنگلڪ جي خبر پئجي ويئي آهي ته ڪيتري پاڻيءَ ۾ آهي. ڪيس ختم ڪرڻ ڏکيو نه آهي. توکي مکيه منتري بڻائي مان پاڻ جانورن جو راجا ٿيندس." اهو ٻڌي پنگلڪ جي مٿان ڄڻ ته ڀهاڙ ڪري پيو. سندس هوش حواس گم ٿي ويا. ڪجهه ڳالهائي نه سگهيو. دمنڪ سندس صورت ڏسي دل ۾ چوڻ لڳو ته "هن جو سنجيوڪ سان ڏاڍو پيار آهي. اهو وزير ٿي هن جو خاتمو آڻيندو." چيو ته:-

"راجا جيڪڏهن هڪ ئي وزير کي سموريون اختياريون
ڏئي ڇڏيندو آهي ته هو غرور ۾ اچي پاڻ کي ڪا
شيءِ سمجهڻ لڳندو آهي؛ زيردست ٿي رهڻ پسند
نه ڪندو آهي. آزاديءَ جي تمنا وڌڻ ڪري آخر
راجا کي ئي صفحهِ هستيءَ تان ميٽائڻ چاهيندو آهي."

پنگلڪ آهستي آهستي هوش ۾ اچي ڪيس چيو ته "اهڙيءَ حالت ۾ ڇا ڪرڻ کپي؟ سنجيوڪ مونکي پراڻن کان به وڌيڪ پيارو آهي. هو مون سان بي وفا ڪيئن ٿو ٿي سگهي؟"

دمنڪ چيو ته "مهاراج، نوڪر هميشه نوڪر ٿي رهڻ پسند نه ڪندو آهي."

"اهڙو ڪوئي ماڻهو نه آهي جو راجائي دٻدٻو نه چاهيند

پي هليو. ڪوهه جي پرسان ٻهڪي سهي شينهن کي چيو ته ”سائين جن جي پرتاپ کي ڪير سهي سگهندو؟ توهان کي ڏسي ڀڄي ويو. ڪوهه جي ٻني تي ٻڌڻ ۾ آيو ته هڪ ٻيو شينهن آهي جو توهان جي ڀيٽ ۾ پاڻ کي ٻڌايو هيو. ڏسي ڀڄي ويو ۽ وري اچي توهان کي ٻڌايو.“ پريان ايندو ڏسي چور شينهن اندر قلعي ۾ وڃي لڪو آهي. توهان اچو ته مان ڏيکاريانو. ياسرڪ چيو ته ”مونکي قلعو ڏيکار.“ سهي کيس ڪوهه ڏيکاريو. ڪوهه جي ٻني تي ٻهي اندر لڙو پاڻائين ته ياسرڪ پنهنجو پاڇو پاڻيءَ ۾ ڏسي سمجهيو ته برابر اهو ٻيو ڪو شينهن آهي. هن ٽنهن تي گجگوڙ ڪئي ته اها پڙاڏي جي صورت ۾ اندران ٻيڻي ٿي نڪتي. هن سمجهيو ته اها منهنجي لاءِ للڪار آهي سو جڏهن اندر ڪوهه ۾ ٽپو ڏنائين ته اتي ئي پاڻيءَ ۾ سندس دم گهٽجي ويو ۽ پراڻ پکيئڙو اڏامي ويس.

دمنڪ چيو ته ”انهيءَ ڪري ئي مان چوان ٿو ته عقل وارو ماڻهو ئي بلوان ٿيندو آهي. تنهن ڪري جيڪڏهن تون ... ته مان پنهنجيءَ چترائيءَ سان ٻنهي جي دوستي ... .“

... چيو ته ”جيڪڏهن ائين آهي ته بيشڪ تون ... ڪو اعتراض نه آهي.“

... ٻنگلڪ کي سنجيوڪ کان ڌار ڪرڻ ... ڪري سندس اڳيان وڃي ويٺو ... ”... تون گهڻي وقت کان پوءِ آيو ... “جيڪا ته سائين جن کي اسان ... ڪري اسان اچڻ بند ڪري ڇڏيو ... ڪاروبار الٽ پلٽ ٿيندو ڏسي ... کي آگاهه ڪرڻ آيو آهيان.

... انهيءَ کي ڇڱي طرح ...

”اڳئين زماني ۾ هرڻ ڪشپ جي ڏپ کان برهسپتيءَ جي آڳيا سان وشوڪرما کي ڪاريگر مقرر ڪري اندر قلعو ٺهرايو هو.

”انهيءَ اندر ديوتا ٿي انهيءَ وقت پڌرائي ڪئي ته جنهن راجا کي قلعو هوندو آن جي هميشهه فتح ٿيندي. انهيءَ ڪري دنيا ۾ هزارين قلعا ٺهي ويا آهن.

”ڏندن کان سواءِ جئن نانگ، مد (ٻرڙ تان وهندڙ نشيدار پاڻياٺي شيءِ) کان سواءِ جئن هاٿي سڀ جي وس ۾ اچي ويندا آهن تئن قلعي ڪانسواءِ راجا کي سمجهڻ گهرجي.“

اهو ٻڌي ياسرڪ چيو ته ”اڙي، پليءَ هو قلعي ۾ رهندو هجي. هڪ دفعو مونکي رڳو ڏيکار ته پوءِ هٿن جون صفايون آهن. چيو جو:-

”دشمن ۽ بيماريءَ کي شروع ۾ ئي دٻائي ڇڏجي. وڏي وڃڻ تي بنهي جو مقابلو ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو ٿي پوندو آهي.“

سهي چيو ته ”ائين برابر آهي. پر مون ته هن کي ڏٺو هي. هو ڏاڍو زبردست آهي. تنهن ڪري ڀرپائين هن ي طاقت جو اندازو لڳائي پوءِ ساڻس مقابلو ڪرڻ ٺيڪ هي. چيو جو:-

”پنهنجيءَ لوڙي پنهنجي دشمن جي طاقت جي ڏور تڪ ڪرڻ کان سواءِ جيڪو جنگ ۾ لهي پوندو آهي اهو ائين ست ته جهليندو جئن ڏيئي جي لاٽ اڳيان پتنگ.“

ياسرڪ چيو ته ”اڙي، تنهنجو انهن ڳالهين سان ڪهڙو سطو؟ قلعي ۾ بند ٿيل اهو چور رڳو مون کي ڏيکار.“

ي چيو ته ”چڱو، جي توهان جي اها مرضي آهي ته مونسان جي هلو.“ ائين چئي سهو اڳيان ٿيو ۽ شينهن سندس پٺيان

سمجهي ته چڱن سهڻ کي هٿي ويهاري ٿون وڃي چئينس ته جي پنهنجيءَ طاقت جي آزمائش وٺي هجيئي ته اچي مقابلو ڪر. جيڪو بنهي مان ڏاڍو ٿيندو انهيءَ کي ٿي هن جهنگل جي راجا ٿيڻ جو اڌڪار آهي ۽ اهوئي هنن چڱن سهڻ کي ڪاٽي سگهندو. هن جڱن مونکي چيو ته مون ڪيو آهي. ڏيڙ ٿيڻ جو سبب به اهوئي آهي. اڳتي جيڪا سائين جن جي مرضي." اهو ٻڌي ياسرڪ چيو ته "جيڪڏهن ائين آهي ته جلد هلي مونکي اهو چور شينهن ڏيکار ته پنهنجو جوهر انهيءَ کي ڏيکاري دل جو بار هلڪو ڪريان. چيو اٿن:-

"زمين، مترَ ۽ سون، اهي ٽيئي جنگ جو سبب ٿيندا آهن؛ جتي انهن ٽن مان هڪ به نه آهي اتي ڪو جهڳڙو نه ٿيندو آهي.

"جتي خاص ڪنهن وڏي نتيجي جي اميد نه آهي ۽ [illegible] جي پڪ آهي اتي عقل وارو ماڻهو جوش ۾ اچي [illegible] خريد نه ڪندو آهي."

[illegible] چيو ته "هي سوامي، ائين ٺيڪ آهي. زمين لاءِ يا پنهنجيءَ بي عزتيءَ ٿيڻ تي ڪتري جنگ جوٽيندا آهن. پر هو قلعي ۾ ٿو رهي. اتان ٻاهر نڪري مونکي للڪار ڪيائين. قلعي ۾ رهندڙ تي حملو ڪرڻ ڏکيو آهي:-

"هڪ هزار هاٿين ۽ هڪ لک گهوڙن کان جيڪو ڪم جنگ ۾ نه ٿي سگهي اهو رڳو هڪ قلعي جي بدولت ٿي سگهندو آهي.

"شهر ٻاهر (قلعي جي [illegible]) تي رهي هڪ تيرانداز دشمن جي هڪ سؤ ماڻهن جو مقابلو ڪري سگهندو آهي. انهن ڪري پڻ جي ڪلا جا ڄاڻو قلعه کي ڏاڍو وزن ڏيندا آهن.

وارو آيو. سڀني جانورن جي گهٽي زور ڀرڻ تي مسين مسين
هو شينهن ڏانهن روانو ٿيو. آهستي آهستي قدم کڻندو شينهن
کي ختم ڪرڻ جا رٿا رچائيندو هو. آيو ته وات تي هڪ کوهه
ڏٺائين. کوهه جي ڪني تي بيهي ڏٺائين ته اندر پاڻيءَ ۾ سندس
پاڇو نظر آيو. اُتي ئي سندس دل ۾ هڪ ويچار پيدا ٿيو:
چيائين ته اِها هڪ سٺي ترڪيب آهي. ڪنهن به ريت
شينهن کي ڪاوڙائي هن کوهه ۾ ڪيرائجي. اُئين دل ۾
سوچيندي شام جي وقت هو شينهن وٽ اچي پهتو. هوڏانهن
وقت گذري وڃڻ تي بک ۾ چتو ٿي شينهن اِهو پڪو ارادو
ڪري ويٺو هو ته سڀاڻي سڀني جانورن کي صبوح جو ئي
هن اِنجام شڪنيءَ جو مزو چکائيندس، تنهن جو سهي کي
ڏٺو ته کيس ڪاوڙ وچان چيائين ته ”اڙي، ڪميڻا سها، هڪ
تون ته بدن جو ڇوٽو، ٻيو آيو آهين دير سان. خير، هاڻي ته
توکي ئي کان ٿو باقي سڀاڻي سڀني جانورن کي ختم سمجهجانءِ.“
سهي ڏاڍيءَ نمرتا سان کيس چيو ته ”هي غريب نواز، توهان
ڳالهه ته ٻڌو. دير سان اچڻ ۾ نه منهنجو قصور آهي؛ نه ٻين
جانورن جو. اڄ اسان جي ذات جو وارو هو. مونکي بدن
جو ننڍو سمجهي مونسان گڏ ٻيا چار سها به روانا ٿيا. رستي
تي جڏهن اسين اچون پيا ته هڪ ٻئي شينهن پنهنجيءَ غار
مان نڪري چيو ته ”اڙي، توهان پنج سها گڏجي ڪيڏانهن
هليا آهيو؟ پنهنجي اِشٽ ديوتا کي ياد ڪريو. چاڻ توهين
منهنجي پيٽ اندر ويا ڪي ويا.“ تنهن تي مون کيس چيو
ته ”اسان سڀئي پنهنجي مالڪ پاسرڪ وٽ پنهنجي واعدي
موجب وڃي رهيا آهيون.“ تنهن تي هن چيو ته ”پاسرڪ
وري ڪير ٿيندو آهي؟ هن جهنگل جو مالڪ مان آهيان.
تنهن ڪري توهان کي مونسان واعدي تي پورو رهڻ گهرجي.
پاسرڪ ته صفا چور آهي. جيڪڏهن هو ٻاڻ کي راجا ٿو

نياءَ جو رستو ڏيکاريندو آهي.

"جيڪو راجا لالچ ۾ ڦاسي ٻڪريءَ وانگيا پرجا جو ڪوس ڪندو آهي، اُهيءَ کي فقط هڪ دفعو ئي ڏڌ ڏيندو آهي، پوءِ نه.

"جيئن مالهي بوٽن جي سنڀال ڪندو آهي تئن ڦل چاهيندڙ راجا کي ڏاڻ، مان ۽ پريم سان پرجا جي پالنا ڪرڻ گهرجي.

"ڳائو جي جيئن پهريائين پالنا ڪبي آهي پوءِ کير ڏيندي آهي، ول کي اڳيم پاڻي ڏبو آهي پوءِ ڦل ڏيندي آهي، تئن پرجا جي باري ۾ به سمجهڻ گهرجي.

"راجا وٽ جيڪو به سون، هيرا، جواهر، طرح طرح جون سواريون ۽ جيڪي به ڪجهه هوندو آهي سو سڀ کيس پرجا وٽان ئي مليل آهي.

"جيڪي راجائون پرجا کي سکي رکندا آهن سي پاڻ به سکي رهندا آهن ۽ جيڪي پرجا کي ڏک پهچائيندا آهن سي پاڻ به ڏکي رهندا آهن."

اُنهن جانورن جون ڳالهيون ٻڌي ياسڪ چيو ته "توهان سچ ٿا چئو. پر پاڻهي روز مون کي هڪ جانور گهر ويٺي نه پهچو ته مان سڀني کي فنا ڪري ڇڏيندس." "اُئين ئي ٿيندو" سڀني جانورن گڏجي چيو. تنهن کان پوءِ سڀئي بي فڪر ٿي پيا گهمندا هئا. پنهنجي واري تي هڪ جانور روز شينهن وٽ پهچي ويندو هو. اُنهن ۾ ڪو ٻڍو هجي يا بيمار، رضامند هجي يا نه، پلي ته پٽ، زال يا دوستن جو وڇوڙو نه سهي سگهندو هجي پر واري آئي سڀ کي پهچڻو شينهن وٽ حاضر ٿيڻو پوندو هو.

جدا جدا قسمن جي جانورن مان هڪ ڏينهن هڪ سهي ۽

...و نہ تو؟ اسين انتظار ۾ وينا آهيون.“ انهيءَ تي ڪيڪڙي
...ي ڪري سيٺي کي چيو تہ ”اڙي بيوقوف، هو فريبي
...سيٺي کي ڊوڪو ڏيئي تورو پري سيٺي کي ماري پنهنجي
...پيٽ ۾ لڪائيندو رهيو. منهنجي عمر اڃا پوري نہ ٿي
...هئي تنهن ڪري انهيءَ دغاباز کي نگهوسار ڪري هيءَ
...سندس ڳچي هيٺ ڪٽي آيو آهيان. هاڻي ڪنهن کي بہ ڪنڪي
ڪرڻ جي ضرورت نہ آهي. اڄ کان سيٺي جو ڪلياڻ ٿيندو.
انهيءَ ڪري مون توکي چيو تہ ”وڏي، وچولي ۽ ننڍي
قد وارين مڇيون کائيندڙ هڪڙي لالچي بگهہ کي هڪ
ڪيڪڙي خلاص ڪري ڇڏيو.“ اهو ٻڌي ڪانءُ ۽ ڪانويلي اتان
اڏامي هليا ويا. اڏامندي اڏامندي ڪانويليءَ جي نظر هڪ
راڄ محل جي تلاءَ تي پيئي جتي راجا جون راڻيون پنهنجا
سون ۽ موتين جا هار ڪناري تي لاهي پاڻيءَ ۾ لهي ترڳيون.
اها ڪانويلي هڪ سونو هار اتان پنهنجيءَ چنهب ۾ ڪڻي
وڃي اڏاڻي. راڄ محل جي نوڪرن جو هيءَ روئداد ڏٺي سو
ڏنڊا کڻي وٺي ڪانويليءَ جي پٺيان ڊوڙيا. ڪانويلي بہ اهو
سونو هار نانگ جي ڏر ۾ ڦٽو ڪري تمام پري اڏامي
هلي ويئي. راجا جي نوڪرن اچي اچي ڏنو تہ نانگ ڦڻ ڪڍيو...
بيٺو آهي. ڪيس ڏنڊن سان ماري سونو سڳو (هار) کڻي نوڪ...
اچي پنهنجي ماڳ پهتا. نانگ جي مرڻ ڪانپوءِ ڪانءُ ۽ ڪانويلي...
بہ سک سان رهندا آيا ۽ سندن ٻچا بہ سلامت رهيا. انهي...
ڪري مان چوان تو تہ جيڪو ڪم ڳڻ ڳوت ڪيل تجويز سا...
ڪري سگهبو آهي اهو شوخيءَ سان مور نہ ڪري سگهبو...
انهيءَ ڪري بڌيمان ماڻهوءَ لاءِ هن دنيا ۾ ڪوبہ ڪم ناممڪ...
نہ آهي.
”جيڪو بڌيمان آهي اهوئي ٻلوان آهي. بي عقل...
طاقت ڪٿان ايندي؟ بن ۾ رهندڙ هڪ مستاني شي...

ڪي ٻنهي جيءَ سياڻپ سان هڪ سهي ختم ڪري ڇڏيو.“
ڪرڪ چيو ته ”اهو ڪيئن؟“
دمنڪ چيو ته ”ٻڌ ته ٻڌايانءِ.“

٨. شينهن ۽ سهي جي ڪٿا

ڪنهن جهنگل ۾ ڀاسرڪ (چمڪندڙ) نالي شينهن رهندو هو. ڀرپور طاقت هئڻ ڪري روز ڪيترن ئي هرڻن، گدڙن، ٻگهڙن ۽ سهن کي جيئن وڻندو هوس تئين پيو ماريندو هو. هڪ ڏينهن هرڻ، سوئر، سان، سهو وغيره سڀئي ملي ڪري شينهن وٽ ويا ۽ کيس چيائون ته ”سوامي، روز روز بنا ضرورت جي اسان کي مارڻ مان توهان کي ڪهڙو فائدو ٿو رسي. اسان اڄ کان وٺي توهان سان اقرار ٿا ڪريون ته اسان مان هڪڙو جانور گهر ويٺي توهان وٽ پهچي ويندو جنهن مان توهان جو پيٽ ڀرجي ويندو. جانورن جو اجايو زيان به نه ٿيندو ۽ اسان به بنا ڪنهن ڪي پيا گهمنداسون ڦرنداسون. توهان کي به ڪا تڪليف ڪرڻي نه پوندي. تنهن ڪري توهان پنهنجي راج ڌرم جو پالن ڪريو. چيو اٿن:-

”جهڙيءَ طرح ڪيميا روز ٿوري ٿوري وٺڻ سان ماڻهو
ٻلوان ٿيندو آهي تئين راجا به ڌيري ڌيري پرجا تي
ڍلون وجهي ۽ اڳاڙي ڪري ٻلوان ٿيندو آهي.
”پرجا جي پالنا ڪرڻ سان خزاني ۾ واڌارو ٿيندو آهي.
سنسار ۾ جس ۽ مرڻ کانپوءِ سرڳ ۾ واس ٿيندو آهي.
ساڳيءَ طرح پرجا کي پيڙا ڏيڻ ڪري خزاني ۾ کوٽ،
ملڪ ۾ اپجس ۽ مرڻ کانپوءِ نرڪ ۾ واس ٿيندو آهي.
”جيئن گوال ڳانءِ کي پالي وڏو ڪري منجهانئس ڌيري
ڌيري کير ڏهندو آهي تئين راجا پنهنجي پرجا جي
رکيا ۽ سنڀال ڪري ڪانئس پريم پوروڪ ڍلون وٺي ڪين

و نہ تون؟ اسين انتظار ۾ ويٺا آهيون.“ انهيءَ تي ڪيڪڙي
ي ڪري سيٺي کي چيو تہ ”اڙي بيوقوف، هو فريبي
يٺي کي دوکو ڏيئي تورو ٻري سيٺي کي ماري پنهنجي
بت ۾ پيءِ لنگهائيندو رهيو. منهنجي عمر اڃا پوري نہ ٿي
ئي تنهن ڪري انهيءَ دغاباز کي نگهوسار ڪري هيءَ
سندس ڳچي هيٺي ڪٽي آيو آهيان. هاڻي ڪنهن کي بہ ڪنگي
ڪرڻ جي ضرورت نہ آهي. اڄ کان سيٺي جو ڪلياڻ ٿيندو.

انهيءَ ڪري مون توکي چيو تہ ”وڏي، وچولي ۽ ننڍي
ند واريون مڇيون کائيندڙ هڪڙي لالچي بگهہ کي هڪ
ڪيڪڙي خلاص ڪري ڇڏيو.“ اهو ٻڌي ڪانءَ ۽ ڪانوڻي اُتان
اڏامي هليا ويا. اڏامندي اڏامندي ڪانوڻيءَ جي نظر هڪ
راج محل جي تلاءَ تي پيئي جتي راجا جون راڻيون پنهنجا
سون ۽ موتين جا هار ڪناري تي لاهي پاڻيءَ ۾ لڙهيون.
اها ڪانوڻي هڪ سونو هار اُتان پنهنجيءَ چنهب ۾ ڪڻي
وٺي اڏامي. راج محل جي نوڪرن جو هيءُ روئداد ڏٺي سو
ڏنڊا ڪڻي وٺي ڪانوڻيءَ جي پٺيان ڊوڙيا. ڪانوڻي بہ اهو
سونو هار نانگ جي ڏر ۾ ڦٽو ڪري تمام پري اڏامي
هلي وئي. راجا جي نوڪرن اچي ڏٺو تہ نانگ ڦڻ ڪڍي
ويٺو آهي. ڪيس ڏنڊن سان ماري سونو سڄو (هار) ڪڍي نوڪر
اچي پنهنجي ماڳ پهتا. نانگ جي مرڻ کانپوءِ ڪانءُ ۽ ڪانوڻي
بہ سک سان رهندا آيا ۽ سندن ٻچا بہ سلامت رهيا. انهيءَ
ڪري مان چوان ٿو تہ جيڪو ڪم ڳڻ ڳوت ڪيل تجويز سان
ڪري سگهبو آهي اهو شوڪيءَ سان مور نہ ڪري سگهبو.
انهيءَ ڪري ٻڌيمان ماڻهوءَ لاءِ هن دنيا ۾ ڪوبہ ڪم ناممڪن
نہ آهي.

”جيڪو ٻڌيمان آهي اهوئي ٻلوان آهي. بي عقل کي
طاقت ڪٿان ايندي؟ ٻن ۾ رهندڙ هڪ مستاني شينهن

چوڻ لڳي ته ٿي وئي. سڀئي ڪيس ورائي ويا ته ”چاچا،
ماما، ڀائو ڀيريائين مان، ڀيريائين مان.“ بدنيت وارو ٻگهه به واري
وٺيءَ هڪ هڪ کي پنهنجي پٺيءَ تي چاڙهي، تلاءَ کان ٿورو
پري وٺي هڪ ڇپ سان انهن کي ٽڪرائي، پنهنجو پيٽ
ڀريندو رهندو هو؛ واپس موٽي سڀني عزيزن کي ڪوڙا
سچا نيايا ٻڌائيندو هو. ائين ڪيئن ڏينهن هن پنهنجي
ڪارروائي جاري رکي. ڪيڪڙي کيس چيو ته ”ماما، ڀريائين
ڀريائين مونسان ٿي تنهنجيون ٻڌايون ڳالهيون ٿيون هيون.
پوءِ مونکي ڇڏي ٻين کي ٿو اڳ وٺي وڃين؟ تنهن ڪري
هاڻي منهنجو بچاءُ به ڪر. اهو ٻڌي انهيءَ فريبي ٻگهه دل
۾ خيال ڪيو ته ”روز روز مڇي کائي پيٽ آڪري پيو آهي.
تنهن ڪري طعام ۾ تبديلي ڪرڻ لاءِ اڄ هن ڪيڪڙي کي
ئي لقمو بڻايان.“ اهو ويچار ڪري ڪيڪڙي کي پٺيءَ تي
چاڙهي انهيءَ ڪرس واريءَ ڇپ ڏانهن هليو. ڪيڪڙي اتي
مڇين جي ڪنڊن جو ڍڳ، ڏسي ۽ ڇپ به ڪنڊن سان ڀريل
ڏسي ٻگهه کي چيو ته ”ماما، تلاءُ اڃا گهڻو پري آهي. مون
کي کڻڻ ڪري تون ٿڪجي پيو هوندين.“ ٻگهه دل ۾
خيال ڪيو ته ڪيڪڙي جو زور پاڻيءَ کان ٻاهر زمين تي هلي نه
سگهندو آهي ۽ هاڻي منهنجي چنبي مان ڇڏائي ڪين
سگهندو. ائين ويچار ڪري کيس چيائين ته، ”اڙي
ڪيڪڙا، اهو تلاءُ نه منهنجو پيٽ آهي. اڇا هيءَ ڇپ ڏس.
پنهنجي اشٽ ديو جو سمرڻ ڪر. جاڻ منهنجو لقمو ٿئين.“
ٻگهه ائين چئي بس مس ڪئي ته ڪيڪڙي پنهنجا چنبا وٺي
ٻگهه جي نازڪ ڳچيءَ ۾ وڌا، کيس گهڻو اچي ويو ۽ اتي جو
اتي پرلوڪ پڌاريو. پوءِ اهو ڪيڪڙو ٻگهه جي گردن گهليندو
آهستي آهستي انهيءَ تلاءَ تي موٽي آيو. سڀئي اچي وراڪس
ته اڙي تون موٽي آئين. تنهنجو مامو ڪيڏانهن ويو؟ ڳالهائين

ڇنڇر گرهه آسمان ۾ روهڻيءَ نکيتر جي ڇڪڙي مان لنگهي ته ٻارهن سالن تائين اندر ديوتا ڌرتيءَ تي پاڻيءَ جي بوند به نه وسائيندو.

”روهڻيءَ جي ڇڪڙي مان لنگهڻ ڪري ڌرتي ڄڻ ته پاپ جي ڪري رک ۽ هڏن جي ڍير سان ڍانڪجي ويندي آهي.

”شني، منگل يا چندرما جيڪڏهن روهڻيءَ جي ڇڪڙي مان لنگهي وڃن ته هيءَ ڌرتي ڄڻڪ آفتن ۽ مصيبتن جي سمنڊ ۾ ٽٻي غوطا کائيندي.“

هن تلاءَ ۾ پاڻي ٿورو آهي تنهن ڪري جلد ئي سڪي ويندو. تلاءَ جي سڪي وڃڻ تي اُهي ڀراٽي جن سان گڏ مان وڏو ٿيس ۽ رانديون ڪيم اُهي سڀ پاڻيءَ کانسواءِ مري ويندا. انهن جو وڇوڙو مان سهي نه سگهندس. تنهن ڪري مون هي مرڻ تائين اُپواس رکيو آهي. اَڄ ڪلهه سڀني تلائن وارا سڀئي ڀراٽيون کي سندن مٽ مائٽ وڏن تلائن ڏانهن وٺي پيا وڃن؛ گوهون، ڪميون ۽ مانگرمڇ ته پاڻيهي پيا وڃن پر هن تلاءَ ۾ رهندڙن کي ته پرواهه به نه آهي. ڪو ڪٿڪوئي نه اٿن. خاص انهيءَ ڳالهه ڪري مان روئي رهيو آهيان ڇو جو انهن مان هڪ جو به نالو نشان نه رهندو.

هنجي ڳالهه ٻڌي ڪيڪڙي ٻين کي به اها ڳالهه ڪري ٻڌائي. سڀئي مڇيون، ڪڇا ۽ ڏيڏرا وٽس اچي پڇڻ لڳا ته ”ماما، مصيبت مان بچڻ جو ڪو وسيلو به آهي؟“ بگهه چيو ته ”هتان کان ٿورو پري ڪمل سان ڀرپور، اُونهي پاڻيءَ جو تلاءُ آهي. چوويهه سال برسات نه پوي تڏهن به اهو سُڪي نه ٿو. جيڪڏهن ڪو منهنجي پٺيءَ تي چڙهي هلي ته مان کيس اتي پهچائي اچان.“ اُنهن سڀني کي هن جي

۽ نيڻو نوائي نه سگهندا آهن.

”وڏي، وچولي ۽ ننڍي قد وارين مڇين کائيندڙ
هڪڙي لالچي بگهه، کي هڪ ڪيڪڙي خلاص ڪري
ڇڏيو.“

ڪانوڻيءَ چيو ته ”اهو ڪيئن؟“
ڪڪڙ چيو ته ”ٻڌ ته ٻڌايانءِ.“

٧. بگهه ۽ ڪيڪڙي جي ڪٿا

ڪنهن هنڌ هڪڙو وڏو تلاءُ هو جنهن ۾ انيڪ قسمن جا پاڻيءَ جا جيو رهندا هئا. اتي هڪ بگهه به رهندو هو جو ٻڍو ٿي ويو هو ۽ منجهس مڇين مارڻ جي سمرٿي نه هئي. بک جي وگهي سندس نڙي خشڪ ٿي وئي. تلاءُ جي ڪناري تي اچي اکين مان ائين پيو هنجون هاري جڻ ته زمين تي موتي ٽاڪرن. ايتري ۾ هڪڙو ڪيڪڙو ڪيترين مڇين سان گڏجي وٽس آيو ۽ همدرديءَ وچان پڇيائينس ته ”ماما، پيو نه سک آهي؟ اڄ تون ڪجهه ڪائين چو نه ٿو؟ اکين مان لڙڪ پيا وهني ۽ ڏکيا ساهه ٿو کڻين؟ توسان ڪهڙي ويڌن آهي؟ ڪجهه ٻڌاءِ ته سهين.“ تنهن تي بگهه چيو ته ”ٻچا، مڇين ڪاڻ ڪري مونکي ويراڳ اچي ويو آهي ۽ هاڻي جيستائين جيئرو آهيان تيستائين ڪاڏي کي ڇهندس به نه. انهيءَ ڪري مان هينئر پرسان ايندڙ مڇين کي به نٿو کان.“ تنهن تي ڪيڪڙي پڇيس ته ”انهيءَ ويراڳ جو سبب ڪهڙو آهي؟“ تنهن تي بگهه چيو ته ”پٽ، مان هن تلاءَ ۾ جنم ورتو، انهيءَ ۾ ٻڍو ٿيو آهيان. هاڻي مون ٻڌو آهي ته ٻارنهن سال هتي مينهن نه پوندو.“ ڪيڪڙي پڇيس ته اهو ڪنهن کان ٻڌو؟ بگهه چيو ته ”جوتشين جي واتان. وراهه مهر (جوتش جو هڪ مکيه پستڪ) ۾ چيل آهي ته جيڪڏهن

نانگ جو انت آندو."

ڪرٽڪ چيو ته "اِهو ڪيئن؟"

دمنڪ چيو ته "ٻڌ ته ٻڌايانءِ."

٦. ڪانوِيليءَ ۽ ڪاريهر جي ڪٿا

ڪنهن جهنگ ۾ ٻڙ جي وڻ ۾ هڪ ڪانوَ ۽ ڪانوِيلي گڏجي رهندا هئا. ڪانوِيلي جڏهن به آنا لاهيندي هئي ۽ اُن مان ٻچا ڦٽندا هئا تڏهن وڻ جي پاڙ ۾ رهندڙ ڪاريهر نانگ مٿي چڙهي اُنهن کي کائي ڇڏيندو هو. اِنهيءَ تي ڪانوَ ۽ ڪانوِيليءَ کي ڏاڍو ڏک ٿيو. پرسان ٻي ٻڙ جي وڻ هيٺان سندن دوست هڪ گدڙ رهندو هو. اُن سان وڃي پنهنجو حال اوريائون ته "هي دشت ڪاريهر پنهنجي ٻچن کي هميشه اُسان جي ٻچن کي کائي ٿو وڃي. اُن کان ڪيئن ڇوٽڪارو ٿئي؟ ڪا ته تجويز ٻڌاءِ." چيو ته:-

"جنهنجي زمين نديءَ جي ڪناري تي هوندي آهي، جنهنجي زال پنهنجي پير تي نه آهي ۽ جنهنجي گهر ۾ نانگ ديرو جمايو آهي، اُنهيءَ جو ڪڏهن به خير ٿيڻو نه آهي.

"نانگ واري گهر ۾ رهڻ ڪري ماڻهو ضرور ڏنگجي مرندو. جنهن ڳوٺ جي چوڌاري تي نانگ رهندڙ هوندو اُنهيءَ ڳوٺ جي ماڻهن کي هميشه جان جو خطرو پيو رهندو آهي."

اُسان کي اُتي هميشه رهڻ ۾ خطرو آهي."

گدڙ کين چيو ته "توهان گهٻرائجي نه وڃو. اِها ڳالهه برابر آهي ته دشت کي تجويز سان ئي ناس ڪبو آهي.

"تجويز سان دشمن تي جهڙي سوڀ حاصل ٿي سگهندي تهڙي هٿيارن سان نه ملندي آهي. تجويز ڄاڻندڙ ماڻهو ٿوري معمولي حيثيت جو هجي ته به ڪيس وڏ وڏيرا

ڪان واري نقلي گرڙ ۽ ٻرويش ڪر ۽ مان ڪوريءَ جي
سرپر ٻرواسو توڪريان جنهن ڪري شترن جو ناس ٿيندو ۽ آسان
جو مهائم وڌندو.“ ”جا آڪيا“ چئي گرڙ نقلي گرڙ ۽ ٻرويش
ڪيو. وشنو ڀڳوان جي ڪرپا سان ڪوريءَ ۽ سيني ڪترن
جو ليج ڊرو ڪري ڇڏيو ۽ سيئي ياچ ڪائڻ لڳا. باقي جيڪي
بچيا تن کي راجا موت جي منهن ۾ ڏئي ڇڏيو. سيئي ماڻهو
چوڻ لڳا ته راجا پنهنجي نانيءَ وشنو ڀڳوان جي سهائتا سان
جنگ ڪتي آهي. آخر ڪوري پنهنجي گرڙ تي هيٺ لهي
آيو. راجا، وزيرن ۽ شهر جي ماڻهن ڪوريءَ کي سڀاڻو ۽
پڇيائونس ته ”هيءَ جا ڪيو آئيئي؟“ هن ۽ پنهنجي سموري
ڳالهه ڪين ڪري ٻڌائي. دشمن جي ڪٽ ٿيڻ ۽ ڪوريءَ جي
همت تي خوش ٿي راجا، سيني جي روبرو ڪوريءَ سان
راجڪماري پرڻائي ڇڏي ۽ راڄ جو اڌ ۽ ڏيئي ڇڏيائينس.
ڪوري ۽ پنهنجي حياتيءَ جا باقي ڏينهن خوب مزي ۾
گذارڻ لڳو. انهيءَ ڪري مون لوڪي چيو ته:-

”سوچي سمجهي ڳڻ ڳوت ڪري پاڪنڊ ۾ رچائجي ته ان
جو پتو برهما کي ۾ نه پئجي سگهندو آهي.“

اهو ٻڌي ڪرنڪ چيو ته ”انين ابرابر آهي پر موکي ان ۾ خطرو
ٿو نظر اچي. چاڪاڻ ته سنجيوڪ سياڻو آهي ۽ پنگلڪ شينهن
شوخ مزاج آهي. جيتوڻيڪ لهنجي بڌي تيز آهي تڏهن به
سنجيوڪ ۽ پنگلڪ کي ڦٽائڻ لهنجي وس کان ٻاهر آهي.
دمنڪ چيو ته ”اها ڳالهه منهنجي وس کان ٻاهر هوندي
۽ منهنجي وس ۾ آهي. چو جو:-
”ڪنهن ۾ ڪم جي سرانجامي جهڙيءَ طرح ڳڻ ڳوت
ڪيل تجويز سان ڪري سگهجي اها شوخيءَ سان نه
ڪري سگهجي. ڪانو پلي سوني هار جي ذريعي ڪاريهر

يا پنهنجي جنم ڀوميءَ جي ٻچاءَ ۾ جيڪو پنهنجا پراڻ
اوڳاڙي اڇليءَ کي اکٽ پڇ پراپت ٿيندا آهن."
اهڙيءَ طرح پڪو ارادو ڪري صبوح جو ڏندڻ پاڻي
ڪري هن راجڪماريءَ کي چيو ته "سيني شترن کي ناس
ڪري پوءِ مان اُن جل ورتائيندس. تون پنهنجي پتا کي چئُو
ته سڀوڇ جو پنهنجي سوري سينا وٺي شهر جي ٻاهران
اچي اٿي. مان آڪاس ۾ پرگهٽ ٿي سيني دشمن جي
طاقت [illegible] ولندس جنهن ڪري هو آسانيءَ سان ماريا
ويندا. [illegible] مان پاڻ هنن کي ماريندس ته هنن سيني
کي سرڳ ۾ اَمرتي پراپت ٿيندي. تنهن ڪري جڏهن هو
[illegible] شروع [illegible] تي [illegible] جنهن ڪري هو سرڳ
[illegible] ته ٿي سگهندا." راجڪماريءَ سڀ ڳالهه پنهنجي
پتا کي ٻڌائي. راجا به اُنهيءَ ڳالهه تي وشواس ڪري پنهنجيءَ
سوريءَ سينا [illegible] شهر کان ٻاهر ٿي بيٺو. پنهنجي موت
[illegible] ڪري سوري ۽ همت ۾ ٽيرڪمان کڻي ڪلن واري
[illegible] جنگ جي ميدان ۾ اچي پرگهٽ ٿيو.
[illegible] ورلمان ٿنهي ڪالن کي چاٽيندڙ
[illegible] وشنوءَ ڀڳوان پنهنجي گرڙ کي سڏايو ۽ کيس ڪليءَ
[illegible] ته "هي گرڙ، ڪا خبر آهي ته هن ڪوريءَ
[illegible] راجڪماريءَ کي پنهنجي قبضي ڪيو
[illegible] "جونکي هنجي سوريءَ چالبازيءَ جي
[illegible] ڪريو ته چا ڪجي." وشنوءَ
[illegible] اهو ڪوري اچ پنهنجي
[illegible] هو ته کيس تير لڳو ته ختم
[illegible] ڪترين ملي ڪري
[illegible] هن کان پوءِ آسان
[illegible]

شترن کي ڪٺ ڪري ڇڏيو.“ ڪوريءَ چيو ته ”تون انهيءَ
ڳالهه جي خاطري ڏي، هن دشمن جي ڪهڙي حال آهي؟
پنهنجي سدرشن چڪر سان سڀني کي هڪدم ختم ڪري
ڇڏيندس.“

دشمن راجا کي ايترو ته ڪورو ڪري ويو جو سندس
قبضي ۾ رڳو راڄڌاني وڃي رهي. راڄ ڪي ته انهيءَ
ڳالهه ۾ ڪي ٻوڙو ڀروسو هو. ڪنهن ڪوٽ ۾ تي ته ٻي
ڇاپو، روز ڪيس عطر، انب، سوپاري، ميوا، صابون،
شربت، ريشمي ڪپڙا، هيرن ماڻڪن سان جڙيل هار پيا ۽
موڪليندو رهندو هو. آخر هڪ ڏينهن ڏيءَ جي معرفت
ڪيس چوائي موڪليائين ته ”بس، سپاهي قلعي جي پٺ پيچي
دشمن انڌي پيا پوندا. اَن ۽ ڪاٺيون وغيره سڀ ختم ٿي
ويون. اسان جا بهادر جوڌا سڀئي گهايل ٿيا پيا آهن ۽
ڪي ته مارجي به ويا آهن. هن ڪانوءَ جهڙي نوڪرن کي
سڀ نظر اچي سو ڪريو.“ ڪوريءَ خيال ڪيو ته جيڪڏهن
قلعو دشمن جي هٿ اچي ته وڃي ته راجڪماري ته منهنجي
هٿن مان هلي ويندي. انهن ڪري هن ڪلهن واري گرز ٿي
کڻي هٿيارن سان آسمان ۾ اڏامي دشمن کي ٻاڪ ڏيڪاريان.
شايد هو به مونکي وشنو سمجهي همت هاري ويهن ۽ ڀاڄ
کائي وڃن. چيو جو:-

”زهر هجي ٿوري نه، ته به نانگ کي ڦڻ ڪڍي پنهنجي
ڦوڪ جاري رکڻ کپي، زهر ڪان به وڏيڪ نانگ جي
ڦڻ جو سيانڊو ٿيندو آهي.“

هر جي هن شهر جو اڳاءِ ڪندي منهنجي حياتي هلي
ويندي ته به ڏاڍو سٺو ٿيندو. چيو جو:-

”ڳائون جي لاءِ براهمڻ واسطي، مالڪ، نمت، استريءَ

وشنو جي اچڻ جي سموري ڳالهه کيس ڪري ٻڌائي. اهو ٻڌي راڻي گڏ گڏ تي ويٺي ۽ وڃي راجا کي واڌايون ڏنائين ته مهاراج! وڏا ڀاڳ جاڳيا اٿو جو ساکيات وشنو ڀڳوان تائي مليو اٿو. هن ڀاڻيهجي راج ڪماريءَ سان گنڌرو وواهه ڪري ڇڏيو آهي. جنهن ته هو مرتيولوڪ جي ماڻهن سان نه ڳالهائيندو آهي، انڪري اسان اڪي ڪري ٻلڪڙي مان سندس درشن ڪنداسين. اهو ٻڌي راجا کي اهو ڏينهن جڳ نه سؤ ورهيه تي گذريو.

رات تي نه راجا توڙي راڻي ٻئي آسمان ۾ اکيون کپائي ويهي رهيا ته ڪڏهن تو وشنو ڀڳوان اچي ته اکي ڪري سندس درشن ڪريون؛ اها سندن من ۾ اڻ لڳ هئي. آخر ڪوري پنهنجي وقت تي وشنو سروپ ۾ هيٺ لٿو. راجا ۽ راڻي سندس درشن ڪري جڳ ڪر تارت تي پيا. راجا راڻيءَ کي چوڻ لڳو ته ”اسان ڪان وڏيڪ ٻيو ڀاڳوان ڪير ٿيندو! ڇو جو ساکيات نارائڻ ڀڳوان اچي اسان جي سنتان کي سنيڪار ڪيو آهي. هاڻي اسان جا سڀيئي مهورت پورا ٿيا. اسان ناٺيءَ جي پرتاپ سان ساري دنيا پنهنجي قبضي ۾ ڪري سگهنداسون.“

انهن اميدن سان هن وٽي پنهنجي پروارن راڄن سان ڪؤنس بازي شروع ڪئي. ويو سندن زمين قبائيندو. تان جو سڀئي پاڙيسري راڄ سندس برخلاف تي پيا ۽ سڀني گڏجي وٽي سندس شهر تي ڪاهه ڪئي. پاڻ ڪسي سنڪٽ ۾ سمجهي راجا راڻيءَ جي معرفت ڌيءَ کي چوائي موڪليو ته ”هي پتري، تو جهڙيءَ ڌيءَ هوندي دشمن مون تي حملو ڪري اچن، اهو ڪئين ٿو ڇڳائي؟ تون پنهنجي پتيءَ کي چؤ ته اسان جي دشمنن کي ڪٽ ڪري.“ رات جو جڏهن ڪوري راجڪماريءَ وٽ آيو تڏهن کيس چيائين ته ”هي پتي ديو، توهان جهڙي ناٺيءَ هوندي به منهنجي پتا جي دشمنن هٿان ڏار ٿئي، اهو ڪئين مناسب آهي؟ توهان ڪرپا ڪري سڀني

ٻهڙي سگهي اسان جي هيٺرينءَ سنڀال هوندي ۽ هيءَ ڳالهه ته
ڪٿن ٿي سگهي؟ تنهن هوندي به پنهنجي جوابداري لاهڻ
لاءِ راجا جي ڪن تائين ڳالهه پهچائجي ته ته اسان جو خير نه
رهندو. ڪٿن به ڪري راجا جي ڪن تي ڳالهه پئي. هو
پڌي پنهنجا ڪرم ڪٽڻ لڳو ته:-

”ڏيءَ جائي مس ته ماڻهوءَ کي چنتا وٺي ويندي.
وڏي ٿي ته ڪنهن سان پرڻائجي اهوئي وڏو مسئلو ٿي
پوندو آهي. شاديءَ کان پوءِ سکي ٿيندي يا نه اها به
ڪل ڪانه پوندي آهي. ڏيءَ جو ٻيءَ ٽيڻ معنيٰ ڪشٽ
۽ تڪليفون.

”ندبون جڏهن پنهنجي پاڻيءَ سان ڪماري کي ڪيرائي
ڇڏينديون آهن تڏهن ناريون پنهنجن عيبن سان پنهنجي
ڪل کي ڪيرائينديون آهن.

”ڏيءَ پيدا ٿيندي ئي ماتا جي من ۾ چنتا ٿيندي
آهي، سندس عمر ۾ وڌڻ سان مٿن مائٽن جون چنتائون
وڌنديون آهن. شادي ڪرائي به منجهائن جند نه ڇٽندي
آهي. مطلب ته ڌيئر آفت جون پڙيون آهن.“

اِنهيءَ نمونې چنتا ۾ وياڪل ٿي راجا راڻيءَ سان صلاح
ڪئي ته ”جنهن ماڻهوءَ هيءُ ڪڪرم جو ڪم ڪيو آهي
نهن جي مٿان ڪال سوار ٿيل تو ڏسجي.“ راڻيءَ ۽ راجڪماريءَ
ي چنائي وڃي ڏٺو ته ڪيس سندس عضون تي ڪيترا نشان
ار آيا. پنهنجيءَ ڌيءَ تي ڏمرجي چيائين ته ”هي بي حياءَ
ڻ، هيءُ ڪهڙو اندير ڪيو ائيڻي؟ اهو ڪهڙو ماڻهو آهي
و تو وٽ اچي ٿو؟ ڪيس ڪال جي ڪوٺ ٿي آهي؟
زي، هاڻ جيڪي ٿيو سو ٿيو. مون سان ته اندر جو راز
.“ اِهو ٻڌي شرم جي ماريل راجڪماري (فرپجي ڪوري)

يا جاڳين ٿي؟ اڄ تون مندر ۾ منهنجو درشن ڪرڻ آئي
هئين. تنهنجو اٽل پريم ۽ شرڌا ڏسي لڇمي کي ٻه ڇڏي
مان تو وٽ آيو آهيان. پنهنجي پريم جي پياس مون سان
پوري ڪر." راجڪماري ته ڇرڪ پئي ۽ سموري سنجت سان
سينگاريل گرڙ تي سوار ٿيل هن کي عجب مان ڏسي ڪٿ ٿي
آئي ويئي ۽ کيس چيائين ته "هي ڀڳوان، مان رت پونءِ
جو پتلو اپوتر منش ديهه واري استري توهان سان ڪئن ٿي
سنگم ڪري سگهان؟" ڪوريءَ چيو ته راجڪماري، تون
سچ ٿي چئين. پر جنهن راڌا نالي منهنجيءَ استريءَ جوگوپن
... جنم ورتو هو، اُن جو واسو هاڻي اڄ ڪان تو ۾ اچي
... تنهن ڪري مان اڄ هتي آيو آهيان." تنهن تي
... چيو ته "هي مهاراج، جي ائين آهي ته منهنجي
... ۽ وڏيءَ پورڪ شاسترن جي مريادا سان
... بڻايو." ڪوريءَ چيو ته "هي سياڻي
... پريل نه آهن جو منهنجو درشن
... درشن ڪرڻ لائق ديه جوتيءَ جو
... سگهيو آهي تنهن ڪري ڳالهائڻ ته
... نه ڪري سگهندو. تنهن ڪري
... ڪري ٻاڻ کي منهنجي ارپڻ ڪري
... تنهنجي پتا جي سموري ڪٽنب
..." ائين چئي گرڙ تان هيٺ لهي راجڪماريءَ
... تنهنجي ترسنا پوري ڪيائين. اهڙيءَ
... کي ڪيترو عرصو گذري ويو پر خبر
... پئي.

... ڪنهن داسيءَ راجڪماريءَ جي منهن ۾ چتائي
... منهن تي مڙد جي ڏندن ۽ ننهن جا چٽا نشان
... عجب ۾ اچي ويئي ۽ هتي پڪيءَ جو پيرو به ڏٺو

ڪاريگر چيو ته ”چڱو، جي ائين آهي ته مان به توکانسواءِ
هن دنيا ۾ جي نه سگهندس ۽ توکان اڳ ۾ مان تو چکيا تي
چڙهان. اهو منهنجو پڪو فيصلو آهي.“ ڪوريءَ چيو ته
”دوست، ميلي تي ڪاٺيءَ تي چڙهيل اُنهيءَ راجڪماريءَ
کي جڏهن کان ڏٺو اٿم تڏهن کان منهنجي هيءَ حالت اچي
بڻي آهي. مان وڌيڪ پيڙا نٿو سهي سگهان.“

ڪاريگر سندس اها ڳالهه ٻڌي، کيس ڪلي چيو ته ”بس،
ڳالهه ۾ ايتري! اڄ ئي تو مان راجڪماريءَ سان تنهنجو ميلاپ
ڪرايان.“ ڪوريءَ چيس ته ”اڙي ياڻي، محلات جي ٻاهران
ڏراڙيون ڪولي چوڪيدار بيٺا آهن. هوا ڪانسواءِ ٻيو ڪو اندر
وڃڻ جو ويچار به نه تو ڪري سگهي. مونکي راجڪماريءَ سان
ڪير ملائيندين؟ اڃا يو مون تي ٺٺولي تو ڪرين. ڪاريگر
چيس ته ”منهنجي عقل جي ڪرامت به نه ڏس.“ ائين چئي
هن شيشم جي ڪاٺيءَ مان گرڙ پکيءَ جي شڪل تيار ڪئي.
منجهس ڪلن جا پرزا اهڙيءَ طرح جڙيائين جئن هو اڏامي
سگهي. شنک، چڪر، گدا، پدم ۽ ٻه ٻيون جڙتو ٻانهون تيار
ڪيائين. مٽي جي مکٽ ۽ ڳچيءَ ۾ پائڻ لاءِ ونجينتي مالا
به ٺاهيائين. پوءِ اُنهيءَ ڪوريءَ کي گرڙ تي ويهاري سموريءَ
سنجت سان سينگاري گرڙ کي اڏائڻ لاءِ چابي ڦيرائڻ جي
تجويز سيکاري چيائين ته ”ستن منزلن واري محلات جي
مٿين ڪُڏ تي راجڪماري اڪيلي سمهندي آهي. ڪنهن
سان ڳالهائي لهه وڃڻ ۾ نه اچڻ ڪري تمام سادي سڀاءَ واري
هوندي ۽ تو تي جهٽ ويساهه ڪندي ته سچ پچ وشنو ڀڳوان
درشن ڏنو آهي. اُتي تون من جو مطلب پورو ڪري وري
صبوح جو مٿهن اونداهيءَ ۾ ئي واپس موٽج.“ وشنو سروپ
ڌاريل اُنهيءَ ڪوريءَ راجڪماريءَ جي محلات ۾ پهچي
ايڪانت ۾ کيس چيو ته ”هي راجڪماري، توکي ننڊ آهي

ڪنهن مندر ۾ ڀڳوان جي پالڪيءَ جو اُتسو هو. هي ٻئي دوست ٻه گڏجي اُتي ويا. اُتي ڏٺائون ته راجڪماري ٻه هاٿڻ تي چڙهي درشن ڪرڻ آئي هئي. سندس چوڌاري چوبدار انگ رکيڪ ۽ ٻيو راجائي دٻدٻو ٻه هو. ڪوريءَ جو راجڪماريءَ ڪي ڏٺو ته سندس هيئڻون هارجي ويو. مطلب ته سندس تيز نگاهن جو تير اندر ۾ اُبرو ته کپي ويس جو اُتي ئي بيحال ٿي ڪري پيو. سندس دوست ڪاريگر هنجي حالت ڏسي وسمهيءَ ۾ ڪيس گهر کڻائي آيو. گلاب جو پاڻي ڇڻڪائي ڪيئن جي ڏسيل ٿڌ ۾ ٻوٽين جو ليپ ڪري، اوڇهن کان ڪيس جهاڙ ڦوڪ ڪرايائين. تڏهن مس مس وڃي مٿس اکيون کوليون ۽ هوش ۾ آيو. ڪاريگر تنهن تي ڪوريءَ کان پڇيو ته "دوست، تون هئن اوچتو بيهوش ڪئن ٿي وئين؟ توسان ڪهڙي ويڌن ٿي؟ دل جو حال کولي ٻڌاءِ." ڪوريءَ چيو ته "جي ائين آهي ۽ تون مونکي پنهنجو سچو مٿر ٿو سمجهين ته ڪاٺيون گڏ ڪري چکيا ناهه. موت کانسواءِ مونکي آرام ڪونه ملندو. چيو چايو بخشجانءِ." اهو ٻڌي سندس دوست جي اکين مان لڙڪ وهڻ لڳا ۽ ليلائي چيائين ته "يائي، تون ڳالهه نه ڪر. تنهنجي ڏک جو ڪارڻ ڪهڙو آهي؟ جيڪڏهن ڪو علاج ٿي سگهي ته ڪوشش ڇو نه ڪجي؟ چيو جو:-

"هن سنسار ۾ ڪا به اهڙي چيز نه آهي جا دوا، ڏن،
سنيءَ صلاح ۽ مهاتمائن جي ڪرپا سان نه ملي سگهي."

انهن چئن اُپائن مان جيڪڏهن پنهنجو مطلب پورو ٿي سگهيو ته مان ڪوشش ونندس. ڪوريءَ چيو ته "دوست، انهن اُپائن توڙي ٻين هزارن وسيلن سان ٻه منهنجو ڏک ٽري نه ٿي سگهندو. تنهن ڪري ويرم نه وجهه. چکيا تيار ڪر. شرير جي شانتيءَ سان ئي ڏک جي شانتي ٿيندي."

ڪاريگر چيو ته ”چڱو، جي ائين آهي ته مان به توکانسواءِ هن دنيا ۾ جي نه سگهندس ۽ توکان اڳ ۾ مان تو چکيا تي چڙهان. اهو منهنجو پڪو فيصلو آهي.“ ڪوريءَ چيو ته ”دوست، ميلي تي هاٿيءَ تي چڙهيل اُنهيءَ راجڪماريءَ کي جڏهن کان ڏٺو اٿم تڏهن کان منهنجي هيءَ حالت اچي بڻي آهي. مان وڌيڪ ڏکڙا نٿو سهي سگهان.“

ڪاريگر سندس اها ڳالهه ٻڌي، کيس کلي چيو ته ”بس، ڳالهه ۾ ايتري! اڄ ئي تو مان راجڪماريءَ سان تنهنجو ميلاپ ڪرايان.“ ڪوريءَ چيس ته ”اڙي ڀائي، محلات جي ٻاهران ڪرار ٻون ڪولي چوڪيدار بيٺا آهن. هوا کانسواءِ ٻيو ڪو اندر وڃڻ جو ويچار به نه ڪري سگهي. مونکي راجڪماريءَ سان ڪئن ملائيندين؟ اجايو مون تي ٺٺولي ٿو ڪرين.“ ڪاريگر چيس ته ”منهنجي عقل جي ڪرامت ۾ نه ڏس.“ ائين چئي هن شيشم جي ڪاٺيءَ مان گرڙ پکيءَ جي شڪل تيار ڪئي. منجهس ڪلن جا پرزا اهڙيءَ طرح جڙيائين جئن هو اڏامي سگهي. شنک، چڪر، گدا، پدم ۽ ٻه ٻيون جڙتو ٻانهون تيار ڪيائين. مٿي جي مڪٽ ۽ ڳچيءَ ۾ پائڻ لاءِ ونجينتي مالا به ناهيائين. پوءِ اُنهيءَ ڪوريءَ کي گرڙ تي ويهاري سموريءَ سنجت سان سينگاري گرڙ کي اُڏائڻ لاءِ چابي ڦيرائڻ جي تجويز سيکاري چيائين ته ”ستن منزلن واري محلات جي مٿين ڪُڏ تي راجڪماري اڪيلي سمهندي آهي. ڪنهن سان گهٽي لهه وچڙ ۾ نه اچڻ ڪري تمام سادي سڀاءَ واري هوندي ۽ تو تي جهٽ ويساهه ڪندي ته سچ پچ وشنو ڀڳوان درشن ڏنو آهي. اتي تون من جو مطلب پورو ڪري وري صبوح جو منهن اونداهيءَ ۾ ئي واپس موٽج.“ وشنو سروپ ڌاريل اُنهيءَ ڪوريءَ راجڪماريءَ جي محلات ۾ پهچي ايڪانت ۾ کيس چيو ته ”هي راجڪماري، توکي ڌنيه آهي

ڪنهن مندر ۾ ڀڳوان جي پالڪيءَ جو اُتسو هو. هي ٻئي
دوست ٻه گڏجي اُتي ويا. اُتي ڏٺائون ته راجڪماري ٻه هٿ
ٻڌي بيٺي درشن ڪرڻ آئي هئي. سندس چوڌاري چوبدار
رکيل ڪيترائي ڀيو راجائي دٻدٻو ٻه هو. ڪوريءَ جو راجڪماريءَ
ڏانهن ڏسندي ئي ته سندس هينئون هارجي ويو. مطلب ته سندس تيز
نگاهن جو تير اندر ۾ اُپٽرو ته ڪجهه وس جو اُتي جو اُتي بيهال
ٿي ڪري ڀيو. سندس دوست ڪاريگر هنجي حالت ڏسي
... گهر ڪڻائي آيو. گلاب جو پاڻي ڇڻڪائي ڪجهه
... ٻوٽين جو ليپ ڪري، اوجهن ڪان ڪيس
... اُٿاريائين. تڏهن مس مس وڃي هن سُرت اکيون
... آيو. ڪاريگر تنهن تي ڪوريءَ ڪان پڇيو
... اوچتو بيهوش ڪئن ٿي وئين؟ توسان
... دل جو حال کولي ٻڌاءِ." ڪوريءَ
... تون مونکي پنهنجو سچو مِتر ٿو
... ڇکيا ناهه. موت ڪانسواءِ مونکي
... ٻڌايان." اهو ٻڌي سندس
... وهڻ لڳا ۽ ليلائي چيائين ته
... تنهنجي ڏک جو ڪارڻ ڪهڙو
... سگهي ته ڪوشش ڇو نه ڪجي؟

... ڪانهي جنهن جو ٻيو ڪو ٽپو نه آهي جا دوا، ڏنءِ
... ڪرڻ سان نه ملي سگهي."
... تنهنجو مطلب پورو ٿي
... ڪوريءَ چيو ته "دوست،
... سان ۽ منهنجو ڏک
... ۽ وڃهه ڇکيا ٿيا
... جي ساٿي ٿيندي."

اڪر نٿي ٿيندو آهي تن جي ماڻهوءَ جي ڏاهپ ۽ وقت تي چمتڪار ڪري ڏيکاريندي آهي. چئو جو چيل آهي ته:-

"قسمت پلئي خراب هجي تڏهن ۽ ڌيرج ڇڏڻ نه کپي. ڌيرج سان ئي حالتن تي ضابطو رکي ٿو سگهجي. سمنڊ جي مسافريءَ ۾ جهاز جي ٽٽي ٻوڙ ٿي ته جهاز جو ناکئو پهاڙيءَ ٽائين پڄاءَ جي ڪوشش ڪندو رهندو آهي.

"جيڪو هميشه اڌم ڪندو رهندو آهي انهيءَ وٽ لڇمي اچي واس ڪندي آهي. قسمت، نصيب يا ڀاڳ تي ڪانئر ماڻهو ئي ڀاڙيندا آهن. قسمت جو خيال ڇڏي پنهنجيءَ سموريءَ طاقت سان محنت ڪر. جتن ڪرڻ کان پوءِ به جي ڪاميابي نه ملي ته انهيءَ ۾ عيب ڪهڙو آهي؟"

مان ڳجهه ڳوهه ۾ آهيان ته ڳهات ڳهڙيندس جو ٻئي ڪي ڪا سمڪ ئي نه ٿيندي. چئو جو:-

"سوچي سمجهي ڳڻ ڳوت ڪري پاڪنڊ رچائجي ته ان جو پتو برهما کي به نه پئجي سگهندو آهي. هڪڙو ڪوري وشنوءَ جو روپ ڌاري هڪ راجڪماريءَ سان راتيون گذاريندو هو."

ڪرڪ چيو ته "اهو ڪيئن؟"

دمنڪ چيو ته "ٻڌ ته ٻڌايانءِ."

٥. وشنوءَ جي روپ ۾ ڪوريءَ ۽ راجڪماريءَ جي ڪٿا

ڪنهن شهر ۾ هڪ ڪوري ۽ سندس دوست هڪ ڪلن ٺاهيندڙ ڪاريگر رهندا هئا. ننڍپڻ کان ئي گڏ رهندا پئي آيا تنهن ڪري ٻاڻ ۾ اهڙو ته پيار هين جو سڀ هنڌ گڏجي گهمڻ ڦرڻ ويندا هئا. هڪ ڏينهن انهيءَ شهر جي ٻاهران

لکيو ته:-

”براهمڻ، بالڪ، استري، تپسوي ۽ روڳيءَ کي موت
جي سزا نه ملڻي آهي. وڏي ڏوهه ڪرڻ تي به سندن
رڳو ڪو عضوو وڍي ٿو سگهجي.“

هن جي نڪ جو ڪٽجڻ سندس ڪرمن جو ڦل آهي.
عدالت جي طرفان ڪيس اها سزا ٿي ڏجي ته سندس ڪن
ڪپيا وڃن.“ ائين ٿيڻ تي ديوشرما کان سندس ناڻي جي
چورائجي وڃڻ جو ڏک وسري ويو ۽ هو پنهنجي آشرم ڏانهن
موٽي آيو.

ڪرٽڪ چيو ته ”اهڙيءَ حالت هيٺ اسان ٻنهي کي
ڇا ڪرڻ کپي؟“

دمنڪ چيو ته ”اهڙي موقعي تي به مان اهڙي عقل جي
ڪيڏ ڪري ٿو سگهان جنهن سان پنگلڪ ۽ سنجيوڪ جي وچ ۾
ڦيٽارو پئجي وڃي.“ چيو اٿن:-

”تير ڪمان ڪڍي نشان ڪجي پوءِ به هڪ اڌ مري يا نه
مري. تنهن مان ڇا فائدو؟ راجنيتيءَ ۾ داوَ پيچ سان
هڪ ئي ڏک سان سيناپتيءَ سميت سموريءَ سينا
کي ختم ڪري ٿو سگهجي.“

انهيءَ ڪري مان اڄهيءَ طرح انهيءَ معاملي کي سمجهندس.

ڪرٽڪ چيس ته ”هي ڀاءُ، جيڪڏهن ڪنهن به نموني
سنجيوڪ کي تنهنجيءَ چالاڪيءَ جي سڌ پئجي ويئي ته
سنجيوڪ جي بدران تون ئي موت جي منهن ۾ ايندين.“

دمنڪ چيو ته ”پيارا، ائين نه چئُ. مصيبت جي وقت
پلي ته قسمت خراب به هجي ته به پنهنجي عقل کان ڪم وٺندو
رهجي. ڪوشش ڪرڻ نه ڇڏجي. جنهن ڪو جيت ڪاٺ ۾
اهڙيءَ طرح ٽنگ ڪندو ويندو آهي جو انهيءَ مان ڪو

”جڏهن صورت ۾ جسم پنهنجي اڇاءَ ۾ ڪجهه نه ٿو ڇٽي سگهي تڏهن ڪري هو ابابر ڏوهي آهي. هن ويچاريءَ عورت کي خواهمخواه بدشڪل ڪري ڇڏيو آهي ڇو جو:-

”پاپ ڪرڻ کان پوءِ ماڻهوءَ کي پنهنجي اري ڪرم کان ئي پيوڌپ ٿيندو آهي. سندس منهن جو رنگ بدلجي ويندو آهي. سندس آواز ۾ ڦيرو اچي ويندو آهي. اکيون سڌيون ڪري نهاري نه سگهندو آهي ڇو جو منجهن لجلو نه رهندو آهي. جنهنجي منهن جو رنگ زردو ٿي وڃي، پيشانيءَ تي پگهر لڪري اچي اهڙو آدمي عدالت ۾ گهرڻ وقت سڌو گهمي نه سگهندو ۽ سندس آواز گهٽيل هوندو آهي. جيڪو ماڻهو ڏوهي هوندو آهي اهو عدالت ۾ گهرڻ وقت اکيون هيٺ ڪري ڳالهائيندو آهي. تنهن ڪري سياڻن ماڻهن کي هميشه انهن نشانن تي ڌيان ڏيڻ گهرجي.

”بيڏوهي ماڻهو کل مک، خوش ۽ صاف ڳالهائيندو آهي ۽ سندس اکيون جوش ۾ ڀريل هونديون آهن ۽ عدالت ۾ ٻيڪي سان ڳالهائيندو آهي.

هن ماڻهوءَ ۾ اهي سڀ ڏوهيءَ وارا اسم نظر اچي رهيا ن تنهن ڪري هي ابابر اپراڌي آهي. هن کي سوريءَ چاڙهيو وڃي.“

جڏهن هن کي سوريءَ تي چاڙهڻ وني تي ويا تڏهن شرما ڌرماڌيڪاريءَ وٽ آچي چيو ته ”هي ڌرماوتار، غريب جسم سان انياءُ ٿيو آهي. هو بلڪل نردوش آهي.“ ماڌيڪاريءَ کانئس پڇيو ته ”اهو ڪيئن ٿا چئو؟“ تنهن تي شرما کيس سموري ڳالهه ڪري ٻڌائي ته سندس ڪپات کلي پيا ۽ جسم جي لاءِ آزاديءَ جو حڪم ڏيئي پاڻ ڇوڙ

آهڙيءَ طرح سوچ ويچار ۾ ديو شرما مشڪل سان رات
ري. هوڏانهن نڪ وڍيل وچ واريءَ حجامڻ پنهنجي گهر
ي ويچار ڪيو ته ”هاڻي ڇا ڪرڻ گهرجي؟ هن وڏي
ب ڪي ڪٿان لڪايان؟“ اِئين من ۾ پور پچائي رهي
ڻي ته سنڌس مڙس جو سڄي رات راجا جي محلات ۾
الش ۽ پيٽرن ڏيڻ لاءِ ويل هو سو پيڙڪي جو موٽيو ۽ گهر
ڄي ٻاهران دروازي جي چائٺ وٽ ٻهي زال کي سڏ ڪري
ڇيائين ته مونکي پنهنجي سامان جي پاڻي آڻي ڏي ته
ر ٻاهر و حجامت لاءِ وڃان. نڪ وڍيل حجامڻ جا موقعو تاڙي
ونئي هٿي لنهن ڇا ڪيو جو پاڻيءَ مان رڳو هڪڙي پاڪي
ڪيدي ڏانهس ڪري ڦٽي ڪيائين. حجم ڪاوڙ مان ساڳي
پاڪي ڏانهنس اُڇلائي ڇيو ته ”رن، مون توکي چيو ته سڄي
پاڻي ڪٽي اچ ڪين هڪ پاڪي وٺي تي ڦٽي ڪرين؟“ ايتري
۾ حجامڻ وٺي دانهون ڪوڪون ڪرڻ شروع ڪيون ۽ ٻاڻ مارينڌي
گهرکان ٻاهر نڪري واڪا ڪرڻ لڳي ته ”هاءِ اَنڌير، هن پاپيءَ
مون ستوادڻ جو نڪ ڪپي ڇڏيو آهي. هاءِ ڙي مري ويس.
مونکي ڪوئي بچائي.“ ماڻهو اچي مڙيا، پوليس به آئي ۽
حجم کي ٻڪڙي سنڌس زال سوڌو عدالت ۾ وٺي آيا ۽ نياءَ
ڪندڙ ڌرماڌڪاريءَ کي چيائون ته هن حجم بنا قصور
... زال جو نڪ ڪپيو آهي لنهن ڪري هن کي سزا
...“ ... تي ڌرماڌڪاريءَ حجم کان پڇيو ته ”اڙي
... زال جو نڪ ڇو ڪپيو اٿيئي؟ هوءَ ڇا ڪنهن
... يا ڪا چوري ڪئي اٿس؟ سنڌس
... دپ کان حجم اهڙو ڪڇي
... ڪجهڙو ڏوهه ٻڌائي. هو ت
... ڪي ئي وڃي ڪيس
... ي فيصلو ڏنو

”هي زالون پنهنجي سوارٿ لاءِ ڪلنديون به آهن ته روئنديون به آهن. ڪين به ڪري ڳالهه تي ويساهه ڄمائينديون آهن ۽ ڳالهه ٻين تي ويساهه مور نه ڪنديون آهن. تنهن ڪري خانداني چرتر وارا ماڻهو انهن کان ائين ڪنارو ڪندا آهن جيئن مسافر رڻ ٻرندڙ اڱر جي دلي کان.

”ڪنڌ تي ٿلهيل ٻڪن وارا شينهن، لونڊڙين مان مڌ وهائيندڙ مستانا هاٿي، عقل جا اڪابر ۽ جنگ ۾ گجندڙ بهادر جوڌا به زالن اڳيان گيدي ٿي پوندا آهن.

”جيستائين عورت کي اها خبر پئي ته ڪيس چاهيندڙ پوريءَ طرح مٺس اڪن چڪن ٿيو آهي تيستائين پئي چاپلوسي ڪندي. پر جڏهن کيس خاطري ٿيندي ته سندس پريمي پوريءَ طرح منوالو ٿي ويو آهي ته پوءِ کيس ائين پئي ڇڪيندي آهي جيئن ڪنڊيءَ ۾ ڦاٿل مڇي.

” سمنڊ جي لهرن وانگيان چنچل سڀاءَ واريون، سانجهيءَ جي بادل وانگيان ٿوريءَ لالائيءَ (پريم) واريون، پنهنجو سوارٿ سڌ ڪري پرش کي خيال ٿان ائين لاهي ڇڏينديون آهن جيئن ميديءَ جو ڦوڳ.

”ڪوڙ، خطري وارو ڪم، فريب، بي عقلي، بي حد لالچ، گندگي ۽ ڪٺورتا اهي زالن جا قدرتي عيب آهن.

” نيڻن جي ناز سان اڀوجهه ماڻهن جي هردي ۾ گهري ڪين موهت ڪري، پاڳل بڻائي، طعني زني ڪري، پنيلائي پريشان ڪري هي زالون ڇيڇلائينديون ٿيون رهن. انهيءَ کان وڌيڪ ٻيو ڇا نه ٿيون ڪري سگهن؟

”ڳچيءَ ڳنين وانگيان ٻاهران ڏسڻ ۾ منوهر ۽ اندر ۾ ڪارنهن واري زهر سان ڀريل هنن زالن کي جوڙيو ڪنهن آهي؟“

عقل کان جي اِستريءَ ۾ شاسترن ، اُنهن آهي ڪيو
اِسترين اُهڙين ڪري تنهن آهي. نه سمايل وديا وڏيڪ
پائجي؟ ڪيئن کي ڀاڳ کان

ڪري سچ کي ڪوڙ ۽ ڪوڙ کي سچ زالون ”جيڪي
ڪيئن کي ڀاڳ کان اُنهن پرش ڏيرجوان آهن رينديون ڏيکا
:- ته آهي چيل وري هنڌ ٻي ”؟ پائي

طاقت جي زالن ڪجي. ڪرڻ نه سنگ گهڻو سان ”اِسترين
جو ڇو ڪجي. گهر ڪرڻ نه خيال ۾ ڪنڌهن جو وڏائڻ
اِئين کي اُنهيءَ آهي وقاسمندو ۾ قندي جي اُنهن جيڪو
کيءَ پکيءَ ڪنيل پرن جڻن آهن ڪيلائينديون

ڪيديون شبد مڌر ماں سندرمک پنهنجي اِستريون ”جوان
زالن آهن. ڪنديون حملو سان دل پٿر پنهنجيءَ ۽ آهن
آهي. سمايل زهر خوفناڪ ۾ ماٺ ۾ ماکي ۾ منهن جي

پنهنجيون چوسي ماکي جي گل ڀنور طرح ”جهڙيءَ
ڪامي طرح تهڙيءَ آهي هڻندو پيو کي ڀاڳ ٽنگون
آهن. پٽينديا چاٽي پيا چکي مزو ڪانر ڪن ۾ پرش

ڪمن جوکائتن گهر، جو گستاخيءَ شڪار، جو ”شڪن
جا ڪماليت، جي ڪپٽ اوتارو، جو عيبن شهر، جو
نوڪري جي فريبن وڃي، پٽجي غالب ۾ تي مردن شير
کي ذات زال هن مشين جي زهر گڏيل سان امرت
ڪيو آهي پيدا ڪنهن ۾ دنيا هن لاءِ ڪرڻ ناس کي درم
ڪو ۾ زبان چنچلتا، ۾ اکين سختي، ۾ چاليءَ جي جن
هرد تولهه، ۾ سرير پلائي، ۾ ڳالهائڻ ڏنگائي، ۾ وارن
ه اُهڙين آهي موجود فريب سان پريمين ڪانئرتا، ۾
ليکا تا ڪري ثواب ۾ عيب جا زالن وارين نيڻن جي
آهن؟ پياريون کي مردن زالون آهي

ٽوهان ٻڌو:-

”سج، چنڊ، اگني، هوا، آڪاش، ڌرتي، جل، هردو، يمراج، رات، ڏينهن، پرڀات، شام ۽ ڌرم- انهن کي ماڻهوءَ جي چرتر جي ڄاڻ ٿي رهي.“

تنهن ڪري مان سنتي جي پنهنجي پتورت ڌرم لئي پوري آهيان ۽ من ۾ ، جيڪڏهن پرائي پرش جو خيال نه ڪيو اٿم ته هي ديوتائو، منهنجو نڪ اڳي وانگيان پورو پنو ۽ ڊولائتو ٿي پوي. پيءَ حالت ۾ جيڪڏهن مان ڌارئي پرش جو ڪوڙو خيال ۾ ڪيو هجي ته ديوتائون مونکي مرئيوءَ جي سزا ڏين.“ انهن چئي وري پنهنجي مڙس کي ڏمالي چيائين ته ”اڙي پاپي، اچي ڏس، منهنجو نڪ اڳي وانگيان صحيح سلامت ٿي پيو آهي يا نه. هن ڪان وڏيڪ مان توکي پنهنجي پتي ورت ڌرم جي ڪهڙي ثابتي ڏيان؟“ ڪوريءَ ڏاڍي ڪٺي سندس منهن ڏٺو ته زمين لئي رت وهيل ته ٻرابر هٿي ۾ زال جو نڪ اڳي جيان ڏسي وسمي ۾ پئجي ويو. زال کي ٽنڊي مان ڇوڙي ڪت لئي ويهاريائين ۽ سندس خوشامد ڪرڻ ۽ ڪانئس معافي وٺڻ لڳو. ديوشرما به اهو سمورو حال ڏسي سوچڻ لڳو ته:-

”شنبراسرءَ لهچي کي جنهن مايا جال جي ڄاڻ هئي يا ڪمپئي نسي جيڪا ڇل ڪپٽ جي وديا ڄاڻي انهن سڀني ۾ استريون ٻنا سکڻ جي ماهر آهن.

”ڪلنڊڙ ماڻهوءَ سان هوُ موقعو ڏسي ڪلنديون آهن. روئنڊڙ سان گڏ روئنديون آهن ۽ جيڪو ڪين پيار نه ڪري تنهن کي مٺن ٻولن سان پنهنجي وس ۾ ڪري ڇڏينديون آهن.

”شڪراچاريه (ڏئيتن جو گورو) جيڪي شاستر ڄاڻي يا ورهسپتيءَ (ديوتائن جو گوروءَ) جن شاسترن جو اڀياس

ٿيندو. تنهن ڪري مان توکي چوڙيان ٿي ۽ تون مون کي
پنهنجيءَ جاءِ تي ٻڌي ڇڏ ۽ تون ديودت وٽان جلدي ٿي
آءُ." ڪورياڻيءَ اها ڳالهه قبول ڪئي. پنهنجيءَ جاءِ تي
حجام کي ٻڌي پاڻ پنهنجي پريميءَ ڏانهن ويئي. اُنهيءَ
وچ ڪوريءَ کي ڪجهه جاڳ ٿي ۽ زال کي ڇينڀي چوڻ لڳو
ته "چنال، جي اِنجام ڪرين ته آڳٽي گهر کان پير ٻاهر نه
ڪيڏينديءَ ته هاڻي ٻه چوڙي ڇڏيانءِ." حجام سوچيو ته جي
جواب ٿي ڏيان ته ڳالهائڻ مان پڌري ٿي پونديس. تنهن ڪري
ڪابه ورندي نه ڏنائين. ڪوريءَ ٻه چار دفعا ساڳي ڳالهه
دهرائي پر جڏهن ڏٺائين ته ڪوئي جواب نه ٿو ملي تڏهن
ڪاوڙجي ٿي ڪپ سندس نڪ ڪپي ڇڏيائين ۽ چيائينس
ته "چگو جي نه ٿي مڃين ته هاڻي پاڻيهي سڌي ٿيندينءَ."
ائين چئي وري سمهي پيو ۽ ڪيس گهري ننڊ وٺي ويئي.
ديوسرما جنهنکي ٻک ... ٻه هئي ته ناڻي جي وڃڻ جي ڳڻتي
... لهون کي ننڊ نه ٿي آئي ۽ اهو سمورو تماشو ڏٺائين
...

ڪورياڻي ... ديودت وٽان ٿي واپس آئي ۽ حجام کان
پڇيائين ته "ڪئن عزتي ... ته آهين؟ مون کان پوءِ هي پاپي
جاڳيو ته ڪونه هو؟" حجام جواب ڏنس ته "نڪ کانسواءِ
باقي ... سرير سلامت آهي. جلدي مونهنجا بند خلاص ڪر
ته ... پنهنجي ... جاڻ کان اڳ وڃي گهر پهچان." حجام
... جاءِ تي ڪورياڻيءَ کي ساڳيءَ طرح ٻڌي وڃي
... گهر ... ٿي. ... ڪوري وري سجاڳ ٿي زال
... لڳو ته "اڙي، ڪئن اڃا مڃين ٿي يا نه؟ چئو ته
... ڪپي ڇڏيانءِ." سندس زال کيس ڏمالي
... ته "اڙي مورک، مون جهڙيءَ پتورتا اِستريءَ
... تو ڪيئن ڪپي سگهين؟ هي سڀني ڏسائن جا ديوتا

هن جون اُنهيون سڀنيون ڳالهيون ٻڌي، ڪپڙا بدليل ڏسي
ڪوريءَ زال کي چيو ته ”بي شرم چنڊال، ڪٿان ڏينهن ڪان
تنهنجون جيڪي ڳالهيون مان ٻڌندو هيس تن جي ثابتي
مونکي اڄ ملي چڪي. هاڻي لوڪي نه ڇڏيندس.“ اِئين چئي
مٿانس لڪڻ جو وسڪارو ڪري ماري پرتو ٻڌائي
ڇڏيائينس ۽ هڪڙي نيڙي سان کيس چوڪنيو ٻڌي ڇڏيائين.
پوءِ ته ڪوري نشي جي جوش ۾ وڃي سمهي پيو.

اِنهيءَ وچ ۾ ڪورياڻيءَ جي ساهيڙي هڪ حجامڻ، ڪوريءَ
کي گهريءَ ننڊ ۾ ڏسي سندس پرسان اچي کيس چيو ته
”اڙي ڳهيلي، ديودت ته تنهنجي اِنتظار ۾ فلاڻي هنڌ ويٺو
آهي. تون جلدي وٽس وڃ.“ ڪورياڻيءَ چيس ته ”تون
منهنجي حالت نه ڏسين ويٺي. وڃان سو وڃان ڪيئن؟ تون
وڃي کيس چئه ته هن حالت ۾ ملڻ محال آهي.“ حجامڻ
کيس چيو ته ”پوري، اَلبيلي زال کي اِئين نه ڪرڻ
جڳائي. ڏس:-

”اُناهن وٽن (هنڌن) تان ذائقيدار ميوا ڳچي ٻڌي ڪري
حاصل ڪندڙ ماڻهو اُنن وانگيان سياڻا آهن.
”هي دنيا آهي يا نه تنهنجي ڪهڙي خاطري آهي؟
سنسار ۾ جُڙيو هڪ عجيب ڳالهه آهي. ذاريو پرش
پنهنجي قبضي ۾ اچي وڃي اِنهيءَ کان وڌيڪ اِستريءَ
لاءِ ٻي ڪهڙي سوڀ آهي؟“

ڪورياڻيءَ چيو ته ”اِئين برابر آهي. پر تون ئي ٻڌاءِ ته
مان چوڪنيي ٻڌي پئي آهيان ۽ منهنجو پاپي مڙس به پر ۾ ئي
سمهيو پيو آهي. پوءِ ڪيئن ٿي وڃي سگهان؟“ حجامڻ چيس
”تنهنجو مڙس ته نشي ۾ چور ٿيو پيو آهي ۽ جيستائين سج
ن ڪرڻون هن کي نه ڇڏيون تيستائين هي سجاڳ نه

مڙس، گهر جي نرم بستري ۽ قيمتي پلنگ مان به مزو
نه ايندو آهي.

”جيڪا زال پنهنجي پير تي نه آهي اُنهيءَ کي نه
پنهنجي خاندان جي شان جي پرواهه ٿيندي آهي ۽
نه ماڻهن جي گلا توڙي قيدخاني يا موت جي.“

ڪوريءَ جي زال گهر ڀڄي ديوشرما کي ٻنا بستري جي هڪ ڇڳل ۽ ڀڳل کٽ تي ويهاري ڪيس چيو ته ”مهاراج، توهان ٿيستائين هتي ويهو. منهنجي هڪ ساهيڙي ٻاهران آئي آهي. اُنهيءَ سان ڳالهائي مان اجهو ٿي اچان.“ ائين چئي جهٽ ۾ هار سينگار ڪري پنهنجي پريتم ديودت سان ملڻ لاءِ اڃا ٻاهر نڪتي مس ته سامهون نشي ۾ مست ٿيل ڇڙيلن وارن سان ٿابا کائيندو، هٿ ۾ شراب جي بوتل سان پنهنجي مڙس کي ايندو ڏٺائين. هن کي ڏسي واپس گهر موٽي وئي ۽ جهٽ ۾ هار سينگار لاهي اڳي وانگيان ٿي وئي. ڪوري به ڪيس هار سينگار ڪري نڪرندو ويندو ڏسي ورتو هو. اڳ ۾ ئي هن جا ڪن پرايل هئا ۽ ڪئين ڳالهيون زال بابت ٻڌيون هوائين. تنهن هوندي به سندس هلت چلت ۾ فيرو نه آيو هو. پر هن دفعي پنهنجي زال جي هيءَ هلت ڏسي ڪيس ڀڪ ٿي ۽ گهر ۾ اچي گهٽ وڌ پنهنجي زال کي ڳالهائڻ لڳو ۽ پڇيائينس ته ”اڙي بدچال، هار سينگار ڪري تون ڪيڏانهن هلي هئينءَ؟“ ڪورياڻيءَ چيو ته ”اڙي ڇو ڇتو ٿيو آهين؟ مان ته هتي ئي ويٺي آهيان. شراب جي نشي ۾ مست ٿي مارجي وڃي ائين. جڻن پيو وٽيڪي لڳن پيو بڪين. چيو جو:-

”وياڪلتا، زمين تي ليٽيون پائڻ ۽ وقلط لاهي ٽيڪي
ڳالهيون نشيءَ ۽ اُنهر تپ واري ماڻهوءَ ۾ هڪ جهڙيون
نظر اينديون آهن.“

۽ ”منهنجو هن ڳوٺ ۾ ڪو واقف نہ آهي. مان هڪ اَٿِتي
(مهمان) ٿي هتي رات رهڻ ٿو چاهيان لئين ڪري تون
اَٿِتي ڌرم جو پالن ڪر ڇو جو چيل آهي تہ:-
”سڀ ليڪڻ مڪل جي ڪڍڻ ڪو اَٿِتي گهر ۾ اچي تہ اُن
جو ستڪار ڪرڻ ڪري گرهستيءَ کي ديوتا جي
پدوي ملندي آهي.
”ست پرشن جي گهرن ۾ اَٿِتين لاءِ گهٽ ۾ گهٽ هي
چار شيون تہ هميشہ ميسر هونديون آهن. هڪ ڪکن
جو آسڻ، ٻيو (ويهڻ يا سمهڻ لاءِ) زمين، ٽيون پاڻي،
چوٿون مٺا ٻول.
”'ڀلي آيا' اِئين چوڻ سان اَگني ديوتا، ويهڻ جي جاءِ
آڇڻ سان اندر، پيرن ڌوئارڻ سان پتر ۽ اَٿِتيءَ کي
اورو گهڻو کاڌي لاءِ ڏيڻ سان مهاديو پرسن ٿيندو آهي.“
اِهو ٻڌي ڪوريءَ پنهنجيءَ زال کي چيو تہ ”هي پياري،
تون ڀلا هن مهمان کي گهر وٺي هل ۽ سندس خاطرداري ڪر.
مان انهنجي لاءِ شهر مان شراب وٺي ٿو اچان.“ اِئين چئي
هو هلندو ٿيو. هوڏانهن ڪوريءَ جي زال کي بہ موقعو ملي
ويو جو هوءَ پنهنجي پير تي نہ هئي. سندس دل هڪ
ديودت نالي شخص سان قائل هئي ۽ اُن سان سندس اَجوڳ
رستو هو. انهن ڪري هوءَ ديوشرما کي ساڻ ڪري خوش
ٿيندي گهر ڏانهن هلي. ڇو جو:-
”بادلن سان ڇانيل برسات جي ڏينهن ۾، گهاٽيءَ اوندهہ
۾، شهر جي اَهڙين سوڙهين گهٽين ۾ جتان لنگهڻ ڏاڍو
مشڪل هجي ۽ مڙس جي غيرحاضريءَ ۾ ڪامڻي زال
کي ڏاڍو مزو ايندو آهي.
”اڪي ڇڏي ناجائز رستو رکندڙ زال کي پنهنجي لائق

اَچان.“ ديوشرما اَچا پٽ وراڻي مس ته آڪاڙيوتي ناٽي واري
ٽيلهي ڪٽي گودڙي اُنين ٽي وڙهي رکي وڃي پڳو. هوڏانهن
ديوشرما جهنگ ۾ ريلو ڪري رهيو هو ته ٻريان ڏنائين ته
سونيءَ پشم وارن گهٽن جي ڌڻ مان ٻه هڪدم سبز گهٽا پاڻ
۾ مٿا ٽڪرائي وڙهي رهيا هئا. سندن مٿن مان رت پيو
ڳري نڌهن ٻه وڙهڻ بند ٽي نه پيا ڪن. هڪ گدڙ ٻه اُتي
اَچي نڪتو. جيڪا رت گهٽن جي مٿن مان وهي پئي سا
گدڙ چٽيندو پيو وڃي. گدڙ کي رت جو اُهڙو ته چسڪو اَچي
ويو جو جيڏانهن جيڏانهن گهٽا وڙهندي گهلبا پيا وڃن اوڏانهن
گدڙ ٻه بي خبريءَ ۾ گهلبو پيو وڃي. ديوشرما جو ضروري
حاجت ڪندي ٻريان اِهو نظارو ڏسي رهيو هو تنهن من ۾
ويچار ڪيو ته هي گدڙ کهڙو نه بيوقوف آهي جو رت جي
چسڪي ۾ اَچي ڪيس اِها سمڪ ٽي نٿي پوي ته ٻنهي گهٽن
جي وچ ۾ جيڪڏهن اَچي ويو ته چڪناچور ٿي ويندو. هن
اَچا اِهو خيال مس ڪيو ته گدڙ ٻنهي گهٽن جي ٽڪرن جي
وچ ۾ اَچي ويو. سندس پاسريون ڀڃي پيون ۽ اُتي جو اُتي
ڌ ۾ ٽڪري ويس. ديوشرما ٻه سرت مٿائي نديءَ لي هت
ٿهن ڌوئڻ وينو ته ڏنائين ته گودڙي نه ٻرابر رکي آهي ٻر
آڪاڙيوتي آهيتي ڪونه. جان ڪٽي گودڙي کولي ته ناٽي واري
ٽيلهي ندارد. ٻوءِ ته سندس وايون ٻتال ٿي ويئون. اوچنگارون
ٿي ورلاپ ڪرڻ لڳو ”اَڙي ٻچا آڪاڙيوتي، ڪيڏانهن هليو
ڻين. ورندي نه ڏي.“ ٻر آڪاڙيوتي هجي ته جواب ڏي.
لاپ ڪندي ديوشرما بيهوش ٿي ويو. آخر جڏهن سجاڳ
ته آڪاڙيوتيءَ جو پيرو کڻي آڳتي هليو تان جو شام جو هڪ
ت پيرو اَچي ٿيو.

ڳوٺ جي ٻاهران هڪ ڪوري ڪڏيس جو پنهنجيءَ زال
گڏجي شهر ۾ شراب پيئڻ پي ويو. اُن کي ديوشرما چيو

دوستيءَ جو، ٻري ليت سان آسودگيءَ جو، پرديس ۾
رهڻ سان پريم جو، مغروريءَ سان عورت جو، سنڀال
نہ ڪرڻ ڪري کيتيءَ جو ۽ لاپرواهيءَ ڪري ڪاروبار
۽ ڌنڌي جو خاتمو ٿيندو آهي."

اِنهيءَ ڪري گرومنتر وٺڻ کان پوءِ آشرم جي دروازي
وٽ ڪکائينءَ جهوپڙيءَ ۾ توکي رات جو سمهڻو پوندو."

آڪاڙيوليءَ چيو تہ "توهان جي آگيا مونکي چشمن تي آهي.
پرلوڪ ۾ تہ توهان جو اُپديش ئي ڪم ايندو." اهڙي طرح
رات جو دروازي کان ٻاهر سمهڻ جو شرط پڪو ڪري
ديوشرما شاسترن جي وڌيءَ موجب گرومنتر ڏئي آڪاڙيوليءَ
کي پنهنجو شش بڻايو. آڪاڙيولي بہ سڄو ڏينهن مندر جو ڪم
ڪندو هو تہ رات جو ديوشرما کي پيرون ڏيندو هو. اِنهيءَ
ڪري ديوشرما هن تي ڏاڍو خوش ٿيو. تنهن هوندي بہ
مجال جو ناڻي واري ٿيلهي هڪ کن بہ پاڻ کان پري ڪري.

اِئين ڪيترن ڏينهن گذرندي آڪاڙيولي خيال ڪرڻ لڳو
تہ "هيءَ تہ ڪنهن بہ حالت ۾ مون تي ويساهہ نٿو ڪري.
تڏهن تہ ڀلا ڇرو هٿي سندس ڪم لاهي ڇڏيان يا زهر ڏيئي
ڪيس ختم ڪيان؟" اِجا اِهو ويچار ئي ڪري رهيو هو تہ
اُنهيءَ ڏينهن ڪنهن ڳوٺ مان هڪ سيوڪ جو پٽ آڪاڙيوليءَ
کي نينڊ ڏيڻ آيو تہ "اَسان جي گهر ۾ ٻارن کي جڻيا پوندا.
توهان ڪرپا ڪري درشن ڏيو." خوشيءَ سان نينڊ قبول
ڪري ديوشرما آڪاڙيوليءَ کي ساڻ وٺي ڳوٺ ڏانهن هليو.
اَڃا هوُ اَڳتي وڌيا تہ واٽ تي هڪ ندي آئي. اُتي بسرام
ڪرڻ لاءِ ڪجهہ وقت ويٺا تہ ديوشرما کي ضروري حاجت
جو خيال ٿيو. ناڻي واري ٿيلهي هڪ گودڙيءَ ۾ ويڙهي
آڪاڙيوليءَ کي چيائين تہ "هيءَ ڪرامات واري جوڳين جي
گودڙي آهي. اُن جي سنڀال ڪج تہ مان جهنگ مان ٿي

”جوانيءَ ۾ ٿي جنهن جي من ۾ شانتي واسو ٿي ڪري سو ٿي سچ پچ شانت سروپ آهي. ٻڍاپي ۾ جڏهن اندريون ڪمزور ٿي پونديون آهن تڏهن ته پنهنجو پاڻ ماٺائي اچي ويندي آهي.

”ٻڍاپو سريشٽ پرشن جي ڀرپائين من ۾ ايندو آهي؛ پوءِ سرير ۾. پر دشٽ پرشن جي رڳو سرير ۾ ٿي ٻڍاپو ايندو آهي. سندن من ته ڪڏهن پڙو ٿيندو ئي نه آهي.“

هن سنسار ساگر کي پار ڪرڻ جو اپاءُ جيڪڏهن مون کان پڇين ٿو ته ٻڌ:-

”شودر، چنڊال توڙي ڪير به هجي جيڪو گوروءَ کان 'شو' جو منتر وٺي، جٽاٿون رکائي، سرير ۾ ڀسم لڳائي اهو شنڪر جو روپ ٿي ويندو آهي.

”ڇهن آکرن واري منتر (اوم نمه شوايه) جو اچارڻ ڪري جيڪو ماڻهو شو جي لنگ تي هڪ گل به پيتا لوڙکي ته اهو وري جنم مرڻ جي چڪر ۾ نه ايندو آهي.“

اهو ٻڌي آکاڙپوتي سنياسيءَ جي پيرن تي ڪري پيو؛ کيس وينتي ڪيائين ته ”هي ڪرپانڌان، مون کي گورو منتر ڏئي ڪرتارٿ ڪريو.“ ديوشرما چيس ته ”مان توتي ڪرپا ڪندس پر هڪ شرط آهي ته رات جو ڪڏهن به هن مندر ۾ اندر نه ايندين. ڇو جو سنياسين لاءِ اڪيلو رهڻ ئي نيڪ آهي. اهڙي طرح تنهنجي لاءِ توڙي منهنجي لاءِ به ڇو جو:-

”ڪونيءَ صلاح سان راجا جو، پڻ سان سنگ ڪرڻ ڪري سنياسيءَ جو، لاڏ ڪوڏ سان پٽ جو، وديا نه پڙهڻ ڪري براهمڻ جو، ڪپاٽر پٽ سان خاندان جو، دشٽ پرش جي سنگ سان چرتر جو، پريم ڪانساءِ

اچڻ ۾ ٻه تڪليف ۽ وڃڻ ۾ ٻه مصيبت. ڏکار آهي
اهڙي ڀتسي ڪي."

انهيءَ وچ ۾ آڪاڙ ٻوليءَ نالي داداگير ٽاڙي ورتو ته هن ٻانيءَ جي ٻغل ۾ ڪا مڙيوني ڪيميا آهي ۽ اُن کي لمائڻ جا ٻه، ٻچائڻ لڳو. هو سوچڻ لڳو ته ڪاٺ هيٺڻ ٻه ڏکيو آهي جو آشرم جون ڀتيون مضبوط آهن. لنگهه وارو دروازو چڱو اتاهون هو جنهن ڪري متان ٽپڻ ٻه ڏايو ڏکيو هو. تنهن ڪري هن اِهو ئي فيصلو ڪيو ته فريب ڪري مان هن جو چيلو ٿو بڻجان ۽ جڏهن مون تي وساهه ڄمي ويس تڏهن مڙيوني مطلب پوري ٿيڻ جو موقعو ملي ويندو. چو جو:-

"جنهنکي ڪائي چاهنا نه آهي اهو ئي جو حق نه
کسيندو، جنهنکي ڪام جي واسنا ڪانهي تنهن کي
سينگار ڪرڻ نه وڻندو، مورک ماڻهو منا وچن نه
ڳالهائيندو آهي ۽ مهون لئي سچ چئي ڏيندڙ، تکو
نه ٿيندو آهي."

اهڙيءَ طرح پڪو ارادو ڪري ديوشرما وٽ وڃي 'اوم نمهه شواءِ' چئي کيس ڏنڊوت پرڻام ڪري چيائينس ته "هي مهاراج، جيون ۾ ڪو مزو ڪونهي. جبل تان وهندڙ نديءَ جي لکي وهڪري وانگيان هيءَ جواني وهندي ٿي وڃي. ڪکن جي باهه وانگيان هيءَ حياتي آهي. سياري جي بادلن وانگيان هن دنيا جا ڀوڳ ولاس گهڻو وقت جٽاءُ نٿا ڪن. يار دوست، پٽ ڌيئر، زال ٽوڙي اوڪر سڀئي جو سنبنڌ سپني وانگيان آهي. انهيءَ حقيقت کي مون چڱيءَ طرح ٻروڙيو آهي. هاڻي توهان ڪرپا ڪري اهڙو ڪو اُپاءُ ڏسيو جئن مان هن سنسار ساگر مان پار تري وڃان. اهو ٻڌي ديوشرما چيو ته "ٻچا، لمهجا ڌن ڀاڳ آهن جو جوانيءَ ۾ ئي ويراڳ لڳو اٿيئي. چو جو:-

کي سمجھايو هو ته ڪهڙيءَ طرح پنهنجي جوابداري لاهڻ
لاءِ وزيرن کي کپي ته راجائن کي نيڪ صلاح ڏين پوءِ
هو چاهي ان تي عمل ڪن يا نه.

"گهمنڊي راجا ۽ متوالو هاٿي جيڪڏهن سڌي رستي
تي نه هلندا آهن ته کين هلائڻ واري (منتري ۽ مهاوت)
جي ئي گلا ٿيندي آهي."

تون ئي هن گاله ڪاٺيندڙ سنجيوڪ کي سواميءَ وٽ وٺي
آيو آهين. پنهنجي هٿين پاڻ ئي ڪنڊا پوکيا اٿيئي.

دمنڪ چيو ته "اِئين برابر آهي. اِهو سڀ منهنجو ڏوهه
آهي ۽ نه سواميءَ جو. ڇو جو چيل آهي ته:-

"گهٽن جي وڙهه ۾ گدڙ، آکاڙيوتي جي ڪري مان،
ٻي جي ڪم ڪرڻ ڪري وچ واري حجامڻ (اِهي
ٽيئي تڪليف هيٺ آيا) اِهي ٽيئي پنهنجو پاڻ ئي
قصور وار هئا."

ڪرٽڪ چيو ته "اِهو ڪيئن؟"

دمنڪ چيو ته "ٻڌ ته ٻڌايانءِ."

۴. آکاڙيوتي، گدڙ ۽ وچواري آکاڻي

ڪنهن اڪيلي هنڌ هڪڙو مٺ (آشرم) هو جتي ديوشرما
نالي هڪ سنياسي ٻائو رهندو هو. گهڻيئي شاهوڪار اچي
پنهنجي ڪپڙن جي ان وٽ پيٽا چاڙهيندا هئا. هو وري
… ڪپڙا وڪڻي پيسو گڏ ڪندو ويندو هو. تان جو هن
… نه ڪنهو ٿيو جدهن ڪري هو ڪنهن تي به اعتبار
… ڏينهن تاڻي جي ٿيلهي پنهنجيءَ ڪڇ ۾
… جو چيل آهي ته:-

… ڪمائڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. ڪمايل
… نهائين ڏکي آهي. تاڻي جي

اي پرواهہ ماڻهن لي، منگڻن جو گهر ٻارڻ لي، وڻشائن
جو ڪامي ٻرشن لي، ڪاريگرن جو سيني ماڻهن لي
گذران ٿيندو آهي.
” مٺ محبت، دڙڪي داب ۽ ڏهڪاءَ جو چار ٿهلائي
مٿيان سيٺي راجا، حڪيم واپاري وغيره رات ڏينهن
پنهنجي گذران جي وسيلي جي انتظار ۾ هوندا آهن.
اِها ڳالهہ برابر چيل آهي تہ:-
” ناڻگن جون، دشمن جون ۽ ٻين جي ملڪيت هڙپ
ڪرڻ وارن جون چالاڪيون تہ سيٺي خواهشون پوريون
نہ ٿيون ٿين تنهن ڪري هيءَ دنيا هلي ٿي.
” مهاديو جو نانگ ٻڪ ۾ وياڪل ٿي گڻيش جي ڪوئي
کي نو کائڻ چاهي. انهيءَ نانگ کي وري ڪمار
(سوامي ڪارڪ) جو مور کائڻ نو چاهي. نانگ کائيندڙ
مور کي وري پاروتيءَ جو شينهن گرڪائڻ نو چاهي.
شنڪر ڀڳوان جي گهر ۾ بہ جڏهن اهڙو گهوٽالو لڳو
پيو آهي تہ ٻين جي ڳالهہ ئي ڪهڙي ڪجي. هن
سنسار جو سروپ ئي اهڙو آهي.
مالڪ جي مهربانيءَ جو چارو نہ ڏسي ٻڪ جا ستايل
ڪرڪ ۽ دمنڪ ٻاڻ ۾ صلاحون ڪرڻ لڳا. دمنڪ چيو تہ
” ياءَ ڪرڪ اسان جي تہ هاڻي حيثيت ئي ڪانهي. سنجيوڪ
سان نالو جوڙي پنگلڪ پنهنجي مقرر تيل ڪمن کان بہ منهن
موڙي ويٺو آهي. سيٺي نوڪر بہ ڀڄي هليا ويا آهن. هاڻي
چا ڪرڻ کپائي؟
ڪرڪ چيو تہ ” جيتوڻيڪ مالڪ تنهنجي ڳالهہ نٿو مڃي
تڏهن بہ سندس اوڻاين کان کيس خبردار ڪرڻ کپي.
” پاڻڪي ڏوهہ کان بچائڻ لاءِ جهڙيءَ طرح ودر ڌرتراشٽر

ڇاڪاڻ جي هر روز پنگلڪ ۽ سنجيوڪ خلاصو ويهي ڳالهيون ڪندا هوا. ٻي ڪنهن کي سندن ويجهو وڃڻ جي همت ئي ڪانہ ٿيندي هئي. ڪرٽڪ ۽ دمنڪ به وٽن وڃي نہ سگهندا هئا. شينهن شڪار ڪرڻ ڇڏي ڏنو جنهن ڪري ڪرٽڪ ۽ دمنڪ سوڍا سندس ٻوٽلڳ سيئي ٻک بہ پاهہ ٿيڻ لڳا. چيو جو چيل آهي تہ:-

”وڻ ڪيترو بہ وڏو ۽ ڇهونو هجي پر جي سڪي وڃي ۽ منجهانس ڦل غائب ٿي وڃن تہ پکي اُن کي ڇڏي ٻي هنڌ وڃي آسرو وٺندا آهن.

”اهڙي طرح ٻوٽلڳ ڪيترو بہ خانداني ۽ ڇهونا هجن تہ شيوا جو ڦل نہ ملڻ جي ڪري هڪ راجا کي ڇڏي ٻي جو آسرو ڳوليندا آهن.

”آدرياءُ ڪيل، خانداني ۽ فرمانبردار نوڪر بہ آجيوڪا نہ ملڻ ڪري پنهنجي مالڪ (راجا) کي ڇڏي هليا ويندا آهن.

”جيڪو مالڪ نوڪرن کي پگهار پوري وقت تي ڏيندو تو رهي، اُنهيءَ کي عزت جي گهٽ وڌ ٿيڻ تي بہ نوڪر ڇڏي نہ ويندا آهن.“

رڳو نوڪر اِئين نہ ٿيندا آهن پر سڄي سنسار ۾ سيڻي پراڻي ٻيت جي واسطي ئي جدا جدا قسمن جي ماڻهن سان پريم، جهڳڙي يا دپ ڏاءَ واري رستي جو ورتاءُ ڪندا آهن. جئن تہ:-

”سمنڊ ۾ جهڙيءَ طرح وڏيون مڇيون ننڍين مڇين تي گذران ڪنديون آهن تئن هن دنيا ۾ بہ راجائن جو گذر ملڪن تي، حڪيمن جو بيمارن تي، واپاريءَ جو گراهڪن تي، ڏاهن جو بيوقوفن تي، چورن جو

هن جي اِئين چوڻ تي دمنڪ سنجيوڪ کي وٺي پنگلڪ
وٽ آيو ۽ کيس ٻڌائين تہ ”حضور، مان سنجيوڪ کي وٺي
آيو آهيان. هاڻي سائين جن کي جيئن وڻي تيئن ڪريو.“

سنجيوڪ پنگلڪ کي پرڻام ڪري نمرتا سان سندس
سامهون ٿي بيٺو. پنگلڪ بہ سنجيوڪ جي رشٽ پشٽ ڪلهي
تي وجر جهڙن ننهن سان سينگاريل پنهنجو ساڄو چنبو رکي
کيس آسيس ڏني ۽ کانئس پڇيائين تہ ”مزي ۾ تہ آهين؟
هن ويران جهنگل ۾ تون ڪيئن آئين؟“ ورتمان ڪان جدا
ٿيڻ ۽ ڪپ ۾ ڦاسڻ جون سڀ ڳالهيون سنجيوڪ پنگلڪ کي
ڪري ٻڌايون. اهو ٻڌي پنگلڪ بہ ٻڙبڙ وچان کيس چيو تہ
”هي دوست، مٺان ڪو ڀؤ ڪيو اٿيئي. منهنجون ٻانهون
توکي سڀ قسم جو اجهاءُ ڏينديون. تنهن هوندي بہ توکي
هميشہ منهنجي پرسان رهڻ کپي ڇو جو هن ٻن ۾ تمام خوفناڪ
جانور ٿا رهن ۽ هميشہ خطري جو امڪان آهي. گاهہ کائيندڙ
جانورن کي خاص طرح ساوڌان رهڻو آهي.“ اِئين چئي سينهن
جانورن کي ساڻ ڪري پنگلڪ جمنا نديءَ تي ويو. اُتي
سڀني ڪري ڍءُ تي پاڻي پيتائين ۽ پوءِ اُنهيءَ ئي جهنگ
۾ پنهنجي ماڳ موٽي آيو ۽ پنهنجي حڪومت جو سڄو ڪاروبار
ڪرڻ ۽ دمنڪ کي سونپي پاڻ سنجيوڪ سان ئي ڳالهين
ٻولهين ڪرڻ ۾ وقت گذارڻ لڳو. ڇو جو چيل آهي تہ:-

”قسمت سان جيڪڏهن ست پرش سان هڪ ڀيرو
بہ سماگم ٿي وڃي تہ اهو ڏاڍو ڦلدائڪ آهي. اُن جي
لاءِ هر گهڙيءَ اڀياس جي ضرورت نہ پوندي آهي.“

سنجيوڪ گهڻيئي شاستر پڙهيا هئا ۽ کيس شهري رهڻ
رسمن جي ڄاڻ هئي. ٿورن ئي ڏينهن ۾ پنگلڪ جون جهنگلي
عادتون مٽائي سندس اصل سڀاءُ ئي ڦيري ڇڏيائين. ورتيڪ

گورنپ راج محل ۾ وڃي راجا کي ننڊ مان اُٿيون پٽيندو
سي ڀاري پائيندي چوڻ لڳو ته ”اُٿي، اسان جي راجا
ي بيوقوفي ته ڏس جاء ضرور (ڪاڪوس) ۾ وڃي ونگيون
و ڪاٽي.“ اهو ٻڌي راجا گورنپ کي ڏمالي چيو ته ”اُٿي،
ڇ گورنپ! ڇيء چا جي ٻڪواس لڳائي اٿيئي؟ اِئي
و اِئي ختم نه ڪري ڇڏيانء. مونکي اِئين ڪندو تو ڪڏهن
ڏٺو آهي؟“ گورنپ چيو ته ”حضور، جوئا جي عادت جي
مجبوري! رات جي جاڳرلي ڪري جهاڙو لڳائيندي اک لڳي
ويئي. خبر نه آهي ته ننڊ ۾ ڇا چيم؟ جيڪڏهن ڪا گهٽ
وڌ ڳالهه چئي اٿم ته حضور کان معافي طلب آهيان.“ اهو
ٻڌي راجا خيال ڪيو ته ”سچيء عمر ۾ مون ڪڏهن به سنڊاس
۾ ويهي ڪڏهن ونگيون نه ڪاڏيون آهن. هيء بيهودي ؟
ڳالهه هن بيوقوف جنهن منهنجي باري ۾ ڪئي آهي
جي باري ۾ چئي هجيس ته اِنهيء ۾ ڪهڙو شڪ!
قصور جي بي عزتي ڪئي آهي. هن جهڙو لائق
ڪم ڪڏهن به نٿو ڪري سگهي. هن ڪانسواء
ڪاروبار لوڙي شهر جي ڪمن ڪارين ۾ يلائي
آهي “ اهڙيء طرح گهڻي سوچ ويچار ڪانپوء
گهرائي پڻهنجي خاص زيورن ۽ ڪپڙن سان سينگاري
وري اُڳين عهدي تي ٿاڦيائين. اِنهيء ڪري مون
چيو ته:-
” مغروريء ۾ اچي وڏن، وڇولن، ۽ ننڍن سان
نموني نٿو اچي، پوء لوڙي هو راجا جو
هجي ته سنڊس حال اهڙو ٿيندو جهڙو
هو.“
چيو ته ”ڀاء، اِئين ٺيڪ آهي. جنهن لو چيو آهي
“

ڪي ۽ ڪهڙو ڏني ٻاهر نہ ڪڍي ڇڏي؟" اِهو ٻڌي دنتل
مَن ۾ سوچيو تہ سچ پچ هيءَ گورنڀ جي حرڪت آهي جو
چيل آهي تہ:-

"راجا جي چاڪري ڪرڻ وارو جيترو ٺيڪ ڪهڙ ذات،
بيوقوف ۽ نيچ هجي تہ بہ سڀ هنڌ سندس عزت
ٿيندي آهي.

"جيڪڏهن ڪو ڪانئر يا ڳيدي بہ راجا جي خدمت
ڪندڙ هجي تہ انهيءَ جي بہ ڪو بي عزتي ڪري نہ
سگهندو آهي."

انهيءَ نموني ڏک وچان گهڻن ئي نمونن جا ٻور ٻچائي
دنتل ماندو ٿي گهر موٽيو. شام جي وقت هن گورنڀ کي
گهرايو ۽ سندس چت چت ڪري ڪيس بہ ڪپڙا (ڌوتي ۽
بوچڻ) ڏني سندس ڏاڍي خاطرداري ڪيائين ۽ چيائينس
تہ "هي پيارا مٽر، انهيءَ ڏينهن مون توکي ڪاوڙ مان ٻاهر
ڪڍي ڇڏيو. توکي ٻراهمڻن جي اڳيان اجوڳ جڳهہ تي ويٺل
ڏسي مون توکي ٻاهر ڪڍي ڇڏيو. تنهن لاءِ مونکي معاف
ڪر." گورنڀ جو اهڙو آدرستڪار ٿيو سو سمجهائين
تہ جڻ سرڳ جو راڄ ملي ويو آهي. خوش ٿي گورنڀ دنتل
کي چيو تہ "سيٺ صاحب! مان توکي اڳئين گناهہ جي معافي
ٿو ڏيان، تو ٻچتاءُ ڪري منهنجي هيتري عزت ڪئي آهي؛
ٽاڻي وري منهنجي عقل جي ڪيڏ ڏسجانءِ. ڏس تہ راجا
ڪئين تو وري توتي هٿ رکي." اِئين چئي گورنڀ گدگد
ٿي اتان ٻاهر نڪتو. ڇو جو اِئين ٻرابر آهي تہ:-

"تارازيءَ جي ڳن ۽ دشت پرش جي هلت هڪ جهڙي
ٿيندي آهي. ٿوري بہ ٿي مٿي چڙهي ويندا آهن ۽
ٿوري بہ ئي هيٺ جهڪندا آهن."

آهن جڏهن ڪين ڪوچڪ ڪرڻ وارو نه هوندو آهي؛
جڏهن ڪين مٺن ماڻهن جو ٻڌپ هوندو آهي."

اهڙيءَ طرح من ۾ اوڪ ٻوڪ ڪري انهيءَ ڏينهن کان راجا دنتل کان اهڙو نه منهن ڦيري ڇڏيو جو سندس دربار ۾ اچڻ به دشوار ٿي پيو. دنتل به هن راجا جي هلت چلت ۾ اوچتو ڦيرو آيل ڏسي سوچڻ لڳو ته:-

"ڌن دولت حاصل ڪري ڪير ڦونڊ ۾ نه ٿو ڀرجي وڃي؟
عيش عشرت ماڻيندڙن جي مصيبتن جو به ڪڏهن خاتمو ٿيو آهي؟ زالن جي ڦندي ۾ ڦاسي هن پرٿويءَ ۾ ڪنهن جو من ڏولائمان نه ٿيو آهي؟ راجائون به ڀلا ڪنهن کي پيارا ڪندا آهن؟

"ڪال جي چنبي مان ڪير ٿو ڇٽي سگهي؟ ڪوئي منگتو بکاري به فخر ڪري سگهندو؟ دشمن جي جار ۾ ڦاٿل ماڻهو به ڀلا ڇٽي سگهندو؟ ڪو به ڪونه.

"ڪانءَ ۾ صفائي، جوئاريءَ ۾ سچائي، نانگ ۾ سدائي، زالن جي ڪام جي شانتي، نپنسڪ (هيجڙي) ۾ ڌيرج، شرابيءَ ۾ سچ جي پرکڻ؛ راجا جي مترتا به ڀلا ڪنهن ڏٺي يا ٻڌي؟"

مون هن راجا جو يا سندس لڳ لاڳاپي واري جو سپني ۾ به ڪو نقصان نه ڪيو آهي پوءِ به هن نموني مونکان منهن ڦيري ويو آهي؟"

هڪ ڀيرا دنتل راج دربار ڏانهن وڃڻ ٿي چاهيو ته دربان [illegible] دروازي وٽ روڪي بيهاريو. اتي ئي ۾ صفائيءَ وارو [illegible] به اچي اٽڪيو؛ خنڪيءَ وچان کلي ڪري دربان [illegible] چيائين ته "اي اردلي ڀائرو، راجا جي لاڏلي، هن [illegible] جو روڪي بيٺا آهيو؟ متان مون وانگيان توهان

وري انهيءَ ۾ ڪهڙو سنديھ، جڏهن هڪ ڪامڻي زال جو اُن ۾ واسطو آهي.

"هوءَ ڳالهائيندي هڪ سان، ته نهرو ٻي سان ڪندي، ۽ دل وري ٽين هنڌ قائل هوندس. اهڙي زال جي پيار لي ٻه پلا ڪو اعتبار آهي؟

"هوءَ (مساڳي لڳل) ڳاڙها چپ ڪيئي مشڪندي ۽ ۽ ڳالهائيندي هڪ سان ته ڦندڙ مڪڙين وانگيان اکيون ڪولي نهاريندي ٻي ڏانهن ته من ۾ ٻور وري ڪنهن ٽئين مالدار ماڻهوءَ جا پٺيي پچائيندي. سندس سچو پچو پروڙ پائڻ مشڪل آهي.

"ڀاهه کي ڪاٺين مان ڍءُ نٿو ٿئي، سمنڊ ۾ سيئي نديون سمائجي ٿيون وڃن، ڪال سيني پراڻين جو خاتمو ڪري ۽ تڪڙپت نٿو ٿئي تئن ڪامڻي زال ۾ ڪڏهن سنتشت ٿيڻ واري نه آهي.

"استريءَ جو ستور ٽڪو انهيءَ ڪري قائم ٿو رهي ڇا ڪاڻ ته هوءَ اڪيلي نه ٿي رهي، ڪيس ڪو موقعو نه ٿو ملي ۽ نه وري ڪيس ڪو چاهڻ وارو آهي.

"جيڪو مورک انئين ٿو سمجهي ته فلاڻي استري مون لي اڪن ڇڪن آهي اهو جڻ ته اُن جو پاليل پکي آهي.

"جيڪو زالن جون نديون وڏيون ڳالهيون مڃيندو ٿو رهي ۽ اُنهن جا سڀ ڪنهن قسم جا ڪم ڪندو ٿو رهي اُنهيءَ کي عام طرح ماڻهو هلڪو ڪري ليکيندا آهن.

"زالون اُنهيءَ کي چاهينديون آهن جو ڪين ميٺ منٿ ڪندو رهي، سدائين سندن پير ۾ هجي ۽ سندن ٿوري گهڻي شيوا ڪندو رهي.

"پاڻ هڙتڙيون زالون مرجادا اندر تڏهن رهي سگهنديون

ماڻهو دنتل جهڙي زبردست ماڻهوءَ کي ڪهڙو نقصان پهچائي سگهندس. چيو ويو:-

”اُهيءَ بيشرم ماڻهوءَ کي ڪاوڙ ڪرڻ جو ڪهڙو سبب
آهي جو ٻي ڪي نقصان نٿو پهچائي سگهي؟ پڇنڊڙ
پکڙو (چٽو) ڇا پڇنڊڙ ٿئي پڇي ڇڏيندو؟“

هڪ ڏينهن صبوح جو سوير جڏهن اَجا راجا ننڊ مان پورو
سجاڳ نہ ٿيو هو تڏهن صفائي ڪندي گورنڀ سندس پلنگ جي
پرسان پنهنجي منهن ۾ چوڻ لڳو تہ ”دنتل اڄ ڪلهہ ڪهڙو نہ
ڍيٺ ٿي پيو آهي جو راڻيءَ کي ڀيو ڀاڪر پائي.“ اِهو ٻڌنديئي
راجا ڇرڪ ماري اُٿيو ۽ گورنڀ کي چيائين تہ ”اڙي ڇا چيئہ
دنتل راڻيءَ سان ڀاڪر پاتو. اِها ڳالهہ سچي آهي؟“ گورنڀ
چيو تہ ”حضور جوئا جي عادت جي مجبوريءَ ڪري مان
سڄي رات جاڳيو هيس. هاڻي ننڊ جي خمار ۾ خبر نہ آهي
تہ مون ڇا چيو.“ راجا حسد جي باهہ ۾ ٻرڻ لڳو ۽ دل ۾
سوچيائين تہ ”جئن گورنڀ بنا روڪ ٽوڪ جي رنواس ۾
ايندو ويندو آهي تئن دنتل بہ گهر جي پاڻين وانگيان بنا
شڪ شبي جي ڀيو ايندو ويندو آهي. ٿي ٿو سگهي تہ گورنڀ
دنتل کي راڻيءَ سان ڀاڪر پائيندو ڏٺو هجي ۽ اها ڏينهن
جي ڏٺل گهٽنا سپني ۾ دهرائي هجيس. چيو ويو:-

”ماڻهو ڏينهن جو جيڪي پور پچائيندو آهي، جيڪي
ڏسندو يا ڪندو آهي اُنهن ئي ڳالهين بنسبت سپني
۾ ٻڙ ٻڙ ڪندو ۽ وقلندو آهي.

”چڱي يا لڳي ماڻهوءَ جي من ۾ جيڪو بہ پاپ يا پيچ
هوندو آهي، اُهو توڙي ڪيترو بہ لڪل هجي تہ بہ
سپني ۾ وقلڻ وقت يا نشي جي حالت ۾ پاڻيهي ظاهر
ٿي پوندو آهي.“

سڄيوڪ چيو "اِهو ڪٿي؟"
ڊمڪ چيو ته "هِتي ته پڪايانءِ."

٣. ڊنتل (مضبوط ڏندن وارو) واپاري

هن ڀرتويءَ تي ورڌمان نالي هڪ شهر آهي. اُتي ڏاڍيءَ مال ملڪيت وارو سڄي شهر جو مکيه ماڻهو ڊنتل نالي هڪ نگر سيٺ رهندو هو. هو شهر جو ڪاروبار سنڀاليندي عام ماڻهن کي به خوش رکندو هو پر راجا به منجهانس ڏاڍو پرسن هو مطلب ته هن جهڙو سياڻو ماڻهو نه ڪنهن ڏٺو هو ۽ نه ڪنهن ٻڌو هو. چيو به ويندو آهي ته:-

"راجا جو فائدو چاهيندڙ کي عام ماڻهو ڌڪاريندا آهن. ۽ جيڪو ماڻهو عام جو ڀلو چاهيندو آهي اُنهيءَ سان وري راجا ڇڙيل هوندو آهي. اِنهن ٻن مختلف حالتن ۾ اهڙو ڪو ورلو هوندو آهي جو عام توڙي سرڪار ٻنهي ۾ پيارو هجي."

اهڙيءَ طرح وقت گذرندي ڊنتل جي هڪ ڌيءَ جي شادي ٿي. اُنهيءَ موقعي تي ڊنتل شهر جي ماڻهن ۽ سڀني ڪامورن کي دعوت ڏئي گهرايو. اُنهن کي ڪارائي پيئاري سوکڙيون پاکڙيون ڏنائين. شاديءَ کان پوءِ راجا ۽ سندس محل ۾ رهندڙ راڻين کي خاص مجلس ڏنائين. راجا جي خاص ڪمري ۾ صفائي ڪندڙ گورنڀ نالي نوڪر به ساڻن گڏ جي آيو جو شدمد سان اُنهيءَ هنڌ اچي ويٺو جتي راجا جي گوروءَ جو آسڻ وڇايل هو. سندس اهڙي گستاخي ڏسي ڊنتل کيس ڪنڌ کان ڌڪو ڏئي ٻاهر ڪڍي ڇڏيو. گورنڀ اِن عزتيءَ جي ڪري آهون ڀريندو رهيو ۽ کيس رات جو ننڊ نه آئي. هو اِهوئي ويچار ڪندو رهيو ته هن مغرور سيٺ کان ڪيئن بدلو وٺان ۽ راجا سان ڦيٽارو وجهايانس. وري خيال آيس ته مان خسيس

[illegible] ع [illegible]

باز آئڙ ۽ [illegible] آهي [illegible] آهي."

[illegible] سمجهوڪ ڏاڏهن ايندي

[illegible] مهربان

[illegible] خيال ڪري [illegible]

[illegible] ڪري [illegible]

[illegible] آهي [illegible]

[illegible] آهي.

" [illegible] آهي.

[illegible]

[illegible] "

[illegible]

هو ڪو عام رواجي جانور نه آهي. هو ته شڪ شبهي ۾ لانات شنڪر ڀڳوان جو واهڻ نندي ٻڍل آهي. مون جڏهن ڪانئس پڇيو تڏهن ٻڌايائين ته مهاديو ٻرسن تي جمنا نديءَ جي ڪناري تي تازا گاهه چرڻ لاءِ حڪم ڪيو آهي. ائين ٻڌ پڇو آڻايئن ته سڄو ٻن ٻنهنجي لاءِ وندر گاهه آهي.“

پنگلڪ ڊپ وچان چيو ته ”هاڻي تي حقيقت جي خبر پئي. ديوتا جي ڪرپا ڪانسواءِ گاهه کائيندڙ جانور ڀلا ڪيئن خوفناڪ جهنگلي جانورن سان ڀريل هن ٻن ۾ رنڀندا پيا ۽ گهمندا ڦرندا؟ تنهن لي تو ڪيس ڇا چيو؟“

دمنڪ چيو ته ”سوامي، مون ڪيس چيو ته هي ٻن ته اڳ ئي درگا ديويءَ جي واهڻ اسان جي مالڪ پنگلڪ نالي شينهن کي سونپيل آهي. تنهن ڪري تون اسان جو شاندار مهمان آهين. مهاراجا پنگلڪ وٽ هلي ساڻس گڏ رهي کاءُ پيءُ ۽ موج ڪر. هن اها ڳالهه قبول ڪئي آهي ۽ خوش ٿي چيو اٿس ته سوامي پنگلڪ کان جان جي سلامتيءَ جي خاطري آڻي ڏي. هاڻي وڌيڪ توهان ٻاڻ مالڪ آهيو.“

اهو ٻڌي پنگلڪ چيو ته ”شاباس عقلمند شاباس! قابل وزير، منهنجي دل وٽان تو سڀ ڳالهه ڪئي آهي. مون ته ڪيس جان جي سلامتيءَ جي خاطري ڏني ۽ ڪانئس به منهنجي لاءِ ساڳي قسم جي گهر ڪري ڪيس جلد هتي وٺي اچ. جئن چيل آهي ته:-

”راڄ ٽوڙي عاليشان محلاتن کي قائم دائم جهلي بيهڻ لاءِ مضبوط نردوش سڌن سنوائن ۽ چڱيءَ طرح جاچيلن وزيرن ۽ ٿنڀن جي ضرورت ٿيندي آهي.

”مدي جي لمپ ۾ جئن حڪيم جي ٻرک پٺجي ويندي آهي تئن منتريءَ جي ٻرک غالب ٿيندڙ دشمن کي

لشڪري فوج ... ڪهوڙن، هاٿين، هٿيارن طرح نهڙيءَ
سگهن.“ تا ٿي ... سان

پنگلڪ چيو ته ”جيڪڏهن اِئين آهي ته ... عهدي
... سزا ... ڪان ... سمجهه. آءٌ نيل ... پنهنجي
... ڪو ... سمرڌ ... ٿي لوڪي ڪم جو يلائط يال ن
... پوندو.“

آئون موڪلائي دمنڪ ... سنجيوڪ ...
... آسان ... لوڪي ... ڪمينا ”اڙي ته چيائين ڌمالي بس
... ڇو ... نه ڪوڊ جو پنگلڪ مواميءَ
... ڪون. هل لوڪي مهاراجا پنگلڪ ... اچ. اوري اهين!
”بيارا، ... آهي؟“ ته چيو سنجيوڪ ... اِهو

... ”اڙي لوڪي مهاراجا ... ته ... دمنڪ
... لوڪي ... لوڪي ... آهي؟
... عجب ... جانور ... آهن.“

... سنجيو ته ”... ... ...“
... ... ڪري ...
... ٿي.“

... چيو:-
... سکهيو
... آهي.“
... موقعو
... سواءِ ... ”

۽ ٿي نيءَ طرح.

"سڀني ديوتائن جي واس هيٺ لي ۽ راجا ٻرهيءَ ڪيا
وڏ ٻڌڪ آهي جو پڪائيءَ ۽ مدائيءَ جو قل ديوتائون ٻي
ڀڻمر ڏيندا آهن ۽ راجا اُلي جو الي ڏڪندر ڏيندو آهي."

دمنڪ چيو ته "ٻرابر، اُون ڪيس ڏسي آيو آهيان. وڏا
ماڻهو نهن لي زور آزمائي ۽ ڪندا آهن لئن ڪري هن
لوکي ڪئي. ۽ ڪيو آهي جو جڙ:-

"طومان هيت نهل ۽ نرال ڏيئن ڪي ٻاڙون ڪون
ٻٽي ڀڏيندو آهي (ٻر وڏن ڀوت ڀڙهيل وٺن ڪي ئي
اکوڙيندو آهي)، وسال هردي وارن جو اڪوئي سياءَ
ڏيندو آهي. زور وارو زور واري لي ئي زور آزمائيندو
آهي (۽ نه ڪمزور لي).

"مستاني هاٿيءَ جي لوندڙين مان مد (سرهاڻ واري
پاڻياٺي شيءِ) جون ڌارائون وهنديون آهن ۽ ڀونئر سندس
مٿي لي ڀڻڀڻون لئون پيا ڪندا آهن. ٻر مجال جو
هاٿي ڀونئرن کي ڏکوئي! ٻلوان ماڻهو پاڻ جهڙي سان ئي
ٻکين ٻوندو آهي."

دمنڪ چيو ته "اِلين ٻراٻر آهي ته هو هڪ وڏو ماڻهو
آهي ۽ اسين هن جي اڳيان خسيس جيوَ آهيون. انهن هوندي
، سائين جن جهڙڪ ڏهن ڪر ڪن ته ڪيس مان لوهان جو
واو ٺاٺي ڇڏيان."

ڪرٽڪ ڏکيو ساهه کڻي چيو ته "ڀا اُون اِئين ڪري
سگهندين؟"

دمنڪ چيو ته "عقل جي زور لي سڀ ڪجهه ٿي سگهندو
آهي. چيل آهي ته:-

"جهڙيءَ طرح سياٽپ جي وسيلي ڪارج راس ٿا ٿين

آهي. اُنهيءَ لاءِ هو ڏاڍو خوش ٿيو ۽ من ۾ ويچار ڪرڻ لڳو ته "هيءَ ته ڏاڍو چڱو ٿيو. هن سان ميلاپ ڪرائڻ ۽ جهڳڙو وڌائڻ ڪري پنگلڪ منهنجي وس ۾ رهندو. چيو اٿن:-

"راجا شريفائيءَ يا خاندانيءَ جي ڪري وزيرن جي ڪونه ٻڌندو آهي ۾ مشڪلات ۽ ڏک جي وقت ئي سندن ڳالهه رکندو آهي.

"مصيبتن ۾ قائل راجا وزيرن جي پرواهه ڪندو آهي تنهن ڪري وزير هميشه اِئين چاهيندا آهن ته راجا ڪنهن مشڪلات ۾ ڦاٿو ئي رهي.

"جهڙيءَ طرح تندرست ماڻهوءَ کي حڪيم جي ضرورت نه رهندي آهي تهڙيءَ طرح مصيبت کان فارغ راجا وزيرن کي ليکيندو ئي ڪين آهي."

اِئين ٿو چئي ته دمنڪ پنگلڪ وٽ موٽي آيو. پنگلڪ ۽ هن کي ايندو ڏسي ٻاهران ٻنو ٻڌي نهي نڪي وينو. دمنڪ پنگلڪ وٽ اچي کيس نمسڪار ڪيو ۽ ويهي رهيو. پنگلڪ پڇيس ته "ڪهڙو ڏٺيءَ اهو جانور؟

دمنڪ چيو ته "توهان جي ڪرپا سان مان کيس ڏسي آيو آهيان."

پنگلڪ چيو ته "اهڙي سچ ٿو چئين؟"

دمنڪ چيو ته "ڇا سائين جن جي چرڻن جي اڳيان ۾ ڪوڙ ڳالهائي سگهبو؟" چو جو چيل آهي ته:-

"ديوتائن ۽ راجا جي اڳيان جيڪو ٿورو ۽ ڪوڙ ٿو ڳالهائي پوءِ پلي ته هو ڪهڙو ۽ وڏو ماڻهو هجي ته ۾ سندس ٻري گتي ٿيندي.

"منو مهاراج چيو آهي ته راجا ۾ سڀئي ديوتائون ٿا واسو ڪن. تنهن ڪري کيس هميشه ديوتا ڪري ڏسجي

پنگلڪ چيو ته ”هي پيارا! ڇا جي ڳالهه آهي ته هيڏڪ وڃ
ٻڌوان سڀائي ٻڌائيندءِ.“ دمنڪ ٻه شينهن کي پرڻام ڪري
سنجيوڪ جي آواز جي پٺ ورتي هليو.

دمنڪ جي وڃڻ کان پنگلڪ کي وري ڊپ ۽ ڏهڪاءُ ويو؛
اسي ۽ ٻڌي ويو ۽ دل ۾ چوڻ لڳو ته ”هيءَ ته مون نيڪ
نه ڪيو، جو ان وسواس رکي مون سان پنهنجي سارو اندر جو ڳجهه
سليو. مون نه ڪيس نوڪريءَ تان ڪڍيو، تان ان طرف ڪري پنڌ ٻه هو
۽ انهيءَ جي بدلي وٺڻ لاءِ دشمن سان ملي اچي پاسا نه
ماري. چيو به ويو آهي ته:-

”اهڙن ماڻهن کي راڄ دربار ۾ ڪو وڏو عهدو آهي
۽ پوءِ کيس ان تان لاهي ٿو ڇڏجي ته اهو شريف خاندان
جو ٿي ڪري به راڄا جي برخلاف پيو سٽون سٽيندو.“

تنهن ڪري دمنڪ جو مقصد وٺڻ لاءِ ٻي ڪنهن هنڌ
اٿي وڃڻ ڪري هتان اوچتو ئي دشمن کي ورلي اچي هتان
نه ڪڍي. چيو ويو آهي:-

”وسواس ڄمائي زبردست کي به اڪيلو لڙائي سگهبو
پر هڪ ڪمزور جو ڪنهن جي وسواس ۾ نه ڦاسي
هميشه خبردار ٿو رهي اهو ڪنهن جي وارڻ جو نه آهي.

”جيڪو ماڻهو پنهنجو واڌارو، وڏي عمر ۽ سک چاهي
اُنهيءَ کي برهسپتيءَ لئي به وسواس نه ڪرڻ کپي.

”دشمن لوڙي ڪيترا به قسم کڻي ته به ان جو وشواس
نه ڪجي. اِندر ديوتا قسم کڻي به ورترآسر دئيت
کي ماري ڇڏيو.“

اهڙيءَ طرح پڪو ويچار ڪري ٻي هنڌ وڃي پنگلڪ
اڪيلائيءَ ۾ دمنڪ جو انتظار ڪرڻ لڳو.
دمنڪ ٻه سنجيوڪ وٽ وڃي ڏٺو ته هو ته هڪ ڏکيو

۽ ٻچي ٻيا. پر اندر ۾ ڪجهه هوئي نه. خالم خال رڳو
ـب جو نغارو ڏسي تراس تي گدڙ چيو ته:-
”مون سمجهيو هو ته هي ڪو چرٻيءَ سان ڀريل آهي.“
تنهن ڪري توهان کي به رڳو آواز ٻڌي ڊڄڻ نه کپي.
پنگلڪ چيو ته ”جنهن صورت ۾ منهنجو سڄو ڪٽنب
ـب وڃان ڏکي رهيو آهي ۽ سڀئي هتان ڀڄي هلڻ تا
ڇاهين اُنهيءَ حالت ۾ مونکي ڌيرج ڪئن ايندو؟“
دمنڪ چيو ته ”سوامي، اِنهيءَ ۾ هنن جو ڏوهه نه آهي
ـڇو جو نوڪر هميشه مالڪ جي رخ تي هلندا آهن. جئن ته
ـچيل آهي ته:-
”گهوڙو، هٿيار، پستڪ، باجو واڄي، پرش، توڙي
زال لائق يا نالائق ماڻهوءَ جي هٿ ۾ اچي، اُنهيءَ
جهڙا ئي ٿيندا آهن.“
تنهن ڪري مان جيستائين اِنهيءَ آواز جي جاچ ڪري
موٽان تيستائين توهان ڌيرج رکي هتي ئي ترسو. تنهن
ڪانپوءِ جيڪي مناسب هوندو سو ڪبو.“
پنگلڪ چيس ته ”ڇا توکي اوڏانهن وڃڻ جي همت آهي؟“
دمنڪ چيو ته ”ڇا دنيا ۾ ڪو اهڙو به ڪم آهي جو
وفادار نوڪر پنهنجي مالڪ جي حڪم سان سندس ڀلائيءَ
لاءِ نه ڪندو؟“
”مالڪ جي حڪم تي وفادار نوڪر نانگ جي منهن
۾ گهڙي ويندو ۽ سمنڊ ۾ به ٽپي پوندو. کيس ڪنهن
۾ ڊپ نه ٿيندو.
”مالڪ جي حڪم ملڻ تي جيڪو نوڪر اِهو ٿو ويچار
ڪري ته هي ڪم ڏکيو يا سولو آهي، اهڙو نوڪر
پاڻ وٽ نه رکجي.“

"ٻون سمجهيو هو ته هي ڪو ڇريءَ سان ڀريل آهي
ٻر ڄاڻ اندر گهري ڏسان ته ڪاٺ ۽ چمڙي کان سواءِ
ٻيو ڪجهه نه هو."

ڀنگلاڪ چيو ته "اهو ڪيئن؟"

دمنڪ چيو ته "ٻڌ ته ٻڌايانءِ:-"

٢. گدڙ ۽ نغارو

هڪڙي گدڙ جي ٻک جي وگهي نڙي ڪشڪ تي وڃي رلندي، رلندي هوءَ ان هنڌ اچي پهتو جتي ٻن مخالف فوجي دستن جي جنگ لڳي هئي. وڻ وقت سندن نغارو اتي رهجي ويو هو جو وڻن جي ڀر ۾ پيو هو. هوا جي زور تي وڻ جي ول نغاري سان ٿي لڳي جنهن ڪري منجهانس آواز ٿي نڪتو. گدڙ جڏهن اهو آواز ٻڌو تڏهن ڏڄي ويو سمجهيائين ته "هيءَ خير ڪونه آهي. ٻي ڪنهن هنڌ هلي ڪيئي ٻر اٻن ڏاڏن جو هي هنڌ او ڇڏڻ به نه ٺيڪ آهي. چيو اٿن:-

"مشڪلات اوڙي خوش نصيبيءَ جي وقت جيڪو
ويچار کان ڪم وٺي اباڻو قدم نٿو کڻي ان کي ڪشٽ
ڏسڻو نه پوندو آهي."

ائين ڪري اڳي نه خبر لهان ته هي آواز آهي ڇا جو همت ٻڌي، سوچ ويچار ڪندي آهستي آهستي جتي اڳتي وڌيو ته ڏٺائين ته نغارو هو. ڀرسان وڃي پاڻ به ڏڪ هڻي ڪيس وڄائي خاطري ڪيائين. پوءِ خوشيءَ وچان خيال ڪيائين ته "هيءَ ته گهڻي وقت کان پوءِ کاڌو نصيب ٿيو آهي جو جهجهو ٿي وقت هلندو. هي ضرور گوشت، چربيءَ ۽ رت سان ڀريل هوندو. سخت چمڙي سان مڙهيل اٿهيءَ نغاري ۾ ٽنگ ڪري اندر گهڙي ويو. ٽنگ ڪرڻ وقت سندس

...دس طاقت ۽ اُنهيءَ آواز موجب هوندي.“

دمنڪ چيو ته ”سوامي، توهان رڳو آواز ٻڌي ڀڄي ويا
...ٿيو. اِهو ٺيڪ نه آهي. ڇو جو:-
” پاڻي پل ڊاهي ڇڏيندو آهي، گهٽ نه رکڻ ڪري
ڳجهي ڳالهه ظاهر ٿي پوندي آهي، چغلي هڻڻ سان
پريم ٽٽي پوندو آهي ۽ ڪانئر ماڻهوءَ جي دل رڳو
آواز ٻڌي ڀڙڪي ويندي آهي.“

ڪيترين ڀيڙهين کان هي اِن توهان جو ٿي رهيو. اُنهيءَ
کي اُئين ڇڏي ڏيڻ ٺيڪ نه آهي. ڇو جو دهل، نغارو،
سنک، شرنائي، بين، بگل، باجي جا آواز ۽ گهڻن ئي قسمن
جا ٿيندا آهن. تنهن ڪري رڳو آواز کان ڀڄڻ نه کپي. ڇو جو
چيل آهي ته:-

” تمام زبردست ۽ خوفناڪ دشمن حملو ڪري اچي
ته به جنهن راجا جو ڌيرج نه ٿو ٽٽي اُن جي ڪڏهن به هار
نه ٿيندي.

” برهما جي ڏيکارڻ تي به ڌيرجوان پرش پنهنجو
ڌيرج قائم رکندا آهن. اونهاري ۾ تلاون جي سڪي
وڃڻ تي به سمنڊ پنهنجيون ڇوليون پيو هڻندو آهي.

” جنهنکي مشڪلات ۾ مايوسي، خوش نصيبيءَ ...
قوت ۽ جنگ ۾ ڪانئرتا نه ٿي ڇهي اهو ٽنهي لوڪ
جو سرتاج آهي. اهڙي پٽ کي ورلي ماءُ ڄڻيندي آهي

” نربل ماڻهو ڪک وانگيان طاقت نه هجڻ ڪري
سڀ جي اڳيان جهڪندو تو رهي ۽ وزن نه هجڻ ڪري
هو هلڪو ٿيندو آهي.“

تنهن ڪري توهان کي ڌيرج کان ڪم وٺڻ گهرجي.
آواز ٻڌي ڀڄ ڪرڻ نه کپي. ڇو جو:-

سگھندي. ڇڻن ڪنن واري ڳالھہ ٻاهر نہ نڪرندي
تنهن ڪري ٻڌيمان ڪي ڪپي تہ پنهنجون ڳجھيون ڳالهيون
ڇهن ڪنن تائين وڃڻ نہ ڏي.“

پنگلڪ جو رخ سمجھي چيتو، گينڊو، ٻگھڙ وغيره جيڪي
اُتي وينا هئا سي اِهو ٻڌي اُتان هليا ويا. تڏهن دمنڪ چيو
تہ ”توهان نديءَ تي پاڻي پيئڻ لاءِ ويا هئا ۽ پاڻي پيئڻ
کانسواءِ ئي واپس موٽي آيا تنهنجو ڪهڙو ڪارڻ آهي؟ پنگلڪ
کجھہ شرمائجي چيو تہ ”ڪجھہ نہ.“ دمنڪ چيو تہ ”جيڪڏهن
ڳالھہ ٻڌائڻ لائق نہ آهي تہ ڀلي نہ ٻڌايو. جڻن توهان جي
مرضي؛ چيو جو:-

”ڪي ڳالهيون زال کي تہ ڪي ڳالهيون پٽن کي تہ
ڪي وري مٽن مائٽن ۽ دوستن کي ڪرڻ کپن. سيئي
ڳالهين جو راز سيني سان سلڻ نہ کپي.“

اِهو ٻڌي پنگلڪ خيال ڪيو تہ ”هي تہ لائق ٿو ڏسجي.
تنهن ڪري هن سان اندر جو ڳجھہ سلڻ کپي. چئو جو چيل
آهي تہ:-

”ڪپت کان سواءِ دوست، ڳڻوان نوڪر، دياوان
مالڪ ۽ سشيل استريءَ سان دل جو حال اورڻ ڪري
ماڻهو سکي ٿيندو آهي.“

پنگلڪ چيو تہ ”اي دمنڪ، پريان هوپيانڪ آواز ٻڌين پيو؟“
دمنڪ چيو تہ ”ها، ٻڌان پيو. پوءِ ڇا؟
پنگلڪ چيو تہ ”مان هي ٻن ڇڏي ٻي ڪنهن هنڌ وڃڻ
ٿو چاهيان.“
دمنڪ چيو تہ ”ڇا جي لاءِ؟“
پنگلڪ چيو تہ ”ڇاڪاڻ تہ هن ٻن ۾ ڪو عجيب جانور
گهري آيو آهي جنهنجو هي ٻاهريون آواز ٿو ٻڌڻ ۾ اچي

پنهنجو تجلو ڪيندا آهن. جنم جي ڳالهه ته ويچار ۾ ئي

نه آڻبي آهي.

”ڪُن ۾ پيدا ٿيل ڪِرِڙو جو هميشه نقصان پيو ڪندو

آهي تنهن کي قاسائي مارِيو آهي ۽ ٻليءَ کي ٻاهران

آڻي به پنهنجي فائدي لاءِ قسمين قسمين ڪاڏا ڏئي سنڌس

خوشامد ڪبي آهي.

”هيرڻ، پيلبي ۽ آڪ جي وڻن جون ڪاٺيون ڪيتري

به انداز ۾ هجن ته به عمارتي ڪاٺ جو ڪم نه ڏئي

سگهنديون. اهڙيءَ طرح گهڻائي مورک گڏجي ٻڌيمان جو

ڪم نه ڏئي سگهندا.

”شرڌا سان پريل هجي ۽ منجهس ڪو ٻلاڪرم نه

هجي ته اهڙي پوڙهگهه کي ڇا ڪبو. ٻلاڪرم هجيس

۽ شرڌا نه هجيس ته اهڙو پوڙهگهه به ڪنهن ڪم جو نه

ٿيندو. پوڙهگهه اهڙو هجي جنهن ۾ اهي ٻئي وصفون

شرڌا ۽ ٻلاڪرم هجن.“

اوهان ۾ ٻئي ڳالهيون آهن. تنهن ڪري توهان کي مونکي

گهڻي نظر سان نه ڏسڻ گهرجي.

پنگلڪ چيو ته ”اِئين برابر آهي. تو ۾ ڪو ٻلاڪرم هجي

يا نه، پر تون اسان جي جهوني وزير جو پٽ آهين. تنهن ڪري

توکي جيڪي چوڻو هجي سو ڪنهن به ڊپ کان سواءِ چئو.“

دمنڪ چيو ته ”هي مهاراج، برابر مونکي ڪجهه چوڻو آهي

ڇو ته سمجهاڻيءَ چيو آهي ته:-

”راڄ جو ڪهڙو به خسيس ڪم هجي ته اهو درٻار ۾

سڀني جي روبرو نه چوڻ کپي.“

تنهن ڪري خلاصو اِڪانت ۾ هلو ته نويدن ڪريان. چيو جو:-

”ڇهن ڪنن ۾ جيڪا ڳالهه ويئي سا ڳجهي رهي نه

”گهٽ وڌ ڳالهائڻ، مار ٽوڙي سزا ملڻ تي به جيڪر
نوڪر راجا جي برائي نه ٿو سوچي اهوئي نوڪر راجائن
وٽ رهڻ جي لائق آهي.

”عزت ملڻ تي جيڪو ڦونڊ ۾ نه ٿو پرچي وڃي ۽
بي عزتي ٿيڻ تي منهن ۾ سونڊ نه ٿو پائي، مان ۽ اپمان
۾ جنهن جي شڪل ۾ ڪو ڦيرو نه ٿو اچي اهوئي نوڪر
راجا وٽ رهڻ جي لائق آهي.

”جو بک سهي سگهي، اوجاڳو ڪڍي سگهي ۽ گرمي ۽
سردي ۾ نه گهبرائي اهوئي راجائن جي نوڪر ٿيڻ جي
لائق آهي.

”راجا جي برخلاف جنگ جون تياريون ٿيل ٻڌي
جيڪو خوشي ۽ سان پنهنجو قدم اڳتي ٿو وڌائي اهوئي
راجا جي نوڪري ۽ ۾ رهڻ جي لائق آهي.

”جنهن جي مقرر ٿيڻ تي حڪومت جي حد ائين
وڌندي رهي جئن سهائين راتين ۾ چنڊ جون ڪلائون
اهوئي نوڪر راجا وٽ رهڻ جي لائق آهي.

”جنهن جي مقرر ٿيڻ تي حڪومت جي حد ائين
گهٽجي وڃي جئن پاهه ۾ چم اهڙي نوڪر کي راجا
هڪدم نيڪالي ڏئي ڇڏي.“

توهان اسان کي گڏ سمجهي جو گهٽ نظر سان ڏسي
رهيا آهيو، سو به توهان کي نه ٿو جڳائي، ڇو جو:-
”ڪينئن مان ريشم، پٿڻ مان سون، ڳئو ۽ جي
وارن مان دڀ، گپ مان گل، سمنڊ مان چنڊ، ڇيڻي
مان نيرا ڪنول، ڪاٺ مان باهه، نانگ جي ڦڻ مان
مڻي، ڳائن جي پتُ مان گورو وچن پيدا ٿيندو آهي
اهڙي ۽ طرح گڻن جي ظاهر ٿيڻ تي اُهي ڳڻوان ماڻهو

”جڏهن مالڪ سيني نوڪرن سان هڪ جهڙو ورتاءُ
ڪندو آهي تڏهن قوت ۽ هوشيار نوڪر ۽ سست ۽
موڳا ٿي پوندا آهن.

”نه مالڪ نوڪرن کانسواءِ هلي ٿو سگهي ۽ نه نوڪر
مالڪ کانسواءِ ٿا هلي سگهن. ٻنهي جو پاڻ ۾ اٽوٽ
سنبند آهي.

”ماڻهن تي اُپڪار ڪندڙ ڪرڻائن کانسواءِ جيئن سورج
نه ٿو سونهين تيئن ڪماڻين نوڪرن کانسواءِ راجا ڪي
به ڪو اثر نه هوندو آهي.

”راجا خوش ٿيندو نه وڌ ۾ وڌ ڪا جاگير بخشيندو پر
وفادار نوڪر نه وقت پوڻ تي پنهنجي جان به قربان
ڪري ڇڏيندو.

... ... ڳالهيون ويچار ۾ آڻي راجا کي آهڙا
... نوڪر رکڻ کپن جي خانداني، طاقت مند،
... ... دار ۽ پشت بپشت کان آيل هجن.

... ... ڪيا ڪم ڪري ۽ جيڪو پنهنجي
... ... نوڪر ئي راجا جا سچا مددگار آهن.

... ... ڪم سونهي پاڻ ئي اونو ٿي
... ... راجا جو اڌ سريو آهي.

... ... سمو اچي، دروازي تي
... ... ڇڪڻ تي مختصر سچي
... ... ن وٽ رهڻ لائق آهي.

... ... ڪيئن نقصانڪار ڪم
... ... نوڪر راجائن وٽ

”راڄا ڪاوڙيل هجي تہ سندس تعريف ڪجي.
سندس دوست کي دوست ۽ دشمن کي دشمن ڪري
ڄاڻجي. سندس سوغات جي واکاڻ ڪجي. انهيءَ
نموني جنتر منتر ڪانسواءِ راڄا کي وس ۾ آڻي توسگهجي.“
ڪرٽڪ چيو تہ ”جيڪڏهن تنهنجي اهائي مرضي آهي تہ
آسرو تام جو. ڀلي جئن وڻيئي تئن ڪر.“
دمنڪ ڪرٽڪ کان موڪلائي پنگلڪ ڏانهن هليو. هنکي
ايندو ڏسي پنگلڪ دربان کي چيو تہ پنهنجي لٺ
رکي ڇڏ. اسان جي جهوني دوست وزير جي پٽ دمنڪ
کي بنا روڪ ٽوڪ جي اندر اچڻ ڏي. هو وزيرن جي ٻي
نمبر واريءَ قطار ۾ ويهڻ جي لائق آهي.“ دوارپال چيو تہ
”جيڪا سائين جن جي آگيا.“ اندر اچي پنگلڪ کي پرڻام
ڪري دمنڪ آگيا وٺي مقرر ڪيل جاءِ تي ويهي رهيو.
پنگلڪ پنهنجو چنبو دمنڪ جي مٿي تي رکي پيار وچان
ڪانئس پڇيو تہ ”خوش باش تہ آهين؟ گهڻن ڏينهن کان پوءِ
ڏسڻ ۾ آئين؟“ دمنڪ چيو تہ ”سائين جن جيتوڻيڪ
... الهي ڇڏيو آهي تڏهن بہ وقت اچڻ
... آهي، مدبر ۽ نيچ ٿنهي قسمن
... تہ ڇال آهي تہ:-
... راڄا کي ڪک جي بہ ضرورت
... واري ڪالهائيندڙ ماڻهوءَ
... ڪجي!

... جي چرڻ جي شيوا ڪند
... تہ موڙيو آهي
... ڇڏيو آهي. انهي

دمنڪ چيو ته:-

” جڏهن سڻو ٻج ڍوڪي چڙجي. مٿان سڻي برسات ڦٽي
ته انهيءَ هڪ ٻج مان گهڻيئي نوان ٻج ڦٽي نڪرندا
آهن؛ اهڙيءَ طرح سڻي گفتگوءَ مان پاڻهي سٺا واڪا
پيا نڪرندا آهن.

موقعي جو خيال رکي ڳالهه ڇوريندس. پنا جي گود ٻرويهي
مون نيتي شاستر ٻڌو آهي ته:-

” موقعو ڏسي ڳالهه ڇيڙجي. ٻنا موقعي جي جيڪڏهن
ٻرهسپتي به ڪي وچن چوندو ته سندس نرادر ٿيندو.

ڪرڙڪ چيس ته راجائن تي اثر هلائڻ ڏاڍو ڏکيو آهي.

” راجائون جبلن وانگر ڪنور، ڏکيا ۽ مشڪلان جا
ماڻ آهن. جبلن جي چوڌاري جڏهن نانگ، ٻلائون ۽
جهنگلي جانور هڪيا ٽڪيا هوندا آهن تڏهن راجائن وٽ
ڪَن وزير، جي حضور، خاصخيلي ۽ چغلخورن جي محفل
لڳل هوندي آهي.

” نانگن وانگيان راجائن کي به زبانون ٿينديون آهن
۽ ٻري ڪان ٿي سڀ ڪجهه ڏسي ٻي ڪي ڏنگڻ ٻرو
ته ڪندا آهن.“

دمنڪ چيس ته اِئين برابر آهي، پر:-

” جنهن ماڻهوءَ جي من جو لاڙو جهڙي قسم جو هجي
انهيءَ موجب انجي پيش اچڻ سان ڪيس پنهنجي وس
۾ ڪري سگهبو.

” شيوڪ جو ڀاريون ڪرڻو آهي پنهنجي مالڪ جي
وچارن جي پيروي ڪرڻ. سواميءَ جي مرضي
مطابق هلڻ ڪري نوڪر راڪاسن کي به هٿ ڪري
سگهندو آهي.

ائين ڪري اڄ ڏيپ سان پڙيل پنگلڪ وٽ وڃي پنهنجي
چترائيءَ سان ڪيس ڏيپ ماڻ آڻو ڪري پنهنجي وس ڪري
ڇڏيندس ۽ پنهنجو ڪسيل وزير جو عهدو وري هٿ ڪندس.

ڪرٽڪ چيو ته ”توکي ته چاڪري ڪرڻ ايندي ئي ڪانه
آهي پوءِ تون ڪيس پنهنجي وس ڪيئن ڪندين؟“

ڌمنڪ چيو ته ”پانڊو جنهن وقت وراٽ راجا جي نگر
۾ پهتا انهيءَ وقت ڌوميہ رشي کين ”سيوا ڌرم“ تي اپديش
ڏنو. اهو اپديش اسان جي گهر ايندڙن مهاتمائن اسان جي پتا کي
ٻڌايو هو جو مونکي اڃا تائين ياد آهي. اهو هيئن هو ته:-

”بهادر، ودوان ۽ جنهن کي شيوا ڪرڻ جي ترڪيب
ايندي آهي، اهي ئي ماڻهو هن پرٿويءَ تان سونا گل
گڏ ڪري سگهندا آهن.

”جنهن راجا کي ودوان جي گڻن جي پرک نه آهي
اُن جي شيوا ڪرڻ ائين آهي جيئن ڪلراٺي زمين تي
هر ڪيرڻ.

”جنگ جي وقت هميشه اڳيان رهجي ۽ شهر ۾
راجا جي پوئتان هلجي ۽ رات جو محلات جي دروازي
وٽ جيڪو وينو رهندو سو راجا جو پريم پاتر ٿيندو آهي.

”مالڪ جيڪي چوي اُن جو اُلٽو جواب نه ڏجي
۽ نه سندس پريان زور سان کلجي. ائين ڪرڻ سان
راجا جو پريم پاتر ٿي سگهبو.

”جيڪو ماڻهو جوئا کي جم دوت ۽ شراب کي خوفناڪ
زهر ۽ زالن کي مٽيءَ جون مورتون ڪري سمجهي اهوئي
راجائن جو پيار پراپت ڪري سگهندو.

ڪرٽڪ چيو ته ”ڀلا تون پهريائين اتي وڃي ڇوندين ڇا؟
و ته ٻڌاءِ.“

ودوان ماڻهوءَ لاءِ راجا کي پنهنجي وس ڪرڻ ڪهڙي وڏي ڳالهه آهي؟

”راجا جي آسري ڪانسواءِ ودوان ماڻهوءَ کي ٻيءَ هنڌ سڪ نه ملندو آهي. ملير ٻرانت ڪانسواءِ چندن ٻئي هنڌ نه ليندو آهي.

”راجا جي خوش ٿيو ته آڇا ڇت (لنبو)، سهڻا گهوڙا ۽ مستانا هاٿي مليا پيا آهن.“

ڪرڪٽ چيو ته ”هاڻي تون ڇا تو ڪرڻ چاهين؟“

دمنڪ چيو ته ”اسان جي مالڪ پنگلڪ کي نوڪرن چاڪرن سميت ڀئُ وٺي ويو آهي. تنهن ڪري هن جي ڀئُ جو سبب ڄاڻي سندي (صلح)، وگره (جنگ)، يان (حملو ڪرڻ)، آسن (پرسان ڇانوڻي لڳائڻ)، سنشرءِ (ٻي ڪنهن بلوان جو آسرو وٺڻ)، دويڌيڀاوَ (ٻن جي وچ ۾ جهيڙو وجهائڻ)، انهن ڇهن شاسترن جي ڇهن اُپائن مان ڪنهن هڪ جو استعمال ڪندس.

ڪرڪٽ چيو ته ”مالڪ کي ڀئُ ورتو ويو آهي اها توکي ڪيئن خبر پئي؟“

دمنڪ چيو ته ”هن ۾ ڄاڻ جي ڪهڙي ڳالهه آهي؟ چيل آهي ته:-

”چيل ڳالهه ته پسون به سمجهي سگهندا آهن، هڪلڻ سان گهوڙا ۽ هاٿي به هلندا آهن. پنڊت ته بنا چيل ڳالهه به ڄهي وٺندا آهن. ٻڌيءَ جو ڦل اهو ئي آهي ته ٻئي جي هلت چلت مان ئي سندس ڄاڻ پئجي وڃي.

منو مهراج چيو آهي ته:-

”شڪل، اشارن، هلت چلت، ڪرڪار، ڳالهائڻ، اکين ۽ منهن جي ڦير گهير مان ئي ٻئي جي اندر جي ڄاڻ پئجي سگهندي آهي.“

دمنڪ چيو ته ائين نه چئو.

”ننڍي عهدي وارو جيڪڏهن راجا جي دل سان چاڪري ڪندو ته ڪيس وڏو عهدو اوس ملندو. پر وڏي عهدي وارو به جيڪڏهن پنهنجي ڪم تي پورو ڌيان نه ڏيندو ته سندس اضافي ۾ ضرور ڪٽ ٿيندي.

”راجا جو لاڙو انهيءَ ماڻهوءَ ڏانهن هوندو آهي جو سندس نزديڪ هوندو آهي پوءِ چاهي هو ڀلي علم، ڪم ذات ۽ ٻيا ڪنهن سنسڪار جي هجي. راجائون، زالون ۽ ولڙيون هميشه انهيءَ ڏانهن لاڙو رکنديون آهن جو سندن پاسي ۾ هوندو آهي.

”ڪهڙن ڳالهين سان منهنجو ڌڻي خوش ٿيندو آهي ۽ سندس ناراضپو پيدا ڪندڙ ڪهڙيون ڳالهيون آهن؟ جيڪو نوڪر انهيءَ جي پليءَ پانت چاڻ رکي ٿو اهو ڏڪارينڊڙ مالڪ کي به وس ڪري سگهندو.

”ودوان، وڏو عهدو چاهيندڙ، ڪلاڪار، بهادر ۽ جنهن کي شيوا ڪرڻ جو ڏانو آهي، انهن جي قدر ڪرڻ لاءِ راجا کان سواءِ ٻيو ڪو آسرو نه آهي.

”جيڪي پنهنجي ڪنهن نه غرور ۾ غلطان ٿي راجائن جي اوڏو نٿا وڃن تن جي قسمت ۾ ڀني اکر ڪاڻ ٿي اڪيل آهي. جن جي من ۾ اها ڳالهه گهر ڪري ويٺي آهي ته راجائن کي خوش رکڻ ڏاڍو ڏکيو آهي سي ڄڻ ته پنهنجي بي عقلي، سستي ۽ بي پرواهي ظاهر ڪري رهيا آهن.

”نانگ، چيتي، هاٿي ۽ شينهن جهڙن جانورن کي به ڪنهن نه ڪنهن نموني وس ۾ آڻي ڏسي پڌيا[illegible]

رهڻ جو ڪهڙو فائدو؟ گهڻو وقت نه ڪاڻ ۾ جيئندو آهي ۽ ڪايارا پيو ڪاٽيندو آهي.

"نديءَ لهر جلدي ڀڄي ويندي آهي. ڪُنهن جي مت به جلدي ڀڄي ويندي آهي. اهڙيءَ طرح هلڪو ماڻهو به ٿوري ۾ ئي خوش ٿي ويندو آهي.

"هن چالت پلت دنيا ۾ ڪير نٿو جمي ۽ مري؟ پر جمڻ اُن جو ئي سڄايو آهي جيڪو ڪنهن نه نموني پنهنجو نالو روشن ٿو ڪري.

"نديءَ جي ڪناري تي پيدا ٿيل انهيءَ گاهه جو جنم به سڦلو آهي جو ڪنهن ٻڏندڙ ماڻهوءَ جي هٿ ۾ اچي سندس حياتي ٿو بچائي.

"جيڪو پنهنجي ڪلا جو جوهر نٿو ڏيکاري، اُن جو به دنيا ۾ ڇاڙهو ڪونهي. ڪاٺ ۾ ڏيپل باهه ڪي سيڪو اورانگهي ويندو آهي پر اُهائي باهه جڏهن ظاهر ٿي ڄڀي ڪڍندي آهي تڏهن ڪنهن کي مجال جو ڪيس ڇهي به سگهي؟"

ڪرٽڪ چيس ته "توکي توڙي مونکي دربار ۾ ڪو خاص عهدو نه آهي ڪونه پوءِ اسين هن ڪِٿِ پِٿِ ۾ ڇو پئون؟ چيل آهي ته:-

"معمولي عهدي وارو مورک ماڻهو جيڪو پهڻ جي راجا جي دربار ۾ جيڪڏهن ڪجهه ڳالهائيندو ته سندس نه رڳو بي عزتي ٿيندي پر ڪيس ڇينيون به ڪاٽيون پونديون.

"ڳالهائڻ اُتي جڳائي جتي ڪو فائدو رسي. اهو ڳالهائڻ اهڙو پڪو هئڻ گهرجي جهڙو اڇي ڪپڙي تي رنگ."

باندر وڻن جي ٽارن، پنن ۽ ڇنن تي ٽپڻ لڳا. هڪڙي باندر کي جو ڪٺي تي ڪٺي سو انهيءَ اڌ چيريل ٿنڀي تي اچي ويٺو ۽ انهيءَ چير کي وٺي ٻنهي هٿن سان ٻاهر ڪڍڻ لاءِ زور ڏيڻ لڳو. سندس هڪ ٽنگ ٿنڀي جي ٻن اڌ چيريل اڌن جي وچ ۾ لٽڪي هئي ته هوڏانهن چير ۾ ڪاٺ مان ٻاهر نڪري آئي. چير جي ٻڌران سندس ٽنگ اڌ چيريل ٿنڀي جي اڌن ۾ اٽڪي ۽ اچي ڦاٿي جو اتي ئي ڦٿڪي ڦٿڪي ساهه ڏنائين.

انهيءَ ڪري مان ٽوڪي چوان ٿو ته ٻئي جي ڪم ۾ دخل ڏيڻ مان ڪهڙو فائدو. شينهن جي کائڻ کان پوءِ جيڪو کاڌو بچندو آهي سو ته اسان کي ملندو ئي آهي. وڌيڪ مغز خوريءَ مان ڪهڙو سود؟"

دمنڪ وراڻيس ته "ڇا تون رڳو کاڌي جي ڳڻتي ۾ آهين؟ اهو ته ٺيڪ نه آهي. چيو اٿن:-

"ٻڌيمان پرش راجا جي آسري ۾ رهڻ انهيءَ ڪري چاهيندا آهن ته دوستن کي فائدو پهچائجي ۽ دشمنن جي ڇاتيءَ تي مڱ ڏرجن. باقي رڳو پيٽ ڪير نه ٿو ڀري!

"جنهن جي جيئڻ سان ٻيا گهڻيئي جيئرا رهي سگهن اُن جو جيئڻ ئي سڄايو آهي. پيٽ ته پکيئڙا به پنهنجي چهنبن سان ڀري ٿا سگهن.

"سياڻا ماڻهو جيئڻ اهوئي چوندا جو ڀلي ته حياتي ٿوري هجي پر وديا، بهادري يا قربانيءَ سان پنهنجو نالو روشن ڪري پوءِ مرجي. باقي نالي ماتر جيئڻ لاءِ ته ڪانءُ به ڪاڏارا کائي پيو گهڻو عرصو جيئندو آهي.

"جو پنهنجو پاڻ يا ٻين جي معرفت پنهنجن عزيزن ۽ دکي انسانن کي فيض نٿو رسائي ان جو هن دنيا ۾

پنگلڪ نالي شينهن اُنهيءَ ٻن جو راجا هڪ ڏينهن
ڪيترن ئي جانورن سان گڏجي جمنا نديءَ جي ڪناري
تي پاڻي پيئڻ لاءِ جڏهن ئي هيٺ لٿو تڏهن ٻري ڪان سنجيوڪ
جي گجگوڙ ٻڌائين. گنڀير آواز ٻڌي پنگلڪ جي اندر ۾
ڦڏڙي اچي پيئي ۽ ٻاهران دٻدٻو رکي اتي جي وڻ هيٺان هن
نموني چوطرفي منڊلي ٺاهي اچي ويٺو. ڀريائين شينهن ٻهءَ
سندس انگرڪشڪ (جان جي سنڀال ڪندڙ) ٻيان خاصڪيلي
۽ چوٿان لفر. ڪرٽڪ ۽ دمنڪ نالي ٻه گدڙ جي اصل وزير
جا پٽ هئا ۽ ڪين عهدي تان لاٿو ويو هو تنهن ڪري هو
ٻيا پنگلڪ جي آس پاس ڦرندا هئا. هيءَ روئداد ڏسي ٻئي
پاڻ ۾ سس پس ڪرڻ لڳا. دمنڪ چيو ته "ياءَ ڪرٽڪ، هيءَ
اسان جو راجا پنگلڪ پاڻي پيئڻ لاءِ جمنا جي ڪناري تي
وڃي ۽ پاڻي پيئڻ کانسواءِ گهٻرائجي واپس موٽي آيو آهي ۽
هن وڻ جي هيٺان صلاح ڪارن جو ميڙ لڳائي ويٺو آهي."
ڪرٽڪ چيس ته "ٻي جي ڪم ۾ دخل ڏيڻ مان ڪهڙو فائدو؟
ٻڌو ڪونه اٿيئي؟

"پنهنجي مطلب کانسواءِ جيڪو ٻي جي ڪم ۾ دست اندازي
ڪندو آهي اُن جي اهڙي ٻري گت ٿيندي آهي
جهڙي ڇير چڪيندڙ ٻاندر جي."

دمنڪ چيس ته "اهو وري ڪيئن؟" ڪرٽڪ چيس ته چڱو ٻڌ:-

١. ڇير چڪيندڙ ٻاندر

ڪنهن شهر جي ٻاهران وڻن جي وچ ۾ ڪنهن سيٺ هڪ
مندر ٻي جوڙايو. رازا ۽ واڍا جيڪي اُتي ڪم ڪندا هوا سي
ٻپهرن جو شهر ۾ ماني کائڻ ويندا هوا. هڪ ڏينهن ٻاندرن
جو جهنڊ اچي اُتي پهتو. هڪ واڍو شيشم جو ٿنڀو اڌ ڏاڻين
ڪاراييءَ سان چيري منجهس ڪير جي ڇير اٽڪائي ويو هو.

ڇيڙن سان برابر آهي. ڪن ٻڪي جي ڪري سڄي قافلي جي
جان جوکي ۾ پئجي وڃي رهيا آهيو؟“

اهڙيءَ طرح ٻنهي سائين جي گهڻي زور ڀرڻ تي سنجيوڪ جي سنڀال لاءِ ٻن چار ماڻهو اتي رهائي پاڻ سڄي اڳاڻي سان ورڌمان اڳتي وڌيو. اڪيلي رهڻ ۾ خطرو سمجهي ٻه ڏينهن ٻي ٻي اهي ماڻهن سيٺ وٽ اچي ڪوڙ ڳالهائي ڇڏيو ته ”سنجيوڪ وچارو ڏاڍي ڀيڙا ڏسي آخر گذاري ويو. اسان سندس اڳتي سنسڪار ڪري سندس هڏا ۽ رک نديءَ ۾ پروان ڪياسي.“ سيٺ کين شاباس ته ڏني پر ڪيس سنجيوڪ جي مرڻ جو ٻڌي ڏک ۾ ڏاڍو ٿيو.

هوڏانهن سنجيوڪ جي ڪُرڙيءَ ۾ ڪٽا پيل هئا. ٻن ڏينهن کان پوءِ ڪُپ ڪجهه سڪي ويئي ۽ هو پير ٻاهر ڇڪي ڪڍي سگهيو. جمنا جي ڪناري تي سيتل پون سندس سرير ۾ ترڪي آندي ۽ هو اٿي کڙو ٿيو. چوڌاري ساوڪ ۽ تازا گاهه ڏسي سندس من ٺري پيو. سڄو ڏينهن قسمين قسمين دٻ، ڇبر ۽ وٽن جا پن پيو کائيندو هو. ٿورن ئي ڏينهن ۾ سندس شڪل ۾ گهڻو ڦيرو اچي ويو. اهين پيو لڳي ڄڻ ته مهادبو جو نندي ٻيل آهي. سندس ٿوهو چڱو ٻاهر نڪري آيو. مستيءَ ۾ اچي ٻنهنجن سڱن سان دڙن کي ڊاهي پيو رنبيندو هو. اهين برابر ڇيل آهي ته:-

”جنهنجي بچاءَ جو ڪو بندوبست نه هجي پر جي
سندس ڀاڳ ڀيرو آهي ته ڪيس ڪو جوکو نه ٿو پهچي.
ٻي ٻاسي هزارن حيلا هلايل هجن پر جيڪڏهن ڀاڳ
ساٿ نه ٿو ڏي ته اوس وناش ٿو پراپت ٿئي. اناٿ
بالڪ ان ۾ ڦٿو ڪيل ڇڏي سگهي ٿو پر گهر ۾ ڪيترين
ڪوشش ڪندي به ڪو ڪنهن کي بچائي نٿو سگهي.“

[illegible]

ونندي آهي. تن مايا وڏڻ لئي ۽ سڀ ڪم پاڻهي
واڌاري ڪندا ويندا آهن.
”ڪاڏي ڪانسڻ سان جئن سڀ اندريون ڪم ڪري
نيون سگهن ٺهڙي طرح ڌن سان ۽ دنيا جا سڀ ڪم
پاڻهي ٿيندا نا رهن.
”ڌن جي واسطي ماڻهو مسانن جي مٽي ۽ ڦولهيندا
آهن ۽ ٻرڌن ابيءَ کي پٽ ۽ ڇڏي ٻري هليو ويندو آهي.
”ٻيا ڪسوت ۽ پئسي جي ڪري جوان پيا لڳن ۽ پئسي
ڪانسواءِ جوان ۽ ٻيا پيا لڳن.“

اهو ڌن ڇهن نمونن سان ڪمائي تو سگهجي: ڀوريون ٻکيا
پني ڪري، ٻيو راجا جي نوڪري ڪري، ٽيون کيتي ڪرڻ سان،
چوٿون وديا پڙهي، پنجون پئسي جي ڏي وٺ ڪرڻ سان ۽
ڇهون واپار ڪرڻ سان. انهن سڀني ۾ واپار ڪري ڌن ڪمائڻ
۾ عزت جي گهٽتائي نه ٿيندي. آهي. جئن ته چيل آهي:-
”ٻکيا ٻنڻ وارا گهٽيٽي آهن، نوڪري ڪرڻ سان
بگيڙار ٻورو نٿو ٻوي، کيتي ڪرڻ ۾ ڏاڍو ٻورهيو
ڪجي. وديا پڙهڻ ۾ پڙهائيندڙ سان نيزاريءَ سان هلڻو ٿو
پوي، ڏي وٺ ۾ وياج لئي پئسا ذيڻ ٿي جي ڪنهن
وٺ رقم رهجي وڃي ته جهڳڙو جهڙ. تنهن ڪري
واپار ڪان وڌيڪ ٻي ڪا ورتڻ سٺي آهيئي ڪانه.“
ڌن ڪمائڻ لاءِ اهو واپار ۽ ستن قسمن جو ٿيندو آهي:
... عطر فليل سرڪائڻ وارين شين جو، ٻيو گروي جو ڪم
... ، ٽيون جوڙيائي مال لاءِ ڪڙ، ڪتر ۽ ٻوسو گڏ ڪري
... ، چوٿون سڀاڻي ٿراڪ کي مال اوڌر لئي ڏيڻ، پنجون
... ڏي خراني قيمت بتائڻ، ڇهون گهٽ تور اورڻ ۽ ستون
... اورو ڌن مال ڪڍرائڻ.

مٺو - ٻيڙو

ر - ٻيڙو (دوستن ۽ ڏڦيرو) ناٽي ٻهريون ٽٽر شروع ٿو ٿئي
ھن جو ٻهريون شلوڪ هيءُ آهي:
"ڇهنگه ۽ رهندڙ شينهن ۽ ٻڪي جي وڏندڙ دوستاني
ناٽي کي هڪ خود مطلبيءَ ۽ چغل خور گدڙ ٽوڙي ڇڏيو."

اهو سڀ هئن ٿيو:-
ڏاکڻي ملڪ ۾ مهلا روپيه (نارين جي سونهن) ناٽي شهر
آهي. اُتي ورڌمان نالي واپاري رهندو هو جنهن حق حلال
سان پنهنجي جهجهي ملڪيت ناهي هئي. رات جو کٽ تي
ليٽيو پيو هو ته هڪ لڱا کيس من ۾ آچي اُٿل ٿل لڳي ته ڌن
دولت جيتوڻيڪ گهڻي هجي ته به اُن کي وڌيڪ ۽ وڌيڪ
وڌائڻ لاءِ اُپاءَ سوچيندو رهجي ڇو جو چيل آهي ته:-
"دنيا ۾ ڪا اهڙي ڳالهه آهي ئي ڪانه جا پئسي
سان حاصل نه ڪري سگهجي. تنهن ڪري سياڻي ماڻهوءَ
کي کپي ته فقط ڌن جي اون رکي. جنهن وٽ پئسو
آهي، اُن کي ئي دوست آهن، مٽ مائٽ به پئسي
واري جا ٿيندا آهن. پئسي وارو ئي هن سنسار ۾ مرد
سڏائي سگهندو. پنڊت (پڙهيل ڳڙهيل) به اهوئي آهي
جنهن وٽ پئسو آهي.
"دنيا ۾ ڏاوان ماڻهوءَ لاءِ ڏاريو به پنهنجو ٿي پوندو
آهي پر ڪنگال ماڻهوءَ کان پنهنجا مٽ مائٽ به ٻڙي
ويندا آهن.
"جيل سان نڪتل ندي اَگتي هلي جئن وڏندي

ٹڈٹر پھریون

منٹر - پیپد

تنهن ڪري اڄڪلهه ڏينهن لکي ڇڏيو. جيڪڏهن ڇهن مهينن
اندر توهان جي پٽن کي نيتي شاستر ۾ پڙ نه ڪريان ته ڀڳوان
مونکي موت کانپوءِ سرڳ ۾ واس نه ڏي."

راجا وزيرن سان گڏ وشنو شرما جي اهڙي ڪٺن پرتگيا
ٻڌي هڪ طرف عجب ۾ پئجي ويو ته ٻي طرف خوش به ٿيو.
ڏاڍي سنمان ۽ نمرتا سان راجڪمار سندس حوالي ڪيائين
۽ سندس دل جو بار هلڪو ٿيو.

وشنو شرما راجڪمارن کي پنهنجي گهر وٺي آيو. انهن کي
پڙهائڻ لاءِ پنج تنتر ١- مترڀيد (دوست ڦٽائڻ) ٢- متر
سمپراپتي (دوست ملائڻ) ٣- ڪاڪولوڪيم (ڪانءُ ۽ الو)
٤- لبڌ پرڻاش (لڌل جو گم ٿيڻ) ٥- اپريڪشت ڪارڪ (بنا
وچاري ڪم ڪرڻ) جي رچنا ڪري کين سکيا ڏنائين.
راجڪمار به انهن پنجن تنترن (پستڪن) جو اڀياس ڪري
ڇهن مهينن اندر براهمڻ جي پرتگيا موجب پڙهيل ٿي پيا.
تڏهن کان وٺي هي "پنج تنتر" نالي نيتي شاستر سيکارڻ
جي گيان وڌائڻ لاءِ هن ڌرتيءَ تي جاري ٿيو. انهن ڇيو
وڃي ٿو ته:

"جيڪو هن نيتي شاستر جو اڀياس ٿو ڪري يا
ٻڌي ٿو، ان جو جيڪڏهن سرڳ جو راجا اندر ديوتا
به دشمن هجي ته اهو به ڪيس نيچو نوائي نه سگهندو."

تنهن کان پوءِ ٻڌيءَ جو پرڪاش ٿو ٿئي.” اُن کان پوءِ سمٽيءَ نالي منتريءَ چيو ته ”حياتيءَ جي بقاءُ ڪونهي. وياڪرڻ پڙهڻ ۾ ئي گهڻا ڏينهن لڳي ٿا وڃن. تنهن ڪري هنن کي پڙهائڻ لاءِ ڪنهن اهڙي شاستر جو ويچار ڪجي جو مختصر هجي ۽ جو ڇوٽي آهي ته:-

”شبد شاستر (وياڪرڻ) ۾ هڪڙو اهڙو شاستر آهي
جو ختم نه ٿئي، ماڻهوءَ جي عمر ٿوري ۽ رڪاوٽون
گهڻيون. تنهن ڪري جئن هنس کير ۽ پاڻيءَ جي گڏيل
مرڪب مان فقط کير ئي گرهڻ ڪندو آهي تئن نڪمين
ڳالهين کي ڇڏي فقط مکيه پدارٿن کي سويڪار ڪجي.“

تنهن ڪري هتي وشنو شرما نالي براهمڻ آهي جو سڀني شاسترن ۾ پار پيل آهي ۽ وديارٿين ۾ ڏاڍو پيارو آهي. منهنجي صلاح آهي ته راجڪمار اُنهيءَ جي حوالي ڪجن. هو جلد ئي کين ٻڌيمان ڪري ڇڏيندو.” اِهو ٻڌي راجا وشنو شرما کي گهرائي چيو ته ”پنڊت صاحب، ڪرپا ڪري هنن منهنجن پٽن کي ٿوري ئي وقت ۾ جي نيتي شاستر جي بي مثل سکيا ڏيندا ته مان توهان جو ٿورائتو ٿيندس ۽ هڪ سؤ ڳوٺ توهان کي اِنعام ۾ ڏيندس جن تي ڪا به ڍل نه پوندي.” وشنو شرما راجا کي چيو ته ”هي مهاراج! منهنجي سچي ڳالهه ٻڌو. سؤ ڳوٺن جي لالچ تي مان پنهنجي وديا جو وڪرو نه ڪندس. پر جي مان توهان جي پٽن کي ڇهن مهينن جي اندر نيتي شاستر جو گيان نه ڪرايان ته منهنجو نالو بدلائي ڇڏجو. وڌيڪ ڇا چوان؟ هيءَ منهنجي وڏي واڪي للڪار آهي ته مونکي پئسي جي ڪا پرواهه نه آهي. مان اَسي سالن جو آهيان ۽ منهنجون اِندريون وشيه واسنا کان پري آهن. تنهن ڪري مونکي پئسي جي لالچ نه آهي. پر توهان جي منوڪامنا پوري ڪرڻ لاءِ مان هيءَ سرسوتي ديويءَ جي سيوا سمجهندس.

پنهنجي وارثن کي ڳڻائي چيائين تہ ”ڏسو، توهان کي خبر آهي تہ منهنجن پٽن جو وديا پڙهڻ ۾ من نٿو لڳي ۽ هو بي عقل آهن. منهنجي راڄ ۾ جيتوڻيڪ ڪو بہ خوف خطرو نہ آهي تہ بہ هنن پٽن کي ڏسي ڪري منهنجي من کي آنند نٿو اچي. ڇو جو چيل آهي تہ:-

”نہ ڄاول، مري ويل ۽ مورک اِنهن ٽن قسمن جي پٽن مان نہ ڄاول ۽ مري ويل ٽي بهتر آهن ڇو جو پهريان بہ تہ هڪ ٿي دفعو ڏک ڏيندا پر مورک پٽ تہ حياتيءَ تائين پيو اندر جلائيندو.

”انهيءَ ڳانءِ کي پالي ڇا ڪبو جا نہ کير ٿي ڏئي ۽ نہ وڇڙا ٿي پيدا ڪري؟ ساڳيءَ طرح انهيءَ پٽ مان ڪهڙو سود جو نہ ودوان آهي ۽ نہ آگيا ۾ هلندڙ آهي؟

”ڪٿوان پٽن جي ڳڻپ وقت جنهنجي نالي تي هڪدم چيچ (آڱر) ڪم نہ اچي تہ انهيءَ پٽ جي ماءُ کي بہ پٽ واري چئجي تہ سنڍ ڪنهنکي سڏبو؟ (آڱرين تي شمار ڪرڻ وقت پهريائين چيچ کان شروع ڪبو آهي. پٽ اهڙو ڪٿوان ٿيڻ گهرجي جنهن سندس ڳاڻاٽو پهرين نمبرن ۾ ٿئي.)“

تنهن ڪري هي منهنجا پٽ جنهن ساڃهہ پريا ودوان ٿين اهڙي ڪا تجويز ٻڌايو. پنج سؤ براهمڻ آهن جن کي موڻ وٽان اجهوڪا ملندي آهي. تنهن ڪري اهڙو اپاءُ ڏسيو جنهن منهنجو ارٿ سڌ ٿئي. تنهن تي منترين مان هڪڙي چيو تہ ”مهاراج، ٻارهن سال رهو وياڪرڻ پڙهڻ ۾ لڳي ويندا آهن. تنهن کان پوءِ منوسمرتي وغيره شاستر پڙهبا آهن. چاڻڪيہ (ڪؤٽليہ) جو ارٿ شاستر ۽ واتسيايڻ جو ڪام شاستر پڙهڻ کان پوءِ ڌرم، ارٿ ۽ ڪام ٽن پدارٿن جي ڄاڻ ٿي پوي.

پنچتنتر

برهما، شو، ڪارتڪ، وشنو، ورڻ، يم، اگني،
اندر، ڪبير، چنڊ، سورج، سرسوتي، سمنڊ، چار جڳ،
پربت، وايو، پرٿوي، ناڳن، سڌن، ندين، اشوني
ڪمارن، لڇمي، چنڊڪا وغيره ماتائن، ويدن،
يگين، تيرٿن، انن وسن، نو گرهن ۽ سڀني منين کي
نمسڪار.
منو، برهسپتي، شڪر، پراشر، وياس، چاڻڪيه وغيره
ودوان جن نيتي شاستر جي گرنٿن جي رچنا ڪئي
آهي ان کي پرنام.

دنيا جي سڀني نيتي شاسترن کي نظر مان ڪڍي سندن تت ڪڍي وشنو شرما هيءُ سندر گرنٿ لکيو ۽ ان کي پنجن تنترن (حصن) ۾ ورهايائين.

ان جي باري ۾ چيو ٿو وڃي ته:-
ڀارت جي ڏکڻ واري ڀاڱي ۾ مهلا روپيه (روپونت نارين وارو) نالي شهر آهي، جتي امر شڪتيءَ نالي راجا راڄ ڪندو هو. ڪوبه سوالي سندس دروازي تان هٿين خالي نه موٽندو هو. وڏا وڏا راجائون مٿي تي هيرن جواهرن سان جڙيل تاج پائي سندس پيرن تي اچي پرنام ڪندا هئا ته سندس چرڻ هيرن جواهرن جي شعاع سان پيا چمڪندا هئا. سڀني ڪلائن ۾ هو پار پيل هو. انهيءَ راجا کي بهو شڪتي، اگر شڪتي ۽ آننت شڪتي نالي ٽي پٽ هئا جي ڏاڍا موڙها هئا. راڄ جڏهن ڏٺو ته سندس پٽن جو پڙهڻ ۾ چاهه نه ٿو لڳي تڏهن

۲. مترسمپراپتي

۳. ڪاڪولوڪيه

آکاڻين جي سوچي

پنچتنتر سوچي

[illegible]

پارتي ۾ ٽپڻي ڪجهه لکيو آهي جنهن جو سار مٿي ڏنو ويو آهي.

انگريزيءَ ۾ پنچتنتر جو مڪمل ترجمو سنه ١٩٢٤ ۾ سٽئنلي رائيس (Stanley Rice) ڪيو ۽ ايڇ. ڊبليو. رائيڊر (A. W. Ryder)، ڪيو جنهن کي يورپي ٻولين جي سڀني ترجمن ۾ بهترين ليکيو ٿو وڃي. رائيڊر صاحب هي ترجمو مول سنسڪرت پستڪ تان ڪيو آهي. سندس پرپشرم، اُتساهه ۽ دلچسپي نهايت ئي واکاڻ جي لائق آهن. سندس ٻولي بلڪل چيندڙ ۽ اثرائتي آهي. تنهن کانسواءِ مول پستڪ ۾ جتي پديه (نظم) آهي اُن جو ترجمو به هن صاحب انگريزي پديه (Poetry) ۾ ڪيو آهي. اها انگريزي ڪوتا ڪيترن هنڌ ڏاڍي موهيندڙ ٿي لڳي. سنسڪرت ۾ جيڪي ڪٿا جي پاترن جا نالا ڏنل آهن تن لاءِ انگريزيءَ ۾ ئي نهڪندڙ لفظ ڏنا اٿس. رائيڊر صاحب جي اُهڃاڻ ودوتا جي اڳيان پنهنجو پاڻ سندس چرڻن ۾ سر جهڪي ٿو وڃي ڇاڪاڻ ته هو صاحب اُنهن وديشي ودوانن مان هڪ آهي جي ڀارت جي ساهتيه کي انگريزيءَ ۾ آڻي ڀارتواسين جي هردي ۾ اُمنگ جاڳائڻ سان گڏ دنيا جي ساهتيه ۾ سنسڪرت کي اڳرو ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪندا رهيا آهن.

هندستان جي جدا جدا ٻولين ۾ به اَنيڪ اَنواد ٿيل آهن. هنديءَ ۾ به اَنن ڏهن قسمن جا اَنواد ٿيل آهن. سنڌيءَ ۾ به جيتوڻيڪ پنچتنتر جون ڪي ڪهاڻيون جدا جدا نمونن ۾ پيش ٿينديون رهيون آهن پر هن نموني سموري پنچتنتر جو ترجمو ڀرڻ ئي ڪوشش آهي. ”هندستان ساهتيه مالا وارن، هي پستڪ هن نموني پرڪاشت ڪري سنڌي ساهتيه جي بي مثل شيوا ڪئي آهي تنهن لاءِ هو ڌنيواد جا پاتر آهن.

پنچتنتر جي هن اَنواد ڪرڻ ۾ مون مول سنسڪرت پستڪ نرڻيه ساگر پريس ممبئي ۽ پارگو پستڪاليه ڪاشي

(A. B. Keith)

Fables of Pilpay

Panchtantra Reconstructed Egerton

...ڏيکارڻ لاءِ سنڌس دل ۾ آنڊ مانڊ هئي. اَهڙين حالتن
...هن گرنٿ جو نرماڻ ٿيو. شينهن، ڳيڙو، گدڙ، چيتو، واگهه،
...ي، باندر، گڏهه، سهو، ٻلو، ڪُئو، ناڳ، ڪڇئون،
...هُو، ڪانءُ، جهرڪي وغيره جانورن، پسن ۽ پکين کي ڪٿا
...پاتر بڻائي ڪانئن منو سمرتيءَ، راماڻ، مهاڀارت، گيتا ۽ سمرتين
...حوالا اَهڙي نموني ڏياريا آهن جو اَهي پڙهندڙ جي دل ۾
...ي گهرو اَثر ٿا ڪن. اِنهيءَ نموني ۾ ڪٿا ساهتيه جي رچنا
...ندڙ ڀهريون ڀهريون ڀارت ورش آهي. ٻين ديسن جي ساهتيه
...جيڪي اِنهيءَ نموني جا گرنٿ پرڪاشت ٿيل آهن اُنهن
...يني کي پنچتنتر مان ئي سهائتا ملي آهي. وديسي ليکڪن
...پنچتنتر جي مول ڪٿائن کي هوبهو يا موڙي سروڙي پنهنجي
...نموني ۾ وڌي ورڻن ڪيو آهي.

ايران جي شهنشاهه خسروءَ جي درٻاري حڪيم ۽ وزير
Burzoe ”بُرجُئي“ پنچتنتر کي امرت جو نالو ڏيئي لکيو
آهي ته ”هي گرنٿ مرده دلين ۾ به جان ڦوڪڻ وارو آهي.“
ڀارت ورش جي پستڪن ۾ هن ”سنجيونيءَ“ ٻوٽيءَ بابت
پڙهيو هو ته اُن جي اِستعمال سان مئل ماڻهو جيئرو ٿي
پوندو آهي. اُن جي ڳولها ۾ اٽڪل ٥٥٠ع سن ڌاري هو ڀارت
ورش ۾ آيو ۽ سيني هنڌ اُنهيءَ سنجيوني ٻوٽيءَ جي کوجنا
ڪرڻ لڳو. ڪيس جڏهن اِنهيءَ قسم جي ٻوٽي نه ملي تڏهن
تراس ٿي هن هڪ ڀارت جي ودوان کان پڇيو ته ”اوهان جي
شاسترن ۾ جو امرت ۽ سنجيواني ٻوٽيءَ جو ورڻن ڪيل آهي
سي ته ڪٿي ملن ئي ڪونه ٿا. مون ڪيترن ئي پهاڙن تي کوجنا
ڪئي آهي.“ تنهن تي کيس جواب مليو ته ”جيڪي تو پڙهيو
آهي سو ٺيڪ آهي. ڀارت جو ودوان هڪ جبل وانگيان آهي. اُن
...سنڌس گيان ۽ اُپديش ۾ سنجيونيءَ جو اثر ٿيندو آهي. اُن
...مُئل ماڻهو سجاڳ ٿي پوندا
...عمل ۾ آڻڻ سان مرده دل ماڻهو

مهاڳ

سنسڪرت ساهتيہ ۾ پنچتنتر کي املھ خزانو سمجھيو
ويندو آهي. هي گرنٿ عيسوي سن کان ٻہ سؤ ورهيہ اڳہ لکيو
۽ سندس رچيندڙ هو پنڊت وشنو شرما جنهن بابت ٻي ڪا بہ
خبر نہ ٿي ملي سگھي سواءِ اِن جي تہ هن هيءُ گرنٿ راجڪمارن
کي نيتيءَ جو اپديش ڏيڻ لاءِ ٺاهيو ۽ ڪين هيءُ گرنٿ پڙهائي
منجھن دنيا ۾ هلڻ جي ٻوجھہ پيدا ڪئي. انگريزي، فرينچ،
لئٽن ۽ جرمن ٻولين ۾ "نيتيءَ" لاءِ پورو ٺهڪندڙ هڪ لفظ آهيئي
ڪونہ. چاڻڪيہ نيتي، ودر نيتي، شڪر نيتي، ڪامندڪي
نيتي سار وغيره سنسڪرت ۾ نيتيءَ جا شاستر گھڻيئي آهن
جي پنچتنتر کان اڳ جا لکيل آهن. پر پنچتنتر جو ڍنگ انوکو
آهي. پنچتنتر توڙي ٻين نيتي شاستر جا ليکڪ ڪا بہ اهڙي
هام نہ ٿا هڻن تہ اسين ڪي روحاني راز توهان کي سليندا سين
يا اگمپور جو درشن ڪرائي نراڪار برهم سان هڪ ڪري
ڇڏيندا سين. اِنهن شاستر جو تلهي ليکي مقصد اِهوئي آهي
تہ ماڻهو دنيا ۾ ساوڌان ٿي هلي، ٺپ ٺپ ٿي جا دوکيبازي،
ڪپٽ، فريب ۽ ٺڳي هلي رهي آهي اُن جي ڦندي ۾ نہ
ڦاسي ۽ پنهنجي جيون کي وڌيڪ ڪارگر، روشن ۽ سکي
بڻائي. اسي ورهين جي ڄمار ۾ هيءُ گرنٿ وشنو شرما لکيو.
اُن وقت تائين هن انيڪ شاسترن جو اڀياس ڪيو هو. سندس
اِندريون وڪارن کان پري هيون. سندس گيان ۽ دنيوي
آزمودو اوچ منزل تي پهتل هو. ماڻهن کي ڪلياڻڪاري

هندستان ساهتيه مالا - سال ٣: پستڪ ١

پهريون ڇاپو: جنوري ١٩٥٧



قيمت: ٣ رو پيه



ملڻ جو هنڌ:

هندستان ڪتاب گهر

١٣ حمام سٽريٽ، فورٽ بمبئي ١



Printed by Mansing Chuhermal at the Navrashtra Press, 23, Hamam Street, Fort, Bombay-1 & Published by him for the Hindustan Sahitya Malla, 13 Hamam Street, Fort, Bombay-1.


پنچتنتر

گرنٿڪار:

پنڊت وشنو شرما

اُلٿو ڪندڙ:

پروفيسر نارائڻداس ٻٺيجا



هندستان ساهتيه مالا - بمبئي

